یادگار

عالمی معلومات



یادگار پبلشرز

یادگار لین، اردو بازار، حیدرآباد سندھ

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان سورھ ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

جديد معلومات سان

سينگاريل بهترين ڇاپو

عالمي معلومات



GENERAL KNOWLEDGE IN SINDHI

ايڊيشن 2009

Revised & Enlarged Edition

وڌايل ۽ سڌاريل ايڊيشن

مرتب:

انعام چنا

نظرثاني ۽ اضافو:

مشتاق "مسرور" باريچو

محمد عدنان خان

يادگار پبلشرز

يادگار لين، اردو بازار، حيدرآباد سنڌ

پيش لفظ

اجوڪي جديد ۽ ترقي يافته دؤر ۾ عام معلومات جو موضوع هر شخص جو پسنديده موضوع آهي. اهوئي سبب آهي، جو هر پڙهيل لکيل توڙي اڻ پڙهيل شخص مختلف ذريعن کان ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ريڊيو، ٽيليويزن، اخبارون، علمي ۽ ادبي محفلون ۽ اسان جي ڳوٺن ۾ اوطاقن تي روايتي ڪچهريون، اهي سڀ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهن. اهڙيءَ طرح نوجوانن، خاص ڪري شاگردن ۾ وڌ ۾ وڌ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو جذبو موجود هوندو آهي. ۽ ان مقصد لاءِ هو ڪتابن جو اڀياس ڪرڻ کان سواءِ مختلف قسم ۽ جديد ماڳن ۽ مختلف شهرن ۽ ملڪن جو سير ۽ تفريح ڪري نه ٿا سگهن. بهرحال، اها اجوڪي انسان جي ضرورت به آهي. ته کيس وڌ ۾ وڌ ڄاڻ حاصل هجي. ريڊيو، ٽيليويزن ۽ اخبارن کان سواءِ خاص ڪري ڪتابن ۾ به عام معلومات بابت چٽاڀيٽي مقابلا منعقد ڪرڻ جو مقصد به اهوئي آهي.

اسان نوجوانن جي انهن ضرورتن، وارن مقابلن ۾ شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪجهه سال اڳ هيءُ ڪتاب عالمي معلومات شايع ڪيو هو، جنهن کي وڏي مقبوليت ملي. اهوئي سبب آهي، جو اسان ڪتاب جي هر اشاعت ۾ نئين کان نئين ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪتاب جو موجوده ايڊيشن به نئين معلومات جي اضافي سان گڏ آهي. هن اشاعت ۾ اسان گذريل ايڊيشن ۾ رهيل غلطين کي درست ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان کي بلڪل نئون ڪتاب چئجي، ته وڌاءُ نه ٿيندو.

آخر ۾ سڀني پڙهندڙن کي گذارش ڪندس، ته جيڪڏهن ڪين ڪتاب ۾ وري به ڪي خاميون نظر اچن، ته مون کي ضرور آگاهه ڪن، جيئن ايندڙ اشاعت ۾ ان کي اڃا بهتر بڻائي پيش ڪري سگهون.

ٽنڊو مير غلام حسين
۹- لطيف آباد، حيدرآباد

مشتاق "مسرور" ٻاريچو

فهرست

نمبر	عنوان	صفحو
1	اسلامي معلومات	5
2	پاڪستان	106
3	سائنس	182
4	ايجادون	261
5	دريافتون	269
6	عنصر، انهن جون نشانيون ۽ دريافت ڪندڙ	272
7	ادب	279
8	دنيا جي معلومات	305
9	دنيا جون 100 عظيم ترين شخصيات	382
10	عالمي شخصيتون	386
11	اقوام متحده، ٻيا ادارا ۽ تحريڪون	402
12	اهم معلومات	415
13	نئين معلومات	450
14	شوبز	475
15	رانديون	483
16	ملڪن جي اهم معلومات	509
17	آزادي ۽ قومي ڏينهن	521
18	دنيا ۾ سڀ کان وڏو	524
19	دنيا جي باري ۾ دلچسپ حقيقتون	528
20	دنيا جو وقت	529
21	ايراضيءَ جي لحاظ کان دنيا جا ويهه ننڍا ملڪ	531

22	دنيا جا وڏا پيٽ	532
23	دنيا جا وڏا درياءَ	533
24	اهم بندرگاهون	534
25	بين الاقوامي ڏينهن	535
26	دنيا جون مشهور هوائي ڪمپنيون	536
27	دنيا جون ائٽمي طاقتون	538
28	دنيا جون مشهور اخبارون	538
29	دنيا جا وڏا مذهب	539
30	مختلف مذهبن جون مقدس جايون	539
31	دنيا جون وڏيون پوليون	539
32	اهم صنعتن سان وابستہ شهر	540
33	ڪن ملڪن جا باني	542
34	ڪن ملڪن جا قومي نشان	543
35	دنيا جا ڏهہ وڏا رڻپٽ	544
36	دنيا جون ڏهہ وڏيون جابلو چوٽيون	544
37	دنيا جا وڏا سمنڊ	545
38	دنيا جا ڏهہ اوچا آبشار	545
39	دنيا جون ڏهہ وڏيون ڍنڊون	546
40	دنيا جا وڏا زلزلا	547
41	دنيا جون بلند ترين عمارتون	548
42	طالب مطلوب	549
43	مشهور شخصيتون ۽ سندن اصلي نالا	550
44	دنيا جي ڪجهہ اهم ملڪن جا اڳواڻ	556
45	قدم دنيا جا ست عجائبات	560
46	جديد دنيا جا سات عجائبات	560

اسلامي معلومات

سوال: حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآله وسلم جن دنيا ۾ ڪڏهن تشريف فرما ٿيا. ۽ ڪڏهن رحلت فرمائي؟

جواب: ولادت: ٩ ربيع الاول سن هڪ عام الفيل صبح صادق ڏينهن سومر ٢٠ اپريل ٥٧١ع- وفات: ١٢ ربيع الاول سن ١١ هجري، ٻنپهرن جي وقت، سومر ٢٥ مئي ٦٣٢ع.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جا آخري لفظ ڪهڙا هئا؟

جواب: ” الله سڀ کان وڏو دوست آهي.“

سوال: قرآن شريف ۾ حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي چهري مبارڪ جي باري ۾ ڪهڙن لفظن ۾ ذڪر آيو آهي؟

جواب قدر نريٰ تقلب وجهڪ.

سوال: اکين مبارڪ جي باري ۾ قرآن شريف ۾ ڇا آيو آهي؟

جواب: ولاتمدن عينيڪ.

سوال: هٿن ۽ ڳچي مبارڪ جي باري ۾ قرآن شريف ۾ ڪهڙو ذڪر آيو آهي؟

جواب: ولا تجعل يدڪ مغلوله الي عنقڪ.

Soorih Mirani

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي قلب مبارڪ جي باري ۾ قرآن شريف ۾ ڪهڙو ذڪر آهي؟

جواب: نزل به الروح الامين علي قلبک.

سوال: انجيل ۾ حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي ذات مبارڪ لاءِ ڪهڙو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي؟

جواب: فرقليط.

سوال: قرآن شريف جي ڪهڙي سورة ۾ حضور صلي الله عليہ وآله وسلم کي احمد ﷺ جي نالي سان سڏيو ويو آهي؟

جواب: سورة الصف-آيت ٦ ۾، سيپارو ٢٨.

سوال: اسطوانة السرير ڇو مشهور آهي؟

جواب: انهيءَ جاءِ تي حضور صلي الله عليہ وآله وسلم اعتڪاف فرمائيندا هئا، ۽ اهوئي اهو ٿنڀ آهي، جتي پاڻ سڳورا ﷺ بستر وڇائيندا هئا.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم غزوه خندق جي موقعي تي ڪهڙي مسجد ۾ مسلمانن جي فتح ۽ اسلام جي مخالفن جي شڪست لاءِ دعا فرمائي هئي؟

جواب: مسجد فتح.

سوال: آب زم زم جي باري ۾ حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جو ڪهڙو فرمان آهي؟

جواب: زم زم جنهن مقصد سان پيتو وڃي، اهو پورو ٿئي ٿو.

سوال: رياض الجنہ ڇا آهي؟

جواب: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي منبر ۽ روضة المطهره جي وچ واري جاءِ کي چيو وڃي ٿو.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم مکي کان مديني ڏانهن هجرت دوران ڪيترا ڏينهن "قبا" واري هنڌ تي قيام ڪيو؟

جواب: چوڏهن ڏينهن.

سوال: مديني واري عهدنامو سن پهرين هجريءَ ۾ طئي ٿيو. عيسوي سن ڪهڙو هو؟

جواب: سن ٦٢٣ ع.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم ڪهڙي ڳالهہ بابت فرمايو، تہ ان جو درجو نماز ۽ روزي کان بہ مٿانهون آهي؟

جواب: پاڻ صلعم فرمايو: "مسلمانن ۾ نااتفاقي ختم ڪرڻ سيني کان عمدي ڳالهہ آهي."

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن کي نبوت ڪهڙي سن عيسويءَ ۾ ملي؟

جواب: سن ٦١٠ ع ۾.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن غار حرا ۾ جيڪا خاص عبادت ڪندا هئا. ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: تحنث.

سوال حضـ[illegible] محمد صلي الله عليہ وآله وسلم کي سندن والده ماجد[illegible]ي حليمہ کان سواءِ ٻيو ڪنهن کير پيئاريو هو؟

جواب: سندن چاچي ابولهب جي نوڪرياڻي حضرت ثوبيہ رضہ.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم مکي جي فتح کان پوءِ

ڪهڙي جاء تي بيعت ورتي؟

جواب: ڪوه صفا (صفا جبل) تي.

سوال: ان عورت جو نالو مبارڪ ٻڌايو، جنهن ڪي حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم اڪثر ماءُ چوندا هئا؟

جواب: حضرت ام ايمن رضہ.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جڏهن مڪي شريف ڪان مديني منوره هجرت ڪئي، تہ پاڻ صہ ڪيتري عــرصي تائين بيت المقــدس ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهيائون؟

جواب: اٽڪل ١٧ مهينا.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن ڪي ڪهڙي مسجد ۾ قبلي بدلائڻ جو حڪم مليو؟

جواب: مسجد ذوقبلتين.

سوال: هجرت وقت حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن "قبا" واري هنڌ تي ڪنهن جي گهر قيام فرمايو هو؟

جواب: حضرت ڪلثوم رضہ بن الهدم.

سوال: حضور صہ جي نالي مبارڪ سان گڏ "صلي الله عليہ وآله وسلم" لکيو وڃي ٿو، ان جي معنيٰ ٻڌايو؟

جواب: يعني: "نبي ڪريم صہ تي ۽ ان جي آل پاڪ تي خدا جو درود ۽ سلام هجي."

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جي نانيءَ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ـرت بتره.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جي سڀ کان پهرين تصديق ڪنهن ڪئي هئي؟

جواب: ورقہ بن نوفل.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جا ڏند مبارڪ ڪهڙي جنگ ۾ شهيد ٿيا هئا؟

جواب: اُحد واري جنگ ۾.

سوال: معراج جي رات حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي ملاقات ڇهين آسمان تي ڪنهن سان ٿي هئي؟

جواب: حضرت موسيٰ عليہ السلام سان.

سوال: حضور صلي الله عنيه وآله وسلم مڪي شريف ۽ مديني منوره ۾ نبوت جا ڪيترا سال گذاريا؟

جواب: مڪي ۾ ١٣ سال ۽ مديني ۾ ڏهہ سال.

سوال: رسول الله صلي الله عليہ وآله وسلم ڪهڙي سن عيسويءَ ۾ هجرت فرمائي؟

جواب: ١٢ ڊسمبر ٦٢٢ع.

سوال: بنو حمزه تي حملو ڪرڻ لاءِ حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن ٻہ سو اصحاب وٺي صفر سن ٢ هجريءَ ۾ حملو ڪيو. انهيءَ غزوه ۾ حضور صلي الله عليہ وآله وسلم پاڻ بہ شريڪ ٿيا. اهو حملو قريش تي بہ ٿيو هو، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: غزوه ابواغره ودان.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي رحلت کان پوءِ

اهلبيت ۾ سڀ کان پهرين ڪنهن وفات ڪئي؟
جواب: حضرت فاطمہ سلام الله عليها.
سوال: قريش طرفان هڪ نمائندي حضور صلي الله عليہ وآله وسلم کي ڏن، دولت، هيرن ۽ عورتن جي آڇ ڪئي هئي، ان جو نالو ٻڌايو؟
جواب: عتبہ.
سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي ڪنيت ٻڌايو؟
جواب: ابوالقاسم- خاندان بنو هاشم.
سوال: ان جاءِ جو نالو ٻڌايو، جتي حضور صلي الله عليہ وآلهہ وسلم جن براق ٻڌي، بيت المقدس ۾ ويا هئا؟
جواب: البراق.
سوال: هجرت وقت حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي عمر ڪيتري هئي؟
جواب: ٥٣ سال.
سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم پهرين هجريءَ ۾ هڪ آئين نافذ ڪيو، ان ۾ ڪيترا فقرا هئا، ان جي اهميت بہ ٻڌايو؟
جواب: اهو ٥٢ فقرن تي مشتمل هو، ۽ اهو دنيا جو پهريون لکيل آئين هو.
سوال: حضرت فاطمة الزهرئي سلام الله عليها، حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي رحلت کان پوءِ ڪيترو عرصو زندہ رهي؟
جواب: ڇهہ مهينا.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي والد بزرگوار حضرت عبدالله جي آخري آرام گاهہ ڪٿي آهي؟

جواب: مديني منوره ۾.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي والده ماجده جي مزار ڪٿي آهي؟

جواب: مڪي شريف ۽ مديني منوره جي وچ ۾ "ا· ·" واري هنڌ تي.

سوال: معراج جي رات حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي م. ·ات پهرين ڪهڙي نبي سڳوري سان ٿي؟

جواب: حضرت آدم عليہ السلام سان.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن کي آخري غسل ڪنهن ڏنو؟

جواب: حضرت علي ڪرم الله وجهه.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن هجرت کان پهرين مديني منوره ڪڏهن ويا؟

جواب: پنهنجي والده ماجده سان گڏ ، ننڍپڻ ۾ فقط هڪ مهيني جي عمر ۾.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم ۽ الله تعاليٰ جا ٽي هڪجهڙا نالا ٻڌايو؟

جواب: ڪريم، رؤف ۽ مجيد.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي ناني ۽ ڏاڏي جا نالا ٻڌايو؟

جواب: نانو وهب ۽ ڏاڏو حضرت عبدالمطلب.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي هڪ پڦي هڪ سٺي شاعره هئي، هن ڪيترائي شعر ۽ مرثيا چيا، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حضرت صفيہ رضہ.

سوال: دعاءِ خليل نويد مسيحا ڪنهن کي چيو وڃي ٿو؟

جواب: حضور اڪرم صلي الله عليہ وآله وسلم کي.

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي پهرين ۽ آخري جنگ جا نالا ٻڌايو؟

جواب: پهرين "ابو" ۽ آخري "تبوڪ".

سوال: حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي ٿڃ شريڪ ڀيڻ ڪير هئي؟

جواب: حضرت شيما رضہ.

سوال: رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم تي سڀ کان پهرين ڪنهن ايمان آندو؟

جواب: حضرت خديجتہ الڪبريٰ سلام الله عليها.

سوال: مديني وارو عهدنامو ڇو ٿيو ۽ ڪنهن ڪيو؟

جواب: مديني منوره کي بچاءَ جي خيال کان مضبوط ڪرڻ لاءِ اهو معاهدو حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪيو.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جنهن حجري ۾ دفن آهن، ان جي هاٿوڪي شڪل ڪنهن تعمير ڪئي؟

جواب: ملڪ اشرف.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي عمر ان وقت ڪيتري هئي، جڏهن پاڻ شام ڏانهن پهريون واپاري

سفر ڪيائون؟

جواب: ٻارهن سال.

سوال: اهي آيتون ٻڌايو، جيڪي الله تبارڪ و تعاليٰ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم تي سنئون سڌو سجاڳيءَ واري حالت ۾ هڪ ڪلام ٿي، نازل فرمايون. ٻڌايو تہ ڪڏهن؟

جواب: سورة بقره جون آخري ٻہ آيتون شب معراج وقت سڌو سنئون نازل ٿيون.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کي نبوت ڪهڙي سن عيسويءَ ۾ ملي؟

جواب: سن ٦١٠ع، تاريخ ٢٨ جولاءِ.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو نالو محمد بن عبدالله ڪٿي لکيل آهي؟

جواب: معاهده حديبيہ ۾.

سوال: جنهن حجري ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن مدفون آهن، ان ۾ ٻين ڪيترين قبرن جي گنجائش آهي؟

جواب: هڪ قبر جي گنجائش آهي.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي روايت مطابق اتي ڪير دفن ٿيندو؟

جواب: حضرت امام مهدي عليه السلام.

سوال: جنهن حجري ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن مدفون آهن، ان جي چوڌاري ڪوٽائي ڪرائي شيهو

ڀرايو ويو هو، ڇو؟

جواب: اهو شيهو سلطان نورالدين زنگيءَ سن ٥٥٧ هجريءَ ۾ ڀرايو هو، ڇو تہ صليبي جنگين ۾ ٻہ عيسائي، مسلمانن جي روپ ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو جسم مبارڪ چوري ڪرڻ آيا هئا.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن حضرت فاطمه سلام الله عليها جي نڪاح ڪان پوءِ ڪهڙي نوڪرياڻيءَ کي ساڻس گڏ حضرت علي ڪرم الله وجهه جي گهر موڪليو هو؟

جواب: حضرت ام ايمن.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي وصال وقت حضرت فاطمة الزهريٰ سلام الله عليها جي عمر ڪيتري هئي؟

جواب: ٢٩ سال.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪهڙن وڏن حاڪمن کي اسلام جي دعوت ڏني؟

جواب: قيصر (روم)، ڪسريٰ (ايران)، بحرين جي بادشاهہ، دمشق جي بادشاهہ، حبشہ جي بادشاهہ نجاشي ۽ اسڪندريہ جي بادشاهہ کي.

سوال: ايماندار واپاري ڪنهن سان گڏ جنت ۾ ويندا؟

جواب: حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن سان.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪهڙي بادشاهہ جي غائبانہ جنازي نماز پڙهائي؟

جواب: نجاشيءَ جي.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن سفر تان واپس ايندا هئا. تہ پهرين ڪنهن جي گهر ايندا هئا؟

جواب: پنهنجي نياڻي حضرت فاطمه سلام الله عليها جي گهر.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ازدواج مطهرات مان ڪنهن جو لقب ام المساڪين هو؟

جواب: حضرت زينب رضہ.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن حضرت خديجہ سلام الله عليها سان جڏهن نڪاح ڪيو، تہ ان وقت پنهي جي عمر ڪيتري هئي؟

جواب: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي عمر ٢٥ سال ۽ حضرت خديجہ سلام الله عليها جي عمر ۴٠ سال هئي.

سوال: معراج کان پهرين حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي امامت ۾ سڀني نبين ڪٿي نماز پڙهي هئي؟

جواب: بيت المقدس ۾.

سوال: فجار واري جنگ دوران حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي حوالي ڪهڙو فرض هو؟

جواب: پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم تير ڪٺي پنهنجي چاچي کي ڏيندا ويا.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ان خادم جو نالو ڇا هو، جڪو ڏهن سالن کان سندن خدمت ۾ رهيو؟

جواب: حضرت انس بن مالڪ.

سوال: حجة الوداع جي موقعي تي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي عمر ڪيتري هئي؟

جواب: ٦٣ سال.

سوال: حجة الوداع جي موقعي تي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪيترا اٺ قربان ڪيا؟

جواب: ٽي اٺ.

سوال: حجة الوداع جي موقعي تي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو وار مبارڪ ڪنهن کي هٿ آيو؟

جواب: معمر بن عبداش بن فضلہ.

سوال: ان ڏاچيءَ جو نالو ٻڌايو، جنهن تي چڙهي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن هجرت ڪرڻ فرمائي؟

جواب: القصوي.

سوال: ان ڏاچيءَ جو نالو ٻڌايو، جنهن تي چڙهي حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم حجة الوداع جي موقعي تي آخري خطبو ڏنو؟

جواب: القصوي.

سوال: اهو سن هجري ٻڌايو، جنهن ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن مختلف ملڪن جي بادشاهن ڏانهن دعوت ناما موڪليا هئا؟

جواب: سن ٧ هجري.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کي سائي رنگ جي هڪ چادر گهڻي پسند هئي، اها ڪتان جي هئي، ۽ ان

جو نالو ڇا هو؟

جواب: اها چادر يمن جي هئي ۽ ان جو نالو "برويماني" هو.

سوال: حجر اسود جي تڪرار ڪي حضور صلي الله عليه وآله وسلم ڪهڙيءَ طرح خوش اسلوبيءَ ۽ ڏاهپ سان ناريو؟

جواب: پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم، حجر اسود کي پنهنجي چادر مبارڪ تي رکي، سيني ڌرين کي چادر کڻڻ لاءِ فرمايو، ۽ پوءِ پنهنجي هٿن مبارڪن سان ان کي لڳايو.

سوال: هيءُ ٻه ٻار منهنجي خوشبوءِ آهن، ٻڌايو، ته اهي لفظ حضور صلي الله عليه وآله وسلم ڪنهن جي باري ۾ ۽ ڪٿي فرمايا هئا؟

جواب: امام حسن عليه السلام ۽ امام حسين عليه السلام جي باري ۾ مسجد ڪوفه جي اڳڻ ۾.

سوال: رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي زماني ۾ ڪنهن کي يمن جو قاضي مقرر ڪيو ويو هو؟

جواب: حضرت علي المرتضيٰ عليه السلام کي.

سوال: فجار واري جنگ جي وقت حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي عمر ڪيتري هئي؟ اها سندن حياتيءَ ۾ سندن ڪائين جنگ هئي؟

جواب: ١٥ سالن جي عمر ۾ اها سندن پهرين جنگ هئي.

سوال: "انسان ڪامل" ڪنهن کي چيو وڃي ٿو؟

جواب: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کي.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم، الله تعاليٰ کان اها دعا گهري، تہ ٻنهي عمرن مان ڪنهن هڪ عمر کي مسلمان ڪرڻ فرماءِ. ٻڌايو. تہ ڪير مسلمان ٿيو؟

جواب: حضرت عمر رضہ بن خطاب.

سوال: ماثور، قلمي، البتار، المحنف، الغضب، المخرم، الرسوب، ذوالفقار، القضيب، حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي ڪهڙين شين جا نالا آهن؟

جواب: اهي سڀ سندن تلوارن جا نالا آهن.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڪجهہ ڪاتبين جا نالا ٻڌايو؟

جواب: حضرت عبدالله، حضرت عمر، حضرت زيد، حضرت خالد، حضرت زبير، حضرت طلحہ، ۽ حضرت ابوسفيان.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن سان هڪ شخص معاهدو ڪيو هو، ۽ ساڻن ان جاءِ تي موٽي اچڻ بعد وعدو ڪيو هو، پر هن کي وعدو وسري ويو، ۽ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن اتي ٽي ڏينهن رهيا. ٽن ڏينهن کان پوءِ ان شخص کي پنهنجو وعدو ياد آيو، ان شخص جو نالو ٻڌايو؟

جواب: عبدالله بن ابي خمسا.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن هجرت کان اڳ مديني جي ١٢ اصحابن کي نقيب بڻايو هو، انهن جو تعلق ڪهڙن قبيلن سان هو؟

جواب: ۹ جو تعلق خرزج قبيلي سان ۽ ٽن جو تعلق اوس قبيلي سان هو.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ازواج مطهرات مان گهڻيون حديثون ڪنهن ڪان روايت آهن؟

جواب: حضرت عائشہ صديقہ رضہ ڪان.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مشهور دعا ڪهڙي آهي؟

جواب: "اي منهنجا رب! منهنجو علم وڌائيندو رهہ."

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڪهڙن چاچن اسلام قبول ڪيو؟

جواب: حضرت حمزه رضہ ۽ حضرت عباس رضہ.

سوال: "مڪہ پنهنجي جگر جي ٽڪرن کي اوهان جي سامهون رکيو آهي. هاڻي چئو، تہ اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟" اهي لفظ ڪنهن ۽ ڪڏهن چيا؟

جواب: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن اهي لفظ جنگ بدر جي وقت فرمايا.

سوال: "جيڪڏهن ان معاهدي بدران اڃا اُٺ ڏنا وڃن ها، تہ بہ آءٌ نہ وٺان ها، اڄ بہ ڪير اهڙي معاهدي لاءِ سڏي تہ حاضر آهيان." اهي لفظ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم ڪهڙي معاهدي جي باري ۾ فرمايا؟

جواب: جنگ فجار ڪان پوءِ "حلف الفضول" معاهدي جي باري ۾ فرمايا.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي گهراڻي کي ڇا

ٿو چيو وڃي؟

جواب: اهلبيت.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪهڙي اصحابي
ڪي "شهيده" چوندا هئا؟

جواب: حضرت اُم ورقہ رضہ ڪي.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن پنهنجي امت لا
سڀ کان افضل عبادت ڪهڙي قرار ڏني آهي؟

جواب: قرآن شريف جي تلاوت.

انبياء ڪرام

سوال: حضرت آدم عليہ السلام جو لقب ٻڌايو؟

جواب: صفي الله.

سوال: علم ۽ حڪمت جو بادشاهہ ڪهڙي پيغمبر ڪي چيو
وڃي ٿو؟

جواب: حضرت ادريس عليه السلام ڪي.

سوال: ڪهڙي پيغمبر ڪي الله تعاليٰ طرفان علم نجوم عطا ٿيو
هو؟

جواب: حضرت ادريس عليه السلام ڪي.

سوال: دانيال نبيءَ جو مقبرو ڪٿي آهي؟

جواب: عراق جي شهر ڪرڪوڪ ۾.

سوال: حضرت نوح عليہ السلام جي مزار ڪٿي آهي؟

جواب: بيروت شهر جي ويجهو.
سوال: حضرت دائود عليه السلام ڪڏهن يروشلم کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو؟
جواب: ١١٠٠ ق. م ۾.
سوال: لفظ "آدم" جي معنيٰ ٻڌايو؟
جواب: رهنما، مٽي.
سوال: "نوح" لفظ جي معنيٰ ٻڌايو؟
جواب: نوحه ڪندڙ.
سوال: ادريس جي معنيٰ ٻڌايو؟
جواب: پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ دلچسپي رکندڙ.
سوال: اسماعيل جي معنيٰ ٻڌايو؟
جواب: خدا جو ٻڌڻ.
سوال: "ابوالبشر" ڪهڙي پيغمبر جو لقب آهي؟
جواب: حضرت آدم عليه السلام جو.
سوال: "اول المرسل" ڪنهن جو لقب آهي؟"
جواب: حضرت نوح عليه السلام جو.
سوال: "آدم ثاني" ڪهڙي پيغمبر کي چيو ويو ٿو؟
جواب: حضرت نوح عليه السلام کي.
سوال: "خليل الله" ڪهڙي پيغمبر جو لقب آهي؟
جواب: حضرت ابراهيم عليه السلام جو.
سوال: "ابوالانبياء" ڪهڙي پيغمبر کي چيو ويو ٿو؟
جواب: حضرت ابراهيم عليه السلام کي.
سوال: حضرت اسماعيل عليه السلام جو لقب ٻڌايو؟

جواب: ذبيح الله.
سوال: "اسرائيل" ڪهڙي پيغمبر جو لقب آهي؟
جواب: حضرت يعقوب عليه السلام جو.
سوال: "اورين" ڪنهن جو لقب آهي؟
جواب: حضرت ادريس عليه السلام جو.
سوال: "خطيب الانبياءُ" ڪنهن کي چيو ويجي ٿو؟
جواب: حضرت شعيب عليه السلام کي.
سوال: "ڪليم الله" ڪهڙي پيغمبر کي چيو ويجي ٿو؟
جواب: حضرت موسيٰ عليه السلام کي.
سوال: "رفيق سفر" (سفر جو ساٿي) ڪهڙي پيغمبر کي چيو ويجي ٿو؟
جواب: حضرت يوشع عليه السلام کي.
سوال: "نجيب الله" ڪهڙي پيغمبر کي چيو ويجي ٿو؟
جواب: حضرت دائود عليه السلام کي.
سوال: "صاحب الحوت" ڪنهن کي چيو ويجي ٿو؟
جواب: حضرت يونس عليه السلام کي.
سوال: "ابن العجوز" ڪنهن کي چيو ويجي ٿو؟
جواب: حضرت خزقيل عليه السلام کي.
سوال: "روح الله" ڪنهن کي چيو ويجي ٿو؟
جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام کي.
سوال: "مسيح" ڪهڙي پيغمبر جو لقب آهي؟
جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام جو.
سوال: حضرت ادريس عليه السلام جو يوناني نالو "طرفيس"

هو، سندن عبراني ۽ قديم عربي نالو ٻڌايو؟

جواب: حنوڪ ۽ اخنوع.

سوال: حضرت نوح عليه السلام جي نافرمان پٽ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: يام.

سوال: انگريزيءَ ۾ حضرت هود عليه السلام کي "ايبر" چيو ويو ٿو. ٻڌايو، ته اهو ڪهڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي؟

جواب: عبراني ٻوليءَ جو.

سوال: انهيءَ پهرين پيغمبر جو نالو ٻڌايو، جنهن جو نالو ان کان اڳ دنيا ۾ موجود نه هو؟

جواب: يحيٰ عليه السلام، (اهو نالو بارگاهه ايزديءَ مان رکيو ويو هو.)

سوال: انهن پيغمبرن جا نالا ٻڌايو، جن کي ننڍپڻ ۾ ئي نبوت ملي هئي؟

جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ حضرت يحيٰ عليه السلام.

سوال: حضرت عيسيٰ عليه السلام جي والده حضرت مريم عليه السلام جي والد ۽ والده جو نالو ٻڌايو؟

جواب: والد: عمران، ۽ والده: حنا.

سوال: قرآن شريف ۾ سڀ کان پهرين ڪهڙي پيغمبر جو ذڪر اچي ٿو؟

جواب: حضرت آدم عليه السلام جو.

سوال: "ذوالنون" ڪهڙي پيغمبر کي چيو وڃي ٿو؟

جواب: حضرت يونس عليه السلام کي.

سوال: حضرت موسيٰ عليه السلام کي ڪهڙي ماڻريءَ ۾ نبوت ملي هئي؟

جواب: طويٰ ماڻريءَ ۾.

سوال: ڪهڙي پيغمبر جي باري ۾ چيو وڃي ٿو، تہ اهو احد واري هنڌ تي دفن ٿيل آهي؟

جواب: حضرت هارون عليه السلام.

سوال: حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڄمڻ جو هنڌ ڪهڙو آهي؟

جواب: ”امر“، فرات نديءَ جي ڪناري تي.

سوال: خشڪيءَ جي خبر لهڻ لاءِ حضرت نوح عليه السلام ڪهڙي پکيءَ کي موڪليو هو؟

جواب: ڪبوتر کي.

سوال: حضرت عيسيٰ عليه السلام کي ڪهڙي ٽڪريءَ تان آسمان تي ڪنيو ويو هو؟

جواب: ”ڪالوري“ ٽڪريءَ تان.

سوال: حضرت دائود عليه السلام ڪنهن جو سپاهي هو؟

جواب: طالوت جو.

سوال: مڇرن جو عذاب ڪهڙي قوم تي نازل ٿيو؟

جواب: حضرت ابراهيم عليه السلام جي قوم تي.

سوال: لال جي بت جي پوڄا ڪهڙي پيغمبر جي قوم ڪندي هئي؟

جواب: حضرت الياس عليه السلام جي قوم.

سوال: منڊيءَ جو قصو ڪهڙي پيغمبر سان منسوب آهي؟
جواب: حضرت سليمان عليه السلام.
سوال: اهو ڪهڙو ملڪ آهي، جتي حضرت ابراهيم عليه السلام پيدا ٿيو؟
جواب: عراق.
سوال: ڪهڙي پيغمبر مسجد اقصيٰ جي حدبندي ڪئي هئي؟
جواب: حضرت اسحاق عليه السلام.
سوال: حضرت ادريس عليه السلام جو ذڪر قرآن شريف ۾ ڪيترين جاين تي آيو آهي؟
جواب: ٻن جاين تي.
سوال: ڏاچيءَ جو معجزو ڪهڙي پيغمبر سان منسوب آهي؟
جواب: حضرت صالح عليه السلام سان.
سوال: حضرت يعقوب عليه السلام جي سڀ کان ننڍي پٽ جو نالو ڇا هو؟
جواب: بن يامين.
سوال: حضرت اسماعيل عليه السلام کي ڪيترا فرزند هئا؟
جواب: ٻارهن (١٢) فرزند.
سوال: حضرت موسيٰ عليه السلام جو نالو "موسيٰ" ڪنهن رکيو هو؟
جواب: حضرت آسيہ.
سوال: ١٢٤٠ ق.م ۾ ڪهڙي پيغمبر کي نبوت عطا ٿي؟
جواب: حضرت هارون عليه السلام کي.
سوال: حضرت حوا جو نالو "حوا" ڪنهن رکيو هو؟

جواب: حضرت آدم عليه السلام.

سوال: "زبور" ڪنهن تي نازل ٿيو؟

جواب: حضرت دائود عليه السلام تي.

سوال: حضرت مريم عليه السلام جي ماسڙ جو نالو ٻڌايو، جيڪو پيغمبر بہ هو؟

جواب: حضرت زڪريا عليه السلام.

سوال: حضرت صالح عليه السلام جي زماني ۾ ڪهڙي قوم تي الله جو عذاب نازل ٿيو؟

جواب: ثمود قوم تي.

سوال: حضرت يحيٰ عليه السلام جي مزار ڪٿي آهي؟

جواب: دمشق ۾.

سوال: ڪهڙي پيغمبر جي شادي "راڻي سبا" سان ٿي هئي؟

جواب: حضرت سليمان عليه السلام.

سوال: حضرت آدم عليه السلام جي ڪهڙي پٽ پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪيو، جيڪو دنيا جو پهريون قتل هو؟

جواب: قابيل، هابيل کي قتل ڪيو هو.

سوال: "انجيل" ڪنهن تي نازل ٿيو؟

جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام تي.

سوال: حضرت هود عليه السلام جي زماني ۾ ڪهڙي قوم تي عذاب نازل ٿيو؟

جواب: "عاد" قوم تي.

سوال: "من و سلويٰ" ڪهڙي نبيءَ جي امت تي نازل ٿيو؟

جواب: حضرت موسيٰ عليه السلام جي امت تي.

سوال: حضرت موسيٰ عليه السلام تي ڪهڙو ڪتاب نازل ٿيو؟
جواب: توريت.
سوال: ان پيغمبر جو نالو ٻڌايو، جنهن کي مڇي ڳهي ويئي هئي؟
جواب: حضرت يونس عليه السلام.
سوال: حضرت اسحاق عليه السلام جي والد جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حضرت ابراهيم عليه السلام.
سوال: حضرت عيسيٰ عليه السلام تي ڪل ڪيترن ماڻهن ايمان آندو؟
جواب: ڪل ٻارهن ڄڻن، جن مان هڪ غدار ٿيو.
سوال: ان غدار جو نالو ٻڌايو، جنهن حضرت عيسيٰ عليه السلام تي ايمان آڻي بي ايماني ڪئي، ۽ ڪيس ٣٠ درهمن ۾ گرفتار ڪرايو؟
جواب: يهودا اسڪر بوطي.
سوال: حضرت عيسيٰ عليه السلام ڪٿي پيدا ٿيو؟
جواب: بيت اللحم (بيت المقدس).
سوال: نابين کي نور ڏيڻ ۽ ڪوڙهه جي مريضن کي هٿ ڦيرائي تندرست ڪرڻ، اهي ٻه معجزا ڪهڙي نبيءَ جا آهن؟
جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام جا.
سوال: حضرت ابراهيم عليه السلام جي گهر واري (جيڪا هڪ بادشاهه جي ڌيءَ هئي)، ان جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حضرت هاجره رضه.
سوال: حضرت آدم عليه السلام کان پوءِ پيو پيغمبر ڪير هو؟

جواب: حضرت شيث عليه السلام.

سوال: مسلمانن لاءِ لفظ "مسلم" ڪهڙي پيغمبر جي دور ۾ استعمال ڪيو ويو؟

جواب: حضرت ابراهيم عليه السلام جي دور ۾.

سوال: حضرت دائود عليه السلام جي ان فرزند جو نالو ٻڌايو، جيڪو ڪائنن پوءِ پيغمبر ٿيو؟

جواب: حضرت سليمان عليه السلام.

سوال: حضرت موسيٰ عليه السلام نبوت ڪان اڳ ڪهڙي پيغمبر وٽ رهيو هو؟

جواب: حضرت شعيب عليه السلام وٽ.

سوال: جتي حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي فرزند حضرت يوسف عليه السلام جي جدائيءَ جي غم ۾ ويهي روئندو هو، ان جاءِ کي ڇا ٿو چيو وڃي؟

جواب: بيت الحزن.

سوال: ڪهڙو پيغمبر خوش الحاليءَ سبب مشهور هو؟

جواب: حضرت دائود عليه السلام.

سوال: "ابن مريم" عليه السلام ڪهڙي پيغمبر کي چيو وڃي ٿو؟

جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام کي.

سوال: ڪهڙي پيغمبر جي ولادت الله تعاليٰ جي قدرت سان پيءُ ڪان سواءِ ٿي؟

جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام.

سوال: ٻئي ڪهڙي پيغمبر جي ولادت پيءُ ڪان سواءِ ٿي؟

جواب: حضرت آدم عليه السلام.

سوال: سڀ کان پهرين ٻيڙي ڪنهن ٺاهي؟

جواب: حضرت نوح عليه السلام.

سوال: حضرت ايوب عليه السلام جي گهر واريءَ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حضرت رحمت.

سوال: حضرت نوح عليه السلام کان پوءِ سندن ٽن پٽن سان دنيا جو انساني سنسار آباد ٿيو، انهن جا نالا ٻڌايو؟

جواب: سام، هام ۽ يافث.

سوال: حضرت شعيب عليه السلام جي قوم تي خداوندي قهر ڇو نازل ٿيو؟

جواب: ماپ ۽ تور ۾ بي ايماني ڪرڻ سبب.

سوال: حضرت آدم عليه السلام ۽ حضرت نوح عليه السلام جي وچ وارو عرصو ٻڌايو؟

جواب: ١٦٤٢ سال.

سوال: بني اسرائيل جو آخري پيغمبر ڪير هو؟

جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام.

سوال: ڪهڙي پيغمبر کي چاليهن سالن جي عمر ۾ نبوت ملي، ۽ هن ٩٥٠ سال تبليغ ڪئي؟

جواب: حضرت نوح عليه السلام.

سوال: حضرت عيسيٰ عليه السلام کان پوءِ ڪهڙو پيغمبر سڳورو آيو؟

جواب: نبي آخرالزمان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه

وآله وسلم.

سوال: حضرت نوح عليه السلام جي زال جو نالو ٻڌايو؟ جيڪا نافرمانيءَ جي ڪري ٻٽ يام سان گڏ ٻڏي ويئي؟

جواب: واعلہ.

سوال: حضرت موسيٰ عليه السلام جي گهرواريءَ جو نالو ڇا هو؟

جواب: حضرت صفوره.

سوال: حضرت سليمان عليه السلام جو تعمير ڪيل معبد ڪٿي آهي؟

جواب: بيت المقدس ۾.

سوال: حضرت اسماعيل عليه السلام ۽ حضرت اسحاق عليه السلام جي والده جا نالا ٻڌايو؟

جواب: حضرت هاجره ۽ حضرت ساره.

سوال: قرآن شريف ۾ حضرت آدم عليه السلام جو نالو ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

جواب: ٢٥ ڀيرا.

سوال: قرآن شريف ۾ حضرت نوح عليه السلام جو ذڪر ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

جواب: ۴٣ ڀيرا.

سوال: حضرت ادريس عليه السلام جي عمر ڪيتري هئي؟

جواب: ٨٣ سال.

سوال: قرآن شريف ۾ حضرت هود عليه السلام جو ذڪر ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

جواب: ست ڀيرا.

سوال: حضرت صالح عليه السلام جو قرآن شريف ۾ ذڪر ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

جواب: اٺ ڀيرا.

سوال: حضرت ابراهيم عليه السلام جي والد جو نالو ٻڌايو؟

جواب: تارخ (تورات ۾) ۽ آزر (قرآن شريف ۾).

قرآن شريف

سوال: قرآن شريف جا ڪل ٽيهه سيپارا آهن، سورتن جو تعداد ٻڌايو؟

جواب: هڪ سو چوڏهن (١١٤).

سوال: قرآن شريف ۾ ڪل ڪيتريون منزلون آهن؟

جواب: ست (٧).

سوال: قرآن شريف جي مڪي سورتن جو تعداد ڪيترو آهي؟

جواب: اٺاسي (88).

سوال: قرآن شريف جي مدني سورتن جو تعداد ٻڌايو؟

جواب: ڇهويهن (26).

سوال: قرآن شريف جون ڪل ڪيتريون آيتون آهن؟

جواب: (6236).

سوال: قرآن شريف ۾ ڪل ڪيترا رڪوع آهن؟

جواب: 558 رڪوع.

سوال: قرآن شريف جي پهرين وحيءَ جا لفظ ڪهڙا آهن؟

جواب: "اقراء باسم ربک الذي خلق" - (سورة علق)
سوال: قرآن شريف جي آخري وحي ڪهڙي آهي؟
جواب: "اليوم اکملت لکم دينکم" -(سورة المائده- آيت ٢).
سوال: قرآن شريف جي سڀ کان ڊگهي سورة ڪهڙي آهي؟
جواب: البقره.
سوال: قرآن شريف جي سڀ کان ننڍي سورة ڪهڙي آهي؟
جواب: الڪوثر.
سوال: ڪهڙي سورة جي شروع ۾ "بسم الله" نٿي اچي؟
جواب: سورة توبہ.
سوال: قرآن شريف جو نزول ڪڏهن شروع ٿيو؟
جواب: ٢٧ رمضان المبارک ١٢ قبل هجرت.
سوال: قرآن شريف جون شروعاتي آيتون ڪهڙي غار ۾ نازل ٿيون؟
جواب: غار حرا ۾.
سوال: پهرين وحيءَ کان پوءِ وحيءَ جي نزول جو سلسلو ڪيتري عرصي کان پوءِ قائم ٿيو؟
جواب: ٽن سالن کان پوءِ.
سوال: قرآن شريف ڪيتري عرصي ۾ نازل ٿيو؟
جواب: ٻاويھ سال پنج مهينا.
سوال: قرآن شريف جي پهرين ڪاتبِ وحيءَ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حضرت خالد رضہ بن سعيد ۽ حضرت شرجيل رضہ بن حسنہ.
سوال: آخري وحيءَ جي ڪتابت ڪنهن ڪئي؟
جواب: ابي بن ڪعب، سن ڏهين ۾ جري.
سوال: قرآن شريف کي ٽيهن سيپارن ۾ ڪنهن ورهايو؟

جواب: حضرت عثمان غني رضہ.
سوال: قرآن شريف ۾ نقطا ڪنهن لڳرايا؟
جواب: عبدالمالڪ بن مروان.
سوال: قرآن شريف ۾ اعراب ڪنهن لڳرايا؟
جواب: حجاج بن يوسف.
سوال: سورة فاتحہ جا مشهور نالا ٻڌايو؟
جواب: باب القرآن، فاتحتہ الڪتاب، سبع ثاني، سورة صلواة، سورة شڪر ۽ أم الڪتاب.
سوال: قرآن شريف جي ان سورة جو نالو ٻڌايو، جنهن ۾ "ر" جو اکر ناهي؟
جواب: سورة اخلاص.
سوال: سورة توبہ جو ٻيو نالو ٻڌايو؟
جواب: سورة برات.
سوال: قرآن شريف ۾ مقطعات اکرن جو تعداد ڪيترو آهي؟
جواب: ٢٩ (اوڻٽيهہ).
سوال: قرآن شريف ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪهڙو اکر استعمال ڪيو ويو آهي؟
جواب: الف (٤٨٨٧٢ ڀيرا).
سوال: قرآن شريف ۾ ڪهڙو اکر سڀ کان گهٽ استعمال ڪيو ويو آهي؟
جواب: ظ (٨٤٢ ڀيرا).
سوال: قرآن شريف ۾ ڪيترا سجدا آهن؟
جواب: چوڏهن (١٤).

سوال: قرآن شريف جي شروعات ڪهڙي اکر سان ٿئي ٿي؟
جواب: قرآن شريف جي شروعات "الف" سان ٿئي ٿي.
سوال: قرآن شريف جي انتها ڪهڙي اکر تي ٿئي ٿي؟
جواب: قرآن شريف جي انتها اکر "س" تي ٿئي ٿي.
سوال: سڀ کان وڏيڪ رڪوع ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟
جواب: ٽيهين سيپاري ۾.
سوال: قرآن شريف ۾ "بسم الله" ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟
جواب: ١١٤ ڀيرا.
سوال: ڪهڙي عورت جي نالي تي هڪ سڄي سورة نازل ٿي آهي؟
جواب: حضرت مريم عليه السلام.
سوال: حضرت سليمان عليه السلام ۽ راڻي بلقيس (سبا) جو ذڪر ڪهڙي آيت ۾ آيو آهي؟
جواب: سورة النمل ۾.
سوال: ڪهڙي سورة ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي مراج تي وڃڻ جو ذڪر آيو آهي؟
جواب: سوره الاسرا (پندرهين سيپارين ۾).
سوال: قرآن شريف جي ڪهڙي سورة ۾ رتوڇاڻ ۽ قتل ۽ فساد جي قصاص جو قانون نازل ٿيو؟
جواب: سورة المائده ۾.
سوال: شراب جي باري ۾ قرآن شريف ۾ ڪل ڪيتريون آيتون آهن؟
جواب: ٽي (٣).

سوال: قرآن شريف جي ٻي سورة جو نالو ٻڌايو؟
جواب: سورة البقره.
سوال: قرآن شريف جي ٽين ۽ چوٿين سورة جو نالو ٻڌايو؟
جواب: آل عمران ۽ النساء.
سوال: سورة النساء ڪيترين آيتن تي مشتمل آهي؟
جواب: ١٧٧ آيتن تي مشتمل آهي.
سوال: قرآن شريف ۾ ڪهڙي پيغمبر کي "امام" چيو ويو آهي؟
جواب: حضرت ابراهيم عليه السلام کي.
سوال: قرآن شريف ۾ سڀ کان وڌيڪ ذڪر ڪهڙي پيغمبر جو آيو آهي؟
جواب: حضرت موسيٰ عليه السلام جو.
سوال: قرآن شريف ۾ لفظ "حق" ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟
جواب: ٢٢٧ ڀيرا.
سوال: سورة آل عمران ۾ بد عهدي ڪندڙن جي سزا جي باري ۾ ڪهڙو حڪم آيو آهي؟
جواب: دردناڪ عذاب جو.
سوال: قرآن شريف ۾ قسم ڀڃڻ جي سلسلي ۾ ڪفاري جو به ذڪر آيو آهي، ٻڌايو، ته ڪهڙو ڪفارو مقرر ڪيو ويو آهي؟
جواب: ڏهن مسڪينن کي کاڌو کارائڻ.
سوال: قرآن شريف ۾ اٽليءَ جي ڪهڙي مشهور شهر جو ذڪر آيو آهي؟

جواب: روم جو.

سوال: سورة الملک جون ڪيتريون آيتون آهن؟

جواب: ٽيهه (٣٠).

سوال: حضرت جبرائيل عليه السلام، حضرت آدم عليه السلام تي ڪيترا ڀيرا وحي آندي؟

جواب: ١٢ ڀيرا.

سوال: حضرت ادريس عليه السلام وٽ حضرت جبرائيل عليه السلام ڪيترا ڀيرا وحي آندي؟

جواب: چار ڀيرا.

سوال: حضرت ابراهيم عليه السلام وٽ حضرت جبرائيل عليه السلام ڪيترا ڀيرا وحي آندي؟

جواب: ۴٢ ڀيرا.

سوال: حضرت نوح عليه السلام وٽ حضرت جبرائيل عليه السلام ڪيترا ڀيرا وحي آندي؟

جواب: پنجاهه ڀيرا.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن وٽ حضرت جبرائيل عليه السلام ڪيترا ڀيرا وحي آندي؟

جواب: ٢۴ هزار ڀيرا.

سوال: حضرت عيسيٰ عليه السلام وٽ حضرت جبرائيل عليه السلام ڪيترا ڀيرا وحي آندي؟

جواب: ڏهه ڀيرا.

سوال: حضرت موسيٰ عليه السلام وٽ حضرت جبرائيل عليه السلام ڪيترا ڀيرا وحي آندي؟

جواب: چاليهہ ڀيرا.

سوال: قرآن شريف ۾ مڪہ مڪرمہ جو ڪيترا ڀيرا قسم کنيو ويو آهي؟

جواب: ٻہ ڀيرا.

سوال: سورة الواقعہ جي شروعات ڪهڙن واقعن سان ٿئي ٿي؟

جواب: قيامت جي واقعن سان.

سوال: سورة فاتحہ ۾ اکر "ن" ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

جواب: ڏهہ ڀيرا.

سوال: سورة فاتحہ قرآن شريف جي ڀهرين سورة آهي، ٻڌايو، تہ نزول جي لحاظ کان ان جو ڪائون نمبر آهي؟

جواب: پنجون.

سوال: قرآن شريف ۾ معراج جي واقعي جو ذڪر ڪيترين جاين تي آيو آهي؟

حواب: ٻن جاين تي.

سوال: قرآن شريف ۾ ملڪ الموت جو ذڪر آيو آهي. ٻڌايو، تہ هڪ روايت مطابق اهو ڪهڙي فرشتي جو نالو آهي؟

جواب: حضرت عزرائيل عليه السلام جو.

سوال: قرآن شريف ۾ لفظ "دين" ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

جواب: ٩٢ ڀيرا.

سوال: قرآن شريف ۾ لفظ "اسلام" ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

جواب؛ ڇهہ ڀيرا.

سوال: سورة الحجرات جو موضوع ڇا آهي؟

جواب: آدابِ نبوت ۽ اصلاح معاشره.

سوال: قرآن شريف ۾ ڪل ڪيترن نبين جو ذڪر آيو آهي؟
جواب: ٢٦ (ڇوويهن نبين جو).
سوال: مديني منوره ۾ نازل ٿيل قرآن شريف جي پهرين سورة جو نالو ٻڌايو؟
جواب: سورة البقره.
سوال: قرآن شريف کي ڪتابي شڪل ڪنهن ڏني؟
جواب: ٧٥ اصحابي سڳورن (حضرت ابوبڪر رضه جي زماني ۾).
سوال: دنيا جي ڪيترين ٻولين ۾ قرآن شريف جو ترجمو ٿيل آهي؟
جواب: ١٠٣ ٻولين ۾.
سوال: قرآن شريف جو اردو ترجمو پهرين ڪنهن ڪيو؟
جواب: شاهه رفيع الدين.
سوال: قرآن شريف ۾ ڪيترن نبين جي نالي سان سورتون آهن؟
جواب: ٦-انبياء ڪرام.
سوال: قرآن شريف ۾ سورة البقره کان پوءِ ڪهڙي سورة ۾ گهڻيون آيتون آهن؟
جواب: سورة الشعرا.
سوال: قرآن شريف جا ڪُل ڪيترا نالا آهن؟
جواب: پنجونجاهه (٥٥).
سوال: قرآن شريف رمضان المبارڪ مهيني ۾ نازل ٿيو. ٻڌايو، ته ٻيا آسماني ڪتاب توريت، انجيل ۽ زبور ڪهڙن

مهيني ۾ نازل ٿيا؟

جواب: اهي ٻه ماهه رمضان المبارڪ ۾ نازل ٿيا.

سوال: قرآن شريف ۾ شدون، جزمون ۽ نقطا وغيره لڳائڻ بابت ڪنهن جو نالو مشهور آهي؟

جواب: ابوالاسود تابعي.

سوال: قرآن شريف جو پهريون مفسر ڪير هو؟

جواب: نبي آخرالزمان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم.

سوال: قرآن شريف ۾ نماز جي تاڪيد ڪيترا ڀيرا ڪيل آهي؟

جواب: ست سو ڀيرا.

سوال: قرآن شريف جو پهريون حافظ ڪير هو؟

جواب: حضرت عثمان بن عفان رضه.

سوال: قرآن شريف جي ڪيترين سورتن ۾ حضرت ايوب عليه السلام جو ذڪر آيو آهي؟

جواب: چئن سورتن ۾.

سوال: قرآن شريف ۾ ڪل ڪيتريون منزلون آهن؟

جواب: ست (٧) منزلون.

سوال: قرآن شريف جي اها ڪهڙي سورة آهي، جيڪا هڪ ئي وقت نازل ٿي؟

جواب: سورة فاتحه.

سوال: قرآن شريف جي پهرين وحيءَ ۾ ڪيتريون آيتون آهن؟

جواب: پنج آيتون.

سوال: سورة شڪر ڪهڙي سورة کي چيو ويو ٿو؟

جواب: سورة فاتح ڪي.

سوال: قرآن شريف جي انهيءَ سورة جي نالو ٻڌايو، جنهن کي "ثلثِ قرآن" چيو ويجي ٿو؟

جواب: سورة اخلاص ڪي.

سوال: لفظ "سورة" جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: "شهرِ پناهہ".

سوال: الله تعاليٰ سڀ کان وڌيڪ احڪام ڪهڙي سورة ۾ فرمايا آهن؟

جواب: سورة البقره ۾.

سوال: "صحيفہ" مان ڇا مراد آهي؟

جواب: ننڍا آسماني ڪتاب.

سوال: "مقطعات" اکرن مان ڪهڙي مراد آهي؟

جواب: قرآن شريف جا اهي لفظ، جن جي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم تشريح نہ ڪئي.

سوال: سورة براة جو مشهور نالو ڪهڙو آهي؟

جواب: سورة توبه.

سوال: دنيا ۾ ڪهڙو ڪتاب گهڻو پڙهيو ويجي ٿو؟

جواب: قرآن شريف.

سوال: قرآن شريف جي اها سووة ٻڌايو، جنهن ۾ فقط هڪ زير آهي؟

جواب: سورة اخلاص.

سوال: قرآن شريف ۾ ڪلمہ طيبہ پوريءَ طرح ڪٿي آيو آهي؟

جواب: ڪٿي بہ ناهي، ٻهريون حصو "لا اِله اِلا الله" ڪيترائي

دفعا آيو آهي، ۽ "محمد رسول الله" ڪٿي ڪٿي آهي.
سوال: قرآن شريف ۾ ڪل ڪيترين لڙاين جو ذڪر آهي؟
جواب: ١٢ لڙاين جو.
سوال: متشابهات ۽ محڪمات آيتن جو مطلب ڇا آهي؟
جواب: قرآن شريف جون مبهم ۽ واضح ٿيل آيتون.
سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي وفات وقت ڪيترا اصحابي حافظ قرآن هئا؟
جواب: ٻاويهہ (٢٢).
سوال: قرآن شريف جي نازل ٿيڻ جي لحاظ کان پهريون ٽي سورتون ٻڌايو؟
جواب:: سورة علق، سورة مدثر ۽ سورة مزمل.
سال: لفظ "قرآن" جي معنيٰ ڇا آهي؟
جواب: تلاوت ڪيل.
سوال: قرآن شريف جي ان سورة جو نالو ٻڌايو. جيڪا سڄي هڪ دعا آهي؟
جواب: سورة فاتحہ.
سوال: دنيا ۾ کهڙو ڪتاب گهڻو ڇپجي ٿو؟
جواب: قرآن شريف.
سوال: سورة يسين ۽ سورة الرحمن کي ڇا چيو ويندو آهي؟
جواب: قرآن جي دل ۽ قرآن جي ڪنوار.
سوال: قرآن شريف جو پهريون نسخو چمڙي تي لکيو ويو، ان کي ڇا چوندا آهن؟
جواب: "ام".

سوال: ٽيهين سيپاري جي وڏي سورة ڪهڙي آهي؟
جواب: سورة الزاعات ان ۾ ۴٦ آيتون آهن.
سوال: قرآن شريف جي لحاظ کان سڀني کان نافرمان قوم ڪهڙي آهي؟
جواب: بني اسرائيل.
سوال: قرآن شريف ڪهڙي طريقي سان نازل ٿيو؟
جواب: حضرت جبرائيل عليه السلام، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ڪا آيت يا سورة ٻڌائيندا هئا. ۽ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن ان کي ياد ڪندا هئا، يا ڪنهن لکڻ واري کي گهرائي، ان کان لکائي ڇڏيندا هئا.
سوال: قرآن شريف ڪنهن تي نازل ٿيو؟
جواب: نبي آخرالزمان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم تي.
سوال: قرآن شريف جي نزول جي شروعات ڪهڙي شهر کان ٿي هئي؟
جواب: مڪي شريف کان.
سوال: قرآن شريف ۾ ڪهڙن ماڻهن کي مخاطب ڪيو ويو آهي؟
جواب: رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ۽ سندن پوئلڳن، قيامت تائين هر دور ۽ هر علائقي جي سڀني انسانن، مشرڪن، مجوسين، صابين، يهودين ۽ نصاريٰ کي.

سوال: قرآن شريف جي نازل ٿيڻ جو مقصد ٻڌايو؟

جواب: انسان کي گمراهيءَ کان بچائڻ ۽ کين هدايت ڪرڻ.

سوال: قرآن شريف جي حفاظت جو ذمو ڪنهن کنيو آهي؟

جواب: الله تعاليٰ.

سوال: قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ جي ڪهڙي صفت جو سڀ کان وڌيڪ ذڪر ڪيو ويو آهي؟

جواب: ربوبيت جي صفت جو.

سوال: قرآن شريف مطابق، ڪهڙي دعا قبول ٿئي ٿي؟

جواب: جيڪا دعا الاهي اطاعت جي جذبي سان اخلاص سان گهري وڃي.

سوال: قرآن شريف جي تفسير جي باري ۾ سڀ کان وڌيڪ روايتون ڪهڙي اصحابيءَ بيان ڪيون آهن؟

جواب: حضرت علي ڪرم الله وجهه.

سوال: قرآن شريف ۾ ڪيترين آيتن تي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کي "يايُها النبي" چئي مخاطب ڪيو ويو آهي؟

جواب: ٻارهن جاين تي.

سوال: ٻڌايو، تہ عرب ملڪن ۾ ڇپجندڙ قرآن شريف جي هر سيپاري ۾ ڪيترا حصا هوندا آهن؟

جواب: ٻہ حصا، انهن کي "حزب" چيو ويندو آهي.

سوال: قرآن شريف ڪهڙي نشيدار شيءِ کي "رِجسٌ مِنَ عَمَلِ الشيطان" چيو آهي؟

جواب: شراب کي.
سوال: ختم قرآن تي دعا گهرڻ سنت آهي يا فرض؟
جواب: سنت.
سوال: قرآن شريف جي هر اها سورة جنهن ۾ جهاد جي اجازت يا ان جي احـڪـامن جو ذڪر آهي، سـا مـڪي آهي يا مدني؟
جواب: مدني.
سوال: مڪي سورتون وڌيون آهن يا مدني؟
جواب: مدني.
سوال: قرآن شريف ۾ ڪهڙي پٿر جو ذڪر آهي؟
جواب: مرجان جو.
سوال: قرآن شريف مطابق، حضرت موسىٰ عليه السلام کي ڪيترا معجزا عطا ڪيا ويا آهن؟
جواب: ٩ معجزا.
سوال: سورة توبہ جي ڪائين آيت ۾ ”غارِ ثور“ جو ذڪر آيو آهي؟
جواب: آيت نمبر ٦ ۾.
سوال: حديث شريف مطابق قرآن شريف جو هڪ اکر تلاوت ڪندڙ کي ڪيترين نيڪين جو ثواب ملي ٿو؟
جواب: ڏهن نيڪين جو.
سوال: قرآن شريف جو گهڻو حصو ڏينهن جي وقت نازل ٿيو آهي يا رات جي وقت؟
جواب: رات جي وقت.

سوال: قرآن شريف کي ياد ڪري وسارڻ ڪهڙو گناهہ ليکيو
وڃي ٿو؟
جواب: گناهِ ڪبيره.
سوال: حديث مطابق، قرآن شريف کي وساريندڙ قيامت جي
ڏينهن ڪهڙي حالت ۾ هوندو؟
جواب: ڪوڙهہ جي حالت ۾.
سوال: قرآن شريف مطابق وعدي جو سچو ڪير آهي؟
جواب: الله تعاليٰ.
سوال: قرآن شريف مطابق، وعدي جو ڪوڙو ڪير آهي؟
جواب: شيطان.

گڏيل اسلامي معلومات

سوال: ان اصحابي سڳوري جو نالو ٻڌايو، جنهن کي حضرت
محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي زيارت
ڪرڻ کان سواءِ اصحابي هئڻ جو شرف حاصل آهي؟
جواب: حضرت اويس قرني.
سوال: اهو ڪهڙو شهر آهي، جنهن جي باري ۾ حضور صلي الله
عليه وآله وسلم جن فرمايو آهي، تہ جيڪو بہ ان شهر
کي فتح ڪندو، اهو جنتي آهي، ۽ اهو ڪنهن فتح
ڪيو؟
جواب: قسطنطنيہ، سلطان محمد فاتح.
سوال: جنت جي داروغي جو نالو ٻڌايو؟

جواب: رضوان.

سوال: اصحابي ٿيڻ لاءِ ڪهڙا شرط آهن؟

جواب: حـضـور صلي الله عليـه وآله وسلم جن کي ايمان جي حالت ۾ ڏسڻ ۽ ايمان جي حالت ۾ وفات ڪرڻ.

سوال: اسلام جو پراڻو نالو ڇا آهي؟

جواب: دينِ حنيف.

سوال: خانہءِ ڪعبہ کان پهرين مسلمانن جو قبلو ڪهڙو هو؟

جواب: بيت المقدس.

سوال: قبلي جي بدلجڻ جو حڪم ڪڏهن ٿيو؟

جواب: ١٥ شعبان ٢هہ (اڳئين نماز مهل)

سوال: اسلام جو سڀ کان ننڍو سپہ سالار ڪير هو؟

جواب: حضرت اسامہ بن زيد رضہ.

سوال: اهي معتبر شخصيتون ڪير آهن، جيڪي پيغمبر ناهن، پر انهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ آيو آهي؟

جواب: حضرت لقمان، عزيز مصر ۽ ذولقرنين جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ آيل آهي.

سوال: اسلام جي پهرين مسجد ڪهڙي هئي، جيڪا حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن تعمير ڪرائي؟

جواب: مسجد قبا.

سوال: دوزخ جي داروغي جو نالو ٻڌايو؟

جواب: مالڪ.

سوال: ان اصحابيءَ جو نالو ٻڌايو، جنهن جا چار نسل اصحابي آهن؟

جواب: حضرت ابوبڪر صديق رضہ.

سوال: ان پيغمبر جو نالو ٻڌايو، جيڪو جانورن ۽ پکين جون ٻوليون ڪندو ۽ سمجهي سگهندو هو؟

جواب: حضرت سليمان عليه السلام.

سوال: زمين تي سڀ کان پهرين مسجد جو نالو ٻڌايو؟

جواب: خانہ ڪعبہ (مسجد حرام).

سوال: حج فرض ٿيڻ کان پوءِ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪيترا حج ڪيا؟

جواب: صرف هڪ حج.

سوال: اسلام جي شروعات ۾ روزانو ڪيتريون نمازون پڙهيون وينديون هيون؟

جواب: فجر نماز ۽ سانجهي نماز.

سوال: نماز جا پنج وقت ڪڏهن فرض ٿيا؟

جواب: شبِ معراج (١١ نبوي).

سوال: روزا ڪڏهن فرض ٿيا؟

جواب: رمضان (٢ هجري).

سوال: حضرت جبرائيل۴ جڏهن حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ڏانهن الله تعاليٰ جو پيغام کڻي ايندو هو، تہ اڪثر ڪهڙي اصحابيءَ جي صورت ۾ ايندو هو؟

جواب: حضرت وضيہ ڪلبي رضہ.

سوال: ڪربلا جي واقعي وقت ڪهڙي ام المومنين حيات هئي؟

جواب: حضرت ام سلميٰ رضہ.

سوال: غزوه بدر ڪڏهن ٿيو؟

جواب: جمع ١٧ رمضان ٢ هجري.

سوال: ان بزرگ هستيءَ جو نالو ٻڌايو، جنهن کي حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن خواب ۾، برصغير ۾ نور اسلام پکيڙڻ لاءِ حڪم فرمايو؟

جواب: خواجه معين الدين چشتي رحه.

سوال: اعراف ۽ برزخ جو مطلب سمجهايو؟

جواب: "اعـراف"، جنت ۽ دوزخ جي وچ واري جاءِ آهي، جتي اهي ماڻهو هوندا، جن جا گناهه ۽ ثواب هڪجيترا هوندا. "برزخ" جو مطلب عالم ارواح آهي.

سوال: "تهليل" مان ڪهڙي مراد آهي؟

جواب: ڪلمو طيب پڙهڻ.

سوال: انصار ۾ سڀ کان پهرين ڪنهن اسلام قبول ڪيو؟

جواب: رافع بن مالڪ.

سوال: عشره مبشره مان ڪهڙي مراد آهي؟

جواب: اهي اصحابي سڳورا، جن کي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن دنيا ۾ ئي جنتي هئڻ جي بشارت ڏني هئي.

سوال: حجاج بن يوسف جي زماني ۾ قرآن شريف ۾ موجوده اعرابون ڪنهن لڳايون؟

جواب: نصر بن عاصم ۽ يحيٰ يعمر.

سوال: مدينه منوره جو پراڻو نالو "يثرب" هو، ٻڌايو، ته مڪه معظمه جو پراڻو نالو ڇا هو؟

جواب: مارڪو رابا/بڪہ/بطحا.

سوال: ننڍي کنڊ ۾ قرآن شريف جو فارسي ترجمو پهرين ڪنهن ڪيو؟

جواب: شاه ولي الله، ١٧٠٣ع ۾.

سوال: دنيا ۾ سڀ کان پهرين قرآن شريف جو ترجمو ڪهڙي ٻولي ۾ ٿيو؟ مترجم ڪير هو؟

جواب:لاطيني ٻوليءَ ۾، پطرس ذايلبس-١١٤٣ع.

سوال: حرم ڇا آهي؟

جواب: مڪہ معظمہ جي ڀرپاسي اهو محدود علائقو، جتي شڪار وغيره جي منع آهي؟

سوال: جنگ بدر ۾ سڀ کان ننڍو شهيد ڪير آهي؟

جواب: حضرت عمير رضہ.

سوال: اسلام جي لغوي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: پاڻ کي پيش ڪرڻ.

سوال: ”صحاح ستہ“ مان ڪهڙي مراد آهي؟

جواب: حديث جا ٦ مستند ڪتاب.

سوال: مڪہ معظمہ ۽ مدينہ منوره جي وچ ۾ گهڻو مفاصلو آهي؟

جواب: ٢٥٠ ميل.

سوال: جنت البقيع ۾ دفن ٿيندڙ پهرين مسلمان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حضرت اسد بن زراره.

سوال: جنگ خندق پهرين لڳي يا جنگ احزاب؟

جواب: اهو هڪ ئي جنگ جو نالو آهي.

سوال: ان خليفي جو نالو ٻڌايو، جيڪو خلفاء راشدين مان مسند خلافت تي سڀني کان گهڻو وقت رهيو؟
جواب: حضرت عثمان رضہ (١١ سال ١١ مهينا).
سوال: ان شاعر جو نالو ٻڌايو، جنهن سڀ کان پهرين رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن تي نعت لکي؟
جواب: حضرت حسان بن ثابت.
سوال: صبر ۽ حسن کان ڪهڙا پيغمبر مشهور آهن؟"
جواب: حضرت ايوب عہ جو صبر ۽ حضرت يوسف عہ جو حسن مشهور آهي.
سوال: سال ۾ ڪيترا ڏينهن روزو رکڻ حرام آهي؟
جواب: ٥ ڏينهن: عيد الفطر ۽ عيد الضحيٰ جا ڏينهن.
سوال: جنگِ بدر جي پهرين شهيد جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حضرت مهجمہ.
سوال: حضرت عمر فاروق رضہ جڏهن قبرص تي حملو ڪيو. تہ اسلام جو ڪهڙو بهادر اميرالبحر شهيد ٿيو؟
جواب: حضرت عبدالله بن قيس رضہ.
سوال: وياج ڪڏهن حرام ٿيو؟
جواب: ٢ هجري ۾.
سوال: شراب ڪڏهن حرام ٿيو؟
جواب: ٩ هجري ۾.
سوال: ان اصحابي سڳوري جو نالو ٻڌايو، جيڪو مڪي جي فتح وقت حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن سان گڏ ڏاچيء تي سوار هو؟

جواب: حضرت اسامہ بن زيد رضہ.

سوال: هڪ اصحابي سڳوري کي تقويٰ جي ڪري "شيخ الاسلام" جو خطاب ڏنو ويو آهي، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حضرت ابوذر غفاري رضہ.

سوال: "حج اڪبر" جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: اهو حج، جيڪو جمع جي ڏينهن ٿيندو آهي.

سوال: "باب الريحان" ڪٿي آهي؟

جواب: جنت جو دروازو، جتان روزيدار داخل ٿيندا.

سوال: مسجدِ ضرار ڪنهن جي تعمير ڪيل هئي؟

جواب: منافقين جي.

سوال: قاهره جو بنياد ڪهڙي اصحابي سڳوري رکيو هو؟

جواب: حضرت عمرو بن العاص رضہ.

سوال: اسلام جو پهريون شهيد ڪير هو؟

جواب: حضرت حارث بن ابي هالہ.

سوال: "فاتح ايران" ڪير هو؟

جواب: حضرت سعد بن ابي وقاص.

سوال: تاريخ اسلام جي پهرين شهيد عورت ڪير هئي؟

جواب: حضرت سميعہ رضہ.

سوال: الله پاڪ جي حڪم سان ڪهڙو ملائڪ سڳورو رزق ورهائيندو آهي؟

جواب: حضرت ميڪائيل عليه السلام.

سوال: اسلام ۾ سڀ کان پهرين ساموندي فوج جو ڪنهن جي زماني ۾ بنياد پيو؟

جواب: امير معاويہ.

سوال: پهرين مسلمان عورت، جنهن جنگ جي قيادت ڪئي، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حضرت عائشہ صديقہ رضہ.

سوال: جنگِ بدر کان ست ڏينهن پوءِ ڪهڙو غزوه ٿيو؟

جواب: غزوه بنو سليم.

سوال: "فاتح ترڪستان" ڪير هو؟

جواب: قتيبہ بن مسلم.

سوال: ڪلمہ طيبہ ۾ ڪل ڪيترا اکر آهن؟

جواب: ۴۸ اکر آهن.

سوال: ٻڌايو، تہ هيءَ دعا ڪهڙي وقت پڙهي ويندي آهي:
"اَللهُمَ افتَح لِي اَبوابَ رَحمتِکَ."

جواب: مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت.

سوال: اسلامي رڪنن ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت ڪنهن کي آهي؟

جواب: نماز کي.

سوال: ڇا، عورت تي جمع جي نماز فرض آهي؟

جواب: نہ.

سوال: جيڪو شخص ڪنهن بہ مذهب جو پوئلڳ نہ هجي، تہ ان کي ڇا چيو ويندو آهي؟

جواب: زنديق.

سوال: دوزخ جي فرشتن جو تعداد ٻڌايو؟

جواب: ١٩ فرشتا.

سوال: اهو وقت ڪهڙي نماز جو هوندو آهي، جڏهن هر شيء جو پاڇو ان جي پنهنجي قد جي برابر ٿيو وڃي؟

جواب: عصر.

سوال: جمع نماز جي فرض هئڻ جو حڪم هجرت کان اڳ آيو آهي يا پوءِ؟

جواب: اڳ.

سوال: ڪراماً ڪاتبين ڪهڙن ملائڪن کي چيو وڃي ٿو؟

جواب: جيڪي اعمال ناما لکن ٿا.

سوال: ڪهڙي نماز پڙهڻ سان حج ۽ عمره جو ثواب ملي ٿو؟

جواب: نماز اشراق.

سوال: اسلام جو ٽيون اهم رڪن ڪهڙو آهي؟

جواب: روزو اسلام جو ٽيون رڪن آهي، ۽ اهو فرض به آهي.

سوال: زڪوات جا ڪهڙا قسم آهن؟

جواب: زڪوات جا ٻه قسم آهن: (١) فرض ۽ (٢) واجب.

سوال: اسلام جو ڪهڙو رڪن غريبن تي فرض ناهي؟

جواب: زڪوات.

سوال: پيداوار جي زڪوات کي ڪهڙي نموني سان سڏيو وڃي ٿو؟

جواب: عشر.

سوال: "عشر"، عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، ان جي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: ڏهون حصو.
سوال: "شوط" مان ڇا مراد آهي؟
جواب: خانہء ڪعبہ جي چوڌاري هڪ ڦيرو ڦرڻ کي "شوط" چيو ويچي ٿو.
سوال: حج دوران ڪيترا خطبا هوندا آهن؟
جواب: ٽي خطبا هوندا آهن.
سوال: انهيء مسجد جو نالو ٻڌايو. جنهن ۾ هڪ روايت مطابق ستر نبي سڳورا دفن آهن؟
جواب: مسجد الخنيف، جيڪا منيٰ ۾ واقع آهي.
سوال: حضرت عمران بن حصين رضہ جو تعلق ڪهڙي قبيلي سان هو؟
جواب: سندن تعلق بنو خذاعہ قبيلي جي هڪ شاخ بنو ڪعب خاندان سان هو.
سوال: "فقيه الفقها" ڪهڙي اصحابي کي چيو ويچي ٿو؟
جواب: حضرت سعيد رضہ کي.
سوال: حج ڪڏهن فرض ٿيو؟
جواب: ٩ هجري ۾.
سوال: ڪربلا جو پهريون شهيد ڪير هو؟
جواب: حضرت مسلم بن عوسجہ رضہ.
سوال: تيمم جو حڪم ڪڏهن مليو؟
جواب: ۴ هجري ۾.
سوال: اسلام ۾ ڪهڙي بي جان شيء کي چمڻ جي اجازت آهي؟

جواب: حجر اسود کي.

سوال: طهارت صغرا ڇا آهي؟

جواب: وضو.

سوال: وضو جا فرض ۽ سنتون ڪيتريون آهن؟

جواب: وضو جا فرض چار آهن ۽ سنتون چوڏهن آهن.

سوال: غسل جا فرض ڪيترا آهن؟

جواب: نڪ کي پاڻي ڏيڻ، ڪُرڙي ڪرڻ ۽ سموري بدن تي پاڻي وجهڻ، نه ته غسل نه ٿيندو.

سوال: حضرت علي عليه السلام ڪڏهن شهيد ٿيو؟ سندن قاتل جو نالو ڇا آهي؟

جواب: حملو ١٩ رمضان، وفات: ٢١ رمضان. قاتل عبدالرحمان ابن ملجم.

سوال: قسطنطنيه تي مسلمانن ڪڏهن ۽ ڪنهن جي دور حڪومت ۾ حملو ڪيو؟

جواب: ۴۹هـ. (امير معاويه جي دور ۾).

سوال: شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي مزار ڪٿي آهي؟

جواب: بغداد شريف ۾.

سوال: خانه ڪعبه تي حملي ڪرڻ لاءِ ڪهڙي بادشاهه هاٿين جي لشڪر سان حملو ڪيو هو؟

جواب: ابراهه بن اشرام.

سوال: غزوه احد ۾ ڪافرن جو اڳواڻ ڪير هو؟

جواب: ابوسفيان.

سوال: بيت المقدس جو عبراني ٻوليءَ ۾ ڪهڙو نالو آهي؟
جواب: يروشلم.
سوال: اسلام جي تبليغ ڪرڻ لاءِ ڪنهن جو گهر مرڪز هو؟
جواب: حضرت ادقم.
سنوال: احد جي لڙائيءَ ۾ مسلمانن جو تعداد ڪيترو هو؟
جواب: ٧ سؤ.
سوال: حضرت علي ڪرم الله وجهه ۽ حضرت فاطمة الزهريٰ سلام الله عليها جو نڪاح هجرت کان پوءِ ڪهڙي سال ٿيو؟
جواب: ٻئي سال.
سوال: اسلام جو باقاعدي علمبردار ڪير هو؟
جواب: حضرت امير حمزه رضہ.
سوال: حضرت حمزه رضہ جي گهوڙي جو نالو ڇا هو؟
جواب: اشغر.
سوال: نماز استسقاء ڪڏهن پڙهبي آهي؟
جواب: مينهن نہ وسيءَ خشڪسالي ٿئي، تہ هيءَ نماز ان حالت ۾ پڙهبي آهي.
سوال: پير سنجر ڪهڙي بزرگ جو نالو آهي؟"
جواب: خواجہ معين الدين چشتي رحہ.
سوال: حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙي ڪهڙي جبل سان لنگرانداز ٿي؟
جواب: ڪوه ارارت (ترڪي).
سوال: اسپين جو آخري مسلمان بادشاهہ ڪير هو؟
جواب: ابو عبدالله بن حسن.

سوال: قرآن شريف جي بنا نقطہ تفسير لکندڙ جو نالو ٻڌايو، ان نسخي کي ڇا چوندا آهن؟

جواب: سيفني شيخ- سو الطمع الالهام.

سوال: حضرت ابوبکر رضہ ڪڏهن خليفو ٿيو؟

جواب: ١١ هجري.

سوال: ”فتح مبين“ ڪنهن کي چوندا آهن؟

جواب: ”صلح حديبيہ“ کي ”فتح مبين“ پڻ چيو ويندو آهي.

سوال: ان عورت جو نالو ٻڌايو، جنهن حضرت ابوبکر رضہ جي زماني ۾ نبوت جي دعويٰ ڪئي؟

جواب: سجاح.

سوال: اسلام جي حمايت ۾ ڪهڙي اصحابيءَ تلوار بلند ڪئي؟

جواب: حضرت زبير بن العوام.

سوال: عابدِ بيمار ڪنهن کي چوندا آهن؟

جواب: حضرت امام زين العابدين عليه السلام کي.

سوال: اسلام جو پهريون مؤذن ڪير هو؟

جواب: حضرت بلال بن رباح رضہ.

سوال: حديثن جي پهرين مجموعي جو نالو ٻڌايو؟

جواب: صادق.

سوال: دوباءِ صادق ۽ دوباءِ البحري جو مطلب سمجهايو؟

جواب: اهي وحي نازل ٿيڻ جا طريقا آهن.

سوال: سلطان صلاح الدين ايوبيءَ جو والد ڪير هو، ۽ يوسف سندس ڇا ٿيندو هو؟

جواب: نجم الدين ايوب- اصل نالو يوسف.

سوال: ابراق ڇا آهي؟

جواب: ديوارِ گريہ کي يهودي ابراق چوندا آهن.

سوال: ويهين صديءَ جي ڪهڙي بادشاهہ دعويٰ ڪئي، تہ هن وٽ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو خط آهي؟

جواب: حبشہ جو بادشاهہ هيل سلاسي.

سوال: حضرت علي عليه السلام جنگِ خيبر ۾ يهودين جو وڏو سردار ماريو هو، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: مرحب.

سوال: خلافتِ عباسيہ جو پهريون حاڪم ڪير هو؟

جواب: ابوالعباس السفاع.

سوال: ٻئي عباسي خليفي جونالو ٻڌايو؟

جواب: ابو جعفر منصور.

سوال: "حق اچي ويو، باطل مـتـجڻ واري شيءِ آهي". حضور صلي الله عليـــه وآله وسلم جن اهي لفظ ڪڏهن ۽ ڪهڙي موقعي تي ادا ڪيا؟

جواب: فتح مڪہ جي وقت.

سوال: حضرت حليمہ ڪهڙي قبيلي مان هئي؟

جواب: قبيلو هوزان- خاندان بنو سعد.

سوال: خادمين حرمين شريف ڪنهن جو لقب آهي؟

جواب: خاندان عـثـمـانيـہ- خليـفـو سلطان سليم ثاني. هائي سعودي عرب جي شاهہ فهد اهو لقب اختيار ڪيو آهي.

سوال: بدر ڪٿي آهي ۽ ان تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

جواب: مدينہ منوره جي ڏکڻ ۾- بدر جي نالي کوھہ آهي. ان
کري ان تي اهو نالو پيو.
سوال: جنگِ بدر ۾ گھڻا ماڻهو شهيد ٿيا؟
جواب: ١٤ (چوڏهن).
سوال: جنگ احد ۾ کيترا ماڻهو شهيد ٿيا؟
جواب: ٧٠ (ستر).
سوال: مکه معظم ڪڏهن فتح ٿيو؟
جواب: ١٠ رمضان ١٠ هجري.
سوال: جنهن حجره مبارڪ ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله
وسلم جن دفن ٿيا. ان ۾ ٻيا ڪير دفن آهن؟
جواب: حضرت عائشہ صديقہ. حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت
عمر رضہ.
سوال: يزيد بن معاويہ جي دور حڪومت ۾ اسلام جي
ڪهڙين ٻن وڏين هستين کي شهيد ڪيو ويو؟
جواب: حضرت امام حسين عليه السلام ۽ حضرت مسلم رضہ.
سوال: حضرت عمر رضہ جو قاتل ڪير هو؟
جواب: ابولولو فيروز.
سوال: مرج راهط لڙائي ڪنهن جي وچ ۾ لڳي؟
جواب: حضرت عبدالله بن زبير ۽ مروان.
سوال: بني اسرائيل ڪهڙي نبيءَ جو اولاد هو؟
جواب: حضرت يعقوب عليه السلام.
سوال: سن هجري ڪڏهن شروع ٿيو؟
جواب: ١٦ جولاءِ ٦٢٢ ع.

سوال: غارِ حرا، مڪہ معظم کان ڪيترو پري آهي؟

جواب: ٣ ميل.

سوال: غار حرا جي ماپ ٻڌايو؟

جواب: چار وال + پوڻا ٻہ وال.

سوال: حضرت علي ڪرم الله وجهه ڪيترو وقت خليفو رهيو؟

جواب: ۴ سال ٩ مهينا.

سوال: ان خليفي جو نالو ٻڌايو، جنهن جي زماني ۾ نيل درياءَ هڪ واهہ جي ذريعي قلزم سمنڊ سان ملايو ويو؟

جواب: حضرت عمر فاروق رضہ.

سوال: حضرت علي عليه السلام جي زماني وارين جنگين مان ٻہ مشهور جنگيون ٻڌايو؟

جواب: جنگ جمل ۽ صفين.

سوال: بيت المقدس ڪهڙي خليفي جي زماني ۾ فتح ٿيو؟

جواب: حضرت عمر فاروق رضہ.

سوال: هجرت جي وقت اسلامي مهينو ڪهڙو هو؟

جواب: ربيع الاول.

سوال: حضرت عمر رضہ ڪيترو وقت خليفو رهيو؟

جواب: ١٠ سال ٦ مهينا.

سوال: "ميثاق مدينہ" ڪنهن جي وچ ۾ ٿيو؟

جواب: مسلمانن ۽ يهودين جي وچ ۾.

سوال: "غمگين نہ ٿيو، خدا اسان سان گڏ آهي"، حضور صلي

الله عليه واله وسلم جن اهي لفظ ڪهڙي موقعي تي ادا ڪيا؟

جواب: حضرت ابوبڪر سان گڏ هجرت جي وقت غار ثور ۾.

سوال: اها ڪهڙي مشهور تاريخ آهي، جنهن تي هڪ عباسي خليفو پيدا ٿيو، هڪ تخت نشين ٿيو ۽ هڪ وفات ڪري ويو؟

جواب: ٣٠ سيپٽمبر ٧٨٦ع- هادي جو انتقال ٿيو، مامون پيدا ٿيو ۽ هارون تخت تي ويٺو.

سوال: خلفاء راشدين مان سڀ کان گهٽ عرصو ڪنهن حڪومت ڪئي؟

جواب: حضرت ابوبڪر رضہ- ٢ سال ٣ مهينا.

سوال: الله تعاليٰ ٻين کي بخشي ٿو، باقي ڪنهن کي نٿو بخشي؟

جواب: مشرڪ کي.

سوال: حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي دور ۾ وچ ۾ ڪو به پيغمبر يا رسول ڪونه آيو، ان وچ واري عرصي کي ڇا چيو ويندو آهي؟

جواب: دورِ فترت.

سوال: عربن جي فتحن جي شروعات ڪٿان ٿي؟

جواب: مصر کان.

سوال : بني اسرائيل قوم لاء ڪيترا نبي آيا؟ انهن جا نالا ٻڌايو؟

جواب: حضرت موسيٰ عليه السلام، حضرت هارون عليه

السلام. حضرت يوسف عليه السلام ۽ حضرت يعقوب عليه السلام.

سوال: حج ۾ ڪا غلطي ٿئي ته ڇا ڪجي؟

جواب: هڪ ٻڪر کي ذبح ڪري، اهوخيرات ڪرڻ گهرجي.

سوال: قرباني ۽ جهاد جو حڪم ڪڏهن ٿيو؟

جواب: ٢ هجري ۾.

سوال: جنگ زلاقہ ڪنهن جي وچ ۾ لڳي؟

جواب: يوسف بن تاشقين ۽ الفانسو جي وچ ۾.

سوال: باب النبي ڪنهن کي چوندا آهن؟

جواب: اهو خانہ ڪعبہ جي دروازي جو نالو آهي.

سوال: حضرت ابوبڪر رضہ جي والد ۽ والده جو نالو ٻڌايو؟

جواب: سلمي ام الخير- عثمان.

سوال: حضرت ابوبڪر رضہ جي ڪنيت ٻڌايو؟

جواب: ابوقحافہ.

سوال: حضرت عمر رضہ جي والده ۽ والد جو نالو ٻڌايو؟

جواب: خنمتہ- خطاب بن نفيل.

سوال: حضرت عمر رضہ جو تعلق قريش جي ڪهڙي قبيلي سان هو؟

جواب: بني عدي قبيلي سان.

سوال: صحيح مسلم جو مصنف ڪير آهي؟

جواب: ابوالحسين مسلم نيشاپوري.

سوال: ميزبان رسول ڪهڙو اصحابي آهي؟

جواب: حضرت ابوايوب انصاري رضہ.

سوال: عيدالفطر جي نماز ڪڏهن شروع ٿي؟

جواب: ١ شوال ٢ هجري.

سوال: صلاح الدين ايوبيءَ جي مزار ڪٿي آهي؟

جواب: دمشق ۾.

سوال: هڪ مسلمان جا ٻئي مسلمان تي ڇهه حق آهن، اهي ٻڌايو؟

جواب: هڪ ٻئي کي سلام ڪرڻ، دعوت قبول ڪرڻ، بيمار جي عيادت ڪرڻ، جيڪي پاڻ پسند ڪري ٻئي لاءِ پسند ڪري، ڇڪ اچي ته "يرحمڪ الله" چئي دعا گهري، جيڪو پاڻ ڪائي اهو ٻئي کي ڪارائي.

سوال: انهن ملائڪن جا نالا ٻڌايو، جن حضرت آدم عليه السلام جي خلقجڻ وقت الله تعاليٰ جي حڪم کان اڳ سجدو ڪيو هو؟

جواب: اهي ملائڪ ٻهءِ آهن: حضرت جبرائيل عليه السلام ۽ حضرت ميڪائيل عليه السلام.

سوال: غزوه ۽ سريه مان ڇا مراد آهي؟

جواب: جنهن جنگ ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن پاڻ شريڪ ٿيا هجن، ان کي "غزوه" ۽ جنهن جنگ ۾ پاڻ شريڪ نه ٿيا ۽ ان لاءِ ڪنهن اصحابيءَ کي اڳواڻ ڪري موڪليائون، ان کي "سريه" چئبو آهي.

سوال: "جنت البقيع" ڇا آهي ۽ ڪٿي آهي؟

جواب: مدينه منوره ۾ قبرستان جو نالو آهي.

سوال: تراويح جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: هر ۴ رڪعتن کان پوءِ ٿورو آرام ۽ تسبيح ڪرڻ.

سوال: حضرت فاطمه رضہ جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟
جواب: وفات ٢ رمضان ١١هہ.
سوال: قسطنطنيہ / استنبول ۾ ڪهڙي مشهور اصحابيءَ جي آخري آرام گاهہ آهي؟
جواب: حضرت ابوايوب انصاري رضہ.
سوال: اسلام جي ان عظيم سپہ سالار جو نالو ٻڌايو، جنهن وليد بن عبدالملڪ جي زماني ۾ پوري ايشيا کي فتح ڪيو؟
جواب: حضرت قتيبہ بن مسلم.
سوال: صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڪيترا ڦيرا ڏبا آهن ۽ انهن جي وچ ۾ ڪيترو مفاصلو آهي؟
جواب: ست دفعا- انهن جي وچ ۾ مفاصلو ١٢٨٩ فوٽ آهي.
سوال: خانہءِ ڪعبہ تي غلاف چاڙهڻ لاءِ ڪيترا وال ڪپڙو کپندو آهي؟
جواب: هڪ هزار وال.
سوال: حضرت امام موسيٰ رضا عہ جو مقبرو ڪٿي آهي؟
جواب: مشهد (ايران).
سوال: حضرت سلمان فارسيؓ ڪهڙي نسل مان هو؟
جواب: ايراني نسل مان.
سوال: جنازه نماز ۾ ڪيتريون تڪبيرون آهن؟
جواب: چار.
سوال: امام فخرالدين جي مزار ڪٿي آهي؟
جواب: هرات ۾.

سوال: "وحي" جي معنيٰ ڇا آهي؟
جواب: لڪل، ڳجهو، باطن، مخفي.
سوال: حضرت علي عليه السلام جو نالو سندن والده ڪهڙو رکيو هو؟
جواب: حيدر.
سوال: غار حراء غار ثور ڇو مشهور آهن؟
جواب: غار حرا ۾ پهريون دفعو وحي نازل ٿي هئي، ۽ غار ثور ۾ هجرت وقت حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن حضرت ابوبڪر رضہ سان گڏ ترسيا هئا.
سوال: حضرت علي عليه السلام جي والده جو نالو ٻڌايو؟
جواب: فاطمه بنت اسد.
سوال: حضرت انس رضہ، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جا ڇا ٿيندا هئا؟
جواب: غلام- هن ڏهہ سال پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن جي خدمت ڪئي.
سوال: حضرت علي عليه السلام جي شهادت کان پوء ٦ مهينا خلافت ڪنهن ڪئي؟
جواب: حضرت امام حسن عليه السلام.
سوال: "بيت المعمور" ڇا آهي ۽ ڪٿي آهي؟
جواب: ستين آسمان تي هڪ مسجد جو نالو آهي.
سوال: حضرت ابو خزيمہ جو نالو ڇو مشهور آهي؟
جواب: پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪيس ٻٽي شاهدي جو لقب ڏنو.

سوال: فاتح اسپين ڪير آهي؟

جواب: طارق بن زياد.

سوال: ايمان جا پنج جزا ٻڌايو؟

جواب: الله تعالي، ملائڪن، الله جي رسولن، آسماني ڪتابن ۽ آخرت تي ايمان.

سوال: اسلامي فوج جي پهرين جهنڊي جو رنگ ڪهڙو هو؟

جواب: اڇو.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن هجرت کان پهرين مدينہ منوره ڪنهن کي موڪليو؟

جواب: حضرت مصعب بن عمير کي.

سوال: نماز جنازه ۾ سجدي دوران پيشاني تي مٽي نہ لڳي تہ ڇا ڪجي؟

جواب: نماز جنازه ۾ سجدو نہ ڪبو آهي.

سوال: سجدي ۾ پيشانيءَ سان گڏ نڪ [illegible] تي لڳي تہ ڇا ٿيندو؟

جواب: اهو ضروري آهي.

سوال: عراق ۽ شام ڪهڙي خليفي جي وقت ۾ فتح ٿيا؟

جواب: حضرت ابوبڪر رضہ.

سوال: بيت العتيق ڇا آهي؟

جواب: مڪہ معظمہ کي چوندا آهن.

سوال: هڪ مؤذن حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي [illegible] هو، نابينا هو ۽ مدينہ منوره ۾ مؤذن هو، نالو ٻڌايو؟

جواب: حضرت عمر بن ام مڪتوم [illegible]

سوال: حضرت ابوذر غفاري رضہ جو تعلق ڪهڙي قبيلي سان هو؟

جواب: بنو غفار.

سوال: پوليس کاتو ڪهڙي خليفي قائم ڪيو؟

جواب: حضرت عمر رضہ.

سوال: سلطنت عثمانيہ جو مذهب ڪهڙو هو؟

جواب: حنفي مذهب.

سوال: مذهب اربع مان ڪهڙو مطلب آهي؟

جواب: چار مذهب شافعي، حنفي، مالڪي ۽ حنبلي.

سوال: صلاح الدين ايوبيءَ کي سلطان جو لقب ڪنهن ڏنو؟

جواب: عباسي خليفي ناصر.

سوال: "اذان" لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: "سڏ"، "پڪار"، "آچ".

سوال: پهرين سامونڊي لڙائي مسلمانن ڪئي، ڪڏهن ۽ ڪنهن جي زماني ۾ وڙهي هئي؟

جواب: مستولون ٦٥٥ع ۾، حضرت عثمان رضہ جي زماني ۾.

سوال: مسلمانن جو پهريون امير البحر ڪير هو؟

جواب: حضرت عبدالله بن قيس.

سوال: چور جي سزا هٿ وڍڻ جو حڪم ڪڏهن ٿيو؟

جواب: ٨ هجريءَ ۾.

سوال: عمر ثاني ڪنهن کي چوندا آهن؟

جواب: حضرت عمر بن عبدالعزيز کي

سوال: حضرت امام حسين عليه اسلام جي ان گهوڙي جو

نالو ٻڌايو، جنهن تي ســـوار ٿي ڪربلا ۾ لڙائي ڪيائون؟

جواب: مرتجز- ذوالجناح.

سوال: حجر اسود ڪٿان آيو؟ ان جو رنگ ٻڌايو.

جواب: جنت مان آيو- اسود معنيٰ ”ڪارو“.

سوال: صدق الله و علي العظيم جي معنيٰ ٻڌايو؟

جواب: الله تعاليٰ سچ فرمايو آهي، ته هو وڏي عظمت وارو آهي.

سوال: اسلامي دور جو پهريون صدر مقام ٻڌايو؟

جواب: مدينہ منوره.

سوال: جنگِ فجار ڪان پوءِ جيڪو عهدنامو ٿيو، ان کي ڇا چوندا آهن؟

جواب: عهدنامہ قريش.

سوال: حضرت بلال حبشي رضہ جي والده جو نالو ٻڌايو؟

جواب: رباح.

سوال: ان شخصيت جو نالو ٻڌايو، جنهن کي حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي غير موجودگي ۾ ١٣ دفعا امامت جو شرف حاصل ٿيو؟

جواب: حضرت ابن ام مڪتوم رضہ.

سوال: حجة الوداع ۾ ڪيترا ماڻهو شامل هئا؟

جواب: هڪ لک.

سوال: اڪثر ڪري صحابہ ڪرام حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کي چوندا هئا، تہ ”يا رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم! توهان تي اسان جا ماءُ پيءُ قربان“.

پر ان اصحابي سڳوري جو نالو ٻڌايو، جيڪو چوندو هو، ته يارسول الله صلي الله عليه وآله وسلم! منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان ٿين؟"

جواب: حضرت سعد بن ابي وقاص.

سوال: شام ڪنهن فتح ڪيو؟

جواب: حضرت ابوعبيده بن جراح.

سوال: ان اصحابي جو نالو ٻڌايو، جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ آيو آهي؟

جواب: حضرت زيد بن حارث رضه.

سوال: زڪوات ڪڏهن فرض ٿي؟

جواب: ٢ هجري.

سوال: ان اصحابي جو نالو ٻڌايو، جنهن نه نماز پڙهي نه روزو رکيو، پر جنگ ۾ شريڪ ٿي شهادت جو درجو حاصل ڪيو؟

جواب: حضرت احيرم.

سوال: سدرة المنتهيٰ ڇا آهي؟

جواب: اها حد، جتي معراج جي رات حضرت جبرائيل عليه السلام بيهي رهيو ۽ اڳتي وڃڻ کان انڪار ڪيائين، ڇوته کيس ان جي اجازت نه هئي.

سوال: مسلمانن کان سواءِ ٻئي ڪهڙي مذهب وارن جو عقيدو آهي، ته قيامت کان اڳ سور ڦوڪي ويندي؟

جواب: عيسائي.

سوال: ڪربلا جي واقعي کان پوءِ اهلبيت مان فقط هڪ مرد ٻار زنده بچيو، نالو ٻڌايو؟

جواب: امام زين العابدين ع.

سوال: حضرت ماريہ قبطيہ جو تعلق ڪهڙي ملڪ سان هو؟

جواب: مصر.

سوال: ٻانگ ۾ "الله اڪبر" تڪبير ڪيترا دفعا آهي؟

جواب: ٦ دفعا.

سوال: اهو شهر ٻڌايو، جيڪو مسلمانن، يهودين ۽ عيسائين لاءِ مقدس آهي؟

جواب: بيت المقدس.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي هجرت وقت حضرت علي عليه السلام جي ڪيتري عمر هئي، جڏهن حضرت علي عليه السلام بي خوف ٿي پاڻ سڳورن صہ جن جي بستري تي سمهي رهيا؟

جواب: ٢١ سال.

سوال: حضرت علي عليه السلام جي ڪنيت ٻڌايو؟

جواب: ابوتراب- ابوالحسن.

سوال: پردي بابت آيت ڪڏهن نازل ٿي؟

جواب: ٥ هجري ۾.

سوال: لڪل طريقي سان تبليغ ڪيترا سال هلي؟

جواب: ٣ سال.

سوال: ان جنگ جو نالو ٻڌايو، جنهن ۾ ڪوڙي نبوت جو فتنو ختم ڪيو ويو؟

جواب: جنگ يمامه.

سوال: حضرت بلال حبشي رضه کي ڪنهن خريد ڪري، آزاد ڪيو هو؟

جواب: حضرت ابوبڪر رضه.

سوال: شعيب ابي طالب ۾ محصور ٿيڻ جو واقعو ڪڏهن شروع ۽ ختم ٿيو؟

جواب: شروع سال ٧ نبوي، ختم سال ١٠ نبوي.

سوال: حضرت امام دائود ۽ حضرت امام بخاريءَ جو انتقال هڪ ئي اسلامي مهيني ۾ ٿيو. تاريخ، مهينو ۽ سال ٻڌايو؟

جواب: امام دائود ١ شوال ٢٥٦هه ۽ امام بخاري ١۴ شوال ٢٧٥هه.

سوال: ”علم جو جلوس“ ڪهڙي هستيءَ جي ياد ۾ نڪرندو آهي؟

جواب: حضرت عباس علمبردار ع.

سوال: حضرت امام حسين ع ڪڏهن پيدا ٿيو، سندس نالو ڪنهن رکيو ۽ ڪيترا حج ڪيائون؟

جواب: ٣ شعبان ۴هه- نالو حضور صلي الله عليه وآله وسلم

جن رکيو. ٢٥ حج ڪيائون.

سوال: امير معاويہ جو والد ڪير هو؟

جواب: ابوسفيان.

سوال: حضرت عثمان رضہ جي والده ۽ والد جو نالو ٻڌايو؟

جواب: اروِيٰ - عفان.

سوال: حضرت علي عليہ السلام حق مهر ۾ حضرت فاطمه سلام الله عليها کي ڇا پيش ڪيو؟

جواب: زره حطمي. جا ان وقت ٤٨٠ درهمن جي هئي.

سوال: هڪ ڏينهن ۾ نماز جون ڪيتريون رڪعتون فرض آهن؟

جواب: سترهن.

سوال: دنيا ۾ سڀ کان پهريون پاڪ پٿر ڪهڙو آهي؟

جواب: حجرِ اسود.

سوال: خاندان اميہ جو پهريون ۽ آخري خليفو ڪير هو؟

جواب: پهريون امير معاويہ ۽ آخري مروان ثاني.

سوال: حضرت عثمان غنيءَ کي جنهن وقت شهيد ڪيو ويو. ان وقت پاڻ ڇا ڪري رهيا هئا. سندن عمر ان وقت گهڻي هئي؟

جواب: تلاوت قرآن مجيد - عمر اٽڪل ٨٢ سال.

سوال: فطرو ۽ قرباني ڪنهن تي واجب آهي؟

جواب: جنهن وٽ عيد جي ڏينهن روزمره جي خرچ کان سواءِ ساڍا ست تولا سون يا ٥٢ تولا چانديءَ جيتري قيمت هجي يا مٿيون ٻئي شيون هجن.

سوال: حضرت عثمان رضہ جي گھرواريءَ جو نالو ٻڌايو، جنهن جي هٿ جون آڱريون ڪپجي ويون هيون؟

جواب: حضرت نائيلہ رضہ.

سوال: شريعت اسلامي ۾ سنت کي ڪهڙو درجو آهي؟

جواب: ٻيو درجو.

سوال: ٻانگ جي تجويز ڪنهن ڏني ۽ پهرين ٻانگ ڪنهن ڏني هئي؟

جواب: حضرت عمر رضہ - پهرين ٻانگ حضرت بلال رضہ ڏني هئي.

سوال: ڪربلا جو واقعو ڪهڙي هجري سال ۾ ٿيو؟

جواب: ٦١ هجري.

سوال: حضرت عائشہ صديقہ جو والد ڪير هو؟

جواب: حضرت ابوبڪر رضہ.

سوال: "زبيده واھہ" ڪنهن ۽ ڇو ٺهرايو؟

جواب: هارون الرشيد ۽ سندس زال زبيده، مڪہ ۾ پاڻي آڻڻ لاءِ کوٽايو هو.

سوال: زمين تي پهرين ڪهڙو وڻ هو؟

جواب: کجور جو وڻ.

سوال: حضرت خديجہ رضہ ڪهڙي قبيلي سان تعلق رکندي هئي؟

جواب: بنواسد قبيلي سان.

سوال: حضرت خديجہ رضہ جو لقب ٻڌايو؟

جواب: طاهره.

سوال: ابولهب جو اصل نالو ڇا هو؟

جواب: عبدالعزي.

سوال: ابوجهل جو اصل نالو ڇا هو؟

جواب: ابوالحڪم عمر بن هشام المغيره.

سوال: اندلس ۾ بنو اميہ مان حڪومت جو باني ڪير هو؟

جواب: عبدالرحمان (پهريون).

سوال: ان ماڻهوءَ جو نالو ٻڌايو، جنهن هجرت وقت حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو پيڇو ڪيو هو؟

جواب: سراقہ بن حبشم.

سوال: طهر جي رسم ڪڏهن کان شروع ٿي؟

جواب: ٢ هجري کان.

سوال: مسجد نبوي جي زمين ڪنهن خريد ڪئي هئي؟

جواب: حضرت ابوبڪر صديق رضہ.

سوال: مسجد اقصيٰ تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

جواب: ڇو تہ مڪہ- حجاز کان،تمام گهڻو پري آهي.

سوال: دوزخ جي گهڻا طبقا آهن؟

جواب: ست طبقا.

سوال: اوس ۽ خزرج قبيلا ڪٿي جا هئا؟

جواب: مدينہ منوره جا.

سوال: حضرت خديجہ رضہ ۽ حضرت ابوطالب جي انتقال واري سال کي ڇا چوندا آهن؟

جواب: عام الحزن.

سوال: اسلامي مهينا نمبر وار بيان ڪريو؟

جواب: محرم الحرام، صفر، ربيع الاول، ربيع الثاني، جمادي الاول، جمادي الآخر، رجب، شعبان، رمضان، شوال، ذوالقعد ۽ ذوالحج.

سسوال: "سابقين اولين" مان ڪهڙي مراد آهي؟

جواب: اسلام ڏانهن پهرين سبقت ڪرڻ وارا ماڻهو.

سوال: حضت ابوذر غفاري جو اصل نالو ڇا هو؟

جواب: جندب بن عام.

سوال: صلح حديبيه جو متن ڪهڙي اصحابي سڳوري تحرير ڪيو هو؟

جواب: حضرت علي عليه السلام.

سوال: ڪنهن جي ايمان آڻڻ ڪان پوءِ خانهءِ ڪعبه ۾ پهريون دفعو نماز پڙهي ويئي؟

جواب: حضرت عمر فاروق رضہ.

سوال: مڪه جي ڪافرن ڪان بيزار ٿي، مسلمانن ڪهڙي ملڪ ڏانهن هجرت ڪئي هئي، اتي جو بادشاهه ڪير هو؟

جواب: ملڪ حبشه ۽ بادشاهه نجاشي.

سوال: حلف الفضول جي عربن جي تاريخ ۾ حيثيت ڪهڙي آهي؟

جواب: ان ڪان پوءِ عربن لڙائيءَ ڪان پاسو ڪيو.

سوال: حضرت علي عليه السلام کي "شيرِ خدا" جو خطاب ڪڏهن مليو هو؟

جواب: يهودين جو مضبوط قلعو قموص فتح ڪرڻ ڪان پوءِ.

سوال: بيعت رضوان ڪٿي ۽ ڇو ورتي ويئي؟
جواب: حديبيہ جي جاءِ تي، حضرت عثمان رضہ جي قتل جي افواهہ تي ان جو قصاص وٺڻ لاءِ.
سوال: حضرت سلمان فارسي ڪڏهن ايمان آندو؟
جواب: ٢ هجري ۾.
سوال: حج ٩هہ ۾ فرض ٿيو، پهرئين حج جي موقعي تي امير الحجاج ڪير هو؟
جواب: حضرت ابوبڪر صديق رضہ.
سوال: عبدالله بن مسعود، حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو هڪ سچار ۽ مشهور خادم ٿي گذريو آهي، ان جي حوالي ڪهڙي خاص خدمت هئي؟
جواب: پاڻ سڳورن صلي الله عليــــه وآله وسلم جي نعلين ۽ مسواڪ جو محافظ هو.
سوال: طاهره، مطهره، راضيہ، ذاڪيہ، بتول، مرضيہ ۽ زهرايہ اهي لقب ڪنهن کي مليل هئا؟
جواب: خاتون جنت حضرت فاطمه سلام الله عليها کي.
سوال: اهو فرعون بادشاهہ جيڪو حضرت موسيٰ عہ جي زماني ۾ مصر جو بادشاهہ هو. اهو ڪڏهن مئو ۽ ان جو لاش ڪٿي رکيل آهي؟
جواب: ١٢١٥ق.م- مصر جي عجائب گهر ۾.
سوال: "فرعون" جي معنيٰ ڇا آهي؟
جواب: اهو مصر جي بادشاهن جو لقب هو.
سوال: ق.م مان ڇا مراد آهي؟

جواب: ق.م لفظ مان مراد آهي قبل مسيح، يعني عيسوي سنہ
شروع ٿيڻ کان اڳ.

سـوال: ان اصحـابي سڳوري جو نالو ٻڌايو. جنهن حضـرت
عائشہ صديقہ رضہ جي جنازه نماز پڙهائي؟

جواب: حضرت ابوهريره.

سوال: سڀ نبي سڳورا ڪهڙي مذهب جي تعليم ڏيڻ آيا؟

جواب: اسلام جي.

سوال: فتح خيبر ڪهڙي سال ٿي؟

جواب: ۷ هجريءَ ۾.

سـوال: امام غزاليءَ کي اسلام ۾ ڪهڙي سبب ڪري وڏو
درجو حاصل آهي؟

جواب: هو وڏو فلسفي هو.

سوال: حضرت عدي ذغہ طي قبيلي جو سردار هو، ان جي والد
جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حاتم طائي.

سوال: باب العلم ڪهڙي هستيءَ جو لقب آهي؟

جواب: حضرت علي عليه السلام.

سـوال: "مـسلمـان هاڻ ڪافـرن کـان لکي عـبـادت ڪونہ
ڪندا." اهي لفظ ڪنهن جا آهن؟

جواب: حضرت عمر رضہ جا.

سوال: فتح مڪہ جي وقت قريش جو سردار ڪير هو؟

جواب: ابوسفيان.

سوال: امام اعظم ڪنهن جو لقب آهي؟

جواب: امام ابوحنيفه رحه جو.
سوال: بني هاشم خاندان مان پهريون خليفو ڪير هو؟
جواب: حضرت علي عليه السلام.
سوال: "باقيات الصالحات" ڪنهن کي چيو وڃي ٿو؟
جواب: اهي نيڪ ڪم، جن جو ثواب مرڻ کان پوءِ به ملندو رهندو آهي.
سوال: حضرت عمر رضه ۽ حضرت حمزه رضه اسلام ڪڏهن قبول ڪيو؟
جواب: سال ٦ نبوي.
سوال: يوم صديق ڪڏهن ملهايو ويندو آهي؟
جواب: ٢٢ جمادي الثاني.
سوال: جتي بدر جي جنگ لڳي، اها جاءِ مڪي ۽ مديني کان ڪيترو پري آهي؟
جواب: مڪي کان ٢٢٠ ميل ۽ مديني کان ٨٠ ميل.
سوال: خاتونِ جنت جي والده ماجده جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حضرت خديجه رضه.
سوال: "جنت الفردوس" ڇا آهي؟
جواب: اهو بهشت جو تمام مٿانهون درجو آهي.
سوال: "جنت الفردوس" کي گهڻا دروازا آهن؟
جواب: اٺ دروازا.
سوال: علم فقه جا مسئلا ڪيئن حل ڪيا وڃن ٿا؟
جواب: اهي مسئلا قرآن ۽ سنت جي روشني ۾ حل ڪيا ويندا آهن.

سوال: اڪين ۽ وچين نماز ڪٿي گڏ پڙهندا آهن؟
جواب: منيٰ ۾ مسجد الخفيف ۾.
سوال: تبوڪ وارو واقعو ڪڏهن پيش آيو؟
جواب: ٩ هجري ۾.
سوال: "تحيت" ڇا کي چوندا آهن؟
جواب: "سلام" کي.
سوال: دنيا جي سڀ کان وڏي مسجد ڪٿي آهي؟
جواب: استنبول (ترڪي).
سوال: اهو صحيح آهي ڇا، تہ مسجد صوفيا دنيا جي خوبصورت مسجد آهي؟
جواب: صحيح آهي.
سوال: "ام الخير" ڪنهن کي چوندا آهن؟
جواب: حضرت رابعہ بصريءَ کي.
سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو هڪ خادم سندن خچر هڪليندو هو، ۽ بعد ۾ هو مصر جو حاڪم ٿيو، ان جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حضرت عقبيٰ بن عامر.
سوال: حضرت ابوبڪر رضہ جي زماني ۾ وڏا فتنا وجود ۾ آيا، اهي ٻڌايو؟
جواب: حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي زماني ۾ هيءُ ٻہ وڏا فتنا وجود ۾ آيا: هڪ فتنو ڪوڙي نبي پيدا ٿيڻ جو ۽ ٻيو زڪوات نہ ڏين جو هو.
سوال: حبشہ جي بادشاهہ نجاشيءَ جي دربار ۾ هڪ مسلمان

قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي هئي. تلاوت ڪيل سورة جو ۽ تقرير ڪندڙ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: سورة مريم- حضرت جعفر طيار رضہ.

سوال: حضرت علي عليه السلام پنهنجي گادي جو هنڌ مدينہ مان ڇو بدلايو؟

جواب: ڇو تہ عراق ۾ بدامني هئي.

سوال: بيعت عقبيٰ اوليٰ ۽ بيعت عقبيٰ ثانيہ مان ڇا مراد آهي؟

جواب: سن ١١ نبوي ۾ انصار جي ٦ ماڻهن ۽ سن ١٢ نبوي ۾ انصار جي ١٢ ماڻهن مڪي ۾ اچي عقبيٰ جي جاءِ تي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي بيعت ڪئي هئي.

سوال: تحويل قبلہ ڪڏهن عمل ۾ آئي؟

جواب: ٢ هجريءَ ۾.

سوال: "الصلواة خير من النوم" نماز فجر جي ٻانگ ۾ انهن ٻن جملن جو اضافو ڪنهن ڪيو؟

جواب: حضرت عمر فاروق رضہ.

سوال: موتہ ۽ حنين جا واقعا ڪڏهن پيش آيا؟

جواب: ٨ هجريءَ ۾.

سوال: نڪاح جي وقت حضرت فاطمه رضہ ۽ حضرت علي عہ جي عمر ڪيتري هئي؟

جواب: بالترتيب ١٥ سال ساڍا ٥ مهينا ۽ ٢١ سال ٥ مهينا.

سوال: سلطان الحديث ڪهڙي اصحابيءَ کي چيو ويندو آهي؟

جواب: حضرت ابوهريره رضہ کي.

سوال: وفات وقت حضرت عائشه صديقه رضه جي عمر ڪيتري هئي؟

جواب: ٦٧ سال.

سوال: حضرت عثمان غني رضه جي خلافت جو وڏو ڪارنامو ٻڌايو؟

جواب: قرآن شريف جمع ڪري موجوده حالت ۾ ترتيب ڏيڻ.

سوال: "مواخات" ڇا کي چوندا آهن؟

جواب: هجرت کان پوءِ مهاجرن ۽ انصارن ۾ ڀائيچارو قائم ڪرڻ کي.

سوال: دمشق جي مشهور مسجد ڪنهن ٺهرائي؟

جواب: خليفي وليد (پهرين).

سوال: "قانون وراثت" ڪڏهن نازل ٿيو؟

جواب: ٣ هجريءَ ۾.

سوال: خليفه وليد بن عبدالملڪ جي زماني ۾ محمد بن قاسم ۽ طارق بن زياد ڪهڙا ملڪ فتح ڪيا؟

جواب: سنڌ ۽ اندلس.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي وفات کان پوءِ حضرت بلال رضه بانگ ڏيڻ بعد بند ڪري ڇڏي. پر ان کان پوءِ هن ٻه دفعا بانگ ڏني هئي. ٻڌايو، ته ڪنهن جي چوڻ تي؟

جواب: حضرت عمر رضہ، حضرت امام حسن عليه السلام ۽
حضرت امام حسين عليه السلام جي چوڻ تي.

سوال: "امين الامت" ڪهڙي اصحابي جو لقب هو؟

جواب: حضرت ابوعبيده.

سوال: حضرت ابراهيم عليه السلام تيشي سان سمورا بت پيچي ڇڏيا، سواءِ ان بت جي، جنهن کي مائهو ٻين بتن جو خدا ڪري مڃيندا هئا. اهو تيشو وڏي بت جي ڳچي ۾ ٽنگي ڇڏيائين، ۽ مائهن کي چيائين، تہ "پنهنجي وڏي بت کان پڇو". ان بت جو نالو ٻڌايو.

جواب: ان بت جو نالو "شمس" هو.

سوال: عمر بن عبدالعزيز ڪهڙي خاندان سان تعلق رکندڙ حاڪم هو؟

جواب: بنو اميہ.

سوال: ٻي صدي هجري جو مجدد ڪير هو؟

جواب: حضرت عمر بن عبدالعزيز.

سوال: طوفان نوح عليه السلام ڪڏهن ۽ ڪٿان شروع ٿيو ۽ ڪيترن ڏينهن ۾ ختم ٿيو؟

جواب: مسجد ڪوفہ جي اڱڻ کان شروع ٿي، ١٥٠ ڏينهن کان پوءِ ختم ٿيو.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ساٿين کي اصحابي چيو وڃي ٿو. ٻڌايو، تہ حضرت عيسيٰ عليه

السلام جي ساٿين کي ڇا چوندا آهن؟

جواب: حواري (ساٿاري).

سوال: حضرت خواجہ معين الدين چشتي جي ولادت ۽ وفات ڪڏهن ٿي؟

جواب: ولادت ٥٣٦هہ ۽ وفات ٦٣٣هہ.

سوال: خواجہ غياث الدين حسن جو خواجہ معين الدين چشتي سان ڪهڙو تعلق هو؟

جواب: پيءُ پٽ جو رشتو هو، خواجہ غياث الدين والد هو.

سوال: حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ان اصحابي جو نالو ٻڌايو، جيڪو سندن مهر (منڊي) پاڻ وٽ رکندو هو؟

جواب: حضرت معيقب.

سوال: ان اصحابي جو نالو ٻڌايو، جنهن جي گهر ۾ مواخات ٿي؟

جواب: حضرت انس بن مالڪ.

سوال: مواخات جي موقعي تي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪنهن کي ڀاءُ بنايو؟

جواب: حضرت علي ڪرم الله وجهه کي.

سوال: خالد بن وليد کان پوءِ اسلامي لشڪر جو ٻيو مشهور سپه سالار ڪير ٿيو؟

جواب: حضرت ابوعبيده.

سوال: حضرت امام حسن عليه السلام جي صورت مبارڪ ڪنهن سان ملندڙ هئي؟

جواب: رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن سان ملندڙ هئي.

سوال: ترڪستان ڪهڙي خاندان جي ڪهڙي خليفي جي زماني ۾ ڪنهن فتح ڪيو؟

جواب: اموي خاندان، خليفو وليد، قتيبہ بن مسلم.

سوال: بدن جي زڪوات ڪيئن ڏجي؟

جواب: روزو بدن جي زڪوات آهي.

سوال: خاندان عثمانيہ جو پهريون خليفو ڪير هو؟

جواب: سلطان سليم ثاني.

سوال: يوم اقصيٰ ڪڏهن ملهايو ويندو آهي؟

جواب: ٢١ آگسٽ تي.

سوال: مسجد اقصيٰ جي موجوده عمارت ڪنهن ٺهرائي؟

جواب: وليد بن مالڪ.

سوال: قيامت جي ڏينهن پهرين ڪنهن جو حساب ٿيندو؟

جواب: حضرت جبرائيل عليه السلام جو.

سوال: حضـور صلي الله عليـه وآله وسلم جن جو هم شـڪل اصحابي ڪير هو؟

جواب: حضرت مصعب بن عمير.

سوال: السفاح خاندان بنو عباس جو بنياد وڌو. ان جي گادي جو هنڌ ڪٿي هو؟

جواب: هاشميہ.

سوال: نهج البلاغہ ڪنهن جي خطبات جو مجموعو آهي؟

جواب: حضرت علي ڪرم الله وجهه جي خطبن جو.

سوال: حضرت علي عليه السلام کي ڪهڙي خاص رتبي سان لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو؟

جواب: ڪرم الله وجهه.

سوال: اهي ٻہ حلال جانور ڪهڙا آهن، جن کي تڪبير ڪرڻ کان سواءِ کائبو آهي؟

جواب: مڇي ۽ ٻلو.

سوال: زيد بن حارث، ابورافع اسلم، شقران، صالح بن عدي، حسنين رباح نوبي ۾ سند ۾ هڪجهڙي ڳالهہ ڪهڙي آهي؟

جواب: سڀئي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جا آزاد ڪيل غلام آهن.

سوال: آزاد ڪيل غلامن کي ڇا چيو ويندو هو؟

جواب: موالي.

سوال: حضرت بو علي شاهہ قلندر رح ڪڏهن ۽ ڪٿي وفات ڪئي؟

جواب: ٩ رمضان ٧٢٤هہ ۾ بوڊ ڪيڙه.

سوال: ان اصحابي جو نالو ٻڌايو، جيڪو مڪي شريف جي ڪافرن طرفان سفير ٿي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي خدمت ۾ آيو ۽ سندن منهن مبارڪ ڏسي، اسلام قبول ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو، پر سفير جي حيثيت ۾ هن کي واپس موڪليو ويو ۽ هن وري موٽي

احي اسلام قبول ڪيو؟

جواب: حضرت ابو رافع.

سوال: شبِ برات ۽ شبِ معراج ڪڏهن ٿينديون آهن؟

جواب: شبِ برات ١٥ شعبان تي ۽ شبِ معراج ٢٧ رجب تي ٿيندي آهي.

سوال: چنبن وارا جانور، گڏهه ۽ ٻيا ڪهڙي سال حرام ٿيا؟

جواب: ٧ هجري کان.

سوال: حضرت عمر رضہ، حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ڏانهن (نعوذ بالله) قتل جي ارادي سان ويو پئي، تہ رستي تي هڪ حال محرم چيس تہ، پنهنجي گهر تہ خبر وٺ، اهو حال محرم ڪير هو؟

جواب: حضرت نعيم بن عبدالله.

سوال: ذڪر معراج ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

جواب: ٻن سيپارن ۾ آهي: ١٥ سورة سبحان الذي ۽ ٢٧ سورة والنجم ۾.

سوال: شاهہ ولي الله ڪٿي پيدا ٿيو؟

جواب: دهليءَ ۾.

سوال: حضرت اويس قرني جو پيشو ڇا هو؟

جواب: سازبان.

سوال: حضرت امام شافعي ڪٿي پيدا ٿيو ۽ ڪٿي وفات ڪيائين؟

جواب: ولادت: غزوه ١٥٠هہ، وفات، مصر ٢٠٤هہ.

سوال: حضرت بو علي شاهہ قلندر رحہ ڪڏهن پيدا ٿيو،

سندس والد جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ٦٠٢ هه. فخرالدين.

سوال: شام جي لڙاين ۾ ڪهڙي عورت بهادري سان وڙهي؟

جواب: فاطمه بنت عبدالله.

سوال: سال ١٥٠ هه ۾ اسلام جي مکيه امام رحلت ڪئي، ان ئي ڏينهن هڪ امام پيدا ٿيو، انهن جا نالا ٻڌايو؟

جواب: وفات امام ابو حنيفه رحه ۽ ولادت امام شافعي رحه.

سوال: هجري سال ڪهڙي خليفي شروع ڪيو؟

جواب: حضرت عمر فاروق رضه.

سوال: طريقت ۾ چشتي سلسلي جو باني ڪير هو؟

جواب: حضرت خواجه معين الدين چشتي.

سوال: يورپ ۾ اسلامي سلطنت جو باني ڪير هو؟

جواب: عبدالرحمان (پهريون).

سوال: مسجد قرطبه ڪٿي آهي؟

جواب: هسپانيه (اسپين) جي ويجهو قرطبه ۾.

سوال: حضرت امام حسين عليه السلام جو لقب ٻڌايو؟

جواب: حضرت شبير عليه السلام.

سوال: ان قلعي جو نالو ٻڌايو، جيڪو مسلمانن غزوه خيبر ۾ فتح ڪيو؟

جواب: قلعو قموص.

سوال: حضرت امام جعفر صادق عليه السلام مشهور عالم هئڻ کان سواءِ ٻي ڪهڙي حيثيت سان مشهور آهي؟

جواب: ماهر ڪيميادان.

سوال: ان غلام جو نالو ٻڌايو، جنهن کي حضرت خديجه رضه. حضور صلي الله عليه وآله وسلم سان گڏ شام ملڪ موڪليو هو؟

جواب: ميسره.

سوال: مسجد الحسين ڪٿي ۽ ڇو مشهور آهي؟

جواب: قاهره (مصر) ۾- روايت مطابق اتي حضرت امام حسين عليه السلام جو سر مبارڪ دفن آهي.

سوال: صلاح الدين ايوبي ڪهڙي قبيلي مان هو؟

جواب: ايوب قبيلو.

سوال: غارِ حرا ڪهڙي جبل ۾ آهي؟

جواب: جبلِ نور ۾.

سوال: حضرت عمر بن عبدالعزيز جي خلافت جو دورو ڪيترو هو؟

جواب: ٢ سال ٢ مهينا.

سوال: هجرت وقت حضور صلي الله عليه وآله وسلم جو پيڇو ڪندڙ سرقه بن جعشم جي گهوڙي سان ڪهڙو حشر ٿيو؟

جواب: گهوڙي جون ٽنگون زمين ۾ هليون ويون.

سوال: حضرت ابوبڪر صديق رضه. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کان عمر ۾ ڪيترو ننڍو هو؟

جواب: ٢ سال.

سوال: شاهہ ولي الله جا ٣ پٽ پنهنجي وقت جا وڏا عالم دين ٿي گذريا آهن، انهن جا نالا ٻڌايو؟

جواب: شاهہ عبدالعزيز، شاهہ رفيع الدين ۽ شاهہ عبدالقادر.

سوال: امهات المومنين مان، سڀ کان گهڻو وقت، حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن سان ڪير رهيو؟

جواب: حضرت خديجہ رضہ ۽ حضرت زينب رضہ.

سوال: مسلمانن جي مذهبي ٻولي ڪهڙي آهي؟

جواب: عربي.

سوال: حضرت ام هاني، حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڇا ٿئي؟

جواب: سؤٽ.

سوال: سڀني کان گهڻيون حديثون ڪهڙي اصحابيءَ کان مروي آهن؟

جواب: حضرت ابو هريره رضہ.

سوال: ڪهڙي بادشاهہ، حضرت عيسيٰ عليه السلام کي قيد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو؟

جواب: هيرون.

سوال: فاتح مصر ڪير آهي؟

جواب: حضرت عمرو بن العاص.

سوال: مشهور مسلمان فاتح طارق بن زياد ڪهڙي قبيلي مان هو؟

جواب: اتر آفريقا جا مشهور قبيلو بربر.

سوال: ملائڪ مقربين ڪير آهن؟
جواب: حضرت جبرائيل عليه السلام، حضرت ميڪائيل عليه السلام، حضرت اسرافيل عليه السلام، حضرت عزرائيل عليه السلام.
سوال: مولانا اسماعيل شهيد سان شاهه ولي الله جي ڪهڙي مائٽي هئي؟
جواب: پاڻ شاهه ولي الله جو پوٽو هو.
سوال: مولانا جلال الدين روميءَ جو مقبرو ڪٿي آهي؟
جواب: قونيه (ترڪي) ۾.
سوال: مولانا احمد شهيد جو مشهور خليفو ڪير هو؟
جواب: مولانا اسماعيل شهيد.
سوال: محمدبن قاسم ڪٿي پيدا ٿيو؟
جواب: طائف ۾.
سوال: مراطبي حڪومت جو باني ڪير هو؟
جواب: يوسف بن تاشقين.
سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪهڙي سپهه سالار کي اهل روم جي سرڪوبيءَ لاءِ موڪليو؟
جواب: حضرت اسامه بن زيد.
سوال: ڪهڙو خليفو بيت المال مان ڪجهه نه وٺندو هو؟
جواب: حضرت عثمان غني رضه.
سوال: داتا گنج بخش ڪنهن جو مريد هو؟
جواب: شيخ ابوالفضل.
سوال: حضرت ابراهيم ادهم نالي مشهور بزرگ جي مزار ڪٿي

آهي؟

جواب: ترڪيءَ ۾.

سوال: پيلا طوس ڪير هو، ۽ ڇو مشهور آهي؟

جواب: روم جو حڪمران هو ۽ هن حضرت عيسيٰ عليه السلام کي مصلوب ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

سوال: فلسفہ اسلام ۽ تصوف جو وڏو مفسر ڪير ٿي گذريو آهي؟

جواب: مولانا جلال الدين رومي.

سوال: شبِ معراج وقت مسجدِ اقصيٰ ۾ بانگ ڪنهن ڏني؟

جواب: حضرت جبرائيل عليه السلام.

سوال: فتح قسطنطنيہ کان پوءِ اسلامي تاريخ جو ڪهڙو وڏو واقعو ٿيو؟

جواب: پاڪستان قائم ٿيو.

سوال: غزوه عسرت ڪهڙو غزوه آهي؟

جواب: تبوڪ.

سوال: ان اصحابي جو نالو ٻڌايو، جنهن تراويح نماز جي شروعات ڪئي؟

جوابل: حضرت عمر فاروق رضہ.

سوال: فلسفي ۽ منطق مان، "حقائق دين" ڪنهن ثابت ڪيا؟

جواب: امام فخرالدين رازي.

سوال: حضرت رابعہ بصريءَ ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: ٨٥ هجريءَ ۾.

سوال: مسلمانن جا ڏهہ وڏا جرنيل ٻڌايو؟

جواب: اهي هيءَ آهن: ١- حضرت علي عہ، ٢- سعد بن ابي وقاص، ٣- ابوعبيده بن جراح، ۴- خالد بن وليد، ۵- قطيبہ بن مسلم، ٦- موسيٰ بن نصير، ٧- طارق بن زياد، ٨- صلاح الدين ايوبي، ٩- معاذالدين ايوبي، ١٠- محمد بن قاسم.

سوال: مولانا عبدالحامد بدايوني ڪير هو ۽ ڪٿي دفن آهي؟

جواب: هو عالم دين ۽ تحريڪ خلافت جو سرگرم رڪن هو. ۽ ڪراچي ۾ دفن ٿيل آهي.

سوال: اهي ڪهڙيون ٻانگون آهن، جن جي پويان ڪابہ نماز ناهي؟

جواب: ٻار جي ڪن ۾ ٻانگ ۽ خطري وقت ٻانگ.

سوال: اهي ڪهڙيون نمازون آهن، جن کان اڳي ڪابہ ٻانگ ناهي؟

جواب: عيدالفطر، عيدالاضحيٰ، جنازه، استسقا وغيره.

سوال: هڪ وڏو عالم دين، پيدائش ١٦۴هہ بغداد، وڏو محدث، انتقال ٢۴١هہ، روايت موجب جنازي نماز ۾ اٺ لک مرد ۽ سٺ هزار عورتون شامل، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: امام احمد بن حنبل.

سوال: اسلام جو بهادر جرنيل، جنهن سموري حياتي جنگين ۾ گذاري، پر شهادت نصيب نہ ٿي، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حضرت خالد بن وليد.

سوال: حديث قدسي ڪهڙي آهي؟
جواب: جن ۾ پاڻ سڳورن هن طرح فرمايو، تہ "الله فرمائي ٿو....."
سوال: ان اصحابيءَ جو نالو ٻڌايو، جنهن جي رحلت وقت سندس والد حيات هو؟
جواب: حضرت ابوبڪر صديق رضہ.
سوال: ان غزوه جو نالو ٻڌايو، جنهن لاءِ حضرت عثمان غني رضہ پنهنجو اڌ سامان ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضہ سمورو سامان ڏنو؟
جواب: غزوه تبوڪ.
سوال: ابولهب جي زال ڪيئن مئي هئي؟
جواب: ابولهب جي زال جو موت رسيءَ ذريعي ٿيو.
سوال: اٺن جو انگ ڪهڙي عباسي خليفي جي زندگي ۾ اهم آهي؟
جواب: عباسي حاڪم معتصم بالله، پاڻ اٺون نمبر خليفو هو، اٺ سال اٺ مهينا حڪومت ڪيائين، ڪيس اٺ ڏيئون ۽ پٽ هئا.
سوال: حضرت زينب رضہ جا ٻہ صاحبزادا ڪربلا ۾ شهيد ٿيا. نالا ٻڌايو؟
جواب: عون ۽ محمد رضہ.
سوال: حضرت امام حسين عليہ السلام پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيترا پيادل حج ڪيا؟
جواب: ٢٥ حج.

سوال: عشره مبشره ۾ شامل سهري ۽ نائيءَ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حضرت ابوبکر صديق رضہ ۽ حضرت زبير بن العوام.

سوال: حضرت ابوبکر رضہ کي "صديق" جو لقب ڪيئن مليو؟

جواب: سڀ کان پهرين معراج جي حقيقت تسليم ڪيائين.

سوال: سيد جمال الدين افغاني ڪٿي پيدا ٿيو؟

جواب: ڪابل (افغانستان) ۾.

سوال: ابن تيميہ ڪڏهن پيدا ٿيو؟

جواب: ٦٦١ هہ ۾.

سوال: بريلوي فرقي جو باني ڪير هو؟

جواب: مولانا احمد رضا بريلوي.

سوال: شيخ الاڪبر ڪير آهي؟

جواب: ابوبڪر محمد محي الدين ابن عربي.

سوال: سيد ابوالاعليٰ مودودي ڪڏهن پيدا ٿيو؟

جواب: ٢٥ سيپٽمبر ١٩٠٣ع تي.

سوال: حضرت خضر عليه السلام، الله جي حڪم سان هڪ ٻار ماريو، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ميسيور.

سوال: مفسر قرآن مولانا احمد علي ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: ١٩١٠ع ۾.

سوال: ڪسوف ۽ خسوف جون نمازون ڪڏهن پڙهبيون آهن؟

جواب: سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ وقت.

سوال: فتح مڪي ڪان پوءِ مردن ۽ عورتن ڪان ڪنهن بيعت ورتي؟

جواب: حـضـور صلي الله عليـه وآله وسـلم جن مـردن ڪـان ۽ حضرت عمر فاروق رضه عورتن ڪان.

سوال: جوا ڪڏهن حرام ٿي؟

جواب: ٨ هه ڪان.

سوال: ڪهڙي عيسوي سـال ۾ سموري عالم اسلام چوڏهن سؤ ساله جشن قرآن ملهايو؟

جواب: ١٩٧٩ع ۾.

سوال: حضـرت فـاروق رضـه جي زخمي ٿـيڻ ڪـان پوءِ سندس جوڻ تي ڪنهن نماز پڙهائي؟

جواب: حضرت عبدالرحمان بن عوف.

سوال: حبشه جي بادشاهه نجاشيءَ ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: ٩ هه ۾.

سوال: ڪهڙو اصحابي سڳورو صلح حديبيه جا شرط لکڻ وقت مڪي جي قيد مان ڀڄي مديني آيو. مسلمانن کي جوش آيو. پر هن کي واپس ڪيو ويو؟

جواب: حضرت ابوجندل.

سوال: مسجد قرطبه جو بنياد ڪنهن وڌو؟

جواب: محمد ثاني.
سوال: ”حجة الاسلام“ ڪنهن جو لقب آهي؟
جواب: امام غزالي جو.
سوال: اصحابِ ڪهف جي ڪتي جو نالو ٻڌايو؟
جواب: قطمير.
سوال: ڪهڙن اسلامي مهينن ۾ وڙهڻ کان منع آهي؟
جواب: محرم، رجب، ذوالقعد، ذوالحج.
سوال: ڪهڙي ولي الله جا آخري لفظ ”توحيد، توحيد، توحيد“ آهن؟
جواب: شيخ عبدالقادر جيلاني رح.
سوال: لفظ ”محمد“ جي معنيٰ ٻڌايو؟
جواب: ساراهيل.
سوال: اسلام ڇا ٿو سيکاري؟
جواب: اسلام دنيا ۽ آخرت ۾ سڀيئي ڀلايون ۽ نيڪ ڳالهيون سيکاري ٿو.
سوال: مشرڪن جي بخشش ٿيندي يا نه؟
جواب: بخشش نه ٿيندي.
سوال: اسلام جو بنياد ڪهڙين شين تي آهي؟
جواب: اسلام جو بنياد پنجن شين تي آهي: (١) ڪلمه ءِ شهادت، (٢) نماز، (٣) زڪوات، (۴) روزا، ۽ (۵) حج.
سوال: ملائڪن جي تخليق جي باري ۾ اوهان کي ڪهڙي خبر آهي؟

جواب: ملائڪ خدا جي مخلوق آهن، جيڪي نور مان پيدا ڪيل آهن.

سوال: نبي ۽ رسول ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

جواب: رسول، اهڙي پيغمبر کي چئبو آهي، جنهن کي نئين شريعت ۽ نئون ڪتاب ڏنو ويجي. پر نبي هر پيغمبر کي چئبو آهي، ڀلي هن کي نئون ڪتاب ۽ نئين شريعت عطا ڪيل هجي يا نه.

سوال: قيامت ڪڏهن ايندي؟

جواب: قيامت جو ٺيڪ وقت فقط الله تعاليٰ کي معلوم آهي. ايتري خبر آهي، ته اها محرم مهيني جي ١٠ تاريخ هوندي ۽ جمع جو ڏينهن هوندو.

سوال: قيامت جون نشانيون ڪهڙيون آهن؟

جواب: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي چوڻ مطابق، قيامت جون نشانيون هيءُ آهن: گناهن جي گهڻائي، ماءُ پيءُ جي نافرماني، امانت ۾ خيانت، عيش عشرت جي گهڻائي، جاهل ۽ گهٽ درجي وارا ماڻهو اڳواڻ، پيشوا ۽ وڏن درجن جا مالڪ ٿيندا.

سوال: ڇا، مرڻ کان پوءِ انسان وري جيئرا ٿيندا؟

جواب: ها، قيامت جي ڏينهن (يوم حساب) تي.

سوال: "ولي" ڪنهن کي چوندا آهن؟

جواب: ولي ان مسلمان کي چئبو آهي، جيڪو متقي، پرهيزگار، گهڻائيءَ سان بندگي ڪندڙ ۽ رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن سان محبت ڪندڙ هجي، ۽ جيڪو الله تعاليٰ جو مقرب ۽ پيارو ٿي وڃي.

جواب: لفظ "الله" جي ڪهڙي معني آهي؟
جواب: الله ان ذات جو نالو آهي، جيڪا واجب الوجود آهي ۽ سڀني ڪمال جو وصفون ان ۾ موجود آهن.
سوال: واجب الوجود جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟
جواب: واجب الوجود انهيءَ هستي کي چئبو آهي، جنهن جو وجود (موجود هئڻ) واجب، يعني ضرور هجي، ۽ ان جو نه هئڻ محال هجي.
سوال: ڇا، اسلام ۾ جنن کي عبادت ڪرڻ جو حڪم مليل آهي؟
جواب: ها.
سوال: جن ڪير آهن؟
جواب: جن الله تعاليٰ جي مخلوق آهن. اهي باهه مان پيدا ڪيا ويا آهن. انهن جو جسم اهڙو ته نازڪ ۽ نرم آهي. جو اسان کي نظر نٿا اچن.
سوال: گناهه ڪنهن کي چئبو آهي؟
جواب: جنهن ڪم ۾ الله تعاليٰ جي نافرماني ٿيندي هجي. ان کي گناهه چئبو آهي.
سوال: عيد جون نمازون واجب آهن يا سنت؟
جواب: سنت.
سوال: ميت جي نماز واجب آهي يا سنت يا فرض آهي؟
جواب: فرض ڪفايه.
سوال: ڇا، روزي رکڻ لاءِ نيت ضروري آهي؟
جواب: ها.

سوال: اسلامي اصطلاح ۾ "تڪبر" جي معنيٰ ٻڌايو؟
جواب: پاڻ کي ٻين جي ڀيٽ ۾ اعليٰ سمجهڻ ۽ پنهنجي ڀيٽ ۾ ٻين کي حقير سمجهڻ کي اسلام ۾ "تڪبر" چئجي ٿو.
سوال: "حسد" جو اسلامي مفهوم ڪهڙو آهي؟
جواب: اسلام ۾ حسد جو مفهوم هيءُ آهي، تہ ٻئي ڪنهن جي ترقيءَ جو درجو ڏسي رنج ٿيڻ ۽ اها خواهش ۽ آرزو ڪرڻ، تہ اهڙي شخص جي ڪفاليت کي نقصان پهچي.
سوال: حضرت ابوبڪر رضہ ڪهڙي وقت کان ڪيستائين خليفہ رهيو؟
جواب: ٦٣٢ ع کان ٦٣٤ تائين.
سوال: حضرت عمر رضہ جي دور خلافت جو عرصو ٻڌايو؟
جواب: ٦٣٤ ع کان ٦٤٤ ع تائين.
سوال: حضرت عثمان رضہ جي دور حڪومت جو عرصو ٻڌايو؟
جواب: ٦٤٤ ع کان ٦٥٦ ع تائين.
سوال: حضرت علي عہ ڪهڙي سال کان ڪهڙي سال تائين خلافت سنڀالي.
جواب: ٦٥٦ ع کان ٦٦١ ع تائين.
سوال: جنگِ بدر ڪڏهن لڳي؟
جواب: ٦٢٤ ع ۾.
سوال: جنگِ خندق ڪهڙي سال لڳي؟
جواب: ٦٢٥ ع ۾.
سوال: حديبيہ جو عهدنامو ڪڏهن ٿيو؟

جواب: ٦٢٨ ۾.
سوال: جنگِ موتا ڪڏهن لڳي؟
جواب: ٦٢٩ع ۾.
سوال: مڪي کي ڪڏهن فتح ڪيو ويو؟
جواب: ٦٣٠ع ۾.
سوال: جنگِ حنين ڪڏهن وڙهي ويئي؟
جواب: ٦٣٠ع ۾.
سوال: هندن، ٻڌ ڌرم ۽ سکن جا پاڪ ڪتاب ڪهڙا آهن؟
جواب: هندو: ويد، گيتا- پرناس.
ٻڌ ڌرم: ترپيتڪ.
سک: گرو گرنٿ صاحب.
سوال: ڪهڙي پيش امام جي پٺيان اسان جي رسول ڪري
صلي الله عليه وآله وسلم جن نماز پڙهي هئي؟
جواب: حضرتِ ابوبڪر رضہ.
سوال: نمرود ڪهڙي نبيءَ کي باهہ ۾ اڇلايو؟
جواب: حضرت ابراهيم عہ کي.
سوال: ڪربلا جو واقعو ڪهڙي سن عيسويءَ ۾ ٿيو؟
جواب: ٦٨٠ع ۾.
سوال: حضرت ابو هريره رضہ ڪهڙي سن هجريءَ ۾ اسلام
قبول ڪيو؟
جواب: سن ٧ هجريءَ ۾.
سوال: يمن ملڪ جي سر زمين تي سڀ کان پهرين ڪنهن
اسلام قبول ڪيو؟

جواب: حضرت زويب بن ڪليب رضہ.
سوال: حضرت حسان بن ثابت رضہ ڪهڙي سن هجريءَ ۾ وفات ڪئي؟
جواب: سن ۴۰ هجري.
سوال: اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين خالد بن وليد کي ڪهڙي جنگ ۾ شرڪت جو موقعو مليو هو؟
جواب: "جنگ موتا" ۾.
سوال: حضرت ام حڪيم رضہ جو تعلق قريش جي ڪهڙي خاندان سان هو؟
جواب: خاندان مخزوم سان.
سوال: مڪي جي عورتن مان اها ڪهڙي عورت هئي، جنهن حضرت خديجہ رضہ کان پوءِ سڀ کان پهرين اسلام آندو؟
جواب: حضرت ام الفضل رضہ.
سوال: حضرت ام خالد رضہ جو والد هڪ اصحابي هو، ان جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حضرت خالد بن سعيد رضہ.
سوال: حضرت ام ايمن رضہ ڪهڙي سن نبويءَ ۾ ايمان آندو؟
جواب: سن پهرين نبويءَ ۾.
سوال: ٻڌايو، تہ حضرت اسماء بنت ابوبڪر، اسلام مڪي ۾ قبول ڪيو يا مديني ۾.
جواب: مڪي ۾.
سوال: حضرت ابوبڪر صديق رضہ ڪهڙي شيءِ جو واپار ڪندو هو؟

جواب: ڪپڙي جو واپار.

سوال: ٻڌايو، تہ حضرت عمر رضہ جي قاتل ڪي ڪنهن قتل ڪيو هو؟

جواب: هن خودڪشي ڪئي هئي.

سوال: ان مشهور اصحابي جو نالو ٻڌايو، جيڪو بدر جي جنگ ۾ شريڪ نہ هو، پر ڪيس غنيمت جي مال مان حصو مليو هو؟

جواب: حضرت عثمان رضہ.

سوال: جڏهن حضرت عمر رضہ ايمان آندو، تہ ان وقت تائين مسلمانن جو تعداد ڪيترو ٿي چڪو هو؟

جواب: ٣٩ مرد.

سوال: ابوعبدالله ۽ ابوعمرو ڪهڙي خليفي جي ڪنيت هئي؟

جواب: حضرت عثمان رضہ جي.

سوال: حضرت ابوبڪر رضہ جي زماني ۾ سڀ کان وڏو قاضي، يعني چيف جسٽس ڪير هو؟

جواب: حضرت علي ڪرم الله وجهه.

سوال: حضرت عمر رضہ جو قاتل ابو لولو فيروز ڪهڙي اصحابيءَ جو غلام هو؟

جواب: مغيره بن شعبہ.

سوال: قادسيہ واري جنگ ۾ حضرت عمر رضہ ڪنهن جي اڳواڻيءَ ۾ ٢٠ هزار فوج رواني ڪئي هئي؟

جواب: حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ.

سوال: حضرت عمر رضہ سڄي اسلامي سلطنت کي ڪيترن صوبن ۾ ورهايو؟

Soorih Mirani

جواب: ڏهن صوبن ۾.
سوال: حضرت عثمان رضہ ڪنهن جي ترغيب سان اسلام قبول ڪيو هو؟
جواب: حضرت ابوبڪر رضہ جي ترغيب سان.
سوال: ”ابوالحسن“ ڪنهن جي ڪنيت هئي؟
جواب: حضرت علي ڪرم الله وجهه جي.
سوال: حضرت علي ڪرم الله رجهه جا لقب ڇا هئا؟
جواب: حيدرِ ڪرارءِ اسدالله
سوال: خيبر جو قلعو، جنهن کي حضرت علي عليه السلام فتح ڪيو هو، سو ڪهڙي ملڪ ۾ آهي؟
جواب: سعودي عرب (مدينہ منوره) ۾.
سوال: حضرت علي ع جو روزو مبارڪ ڪهڙي هنڌ تي آهي؟
جواب: عراق ۾ نجف اشرف واري هنڌ تي.
سوال: حضرت علي ع ڪٿي پيدا ٿيو؟
جواب: خانہءِ ڪعبہ ۾.
سوال: حضرت علي ع ڪنهن کي پنهنجو دين جو ڀاءُ بڻايو هو؟
جواب: حضرت ابوذر غفاري رضہ کي.
سوال: ٻڌايو، تہ ڪهڙي جنگ ۾ حضرت علي ع کي ذوالفقار عطا ٿي؟
جواب: احد واري جنگ ۾.
سوال: ”ڪافر“ ڪنهن کي چيو ويجي ٿو؟
جواب: ڪافر اهو شخص آهي، جيڪو اسلام جي بنيادي ارڪان تي ايمان نٿو رکيءِ نہ وري حضور صلي الله

عليه واله وسلم جن کي آخري نبي مڃي ٿو

سوال: سڪن تي سڀ کان پهرين ڪهڙي اموي خليفي قراني آيتون رائج ڪيون؟

جواب: عبدالملڪ بن مروان.

سوال: حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪان ڪهڙيون آيتون ٻڌڻ کان پوءِ حضرت حمزه رضہ اسلام قبول ڪيو هو؟

جواب: "سورة المومنون" ۽ "سورة طه" ٻڌڻ کان پوءِ.

سوال: توريت ۾ مڪہ مڪرم کي ڪهڙو نالو ڏنو ويو آهي؟

جواب: فاران.

سوال: توريت ۾ مديني منوره جا ڪيترا نالا ڏنل آهن؟

جواب: چاليهہ.

سوال: ٻڌايو، تہ ڪل ڪيترا صحيفا نازل ڪيا ويا؟

جواب: ڪل تعداد معلوم ناهي، پر ڪن روايتن مطابق انهن جو تعداد هڪ سؤ آهي ۽ اهي سڀ ماه رمضان المبارڪ ۾ نازل ٿيا.

سوال: حضرت آدم عليه السلام تي ڏهہ صحيفا لٿا. ٻڌايو، تہ ٻئي ڪهڙي نبيءَ تي ڏهہ صحيفا لٿا؟

جواب: حضرت ابراهيم عليه السلام تي.

سوال: ٻڌايو، تہ سڀ کان وڌيڪ صحيفا ڪهڙي نبيءَ تي لاٿا ويا؟

جواب: حضرت شيث عليه السلام تي (پنجاهہ عدد).

سوال: حضرت ادريس عليه السلام تي ڪيترا صحيفا لٿا؟
جواب: ٽيهہ (٣٠).
سوال: توريت ڪهڙي ٻوليءَ ۾ نازل ٿيو؟
جواب: عبراني ٻوليءَ ۾.
سوال: ٻڌايو تہ زبور ڪهڙي ٻوليءَ ۾ آهي؟
جواب: سرياني ٻوليءَ ۾.
سوال: حضرت عائشہ صديقہ رضہ ڪهڙن خليفن جي زماني ۾ فتويٰ جاري ڪندي هئي؟
جواب: حضرت ابوبڪر صديق رضہ. حضرت عمر فاروق رضہ ۽ حضرت عثمان غني رضہ.
سوال: حضرت عائشہ رضہ ڪان ٢٢١٠ حديثون روايت ڪيل آهن. ٻڌايو، تہ ڪيترين حديثن تي امام بخاري رح ۽ امام مسلم رح اتفاق ڪيو آهي؟
جواب: ١٧٤ حديثن تي.
سوال: حضرت عائشہ رضہ کي ڪهڙن علمن تي دسترس هئي؟
جواب: تاريخ، ادب، خطابت ۽ شاعري.
سوال: حضرت فاطمه رضہ جي ٻانهيءَ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: فضہ.
سوال: ميلاد جي مجلسن جو رواج ڪنهن شروع ڪيو ۽ ڪڏهن؟
جواب: عمر بن محمد موصلي- ڇوٿين صدي عيسويءَ ۾.
سوال: ابليس جو نالو ڇا هو؟
جواب: عزازيل.
سوال: ڄ منيءَ ۾ ماڻهو ڪهڙي رخ تي نماز ادا ڪن ٿا؟
جواب: ڏکڻ-اوڀر طرف.

(2) پاڪستان

سوال: هندستان ۾ مڪمل آزاديءَ جو نعرو سڀ کان پهرين ڪنهن هنيو؟

جواب: مولانا حسرت موهاني.

سوال: جنگِ آزادي جي شروعات ڪڏهن ٿي؟

جواب: ١٩٥٧ع ۾.

سوال: مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه ڪڏهن قائم ٿي ۽ ڪنهن قائم ڪئي؟

جواب: ١٩٢٠ع ۾، سر سيد احمد خان.

سوال: تحريڪ پاڪستان جي سلسلي ۾ "محمڊن ائسوسيئيشن" جو قائم ڪندڙ ڪير هو؟ اها جماعت ڪٿي قائم ڪئي ويئي؟

جواب: جسٽس سر امير علي- انگلنڊ ۾.

سوال: آل انڊيا مسلم ليگ جو بنياد ڪٿي ۽ ڪڏهن رکيو ويو؟

جواب: ٣٠ ڊسمبر ١٩٠٦ع، ڍاڪا ۾.

سوال: قائد اعظم محمد علي جناح ڪڏهن، پهريون دفعي مسلم ليگ جي سالياني اجلاس ۾ شرڪت ڪئي؟

جواب: ١٩١٢ع ۾، (ڪلڪتي) ۾.

سوال: ڪانگريس جو بنياد ڪنهن ۽ ڪڏهن رکيو؟

جواب: ١٨٨٥ع ۾ مسٽر اي-او-هيوم (انگريز هو).

سوال: ڪانگريس جو پهريون صدر ڪير هو؟

جواب: ڊبليو- سي- بينرجي.

سوال: سيني کان پهرين ٻن قومن جو نظريو ڪنهن پيش ڪيو؟

جواب: سر سيد احمد خان.

سوال: بنگال جي ورهاڱي جو واقعو ڪڏهن پيش آيو؟

جواب: ١٩٠٥ع ۾.

سوال: تقسيم بنگال ڪڏهن ختم ڪئي ويئي؟

جواب: ١٩١١ع ۾.

سوال: مسلم ليگ جو پهريون اجلاس ڪڏهن ۽ ڪٿي منعقد ٿيو؟

جواب: ڊسمبر ١٩٠٧ع ۾، ڪراچي ۾.

سوال: انگلنڊ ۾ پاڪستان نيشنل موومينٽ (Pakistan National Movement) نالي واري جماعتي تحريڪ ڪنهن قائم ڪئي؟

جواب: چوڌري رحمت علي.

سوال: ڪانگريس ڪهڙي معاهدي هيٺ مسلمانن جي ڌار چونڊن جي حق کي تسليم ڪيو؟

جواب: لکنو پيڪٽ هيٺ.

سوال: لکنو عهدنامو ڪڏهن ڪيو ويو؟

جواب: ١٩١٦ع ۾.

سوال: جليانوالہ باغ (امرتسر) جو خوني واقعو ڪڏهن پيش آيو، جنهن ۾ ٢٧٩ ماڻهو مري ويا. اهو قتلِ عام ڪنهن ڪرايو؟

جواب: ١٣ اپريل ١٩١٩ع تي، جنرل ڊائر.
سوال: هندو مذهب کي پکيڙڻ لاءِ "آريہ سماج تحريڪ" جو آغاز ڪنهن ڪيو ۽ ڪڏهن؟
جواب: ١٨٧٧ع ۾، سوامي ديانند سراموتي.
سوال: قائد اعظم ڪهڙي ڏينهن پيدا ٿيو؟
جواب: سومر جي ڏينهن.
سوال: ڪانگريس جي پهرين انگريز صدر جو نالو ٻڌايو؟
جواب: مسٽر جارج بيل- ١٨٨٨ع ۾.
سوال: آل انڊيا مسلم ليگ جي پهرين صدر جو نالو ٻڌايو؟
جواب: مسٽر آغا خان ١٩٠٦ع کان ١٩١٢ع تائين.
سوال: ڪانگريس جي پهرين مسلمان صدر جو نالو ٻڌايو؟
جواب: بدرالدين طيب ١٨٨٧ع.
سوال: "پاڪستان" جو تصور پهرين ڪنهن، ڪڏهن ۽ ڪٿي پيش ڪيو؟
جواب: ڊسمبر ١٩٣٠ع، علامہ اقبال، الہ آباد ۾.
سوال: "قراردادِ پاڪستان" ڪڏهن ۽ ڪٿي منظور ڪئي ويئي؟
جواب: ٢٣ مارچ ١٩۴٠ع تي، لاهور ۾.
سوال: "قراردادِ پاڪستان" جو پهريون نالو ڪهڙو هو؟
جواب: "قراردادِ لاهور" ١٩۴٠ع.
سوال: قائداعظم محمد علي جناح کي سڀني کان پهرين "قائداعظم جو لقب ڪنهن ڏنو؟
جواب: مولانا مظهر الدين.

سوال: مسلم ليگ جي صدارت ڪنهن ڪئي؟
جواب: سرآدم جي پيرڀائي.
سوال: قائداعظم مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿيڻ جو اعلان ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪيو؟ ۽ ڪڏهن ان جو صدر ٿيو؟
جواب: ١٩١٣ع ۾، لنڊن ۾ ۽ ١٩٣٦ع ۾ صدر ٿيو.
سوال: قائداعظم ڪراچيءَ ۾ ڪهڙين درسگاهن ۾ تعليم حاصل ڪئي؟
جواب: سنڌ مدرسة الاسلام ۽ چرچ مشن اسڪول.
سوال: لفظ "پاڪستان" ڪنهن تخليق ڪيو؟
جواب: چوڌري رحمت علي.
سوال: قائداعظم پنهنجا "چوڏهن نڪتا" ڪٿي ۽ ڪڏهن پيش ڪيا؟
جواب: مارچ ١٩٢٩ع-دهليءَ ۾.
سوال: هندستان ۾ عورتن کي ووٽ ڏيڻ جو حق ڪڏهن ڏنو ويو؟
جواب: ١٩٢٩ع ۾.
سوال: نهرو رپورٽ ڪڏهن شايع ٿي؟
جواب: ٢٨ آگسٽ ١٩٢٨ع.
سوال: نهرو رپورٽ مسلمانن جو ڪهڙو ڏنل حق کسڻ جي ڪوشش ڪئي؟
جواب. ڌار چونڊ جو حق.
سوال: اها ڪهڙي مسلم عورت هئي، جيڪا انگلنڊ ۾ ٿيل ٽيهي گول ميز ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿي؟

جواب: بيگم جهان آرا شاهنواز.

سوال: قائداعظم کي ”باباءِ قوم“ جو خطاب ڪنهن ڏنو؟

جواب: قاضي محمد اڪبر.

سوال: ”يوم الفرقان“ پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪهڙي ڏينهن کي چيو ويجي ٿو؟

جواب: ٢٣ مارچ ١٩٤٠ع کي، جڏهن قرارداد، پاڪستان جي منظوري ڏني ويئي.

سوال: سر آغا خان ڪٿي دفن ٿيل آهي؟

جواب: اسوان (مصر) ۾.

سوال: محمد علي جناح (قائداعظم) ڪٿي دفن ٿيل آهي؟

جواب: ڪراچي ۾.

سوال: مولانا محمد علي جوهر جو ڪٿي ۽ ڪڏهن انتقال ٿيو، ۽ ڪٿي دفن ٿيل آهي؟

جواب: انتقال ٤ جنوري ١٩٣١ع- لنڊن ۾ ۽ دفن يروشلم ۾.

سوال: سر آغا خان جو اصل نالو ڪهڙو آهي؟

جواب: سلطان محمد شاهه.

سوال: آل انڊيا مسلم ليگ جو نالو ڪنهن تجويز ڪيو؟

جواب: سر محمد شفيع.

سوال: ٣٧-١٩٣٦ع ۾ صوبائي اسيمبلين جي چونڊن ۾ ڪانگريس ڪيتريون جايون حاصل ڪيون؟

جواب: ٧١٤.

سوال: ٻڌايو، ته ٣٧-١٩٣٦ع جي چونڊن ۾ مسلم ليگ ٤٨٤ مسلمانن جي جاين مان ڪيتريون جايون حاصل

ڪيون؟

جواب: فقط ١٥٨.

سوال: ٻڌايو، ته لاهور ۾ موجوده اقبال پارڪ جو اڳوڻو نالو ڪهڙو هو؟

جواب: منٽو پارڪ.

سوال: منٽو پارڪ جو نالو اڄ تائين ڇو مشهور آهي؟

جواب: اتي مشهور "لاهور واري قرارداد" يعني "قرارداد- پاڪستان" ٢٣ مارچ ١٩٤٠ع تي منظور ڪئي ويئي.

سوال: قراردادِ پاڪستان ڪهڙي ڏينهن تي منظور ڪئي ويئي؟

جواب: ڇنڇر ڏينهن.

سوال: انهيءَ مذڪوره اجلاس ۾ ساليانى رپورٽ ڪنهن پيش ڪئي؟

جواب: لياقت علي خان.

سوال: انهيءَ اجلاس ۾ قراردادِ پاڪستان ڪي ڪنهن انگريزي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو؟

جواب: مولوي فضل الحق.

سوال: مولوي فضل الحق کي ڪهڙي لقب سان ياد ڪيو ويجي ٿو؟

جواب: شيرِ بنگال.

سوال: برطانيه جي راءِ، هندستان جو انتظام ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان وٺي برطانوي حڪومت جي حوالي ڪڏهن ڪيو؟

جواب: پهرين نومبر ١٨٥٨ع.

سوال: آل انڊيا مسلم ليگ جو دستور ڪنهن لکيو؟
جواب: مولانا محمد علي جوهر.
سوال: جنگِ آزادي جي فوج سڀني کان پهرين ڪهڙي شهر تي قبضو ڪيو؟
جواب: دهليءَ تي.
سوال: پاڪستان جي نالي تي ٿيندڙ ڪنهن ۾ مسلمانن پهرين چونڊ ۾ ڪڏهن حصو ورتو؟
جواب: ١٩٤٦ع ۾.
سوال: ١٩٤٦ع جي چونڊن ۾ مسلم ليگ کي مرڪز ۾ ڪيتريون جايون حاصل ٿيون؟
جواب: مسلم ليگ، مسلمانن جي لاءِ مقرر ڪيل ٣٠ جاين مان ٣٠ تي ڪاميابي حاصل ڪئي.
سوال: هندستان جي دستوري تاريخ ۾ پهريون قانون ڪهڙو پاس ڪيو ويو ۽ ڪڏهن؟
جواب: انڊين ڪائونسلز ايڪٽ، ١٨٦١ع ۾.
سوال: فيبروري ١٩٤٦ع وارين چونڊن ۾ صوبائي اسيمبلين جي ٤٩٥ مسلم سيٽن مان مسلم ليگ ڪيتريون سيٽون حاصل ڪيون؟
جواب: ٤٤٠ سيٽون.
سوال: لارڊ ويول، هندستان جو وائسراءِ ڪڏهن مقرر ڪيو ويو؟
جواب: ١٩٤٤ع ۾.
سوال: انڊين نيشنل ڪانگريس جي پهرين خاتون صدر ڪير

تي هئي؟

جواب: مسز سروجني نائڊو.

سوال: لارڊ ويول عبوري حڪومت جي سلسلي ۾ ڪڏهن بيان جاري ڪيو؟

جواب: ١٦ جون ١٩٤٦ع تي.

سوال: عبوري حڪومت ١٩٤٦ع لاءِ مسلم ليگ، ڪيترا نمائندا مقرر ڪيا؟

جواب: ٥ نمائندا.

سوال: ٻڌايو، ته هندستان جي ورهاڱي جي منصوبي جو ڪڏهن اعلان ڪيو ويو؟

جواب: ٣ جون ١٩٤٧ع تي.

سوال: ٻڌايو، ته برطانوي حڪومت، هندستان جي آزاديءَ جو قانون ڪڏهن پاس ڪيو؟

جواب: ١٨ جولاءِ ١٩٤٧ع.

سوال: ڪانگريس، هندستان جو گورنر جنرل ڪنهن کي چونڊيو؟

جواب: لارڊ مائونٽ بيٽن کي.

سوال: مسلم ليگ، ڪنهن کي پنهنجو گورنر جنرل چونڊيو؟

جواب: قائداعظم محمد علي جناح کي.

سوال: ٻڌايو، ته پن ٻنهي ملڪن جي سرحدن مقرر ڪرڻ لاءِ ڪنهن جي قيادت ۾ هڪ ڪميشن مقرر ڪئي وئي؟

جواب: سر ريڊڪلف.

سوال: سر ريڊڪلف پنهنجي جانبداري ڪهڙيءَ طرح ظاهر

ڪئي؟

جواب: هن اهي علائقا هندستان سان ملايا، جيڪي پاڪستان کي ملڻا هئا، ۽ جن ۾ مسلمانن جي اڪثريت هئي.

سوال: قائداعظم محمد علي جناح، گورنر جنرل جي حيثيت سان ڪڏهن پاڪستان پهتو؟

جواب: ۷ آگسٽ ۱۹۴۷ع.

سوال: قائداعظم کي ڪهڙي تاريخ تي پاڪستان جي گورنر جنرل جا اختيار . لارڊ مائونٽ بيٽن کان مليا؟

جواب: ۱۳ آگسٽ ۱۹۴۷ع.

سوال: پاڪستان، دنيا جي سڀ کان وڏي اسلامي حڪومت جي حيثيت سان، ڪڏهن دنيا جي نقشي تي نمودار ٿيو؟

جواب: ۱۴ آگسٽ ۱۹۴۷ع تي.

سوال: ڪانگريس ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جو فائدو وٺڻ لاءِ ڪهڙي تحريڪ هلائي؟

جواب: ”هندستان ڇڏي وڃو (Quit India) تحريڪ.“

سوال: ڇا، آل انڊيا مسلم ليگ ”هندستان ڇڏي وڃو (Quit India) تحريڪ“ ۾ حصو ورتو؟

جواب: نہ.

سوال: ”هندستان ڇڏي وڃو تحريڪ“ ۾ مسلم ليگ ڇو نہ حصو ورتو؟

جواب: ڇو تہ هندن (ڪانگريس) انهيءَ تحريڪ دوران تشدد جو حربو اختيار ڪيو هو.

سوال: "هندستان مان نڪري وڃو" (Quit India) تحريڪ دوران مسلم ليگ مسلمانن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ ڪهڙو قدم کنيو؟

جواب: مسلم ليگ، مسلم اڪثريت جي صوبن ۾ وزارتون قائم ڪيون.

سوال: ڪانگريس جي ڪهڙي ليڊر "هندستان ڇڏي وڃو تحريڪ" جي ناڪاميابيءَ کان پوءِ قبول ڪيو، ته مسلم ليگ جي تعاون کان سواءِ ڪابه ڪارروائي اثرائتي ثابت نه ٿيندي؟

جواب: مهاتما گانڌي، ۱۹۴۴ع ۾، جيل مان آزاديءَ کان پوءِ.

سوال: ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ برٽش حڪومت ڪنهن کي هند پاڪ جي مسئلي حل ڪرڻ لاءِ موڪليو؟

جواب: لارڊ ويول کي.

سوال: ۱۹۳٦ع-۱۹۳۷ع وارين چونڊن ۾ آل انڊيا ڪانگريس اڪثريت سان چونڊجي آئي ۽ هن ستن صوبن ۽ مرڪز ۾ وزارتون قائم ڪيون، پر پوءِ استعيفائون ڏنيون، ڪڏهن ۽ ڇو؟

جواب: ۳۱ آڪٽوبر ۱۹۳۹ع تي، ڇو ته هندستان جي وائسراءِ حڪومت جي نئين پاليسيءَ جو اعلان ۱۱ آڪٽوبر تي ڪيو.

سوال: ۳۱ آڪٽوبر ۱۹۳۹ع تي ڪانگريس جي وزارتن استعيفائون ڏنيون، تڏهن مسلم ليگ ڪهڙو اظهار

ڪيو؟

جواب: هن ”يومِ نجات“ يعني ”ڇوٽڪـــاري جو ڏينهن“ ملهايو.

سوال: انگريز، مسلمانن کي ڇو دشمن سمجهندا هئا؟

جواب: ڇو تہ انگريزن، مسلمانن کان حڪومت کسي هئي.

سوال: پاڪستان ۾ ڪهڙن نسلن جا ماڻهو آباد آهن؟

جواب: مختلف نسلن جا.

سوال: پاڪستان ۾ آباد ماڻهن جو گهڻو تعداد ڪهڙي نسل سان تعلق رکي ٿو؟

جواب: آريا نسل سان.

سوال: ڇا، پاڪستان ۾ رهندڙ ڪن ماڻهن جو سامي ۽ عربي نسل سان بہ تعلق آهي؟

جواب: ها.

سوال: ٻڌايو، تہ گلگت ۽ بلتستان ۾ رهندڙ ماڻهن جو مهانڊو ڪهڙي نسل سان ٺهڪي اچي ٿو؟

جواب: منگول ۽ دراوڙ نسل سان.

سوال: پاڪستان جي اتر وارن علائقن ۾ اسلام ڪهڙي رستي کان آيو؟

جواب: ترڪستان جي رستي کان.

سوال: صوبي سرحد ۽ قبائلي علائقي جي ماڻهن کي ڇا ڪري چوندا آهن ۽ اهي ڪهڙي ٻولي ڳالهائيندا آهن؟

جواب: پٺاڻ- پشتو ٻولي ڳالهائيندا آهن.

سوال: ڪهڙي صوبي ۾ قديم دراوڙي ۽ سامي نسل جي ميلاپ

سان موجوده نسل وجود ۾آيو؟

جواب: سنڌ صوبي ۾.

سوال: پاڪستان جو پهريون باقاعده آئين ڪڏهن نافذ ڪيو ويو؟

جواب: ٢٣ مارچ ١٩٥٦ع.

سوال: پاڪستان جو ٻيو آئين ڪڏهن عمل ۾ آيو؟

جواب: پهرين مارچ ١٩٦٢ع.

سوال: پاڪستان جو پهريون آئين صدارتي هو يا پارليماني؟

جواب: پارليماني.

سوال: پاڪستان جو ٻيو آئين صدارتي هو يا پارليماني؟

جواب: صدارتي.

سوال: پاڪستان جو ٽيون آئين ڪڏهن نافذ ڪيو ويو؟

جواب: ١۴ آگسٽ ١٩٧٣ع.

سوال: ١٩٧٣ع جي آئين مطابق، پاڪستان جي قومي ٻولي ڪهڙي آهي؟

جواب: اردو.

سوال: پاڪستان جي پهرين آئين کي ڪنهن ٽوڙيو؟

جواب: صدر ايوب، ٧ آڪٽوبر ١٩٥٨ع تي.

سوال: ڇا، اهو صحيح آهي، ته پاڪستان جي ٽئين آئين کي چونڊيل اسيمبليءَ جي ميمبرن اتفاق راءِ سان منظور ڪيو هو؟

جواب: ها. اهو درست آهي.

سوال: پاڪستان جي پهرين آئين موجب پارليامينٽ ڪيترن ايوانن تي مشتمل آهي؟

جواب: ٻن ايوانن تي (قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ).

سوال: پاڪستان جي ٻئي آئين کي ڪنهن ۽ ڪڏهن رد ڪيو؟

جواب: جنرل محمد يحيٰ خان، ٢٥ مارچ ١٩٧١ع تي.

سوال: پاڪستان جو ٽيون آئين، ڪهڙي وزيرِ قانون قومي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو؟

جواب: عبدالحفيظ پيرزادي.

سوال: پاڪستان جو ٽيون آئين ڪهڙي وزيراعظم جي وقت ۾ پيش ڪيو ويو؟

جواب: ذوالفقار علي ڀٽو.

سوال: صدر ضياءُ الحق ملڪ ۾ عبوري آئين ڪڏهن پيش ڪيو؟

جواب: ٢٣ مارچ ١٩٨١ع.

سوال: جڏهن ٥ جولاءِ ١٩٧٧ع تي مارشل لا لڳايو ويو، ته ڪهڙو آئين نافذ ڪيو ويو؟

جواب: مارشل لا لڳڻ کان پوءِ ١٩٧٣ع جي آئين جي ڪيترن ئي ضابطن کي ”عمل ۾ اچڻ جوڳو“ قرار ڏنو ويو، ۽ باقي ڪجهه دفعات قائم رکيا ويا. ٻين لفظن ۾ چئجي، ته ١٩٧٣ع جي آئين کي رد ڪيو ويو.

سوال: صدر جنرل محمد ضياءُ الحق ڪڏهن ترميم ٿيل آئين نافذ ڪيو؟

جواب: ١٩٨٥ع ۾.
سوال: قاديانين ۽ مسلمانن ۾ ڪهڙو اهم فرق آهي؟
جواب: قادياني، رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي آخري نبي ڪري نٿا مڃين، جڏهن ته مسلمانن جو يقين ۽ ايمان آهي، ته پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم جن آخري پيغمبر آهن.
سوال: ڪهڙي حڪومت قاديانين جو مسئلو حل ڪيو؟
جواب: ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت.
سوال: قاديانين جو مسئلو ڪڏهن قومي اسيمبليءَ ۾ پش ڪيو ويو، ۽ ڪنهن پيش ڪيو؟
جواب: ٧ ڊسمبر ١٩٧٤ع تي وزير قانون عبدالحفيظ پيرزادي.
سوال: قاديانين کي ڪهڙي حيثيت ڏني وئي؟
جواب: غير مسلمانن جي حيثيت.
سوال: پاڪستان جي ڪهڙي آئين هيٺ پاڪستان کي اسلامي جمهوريه پاڪستان جو نالو ڏنو ويو؟
جواب: پهرين ڊسمبر ١٩٥٧ع کان لاڳو ڪيل آئين مطابق.
سوال: پاڪستان کي سڀ کان پهرين ڪهڙي ملڪ تسليم ڪيو؟
جواب: ايران.
سوال: پاڪستان بنجڻ کان پوءِ ان کي تسليم ڪرڻ جي ڪهڙي ملڪ مخالفت ڪئي؟
جواب: افغانستان.
سوال: پاڪستان جو قومي جهنڊو ڪنهن ٺاهيو؟
جواب: اميرالدين قدوائي.

سوال: پاڪستان جي جهنڊي جا رنگ ڪنهن جي رهنمائي ڪن ٿا؟

جواب: سائو رنگ مسلمانن جي ۽ اڇو رنگ اقليتن ۽ امن جي.

سوال: پاڪستان جون حدون ڪهڙن ڪهڙن ملڪن سان ملن ٿيون؟

جواب: ايران، افغانستان، ڀارت، چين ۽ روس سان.

سوال: پاڪستان ڪهڙي اسلامي تاريخ تي وجود ۾ آيو؟

جواب: ٢٧ رمضان المبارڪ ١٣٦٦هه، شب قدر جي رات

سوال: پاڪستان جو موجوده قومي ترانو ڪنهن لکيو؟

جواب: حفيظ جالنڌري.

سوال: قومي ترانو پهريون دفعو ڪڏهن نشر ٿيو؟

جواب: ١٣ آگسٽ ١٩٥٤ع تي.

سوال: قومي ترانو ڪهڙن ڳائڻن ڳايو آهي ۽ ان جي موسيقي ڪنهن ترتيب ڏني؟

جواب: شميم بانو، ڪوڪب جهان، رشيده بيگم، انجم آرا نسيم شاهين، احمد رشدي، زوار حسين، اختر حسين، غلام دستگير، انور ظهير، اختر وصي علي ۽ محمد ابراهيم، موسيقي مسٽر چاڳلا.

سوال: قومي تراني جون مصرعون گهٽيون آهن؟

جواب: پندرهن.

سوال: قومي ترانو وڄڻ ۾ گهڻو وقت وٺي ٿو؟

جواب: هڪ منٽ ٢٠ سيڪنڊ.

سوال: پاڪستان جي قومي تراني ۾ ڪيترا ساز استعمال ڪيا

ويا آهن؟

جواب: ٣٨ ساز.

سوال: اسلام آباد گاديءَ جو هنڌ ڪڏهن بڻيو؟

جواب: پهرين آگسٽ ١٩٦٠ع تي.

سوال: پاڪستان اقوام متحده جو ميمبر ڪڏهن ٿيو؟

جواب: ٣٠ سيپٽمبر ١٩٤٧ع ۾.

سوال: پاڪستان جي پهرين ٽپال ٽڪلي ڪڏهن جاري ٿي؟

جواب: ٩ جولاءِ ١٩٤٨ع تي.

سوال: ١٩٩٩ع تائين پاڪستان جا ڪيترا صدر ٿيا آهن؟

جواب: نو (٩) اسڪندر مرزا، جنرل محمد ايوب، جنرل يحيٰ، ذوالفقار علي ڀٽو، چوڌري فضل الاهي، جنرل ضياءُ الحق، غلام اسحاق خان، سردار فاروق احمد لغاري، ۽ محمد رفيق تارڙ.

سوال: پاڪستان جو اقوام متحده ۾ پهريون مستقل نمائندو ڪير هو؟

جواب: احمد شاهه پطرس بخاري.

سوال: پاڪستان جي ڪهڙي ريڊيو اسٽيشن تان پهرين پاڪستان جي وجود جو آواز نشر ٿيو، ۽ اهو آواز ڪنهن جو هو؟

جواب: لاهور ريڊيو اسٽيشن، مصطفيٰ علي همداني.

سوال: پاڪستان جو ڪهڙو صدر سڀ ڪان پهرين مختلف وڏن عهدن تي رهيو، اهي عهدا ٻڌايو؟

جواب: ذوالفقار علي ڀٽو، وزير خارجہ، صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ۽ بعد ۾ وزير اعظم.
سوال: قيام پاڪستان وقت برطانيہ جو وزيراعظم ڪير هو؟
جواب: لارڊ ايٽلي.
سوال: ملتان جا ڪي بزرگ عالم ۽ ولي ٻڌايو؟
جواب: شيخ بهاءُ الدين ذڪريا، حضرت شمس سبزواري، حضرت شاھ رڪن عالم، حضرت شاھ يوسف، حضرت خواجہ عبيدالله ملتاني رحہ.
سوال: ڪهڙي ملڪ جي صدر پهرين پاڪستان جو دورو ڪيو؟
جواب: انڊونيشيا جي صدر سوئيڪارنو.
سوال: ڪهڙي شهر کي پهرين مستقل طور پاڪستان جو دارالحڪومت بنائڻ جو اعلان ڪيو ويو؟
جواب: ڪراچي ١٢ مارچ ١٩٤٨ع.
سوال: پاڪستان جا اڪثر ماڻهو ڪهڙو ڌنڌو ڪن ٿا؟
جواب: ٻني ٻارو.
سوال: پاڪستان جو مانچسٽر ڪهڙي شهر کي سڏيو وڃي ٿو؟
جواب: لائل پور (فيصل آباد) کي.
سوال: پاڪستان ۾ اوليائن جو شهر ڪهڙو آهي؟
جواب: ملتان.
سوال: پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي صنعت ڪهڙي آهي؟
جواب: سوٽي ڪپڙي جي صنعت.
سوال: پاڪستان جو برمنگهم ڪهڙي شهر کي چيو ويندو

آهي؟

جواب: سيالڪوٽ کي.

سوال: ايشيا جو سئٽزرلينڊ ڪنهن کي چيو ويندو آهي؟

جواب: ڪشمير کي.

سوال: سنڌ جو پهريون گورنر ڪير هو؟

جواب: سر غلام حسين هدايت الله.

سوال: ڪوٽڙي بئراج ڪڏهن ٺهيو؟

جواب: ١٩٥٥ع ۾.

سوال: چين جو وزيراعظم چو اين لائي پهرين دفعو پاڪستان ڪڏهن آيو؟

جواب: ١٠ سيپٽمبر ١٩٥٦ع تي.

سوال: پاڪستان جو پهريون وزير دفاع ڪير هو؟

جواب: لياقت علي خان.

سوال: پاڪستان جي هڪ ننڍي پئسي تي شروعات ۾ غلطي ٿي ويئي آهي، جيڪا پوءِ درست ڪئي ويئي، اها غلطي ٻڌايو؟

جواب: هڪ پئسو لکڻ بدران هڪ پائي لکجي ويو.

سوال: پاڪستان جي پراڻي تهذيب کهڙن کنڊرن مان ظاهر ٿئي ٿي؟

جواب: هڙاپا ۽ موئن جو دڙو.

سوال: ٽيڪسلا يونيورسٽي ڪٿي هئي؟

جواب: پنجاب ۾.

سوال: پاڪستان ۾ پهريون مسلمان ڪمانڊر انچيف ڪير هو

۽ ڪڏهن مقرر ٿيو؟
جواب: جنرل ايوب- ٦ سيپٽمبر ١٩٥٠ع.
سوال: پاڪستان جي پهرين وزير خارجه جو نالو ٻڌايو؟
جواب: سر ظفر الله خان.
سوال: لفظ "پاڪستان" جو موجد چوڌري رحمت علي پاڪستان ڪڏهن آيو ۽ ڪٿي وفات ڪيائين؟
جواب: ١٩٤٨ع- وفات انگلينڊ ۾ (١٩٥١ع).
سوال: ڪهڙي شهر کي شروعات ۾ "ڪولاچي" سڏيو ويندو هو؟
جواب: ڪراچي کي.
سوال: پاڪستان جو پهريون چيف جسٽس ڪير هو؟
جواب: جسٽس عبدالرشيد.
سوال: PIA جو پهريون نالو ڇا هو؟
جواب: اورينٽ ايئرويز.
سوال: پاڪستان جي ڪهڙي رياست جي حاڪم کي "مهتر" چيو ويجي ٿو؟
جواب: چترال.
سوال: پاڪستان جي پهرين ڪهڙي عورت هئي، جيڪا صدر جي عهدي لاءِ اليڪشن لڙي؟
جواب: فاطمه جناح.
سوال: فاطمه جناح ڪير هئي ۽ ڪڏهن وفات ڪيائين؟
جواب: فاطمه جناح، قائداعظم محمد علي جناح جي ڀيڻ هئي. هن جو انتقال ٩ جولاءِ ١٩٦٧ع تي ٿيو.

سوال: پاڪستان جو پهريون وزير مواصلات ڪير هو؟
جواب: سردار عبدالرب نشتر.
سوال: پاڪستان جو پهريون وزير تعليم ڪير هو؟
جواب: فضل الرحمان.
سوال: پاڪ بحريہ جو پهريون ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟
جواب: جيفرڊ.
سوال: قائداعظم جي وفات کان پوءِ ڀارت ڪيتري عرصي ۾ رياست حيدرآباد تي قبضو ڪيو؟
جواب: چوويهن ڪلاڪن ۾.
سوال: پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ ڪهڙي آهي؟
جواب: منڇر (سنڌ).
سوال: ڪشمير جي هندو راجا هندستان سان الحاق ڪڏهن ڪيو؟
جواب: ٢٧ آڪٽوبر ١٩٤٧ع تي.
سوال: پاڪستان جو پهريون وزير خزانہ ڪير هو؟
جواب: غلام محمد.
سوال: حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ ۽ حضرت قلندر لعل شهباز رحہ جا مقبرا ڪٿي آهن؟
جواب: حضرت شاهہ عبداللطيف رحہ جو مقبرو ڀٽ شاهہ ۾ حضرت قلندر لعل شهباز رحہ جو سيوهڻ ۾ آهن.
سوال: سنڌ تي اهو نالو ڪيئن پيو؟
جواب: سنڌو نديءَ جي ڪري.
سوال: پنجاب تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

جواب: ان مان پنج نديون وهن ٿيون.

سوال: پاڪستان جا جيڪي صدر ٿيا، ان مان علي ڳڙهہ جو تعليم يافتہ ڪير هو؟

جواب: صدر ايوب خان.

سوال: سنڌ جو سڀ کان پراڻو شهر ڪهڙو آهي؟

جواب: سيوهڻ.

سوال: قائداعظم کان سندس عهدي گورنر جنرل جو ڪنهن قسم ورتو هو ۽ ڪڏهن؟

جواب: جسٽس عبدالرشيد، ١۴ آگسٽ ١٩۴٧ع تي.

سوال: قيام پاڪستان وقت پاڪستان جو قومي جهنڊو ڪنهن ڦڙڪايو؟

جواب: مولانا ظفر احمد عثماني.

سوال: ڪشمير جو مسئلو اقوام متحده ۾ ڪڏهن پيش ڪيو ويو؟

جواب: ١۵ فيبروري ١٩۴٧ع.

سوال: سيوهڻ جو پراڻو نالو ڪهڙو هو؟

جواب: سيوستان.

سوال: سپريم ڪورٽ کي پاڪستان ٺهڻ وقت ڪهڙي نالي سان سڏيو ويندو هو؟

جواب: فيڊرل ڪورٽ.

سوال: سنڌ جي قديم تخت گاهہ جو نالو ڪهڙو هو ۽ اهو شهرُ ڪٿي هو؟

جواب: الور- اهو شهر روهڙيءَ کان ست ميل پري سنڌو نديءَ

جي اولهندي ڪناري تي هڪ عاليشان شهر هو.

سوال: پاڪستان جي صوبن جي ايراضي ٻڌايو؟

جواب: سنڌ - چورس ڪلوميٽر ١٠۴٩١۴

پنجاب - چورس ڪلوميٽر ٢٠٦٢۵١

بلوچستان - چورس ڪلوميٽر ٢۴٧١٩٠

سرحد - چورس ڪلوميٽر ٧۴۵٢٢

قبائلي علائقا - چورس ڪلوميٽر ٢٧٢٢١

سوال: ڪهڙي اسلامي ملڪ پنهنجو سفارتخانو سڀ کان اڳ پاڪستان ۾ قائم ڪيو؟

جواب: مصر، ١٩ آڪٽوبر ١٩۴٧ع ۾.

سوال: پاڪستاني ڪرنسيءَ جو تعلق ڊالر سان ڪڏهن ختم ڪيو ويو؟

جواب: جنوري ١٩٨٢ع ۾.

سوال: پاڪستان جي سپريم ڪورٽ جو پهريون چيف جسٽس عبدالرشيد هو، ٻڌايو، ته ان کان پوءِ چيف جسٽس ڪنهن کي بنايو ويو؟

جواب: جسٽس محمد منير.

سوال: پاڪستان اقوام متحده جو ميمبر ٣٠ سيپٽمبر ١٩۴٧ع تي ٿيو ٻڌايو، ته ان وقت پاڪستان جو نمائندو ڪير هو؟

جواب: ايم.اي.ايڇ. اصفهاني.

سوال: پاڪستان ۾ ڏهائي نظام ڪڏهن رائج ڪيو ويو؟

جواب: پهرين جنوري ١٩٦١ع کان.

سوال: پاڪستان جو پهريون عجائب گهر ڪٿي ۽ ڪڏهن قائم ٿيو؟

جواب: ڪراچي ۾ -١٩٥٠ع.

سوال: پاڪستان ۾ بنيادي جمهوريت جو نظام ڪڏهن شروع ٿيو ۽ ڪنهن شروع ڪرايو؟

جواب: صدر ايوب- نومبر ١٩٥٩ع.

سوال: اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ڪهڙا نوٽ جاري نٿي ڪري سگهي؟

جواب: هڪ روپيه وارا نوٽ.

سوال: قائد اعظم پاڪستان جي گورنر جنرل جي حيثيت سان ڪيترو ماهوار پگهار کڻندو هو؟

جواب: فقط هڪ روپيو.

سوال: پاڪستاني ڪرنسي ڊالر سان لاڳاپيل هئڻ کان اڳ ڪهڙي ڪرنسيءَ سان لاڳاپيل هئي؟

جواب: اسٽرلنگ پائونڊ سان (انگلنڊ جي ڪرنسي).

سوال: بلوچستان ۾ سرداري نظام ڪڏهن ختم ڪيو ويو؟

جواب: ٨ اپريل ١٩٧٦ع.

سوال: پاڪستان جو اڳوڻو صدر محمد ضياءُ الحق پنهنجي عهدي کان ڪڏهن علحده ٿيو؟

جواب: ١٧ آگسٽ ١٩٨٨ع تي (هوائي حادثي ۾ مارجي وڃڻ ڪري).

سوال: پاڪستان جي تاريخ ۾ سڀ کان پهرين علماء ڪنوينشن ڪڏهن منعقد ڪيو ويو؟

جواب: ١٣ آگسٽ ١٩٨٠ع.

سوال: پاڪستان جي ڪهڙي جبل جي چوٽيءَ کي دنيا جي سڀ کان مشڪل چوٽي سڏيو وڃي ٿو؟

جواب: ڪي-ٽو (K-2).

سوال: ڪي-ٽو جبل جي چوٽيءَ جي بلندي ڪيتري آهي؟

جواب: ٨٧٦٠ ميٽر.

سوال: سکر ۽ روهڙيءَ جي وچ ۾ ڪهڙو ٻيٽ آهي؟

جواب: بکر ٻيٽ.

سوال: پورٽ قاسم جو پراڻو نالو ڪهڙو هو؟

جواب: پپري.

سوال: پاڪستان جي آبهوا جي لحاظ کان سڀ کان گرم ضلعو ڪهڙو آهي؟

جواب: جيڪب آباد.

سوال: پاڪستان ۾ ڀارت کي ڪهڙي سرحدي حد هڪٻئي کان ڌار ڪري ٿي؟

جواب: ريڊ ڪلف سرحد.

سوال: پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ سرحدي فيصلو ڪڏهن وجود ۾ آيو؟

جواب: ٢ مارچ ١٩٦٣ع تي.

سوال: بروهي نسل جا ماڻهو ڪهڙي صوبي ۾ رهن ٿا؟

جواب: بلوچستان ۾.

سوال: سنڌي ٻوليءَ جو رسم الخط ڪهڙو آهي؟

جواب: عربي.
سوال: گلگت، هنزه ۽ بلتستان ۾ ڪهڙيون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون؟
جواب: ترتيب وار شنيا، بروششڪي ۽ بلتي.
سوال: ائٽمي بجلي گهر جي ذريعي ڪيتري بجلي حاصل ڪري رهيا آهيون؟
جواب: ١٣٧ ميگاواٽ.
سوال: پهرين شمسي توانائي اسٽيشن ڪٿي قائم ڪئي ويئي؟
جواب: ممناوا جي ڳوٺ ۾، جيڪو راولپنڊي شهر کان ٤٠ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.
سوال: ڪراچي اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪارپوريشن ڪڏهن قائم ڪئي ويئي؟
جواب: ١٩١٥ع ۾.
سوال: وفاقي شرعي عدالت وارو آرڊيننس ڪڏهن عمل ۾ آيو؟
جواب: ٢٦ مئي ١٩٧٠ع ۾.
سوال: جمعي کي موڪل جو ڏينهن بنائڻ لاءِ ڪڏهن بل پاس ڪيو ويو هو؟
جواب: ١١ مئي ١٩٧٧ع.
سوال: صنعتي ترقياتي ڪارپوريشن ڪڏهن قائم ٿي؟
جواب: جنوري ١٩٥٢ع ۾.
سوال: پاڪستان اسٽيل ملز ڪارپوريشن لميٽيڊ ڪڏهن ٺهي؟
جواب: ٢ جولاءِ ١٩٦٨ع ۾.
سوال: پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو قبرستان ڪٿي آهي؟

جواب: ٺٽي جي مڪلي وارين ٽڪرين تي.
سوال: ٺٽي واري شاهجهان مسجد ۾ ڪيترا گنبذ آهن؟
جواب: ان ۾ ٩٣ گنبذ آهن.
سوال: خلائي تحقيقاتي ڪميشن پنهنجو موسمي راڪيٽ "رهبر اول" ڪڏهن خلا ۾ ڇڏيو؟
جواب: ٧ جون ١٩٦٢ع تي.
سوال: پاڪستاني رپئي جي ڊيزائن ڪنهن تيار ڪئي؟
جواب: پي-ڊبليو برنڊ.
سوال: پاڪستان دولت مشترڪ ڪان ڪڏهن ڌار ٿيو؟
جواب: ١٩٧٢ع ۾.
سوال: پاڪستان ١٩٥٥ع ۾ ڪهڙي بين الاقوامي اداري ۾ شامل ٿيو؟
جواب: سينٽو ۾.
سوال: پاڪستان ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس ڪهڙي وزير اعظم جي وقت ۾ ڪوٺائي ويئي؟
جواب: ذوالفقار علي ڀٽو، ١٩٧٤ع ۾.
سوال: پاڪستان هلال احمر سوسائٽي جو پهريون نالو ڪهڙو هو؟
جواب: ريڊ ڪراس سوسائٽي.
سوال: پاڪستان بري فوج جو پهريون چيف آف اسٽاف ڪير هو؟
جواب: جنرل ٽڪا خان.
سوال: پاڪستان جو ٻيو چيف آف اسٽاف ڪير هو؟

جواب: جنرل ضياءُ الحق.

سوال: بري فوج جو ٽيون چيف آف اسٽاف ڪير هو؟

جواب: جنرل اسلم بيگ.

سوال: بري فوج جو چوٿون چيف آف اسٽاف ڪير هو؟

جواب: جنرل آصف نواز جنجوعا.

سوال: پاڪستان جي پنجين چيف آف اسٽاف جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جنرل عبدالوحيد ڪاڪڙ.

سوال: پاڪ فضائيه جو پهريون چيف آف اسٽاف ڪير هو؟

جواب: ايئر مارشل ظفر احمد چوڌري.

سوال: پاڪ فضائيه جي ٻئي ۽ ٽئين چيف آف اسٽاف جا نالا ٻڌايو؟

جواب: ايئر چيف مارشل ذوالفقار علي ۽ ايئر چيف مارشل انور شميم.

سوال: پاڪ بحريه جي پهرين چيف آف اسٽاف جو نالو ٻڌايو؟

جواب: وائس ايڊمرل حسن حفيظ احمد.

سوال: پهرين مارچ ١٩٧٦ع تي پاڪستان جي ٽنهي فوجن کي ملائي هڪ ڪرڻ لاءِ ڪهڙو نئون عهدو قائم ڪيو ويو؟

جواب: چيئرمن جائنٽ چيف آف اسٽاف ڪميٽي.

سوال: پاڪستان آرمي جو هيڊ ڪوارٽر ڪٿي آهي؟

جواب: راولپنڊيءَ ۾.

سوال: پاڪستان ايئر فورس جو هيڊ ڪوارٽر ڪٿي آهي؟

جواب: پشاور ۾.

سوال: پاڪستان بحري لشڪر جو هيڊ ڪوارٽر ڪهڙي شهر ۾ آهي؟
جواب: اسلام آباد ۾.
سوال: پاڪستان ۾ ڪوئلو ڪهڙين جاين تان ملي ٿو؟
جواب: شاهه برگ، مڪڙوال، لاکڙا، ٺٽو، ميانوالي.
سوال: پاڪستان ۾ ڪچو لوهه ڪٿان ملي ٿو؟
جواب: ڪالا باغ، چترال، خضدار، ايبٽ آباد.
سوال: پاڪستان ۾ معدني لوڻ ڪٿان ملي ٿو؟
جواب: کيوڙا، ڪالا باغ، ٿرپارڪر، بهادر خيل.
سوال: پاڪستان ۾ ڪرومائٽ ڪٿان حاصل ٿئي ٿو؟
جواب: مسلم باغ، اتر وزيرستان، ڪوهاٽ، چاغي.
سوال: پاڪستان ۾ ٽامي جا ذخيرا ڪٿي آهن؟
جواب: چاغي، زوب، ڪرم ايجنسي، اتر وزيرستان.
سوال: پاڪستان ۾ سنگ مرمر ڪهڙن علائقن ۾ موجود آهي؟
جواب: گلگت، اسڪردو، ڪوهستان، پشاور ۽ بلوچستان جي ڏکڻ اولهه علائقن ۾.
سوال: پاڪستان ۾ قدرتي گئس جو پهريون ذخيرو ڪٿان مليو ۽ ڪڏهن؟
جواب: سئي ڳوٺ (بلوچستان) مان ١٩٥٦ع ۾.
سوال: سئي کان سواءِ پاڪستان ۾ قدرتي گئس ڪٿي ڪٿي آهي؟
جواب: زين، خيرپور، ڍليان، ڍوڊڪ، اچ شريف، سيال، پير ڪوهه، بدين ۽ حيدرآباد.
سوال: پاڪستان ۾ زمرد ڪٿان کوٽي ڪڍيو وڃي ٿو؟

جواب: منگورا (ضلعو سوات).
سوال: تربيلا بند ڪهڙي درياءَ تي تعمير ڪيو ويو آهي؟
جواب: سنڌو درياءَ تي.
سوال: تربيلا جي بلندي ڪيتري آهي؟
جواب: ۴۸۵ فوٽ.
سوال: تربيلا بند ڪڏهن مڪمل ٿيو؟
جواب: ١٩٧٦ع ۾.
سوال: تربيلا بند جي ٺهڻ تي ڪيترو خرچ ٿيو؟
جواب: ۱۴ ارب رپيا.
سوال: منگلا بند ڪهڙي درياءَ تي تعمير ڪيل آهي؟
جواب: جهلم درياءَ تي.
سوال: منگلا بند جي اوچائي ڪيتري آهي؟
جواب: ۲۸۰ فوٽ.
سوال: منگلا بند ڪڏهن مڪمل ٿيو؟
جواب: ١٩٦٧ع ۾.
سوال: وارسڪ بند ڪهڙي درياءَ تي ٺاهيو ويو آهي؟
جواب: ڪابل نديءَ تي.
سوال: وارسڪ بند جي بلندي ڪيتري آهي؟
جواب: ۲۷۰ فوٽ.
سوال: وارسڪ بند ٺهي ڪڏهن مڪمل ٿيو؟
جواب: ١٩٦١ع ۾.
سوال: راول بند ڪهڙي درياءَ تي ٺهيل آهي؟
جواب: ڪورنگ ندي تي.
سوال: راول بند ڪڏهن ٺهي تيار ٿيو؟

جواب: ١٩٦٢ع ۾.
سوال: هن وقت ڪهڙي بند ٺاهڻ جو رٿا تيار ڪئي پئي وڃي؟
جواب: ڪالاباغ بند.
سوال: ڪالا باغ بند ڪهڙي نديءَ تي ٺاهڻ جي تجويز آهي؟
جواب: سنڌو درياءَ تي.
سوال: ڪافرستان، پاڪستان جي ڪهڙي علائقي ۾ واقع آهي؟
جواب: چترال جي جابلو علائقي ۾.
سوال: پاڪستان جي سڀ کان قديم انجنيئرنگ ڪاليج جو نالو ڪهڙو هو؟
جواب: N.E.D ڪاليج، جنهن کي هن وقت يونيورسٽي بنايو ويو آهي.
سوال: ملتان جو قديم زماني ۾ ڪهڙو نالو آهي؟
جواب: ناگا شهر.
سوال: ايوب پل ڪهڙي شهر ۾ موجود آهي؟
جواب: سکر ۾.
سوال: حنا ڍنڍ ڪٿي آهي؟
جواب: ڪوئيٽه ۾.
سوال: پاڪستان جو پهريون بجلي گهر ڪٿي ۽ ڪڏهن قائم ٿيو؟
جواب: رسول آباد، ١٩٥٢ع ۾.
سوال: مينار پاڪستان جو اصل نالو ڪهڙو آهي؟
جواب: يادگار قراردادِ پاڪستان.

سوال: پاڪستان جو سڀ کان قديم غيرآباد شهر ڪهڙو آهي؟
جواب: موئن جو دڙو.
سوال: شاهراه ڪراڪرم جو ٻيو نالو ڪهڙو آهي؟
جواب: شاهراه ريشم.
سوال: پشاور کي قديم زماني ۾ ڪهڙي نالي سان سڏيو ويندو هو؟
جواب: پرش پور.
سوال: سرحد صوبو ڪڏهن وجود ۾ آيو؟
جواب: ١٩٠١ع ۾.
سوال: پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪهڙو ميوو پيدا ٿئي ٿو؟
جواب: ڪيلو.
سوال: پاڪستان ٺهڻ وقت پاڪستان کي ڪهڙن ٻن نالن سان سڏيو ويندو آهي؟
جواب: مشرقي پاڪستان (اوڀر بنگال) ۽ مغربي پاڪستان.
سوال: مغربي ۽ مشرقي پاڪستان هڪٻئي کان ڪيترو پري هئا؟
جواب: ١٦٠٠ ڪلوميٽر.
سوال: ڪهڙي جذبي هيٺ، پاڪستان جا ٻئي حصا پاڻ ۾ متحد رهيا؟
جواب: اسلامي ڀائپي جي جذبي هيٺ.
سوال: مشرقي پاڪستان ڇو جدا ٿيو، ۽ ڪڏهن؟
جواب: ڊسمبر ١٩٧١ع ۾- ڀارت جي حملي ڪري.

سوال: پاڪستان دنيا جي نقشي تي ڪٿي بيٺل آهي؟

جواب: ويڪرائي ڦاڪ: 36.75 - 24.5 ڊگريون.

ڊگهائي ڦاڪ: 75.5 - 61 ڊگريون.

سوال: پاڪستان جا طبعي علائقا ٻڌايو؟

جواب: (١) اتر وارو جابلو علائقو.

(٢) اولهه وارو جابلو علائقو.

(٣) بلوچستان وارو مٿانهون علائقو.

(۴) مهراڻ ماٿري.

سوال: مرڪز ۽ صوبن جي گاديءَ جا هنڌ ڪهڙا شهر آهن؟

جواب: پاڪستان - اسلام آباد.

سنڌ - ڪراچي.

بلوچستان - ڪوئيٽه.

سرحد - پشاور.

پنجاب - لاهور.

سوال: پاڪستان جو قومي گل ڪهڙو آهي؟

جواب: چنبيلي- ١۵ جولاءِ ١٩٦١ع کان تسليم ڪيو ويو.

سوال: پاڪستان جي ايراضي جو ڪيترو حصو ٻيلن هيٺ آهي؟

جواب: ٢۵ في سيڪڙو اهو حصو ضرورت کان گهٽو گهٽ آهي.

سوال: پاڪستان، ڪهڙيون شيون ٻاهرين ملڪن ۾ موڪلي ٿو؟

جواب: تيلي ٻج، ڪپڙو، ڪلون، ڪپهه، لاک، ڪچو لوهه، ڪنڊ، اَن، پيٽرول مان ٺهيل سامان، ريل جا گاڏا، سبڙ جون مشينون، راندين جو سامان ۽ ڊاڪٽري سامان.

سوال: پاڪستان ڪهڙيون شيون ٻاهران گهرائي ٿو؟

جواب: مشينون، دوائون، ڪيميڪلس، رڪ، سڪل ميوو، لوهه، ڪپڙو، ربڙ جو سامان، موٽرون، اسڪوٽر، ريڊيا، ٽيليفون، ٽيلويزن، ڪمپيوٽر، ريفريجريٽر ۽ ٻيو اليڪٽرانڪس جو سامان، ڪاڏي جون شيون، ڪتاب، فلمون وغيره.

سوال: پاڪستان جا وڏا خشڪيءَ جا رستا ڪهڙا آهن؟

جواب: ١- گرانڊ ٽرنڪ روڊ- پشاور کان لاهور.

٢- لاهور ڪراچي هاءِ وي- لاهور کان ڪراچي.

٣- لاهور- ڪوئيٽه روڊ.

۴- ڪراچي- ڪوئيٽه روڊ.

۵- اسلام آباد موٽروي- لاهور کان اسلام آباد وغيره.

٦- سپرهاءِ وي- ڪراچي کان حيدرآباد.

سوال: پاڪستان ۾ چوپايو مال ڪهڙو آهي؟

جواب: ڍڳيون، ڍڳا، مينهون، رڍون، ٻڪريون، گهوڙا، خچر، اُٺ، گڏهه وغيره.

سوال: چوپائي مال مان پاڪستان کي ڪهڙو فائدو آهي؟

جواب: اُٺ، گڏهه، خچر، ڍڳا وغيره بار برداري لاءِ ۽ ڍڳيون، مينهون، ٻڪريون وغيره کير، ڏڌ، لسي لاءِ ۽ حلال مال گوشت لاءِ ڪم آندا ويندا آهن.

سوال: پاڪستان کي سمنڊ مان ڪهڙو ڪاڌو حاصل ٿئي ٿو؟
جواب: مڇيون.
سوال: سمنڊ ڪان سواءِ مڇيون ٻين ڪهڙن هنڌن تان حاصل ٿين ٿيون؟
جواب: ڪوٽڙي بئـراج، گـڊو بئـراج، منگلا بند، ڪاغان ماـٿري، منڇر ڍنڍ، سنڌو درياءَ وغيره. هاڻي هـراڏو ڍنڍون قـائم ڪري، مـڇيءَ جي ڪاروبار کي وسعت ڏني ويئي آهي.

سوال: پاڪستان جو سڀ کان مٿانهين هنڌ تي ريلوي اسٽيشن ڪهڙو آهي؟
جواب: ڪان مهترزئي ريلوي اسٽيشن، بلوچستان.
سوال: پاڪستان جو سڀ کان وڏو پارڪ ڪهڙو آهي؟
جواب: ايوب نيشنل پارڪ، راولپنڊي.
سوال: پاڪستان جي سڀ کان وڏي ڍنڍ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: منڇر ڍنڍ.
سوال: پاڪستان جي پهرين عورت ميجر جنرل جو نالو ٻڌايو.
جواب: شاهده بادشاهه.
سوال: پاڪستان جي پهرين عورت ڪمرشل پائلٽ جو نالو ٻڌايو.
جواب: عائشه رابعه.

سوال: ائٽمڪ انرجي ڪميشن ڇا آهي؟
جواب: اهو هڪ خودمـختيـار ادارو آهي، جنهن جو ڪم آهي ائٽمي توانائيءَ کي وڌائڻ لاءِ ڪوجنا ڪرڻ.

سوال: نيوڪليئر پاور پلانٽ ڪٿي ٺاهيو ويو آهي؟
جواب: ڪراچي.
سوال: نيوڪليئر پاور پلانٽ جي تعمير تي ڪيترو خرچ آيو؟
جواب: ۴۵ ڪروڙ رپيا.
سوال: نيوڪليئر پاور پلانٽ مان ڪيتري بجلي ملي رهي آهي؟
جواب: ۱۷ هزار ڪلوواٽ.

سوال: ڪي ٽو جبل جو نئون نالو ڪهڙو آهي؟
جواب: "چا غوري" يعني عظيم جبل.
سوال: ڪي ٽو جبل جو نئون نالو ڪڏهن رکيو ويو؟
جواب: 9 جون 2002ع.

سوال: پاڪستان ۾ وڏي ۾ وڏو آمدرفت جو ذريعو ڪهڙو آهي؟
جواب: ريل گاڏيون.
سوال: پاڪستان بنجڻ وقت ريل گاڏيون ڪهڙو ٻارڻ ڪم آڻينديون هيون؟
جواب: ڪوئلو.
سوال: ڪوئلي جي ناياب هئڻ سبب ريل گاڏين ڪهڙو ٻارڻ ڪم آندو؟
جواب: ڊيزل ۽ بجلي.
سوال: پاڪستان ۾ هن وقت ڪهڙا اهم ريلوي رستا آهن؟
جواب: (۱) پشاور کان ڪراچي.
(۲) ڪراچي کان ڪوئيٽا وغيره.

سوال: ريلوي ورڪشاپ ڪٿي آهي جتي ريل گاڏا ٺاهيا ويندا آهن؟

جواب: مغل پوره (لاهور).

سوال: ڊيزل انجڻيون ڪٿي ٺهن ٿيون؟

جواب: راولپنڊي واري ورڪشاپ ۾.

سوال: ريلوي ٽريننگ اسڪول ڪٿي آهي؟

جواب: لاهور ۽ ڪراچي.

سوال: پاڪستان جي اهم ٽرينن جا نالا ٻڌايو.

جواب: تيزرو، خيبر ميل، چناب ايڪسپريس، عوامي ايڪسپريس، پشاور ايڪسپريس، شاليمار ايڪسپريس، بولان ميل، نائيٽ ڪوچ، قراقرم ايڪسپريس، براق ايڪسپريس، علامہ اقبال ايڪسپريس.

سوال: جڏهن پاڪستان وجود ۾ آيو، تڏهن ڪيتريون ريڊيو اسٽيشنون هيون؟

جواب: ٻہ- هڪ لاهور ۾ ۽ ٻي پشاور ۾.

سوال: ڪراچيءَ ۾ ريڊيو اسٽيشن ڪڏهن قائم ڪئي ويئي؟

جواب: ١٩٤٨ع ۾.

سوال: راولپنڊيءَ ۾ ريڊيو اسٽيشن ڪڏهن وجود ۾ آئي؟

جواب: ١٩٥٠ع ۾.

سوال: ٽيليويزن ڪڏهن کان پاڪستان ۾ رائج ٿيو؟

جواب: ١٩٦٤ع ۾.

سوال: پهرين ٽيليويزن اسٽيشن ڪٿي ٺاهي ويئي؟
جواب: لاهور ۾.
سوال: هن وقت پاڪستان ۾ ٽيليويزن اسٽيشنون ڪٿي ڪٿي آهن؟
جواب: پشاور، اسلام آباد، لاهور، ڪوئيٽه ۽ ڪراچي.
سوال: اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي پهرين عورت گورنر جو نالو ٻڌايو؟
جواب: شمشاد اختر.
سوال: پاڪستان ۾ وڏي ۾ وڏي ريڊيو اسٽيشن ڪهڙي آهي؟
جواب:اسلام آباد- هڪ سو ڪلوواٽ جي طاقت.
سوال: اسلام آباد جي ريڊيو اسٽيشن ڪڏهن ٺهي؟
جواب: ١٩٧٢ع ۾.
سوال: پاڪستان ۾ وڏي ۾ وڏي لئبرري ڪهڙي آهي ۽ اها ڪٿي آهي؟
جواب: پنجاب پبلڪ لئبرري (لاهور ۾).
سوال: پاڪستان جو وڏو ۾ وڏو شهر ڪهڙو آهي؟
جواب: ڪراچي.
سوال: پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي ريلوي اسٽيشن ڪٿي آهي؟
جواب: لاهور.
سوال: پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو بندرگاهه ڪهڙو آهي؟
جواب: ڪراچي بندرگاهه.

سوال: پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو بند (Dam) ڪهڙو آهي؟

جواب: تربيلا بند.

سوال: پاڪستان جو ڊگهي ۾ ڊگهو "ريل رستو" ڪهڙو آهي؟

جواب: ڪراچي کان پشاور.

سوال: ڪراچي کان پشاور جو رستو ڪيترو ڊگهو آهي؟

جواب: ١٦٧٢ ڪلوميٽر.

سوال: پاڪستان جو ڊگهي ۾ ڊگهو زير زمين ريلوي رستو ڪهڙو آهي؟

جواب: خوجڪ بلوچستان (٣٨٠ ڪلوميٽر).

سوال: پاڪستان جو سڀ کان وڌيڪ جديد طرز جو ڪهڙو شهر آهي؟

جواب: اسلام آباد.

سوال: پاڪستان جي ڊگهي ۾ ڊگهي بلڊنگ ڪهڙي آهي؟

جواب: حبيب بئنڪ پلازا ڪراچي ۽ واپڊا هائوس لاهور.

سوال: پاڪستان جو ڊگهي ۾ ڊگهو درياءُ ڪهڙو آهي؟

جواب: سنڌو ندي (٢٧٠٠ ڪلوميٽر).

سوال: پاڪستان ۾ پهرين آدمشماري ڪڏهن ڪئي ويئي؟

جواب: ١٩٥١ع ۾.

سوال: پاڪستان جو سڀ کان گهٽ ڳتيل ضلعو ڪهڙو آهي؟

جواب: چاغي، ڪوئيٽ ڊويزن (بلوچستان) آبادي في چورس ڪلوميٽر 2 مائٽهو.

سوال: پاڪستان ۾ هوائي اڏا ڪتي آهن؟

جواب: پاڪستان ۾ هوائي اڏن جو تعداد 27 آهي، ۽ اهي ڪراچي سکر، حيدرآباد، موئن جو دڙو، تربت، جيواني، پنجگور، فيصل آباد، ملتان، پشاور، راولپنڊي/اسلام آباد، سرگوڌا، ڪوهاٽ خضدار، پسني، گوادر، ڊيره اسماعيل خان، سيدو شريف سوئي، چترال، گلگت، اسڪردو، نوابشاهه، لاهور، ڪوئيٽا ميانوالي ۽ ميرپور ۾ آهن.

سوال: پاڪستان جا مشهور جابلو لڪ ڪهڙا آهن؟

جواب: خيبر لڪ، بولان لڪ، لواري لڪ، شندور لڪ، بابوسر لڪ ۽ خنجراب لڪ.

سوال: پاڪستان ۾ ٺهيل پهرين جيپ جو نالو ٻڌايو.

جواب: نشان.

سوال: پاڪستان ۾ ٺهيل پهرين ٽريڪٽر جو نالو ٻڌايو.

جواب: باغبان.

سوال: "پرين جي سرزمين" پاڪستان جي ڪهڙي علائقي کي چيو وڃي ٿو؟

جواب: گلگت.

سوال: "ڪافرستان"، پاڪستان جي ڪهڙي علائقي ۾ آهي؟

جواب: چترال جي جابلو علائقي ۾.

سوال: پاڪستان ڪهڙي قسم جو ملڪ آهي؟

جواب: پاڪستان زرعي ملڪ آهي، جنهن ۾ ٥٥ سيڪڙو مزدور، زراعت ۾ مشغول آهن.

سوال: پاڪستان ۾ زرعي فصلن جا نالا ٻڌايو؟
جواب: ربيع ۽ خريف.
ربيع فصل: ڪڻڪ، تيلي ٻج وغيره.
خريف فصل: ڪپهه، چانور، جوئر، ڪمند وغيره.
سوال: پاڪستان جا نقد فصل ڪهڙا آهن؟
جواب: ڪپهه، تماڪ، تيلي ٻج، سڻي، ڪمند ۽ ٻاڄيون.
سوال: پاڪستان جا ڪاڌي وارا فصل ڪهڙا آهن؟
جواب: چانور، ڪڻڪ، جوئر، ٻاجهري، ميوا ۽ ٻاڄيون.
سوال: پاڪستان جي زراعت پٺتي رهجي ويئي آهي، ان جا خاص سبب ڪهڙا آهن؟
جواب: پوک جا قديم طريقا، پاڻيءَ جي گهٽتائي، سم ۽ ڪلر، خراب ٻج، ٻوڏون، جيت، غربت وغيره.
سوال: پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي صنعت ڪهڙي آهي؟
جواب: سوٽي ڪپڙي جي صنعت.
سوال: اوني ڪپڙي جا ڪارخانا ڪٿي آهن؟
جواب: ڪراچي، ملتان، لارنس پور، بنون.
سوال: سنڌ ۾ کنڊ جون ملون ڪٿي آهن؟
جواب: لاڙڪاڻو، ميرپورخاص، بدين، ٽنڊوالهيار، ٽنڊو محمد خان، نوابشاهه، راڻيپور، شاهپور جهانيان، ٺٽو، دادو، ڪوسڪي، ماتلي، سڪرنڊ وغيره.
سوال: پاڪستان ۾ چانورن جون ملون ڪٿي آهن؟
جواب: گجرانوالا، شيخوپوره، دادو، لاڙڪاڻو، سڪرنڊ.
سوال: چمڙي جا ڪارخانا ڪٿي آهن، جتي بوٽ ناهيا وڃن ٿا؟

جواب: لاهور، حيدرآباد، ڪراچي، گجرات وغيره.
سوال: ڪاغذ ٺاهڻ جا ڪارخانا ڪٿي آهن؟
جواب: گجرانوالا، ڪراچي، چارسده، گهارو.
سوال: سيمنٽ جا ڪارخانا ڪٿي آهن؟
جواب: دائود خيل، واه، روهڙي، حيدرآباد، ڪراچي وغيره.
سوال: بجلي جو سامان ڪهڙن شهرن ۾ ٺهي ٿو؟
جواب: لاهور ۽ ڪراچي.
سوال: بجلي جا پکا ڪٿي ٺاهيا ويندا آهن؟
جواب: گـــجرات، لاهور، راولپنڊي، گـــجرانوالا، ڪراچي ۽ حيدرآباد.
سوال: پاڪستان ۾ ٽيليفون ٺاهڻ جو ڪارخانو ڪٿي آهي؟
جواب: ماريپور.
سوال: سوٽي ڪپڙي ٺاهڻ جا ڪارخانا ڪهڙن شهرن ۾ آهن؟
جواب: ڪراچي، حـــيدرآباد، پشـــاور، گـجرات، سـرگـوڌا، بهاولپور، سيالڪوٽ، اوڪاڙا، نوشهره، ملتان، رحيم يار خان، راولپنڊي، جهلم، لاهور، فيصل آباد وغيره.
سوال: پاڪستان ۾ سگريٽ ڪٿي ٺا ٺهن؟
جواب: جهلم، ڪراچي، مالاڪنڊ، ڪوٽڙي.
سوال: راندين جو سامان ڪٿي ٺو ٺهي؟
جواب: سيالڪوٽ ۾.
سوال: بلائنڪيٽ ڪٿي ٺاهيا ويندا آهن؟
جواب: ديره غازي خان، سکر، جهنگ وغيره.
سوال: پاڪستان جا پارت سان هن وقت ڪهڙا اهم مسئلا

حل ٿيڻا آهن؟

جواب: ڪشمير ۽ سياچن.

سوال: موجوده وقت ۾ ڀارت ۽ پاڪستان جا تعلقات ڪهڙا آهن؟

جواب: سارڪ ڪانفرنس کان پوءِ ڀارت ۽ پاڪستان جا تعلقات سڌري رهيا آهن، پر ڪشمير جي مسئلي تي وڏا اختلاف آهن.

سوال: وزيراعظم بي نظير ڀٽو کان اڳ ۾ پاڪستان جو وزير اعظم ڪير هو؟

جواب: محمد خان جوڻيجو.

سوال: محمد خان جوڻيجي جو وزيراعظم جو عهدو ڪيئن ختم ٿيو؟

جواب: پاڪستان جي صدر ضياءُ الحق، قومي اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي ۽ نين چوندن جو اعلان ڪيو.

سوال: جنرل محمد ضياءُ الحق ۽ ٻين جو موت ڪهڙي هوائي جهاز جي حادثي ۾ واقع ٿيو ۽ ڪڏهن؟

جواب: C-130 - ١٧ آگسٽ ١٩٨٨ع. ان حادثي ۾ آمريڪي سفير ۽ جرنيل ٻه مارجي ويا.

سوال: صدر ضياءُ الحق جي موت کان پوءِ ڪنهن کي صدر مقرر ڪيو ويو؟

جواب: صدر غلام اسحاق خان، جيڪو ان وقت سينٽ جو چيئرمين هو.

سوال: صدر محمد ضياءُ الحق نہ فقط صدر هو، پر آرمي چيف آف
اسٽاف پڻ هو. ٻڌايو تہ هن جي وفات کان پوءِ ڪنهن کي چيف
آف اسٽاف مقرر ڪيو ويو؟

جواب: جناب مرزا اسلم بيگ کي.

سوال: ڊيورنڊ لائين ڇا آهي؟

جواب: ڊيورنڊ لائين، پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ مقرر ٿيل حد
ڏيڪاريندڙ لائين آهي.

سوال: شهزادي آغا خان جو پورو نالو ٻڌايو؟

جواب: پرنس ڪريم آغا خان.

سوال: غلام گهراڻي جو پهريون بادشاهہ ڪير هو؟

جواب: قطب الدين ايبڪ.

سوال: پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو صوبو ڪهڙو آهي؟

جواب: پنجاب.

سوال: پاڪستان ۾ جيڪو پهريون جهاز ٺاهيو ويو، تنهن جو نالو
ٻڌايو؟

جواب: العباس.

سوال: محمد بن قاسم سنڌ تي ڪڏهن حملو ڪيو؟

جواب: 712ع ۾.

سوال: پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل ڪير هو؟

جواب: قائداعظم محمد علي جناح.

سوال: پاڪستان جو پهريون صدر ٻڌايو؟

جواب: اسڪندر مرزا.

سوال: پاڪ فوج جو پهريون ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: ڊگلس گريسي.

سوال: پاڪ فضائيہ جو پهريون ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: ايئر وائيس مارشل ايل-آر-ايچرلي.

سوال: پاڪ بحريہ جو پهريون ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: ايڊمرل چفرڊ جيمس ويلفرڊ.

سوال: پاڪستان جو ٻيو گورنر جنرل ڪير هو؟

جواب: خواجہ ناظم الدين.

سوال: پاڪستان جو ٽيون گورنر جنرل ڪير هو؟

جواب: غلام محمد.

سوال: پاڪستان جو چوٿون گورنر جنرل ڪير هو؟

جواب: اسڪندر مرزا.

سوال: محترمہ بي نظير ڀٽو جي پهرين حڪومت جي برطرفيءَ کان پوءِ ڪير نگران وزيراعظم بڻيو؟

جواب: غلام مصطفيٰ جتوئي.

سوال: نواز شريف جي پهرين حڪومت جي برطرفيءَ کان پوءِ ڪير نگران وزير اعظيم بڻيو؟

جواب: پهرين مير بلخ شير مزاري ۽ پوءِ معين الدين قريشي.

سوال: بوسنيا هزري گووينا جي مسلمان حڪومت، سربن ۽ ڪروٽن ۾ ٿيل امن معاهدي کي ڪهڙي نالي سان سڏيو وڃي ٿو؟

جواب: ڊيٽن امن ناهہ.

سوال: آمريڪا طرفان پريسلر قانون ۾ ڪيل ترميم کيٰ ڪهڙي نالي سان سڏيو وڃي ٿو؟

جواب: براؤن ترميم.

سوال: پاڪستان جو ٻيو وزير اعظم ڪير هو؟

جواب: خواجه ناظم الدين.

سوال: پاڪستان جي ٽيون وزير اعظم ڪير هو؟

جواب: محمد علي بوگره.

سوال: پاڪستان جو چوٿون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: چوڌري محمد علي.

سوال: پاڪستان جو پنجون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: حسين شهيد سهروردي.

سوال: پاڪستان جو ڇهون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: ابراهيم اسماعيل چندريگر.

سوال: پاڪستان جو ستون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: فيروز خان نون.

سوال: پاڪستان جو اٺون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: جنرل محمد ايوب خان.

سوال: پاڪستان جو نائون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: نور الامين.

سوال: پاڪستان جو ڏهون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: ذوالفقار علي ڀٽو.

سوال: پاڪستان جو يارهون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: محمد خان جوڻيجو.

سوال: پاڪستان جو ٻارهون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: محترمه بي نظير ڀٽو.

سوال: پاڪستان جو تيرهون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: غلام مصطفيٰ جتوئي (نگران).

سوال: پاڪستان جو چوڏهون وزيراعظم ڪير ٿيو؟

جواب: ميان محمد نواز شريف.

سوال: پاڪستان جو پندرهون وزيراعظم ڪير ٿيو؟

جواب: بلخ شير مزاري (نگران).

سوال: پاڪستان جو سورهون وزيراعظم ڪير ٿيو؟

جواب: ميان محمد نواز شريف.

سوال: پاڪستان جو سترهون وزيراعظم ڪير ٿيو؟

جواب: معين قريشي (نگران).

سوال: پاڪستان جو ارڙهون وزيراعظم ڪير ٿيو؟

جواب: محترمہ بي نظير ڀٽو.

سوال: پاڪستان جو اوڻيهون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: ملڪ معراج خالد (نگران).

سوال: پاڪستان جو ويهون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: ميان محمد نواز شريف.

سوال: پاڪستان جو ايڪيهون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: مير ظفر الله خان جمالي.

سوال: پاڪستان جو ٻاويهون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: چوڌري شجاعت حسين.

سوال: پاڪستان جو ٽيويهون وزيراعظم ڪير هو؟

جواب: شوڪت عزيز.

سوال: پاڪستان جو چوويهون وزيراعظم ڪير بڻيو؟

جواب: محمد ميان سومرو (نگران).

سوال: ميان محمد نواز شريف جي ٻي حڪومت ڪڏهن ختم ڪئي
ويئي؟

جواب: 12 آڪٽوبر 1999ع.

سوال: جنرل پرويز مشرف ڪهڙي عهدي هيٺ حڪومتي انتظام
سنڀاليو؟

جواب: اسلامي جمهوريه پاڪستان جي چيف ايگزيڪيٽو طور.

سوال: پاڪستان جو پهريون چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ڪير هو؟

جواب: جنرل محمد ايوب خان.

سوال: پاڪستان جو ٻيو چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ڪير هو؟

جواب: جنرل محمد يحيٰ خان.

سوال: پاڪستان جو ٽيون چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ڪير هو؟

جواب: جنرل ضياءُ الحق.

سوال: آزاديءَ کان پوءِ سنڌ جو پهريون وزيراعليٰ ڪير هو؟

جواب: محمد ايوب کهڙو.

سوال: اسٽيٽ بئنڪ جو پهريون گورنر ڪير هو؟

جواب: زاهد حسين.

سوال: پاڪستان جو پهريون وزير قانون ڪير هو؟

جواب: جوگندر ناٿ منڊل.

سوال: پاڪستان جي پهرين وزير مواصلات جو نالو ڇا هو؟

جواب: سردار عبدالرب نشتر.

سوال: پاڪستان جو پهريون وزير صحت ڪير هو؟

جواب: راجا غضنفر علي.

سوال: پاڪستان جي پهرين وزير خوراڪ جو نالو ڇا هو؟

جواب: عبدالستار پيرزادو.

سوال: پاڪستان جو پهريون وزير زراعت ڪير هو؟

جواب: عبدالستار پيرزادو.

سوال: شمله ڪانفرنس 1945ع ۾ مسلم ليگ طرفان وفد ۾ ڪير شريڪ هئا؟

جواب: مسلم ليگ جا هي اڳواڻ هئا: قائداعظم، سيد حسين امام، غلام حسين هدايت الله ۽ سعد الله.

سوال: شمله ڪانفرنس 1945ع ۾ ڪانگريس طرفان وفد ۾ ڪير شريڪ هو؟

جواب: ڪانگريس جا هي اڳواڻ هئا: ڀولا ڀائي ڊيسائي، راج گوپال آچاريه، پنڊت گوبند ٻلڀ پنٿ، بي- جي کير، هري ڪرشن سنها، [illegible]شنڪر شڪلا ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد.

سو[illegible] [illegible]ي حڪومت 1946ع ۾ مسلم ليگ جا ڪهڙا وزير هئا؟

جواب: مسلم ليگ جا هي وزير هئا: لياقت علي خان، راجا غضنفر علي، ابراهيم اسماعيل چندريگر، عبدالرب نشتر، جوگندر ناٿ منڊل.

سوال: ون يونٽ کان پوءِ اولهه پاڪستان جو پهريون گورنر ڪير هو؟

جواب: مشتاق احمد گورماني.

سوال: ون يونٽ کان پوءِ پهريون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: خان عبدالجبار.

سوال: پاڪ ڀارت جنگ 1965ع ۾ پاڪ فضائيه جو ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: ايئر مارشل نور خان.

سوال: پاڪستان جو صرف ٽن ڏينهن جو وزير اعظم ڪير هو؟

جواب: جنرل محمد ايوب خان.

سوال: پاڪ فوج جو آخري ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: جنرل عبدالحميد.

سوال: بائونڊري ڪميشن ۾ پاڪستان جا ڪهڙا نمائندا هئا؟

جواب: نمائندا هي هئا: جسٽس دين محمد ۽ جسٽس محمد منير.

سوال: پارٽ، پاڪستان جو پاڻي ڪڏهن بند ڪيو؟

جواب: اپريل 1948ع.

سوال: لياقت علي خان ڪڏهن ۽ ڪٿي شهيد ٿيو؟

جواب: 16 آڪٽوبر 1951ع تي راولپنڊي ۾ عام جسلي کي خطاب ڪندي.

سوال: لياقت علي خان جو قاتل ڪير هو؟

جواب: سيد اڪبر.

سوال: قائد اعظم جي گهر وارين جا نالا ٻڌايو؟

جواب: امر ٻائي ۽ رتن ٻائي.

سوال: ڪلڪته ۾ قائداعظم تي قاتلانه حملو ڪنهن ڪيو؟

جواب: خاڪسار رفيق صابر.

سوال: خواجه ناظم الدين ڪڏهن برطرف ٿيو؟

جواب: 19 اپريل 1953ع.

سوال: غلام محمد ڪڏهن دستور ساز اسيمبلي ختم ڪئي؟

جواب: 24 آڪٽوبر 1954ع.

سوال: ون يونٽ جو مسودو ڪنهن تيار ڪيو؟

جواب: حسين شهيد سهروردي.

سوال: چوڌري محمد علي جي وزارت جو عرصو ٻڌايو؟
جواب: 11 آگسٽ 1955ع کان 12 ڊسمبر 1956ع تائين.
سوال: سهروردي وزارت جو عرصو ٻڌايو؟
جواب: 6 آڪٽوبر 1956ع کان 18 آڪٽوبر 1957ع.
سوال: چندريگر وزارت جو عرصو ٻڌايو؟
جواب: 18 آڪٽوبر 1957ع کان 16 ڊسمبر 1957ع.
سوال: فيروز خان نون جي وزارت جو عرصو ٻڌايو؟
جواب: 16 ڊسمبر 1957ع کان 7 آڪٽوبر 1958ع.
سوال: پاڪستان ۾ پهريون مارشل لا ڪڏهن لڳو؟
جواب: 7 آڪٽوبر 1958ع.
سوال: اسڪندر مرزا کي صدارت تان ڪڏهن برطرف ڪيو ويو؟
جواب: 27 آڪٽوبر 1958ع.
سوال: صدارتي چونڊ 1962ع ۾ جنرل محمد ايوب کي ڪيترا ووٽ مليا؟
جواب: 49 هزار 951.
سوال: فاطمه جناح کي ڪيترا ووٽ مليا؟
جواب: 28 هزار 591.
سوال: 1965ع واري پاڪ ڀارت جنگ ڪهڙي تاريخ لڳي؟
جواب: 6 سيپٽمبر 1965ع.
سوال: تاشقند ناهه تي ڪڏهن عمل ٿيو؟
جواب: 10 جنوري 1966ع.
سوال: تاشقند ناهه ۾ پاڪستان جو نمائندو ڪير هو؟
جواب: جنرل محمد ايوب.

سوال: تاشقند ٺاهه ۾ هندستان جو نمائندو ڪير هو؟
جواب: لال بهادر شاستري.
سوال: تاشقند ٺاهه ۾ ميزبان نمائندو ڪير هو؟
جواب: اليڪسي ڪوسيگن.
سوال: جنرل محمد يحيٰ ڪڏهن صدر ٿيو؟
جواب: 26 ڊسمبر 1969ع.
سوال: ڀارت ڍاڪا تي ڪڏهن قبضو ڪيو ويو؟
جواب: 6 ڊسمبر 1971ع.
سوال: جنرل ضياءُ الحق ڪڏهن اقتدار سنڀاليو؟
جواب: 5 جولاءِ 1977ع.
سوال: پاڪستان جو پهريون ۽ واحد نائب صدر ڪير هو؟
جواب: نورالامين.
سوال: قائداعظم ڪي اتحاد جو سفير ڪنهن چيو؟
جواب: مسز سروجني نئڊو.
سوال: پاڪستان جو ٻيو وزير خارجه ڪير هو؟
جواب: ارشد حسين.
سوال: پاڪستان جو ٽيون وزير خارجه ڪير هو؟
جواب: حميد الحق چوڌري.
سوال: پاڪستان جو چوٿون وزير خارجه ڪير بڻيو؟
جواب: فيروز خان نون.
سوال: پاڪستان جو پنجون وزير خارجه ڪير ٿيو؟
جواب: شيخ منظور قادر.
سوال: پاڪستان جو ڇهون وزير خارجه ڪير هو؟

جواب: محمد علي بوگره.

سوال: پاڪستان جو ستون وزير خارجه ڪير هو؟

جواب: ذوالفقار علي ڀٽو.

سوال: پاڪستان جو اٺون وزير خارجه ڪير بڻيو؟

جواب: عزيز احمد (مملڪتي وزير).

سوال: پاڪستان جو نائون وزير خارجه ڪير بڻيو؟

جواب: آغا شاهي.

سوال: پاڪستان جو ڏهون وزير خارجه ڪير هو؟

جواب: صاحبزادو يعقوب علي خان.

سوال: پاڪستان جو يارهون وزير خارجه ڪير ٿيو؟

جواب: محمد صديق ڪانجو (مملڪتي وزير).

سوال: پاڪستان جو ٻارهون وزير خارجه ڪير هو؟

جواب: عبدالستار.

سوال: پاڪستان جو تيرهون وزير خارجه ڪير هو؟

جواب: سردار فاروق احمد خان لغاري.

سوال: پاڪستان جو چوڏهون وزير خارجه ڪير هو؟

جواب: سردار آصف احمد علي.

سوال: پاڪستان جو پندرهون وزير خارجه ڪير هو؟

جواب: صاحبزادو يعقوب علي خان.

سوال: پاڪستان جو سورهون وزير خارجه ڪير هو؟

جواب: سرتاج عزيز.

سوال: پاڪستان جو سترهون وزير خارجه ڪير هو؟

جواب: گوهر ايوب خان.

سوال: پاڪستان جو ارڙهون وزير خارجه ڪير هو؟

جواب: عبدالستار.

سوال: پاڪستان جو اوڻيهون وزير خارجه ڪير هو؟

جواب: خورشيد محمود قصوري.

سوال: پاڪستان جو ويهون وزير خارجه ڪير بڻيو؟

جواب: انعام الحق (نگران).

سوال: سنڌ جو ٻيو گورنر ڪير هو؟

جواب: شيخ دين محمد.

سوال: سنڌ جو ٽيون گورنر ڪير هو؟

جواب: امين الدين.

سوال: سنڌ جو چوٿون گورنر ڪير هو؟

جواب: جي-جي- ڪنسٽنٽائين.

سوال: سنڌ جو پنجون گورنر ڪير ٿيو؟

جواب: حبيب ابراهيم رحمت الله.

سوال: سنڌ جو ڇهون گورنر ڪير بڻيو؟

جواب: افتخار حسين ممدوٽ.

سوال: سنڌ جو ستون گورنر ڪير ٿيو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل رخمان گل.

سوال: سنڌ جو اٺون گورنر ڪير هو؟

جواب: ممتاز علي ڀٽو.

سوال: سنڌ جو نائون گورنر ڪير بڻيو؟

جواب: مير رسول بخش ٽالپر.

سوال: سنڌ جو ڏهون گورنر ڪير بڻيو؟

جواب: بيگم رعنا لياقت علي خان.

سوال: سنڌ جي يارهين گورنر نالو ٻڌايو؟

جواب: نواب دلاور خانجي.

سوال: سنڌ جو ٻارهون گورنر ڪير هو؟

جواب: جسٽس عبدالقادر.

سوال: سنڌ جو تيرهون گورنر ڪير هو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل ايس- ايم- عباسي.

سوال: سنڌ جو چوڏهون گورنر ڪير بڻيو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل جهانداد خان.

سوال: سنڌ جو پندرهون گورنر ڪير ٿيو؟

جواب: اشرف ولي محمد تاباني.

سوال: سنڌ جو سورهون گورنر ڪير هو؟

جواب: جنرل رحيم الدين.

سوال: سنڌ جو سترهون گورنر ڪير بڻيو؟

جواب: جسٽس قديرالدين احمد.

سوال: سنڌ جي ارڙهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: فخرالدين جي. ابراهيم.

سوال: سنڌ جي اوڻهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: محمود اي. هارون.

سوال: سنڌ جي ويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حڪيم محمد سعيد.

سوال: سنڌ جي ايڪيهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: محمود اي. هارون.

سوال: سنڌ جي ٻاويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ڪمال اظفر.

سوال: سنڌ جي ٽيويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) معين الدين.

سوال: سنڌ جي چوويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ممنون حسين.

سوال: سنڌ جي پنجويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ايئر مارشل (رٽائرڊ) محمد عظم دائود پوٽو.

سوال: سنڌ جي ڇويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: محمد ميان سومرو.

سوال: سنڌ جي ستاويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ڊاڪٽر عشرت العباد.

سوال: سنڌ جو ٻيو وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: پير الاهي بخش.

سوال: سنڌ جو ٽيون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: يوسف هارون.

سوال: سنڌ جو چوٿون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: قاضي فضل الله.

سوال: سنڌ جو پنجون وزير اعليٰ ڪير بڻيو؟

جواب: محمد ايوب کهڙو.

سوال: سنڌ جو ڇهون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: پيرزادو عبدالستار.

سوال: سنڌ جو ستون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: محمد ايوب کهڙو.

سوال: سنڌ جو ائون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: ممتاز علي ڀٽو.

سوال: سنڌ جو نائون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: غلام مصطفيٰ جتوئي.

سوال: سنڌ جو ڏهون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: سيد غوث علي شاهه.

سوال: سنڌ جو يارهون وزير اعليٰ ڪير بڻيو؟

جواب: اختر علي قاضي.

سوال: سنڌ جو ٻارهون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: اختر علي قاضي (نگران).

سوال: سنڌ جو تيرهون وزير اعليٰ ڪير بڻيو؟

جواب: سيد قائم علي شاهه.

سوال: سنڌ جو چوڏهون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: آفتاب شعبان ميراڻي.

سوال: سنڌ جي پندرهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ڄام صادق علي.

سوال: سنڌ جو سورهون وزير اعليٰ ٻڌايو؟

جواب: سيد مظفر حسين شاهه.

سوال: سنڌ جو سترهون وزير اعليٰ ڪير بڻيو؟

جواب: جسٽس (ر) علي مدد شاهه (نگران).

سوال: سنڌ جو ارڙهون وزير اعليٰ ڪير بڻيو؟

جواب: سيد عبدالله شاهه.

سوال: سنڌ جو اوڻيهون وزير اعليٰ ڪير بڻيو؟
جواب: ممتاز علي ڀٽو (نگران).
سوال: سنڌ جو ويهون وزير اعليٰ ڪير هو؟
جواب: لياقت علي جتوئي.
سوال: سنڌ جو ايڪيهون وزير اعليٰ ڪير هو؟
جواب: سردار علي محمد مهر.
سوال: سنڌ جو ٻاويهون وزير اعليٰ ڪير هو؟
جواب: ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم.
سوال: سنڌ جو ٽيويهون وزير اعليٰ ڪير بڻيو؟
جواب: جسٽس (ر) عبدالقادر هاليپوٽو (نگران).
سوال: آزادي بعد پنجاب جو پهريون گورنر ڪير هو؟
جواب: سر فرانسس موڊي.
سوال: پنجاب جو ٻيو گورنر ڪير هو؟
جواب: سردار عبدالرب نشتر.
سوال: پنجاب جو ٽيون گورنر ٿيو؟
جواب: ابراهيم اسماعيل چندريگر.
سوال: پنجاب جو چوٿون گورنر ڪير بڻيو؟
جواب: امين الدين.
سوال: پنجاب جو پنجون گورنر ڪير هو؟
جواب: حبيب ابراهيم رحمت الله.
سوال: پنجاب جو ڇهون گورنر ڪير بڻيو؟
جواب: مشتاق احمد گورماني.
سوال: پنجاب جو ستون گورنر ڪير ٿيو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل عتيق الرحمان.

سوال: پنجاب جو اٺون گورنر ڪير هو؟

جواب: غلام مصطفيٰ کر.

سوال: پنجاب جي نائين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: صادق حسين قريشي.

سوال: پنجاب جو ڏهون گورنر ڪير هو؟

جواب: غلام مصطفيٰ کر.

سوال: پنجاب جو يارهون گورنر ڪير ٿيو؟

جواب: نواب محمد عباس عباسي.

سوال: پنجاب جو ٻارهون گورنر ڪير بڻيو؟

جواب: جسٽس اسلم رياض حسين (وقتي).

سوال: پنجاب جو تيرهون گورنر ڪير هو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل سوار خان.

سوال: پنجاب جو چوڏهون گورنر ڪير هو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل غلام جيلاني.

سوال: پنجاب جو پندرهون گورنر ڪير ٿيو؟

جواب: مخدوم سجاد حسين قريشي.

سوال: پنجاب جو سورهون گورنر ڪير هو؟

جواب: جنرل ٽڪا خان.

سوال: پنجاب جو سترهون گورنر ڪير هو؟

جواب: ميان محمد اظهر.

سوال: پنجاب جي ارڙهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: چوڌري الطاف حسين (وقتي).

سوال: پنجاب جي اٺويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: رٽائرڊ ليفٽيننٽ جنرل محمد اقبال.

سوال: پنجاب جو ويهون گورنر ڪير ٿيو؟

جواب: چوڌري الطاف حسين.

سوال: پنجاب جي ايڪيهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس چوڌري محمد الياس.

سوال: پنجاب جي ٻاويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل (ر) راجا سروپ خان.

سوال: پنجاب جي ٽيويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: خواجہ احمد طارق رحيم.

سوال: پنجاب جي چوويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: شاهد حامد.

سوال: پنجاب جي پنجويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: سردار ذوالفقار علي کوسا.

سوال: پنجاب جي ڇويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل (ر) محمد صفدر.

سوال: پنجاب جي ستاويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل (ر) خالد مقبول.

سوال: آزادي بعد پنجاب جو پهريون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: افتخار حسين ممدوٽ.

سوال: پنجاب جو ٻيو وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: ممتاز محمد خان دولتانہ.

سوال: پنجاب جو ٽيون وزير اعليٰ ڪير ٿيو؟

جواب: فيروز خان نون.
سوال: پنجاب جو چوٿون وزير اعليٰ ڪير ٿيو؟
جواب: عبدالحميد دستي.
سوال: پنجاب جو پنجون وزير اعليٰ ڪير ٿيو؟
جواب: معراج خالد.
سوال: پنجاب جو ڇهون وزير اعليٰ ڪير بڻيو؟
جواب: غلام مصطفيٰ کر.
سوال: پنجاب جو ستون وزير اعليٰ ڪير هو؟
جواب: محمد حنيف رامي.
سوال: پنجاب جو اٺون وزير اعليٰ ڪير هو؟
جواب: صادق حسين قريشي.
سوال: پنجاب جو نائون وزير اعليٰ ڪير ٿيو؟
جواب: محمد نواز شريف (ڏهون ٻـ ميان نواز شريف وزير اعليٰ رهيو. نگران وزير اعليٰ سميت).
سوال: پنجاب جو يارهون وزير اعليٰ ڪير هو؟
جواب: غلام حيدر وائين.
سوال: پنجاب جي ٻارهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: منظور احمد وٽو.
سوال: پنجاب جي تيرهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: شيخ منظور الاهي.
سوال: پنجاب جي چوڏهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: ميان منظور احمد وٽو.
سوال: پنجاب جي پندرهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: سردار محمد عارف نڪئي.

سوال: پنجاب جي سورهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ميان افضل حيات (نگران).

سوال: پنجاب جي سترهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ميان شهباز شريف.

سوال: پنجاب جي ارڙهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: چوڌري پرويز الاهي.

سوال: پنجاب جي اوڻهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس (ر) اعجاز نثار (نگران).

سوال: سرحد جو ٻيو گورنر ڪير هو؟

جواب: سر ايمبروس ڊنڊاس فلڪس.

سوال: سرحد جو ٽيون گورنر ڪير هو؟

جواب: صاحبزادو محمد خورشيد.

سوال: سرحد جو چوٿون گورنر ڪير بڻيو؟

جواب: ابراهيم اسماعيل چندريگر.

سوال: سرحد جو پنجون گورنر ڪير بڻيو؟

جواب: خواجہ شهاب الدين.

سوال: سرحد جو ڇهون گورنر ڪير ٿيو؟

جواب: قربان علي.

سوال: سرحد جو ستون گورنر ڪير هو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل ڪي. ايم. اظهر خان.

سوال: سرحد جو اٺون گورنر ڪير هو؟

جواب: حيات محمد شيرپائو.

سوال: سرحد جو نائون گورنر ڪير بڻيو؟

جواب: ارباب سڪندر خليل.

سوال: سرحد جو ڏهون گورنر ڪير ٿيو؟

جواب: محمد اسلم خٽڪ.

سوال: سرحد جو يارهون گورنر ڪير هو؟

جواب: ميجر جنرل غواث.

سوال: سرحد جو ٻارهون گورنر ڪير هو؟

جواب: ميجر جنرل (ر) نصيرالله بابر.

سوال: سرحد جو تيرهون گورنر ڪير هو؟

جواب: جسٽس عبدالحڪيم.

سوال: سرحد جي چوڏهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل فضل الحق.

سوال: سرحد جو پندرهون گورنر ڪير هو؟

جواب: عبدالغفور هوتي.

سوال: سرحد جو سورهون گورنر ڪير ٿيو؟

جواب: فدا محمد خان.

سوال: سرحد جو سترهون گورنر ڪير بڻيو؟

جواب: امير گلستان جنجوعہ.

سوال: سرحد جي ارڙهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: رٽائرڊ ميجر جنرل خورشيد علي خان.

سوال: سرحد جي اوڻيهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل (ر) محمد عارف بنگش.

سوال: سرحد جي ويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ميان گل اورنگزيب.

سوال: سرحد جي ايڪهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل (ر) محمد شفيق.

سوال: سرحد جي ٻاويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل (ر) سيد افتخار حسين شاهه.

سوال: سرحد جي ٽيويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ڪمانڊر خليل الرحمان.

سوال: سرحد جي چوويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل (ر) علي محمد جان اورڪزئي.

سوال: آزادي بعد سرحد جو پهريون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: خان عبدالقيوم.

سوال: سرحد جو ٻيو وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: سردار عبدالرشيد.

سوال: سرحد جو ٽيون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: سردار بهادر خان.

سوال: سرحد جو چوٿون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: مولانا مفتي محمود.

سوال: سرحد جو پنجون وزير اعليٰ ڪير ٿيو؟

جواب: عنايت الله گنڊاپور.

سوال: سرحد جو ڇهون وزير اعليٰ ڪير بڻيو؟

جواب: نصير الله خٽڪ.

سوال: سرحد جو ستون وزير اعليٰ ڪير بڻيو؟

جواب: ارباب محمد جهانگير.

سوال: سرحد جو اٺون وزير اعليٰ ڪير هو؟
جواب: ليفٽيننٽ جنرل فضل الحق (نگران).
سوال: سرحد جي نائين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: آفتاب احمد شيرپائو.
سوال: سرحد جي ڏهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: مير افضل خان.
سوال: سرحد جي يارهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: مفتي محمد عباس (نگران).
سوال: سرحد جي ٻارهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: صاحبزادا صابر شاهه.
سوال: سرحد جي تيرهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: آفتاب احمد خان شيرپائو.
سوال: سرحد ر چوڏهون وزير اعليٰ ڪير هو؟
جواب: راجا سڪندر زمان (نگران).
سوال: سرحد جي پندرهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: سردار مهتاب احمد خان عباسي.
سوال: سرحد جي سورهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: محمد اڪرم دراني.
سوال: سرحد جي سترهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: شمس الملڪ.
سوال: بلوچستان صوبو ٺهڻ بعد پهريون گورنر ڪير هو؟
جواب: ليفٽيننٽ جنرل رياض حسين.
سوال: بلوچستان جو ٻيو گورنر ڪير هو؟

جواب: غوث بخش رئيساڻي.

سوال: بلوچستان جو ٽيون گورنر ڪير هو؟

جواب: نواب محمد اڪرم بگٽي.

سوال: بلوچستان جو پنجون گورنر ڪير بڻيو؟

جواب: مير احمد يار خان قلات.

سوال: بلوچستان جو ڇهون گورنر ڪير هو؟

جواب: جسٽس خدا بخش مري.

سوال: بلوچستان جو ستون گورنر ڪير هو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل رحيم الدين.

سوال: بلوچستان جو اٺون گورنر ڪير هو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل فاروق شوڪت. (ايف ايس لوڌي).

سوال: بلوچستان جو نائون گورنر ڪير بڻيو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل خورشيد آفريدي.

سوال: بلوچستان جي ڏهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جنرل (ر) محمد موسيٰ.

سوال: بلوچستان جي يارهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس مير هزار خان کوسو (وقتي).

سوال: بلوچستان جي ٻارهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: سردار گل محمد خان جوگيزئي.

سوال: بلوچستان جي تيرهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: برگيڊيئر (ر) عبدالرحيم دراني.

سوال: بلوچستان جي چوڏهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل (ر) عمران الله خان.

سوال: بلوچستان جي پندرهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: مير عبدالجبار خان (وقتي).

سوال: بلوچستان جي سورهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ميان گل اورنگزيب.

سوال: بلوچستان جي سترهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: سيد افضل آغا.

سوال: بلوچستان جي ارڙهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس (ر) امير الملڪ مينگل.

سوال: بلوچستان جي اوڻهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل (ر) عبدالقادر بلوچ.

سوال: بلوچستان جي ويهين گورنر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: اويس غني.

سوال: بلوچستان صوبو ٺهڻ بعد پهريون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: عطاءُ الله مينگل.

سوال: بلوچستان جو ٻيو وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: محمد خان باروزئي.

سوال: بلوچستان جي چوٿين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جام مير غلام قادر خان.

سوال: بلوچستان جو پنجون وزير اعليٰ ڪير هو؟

جواب: مير ظفر الله جمالي.

سوال: بلوچستان جو ڇهون وزير اعليٰ ڪير بڻيو؟

جواب: جسٽس خدا بخش مري (وقتي).

سوال: بلوچستان جو ستون وزير اعليٰ ڪير بڻيو؟

جواب: نواب محمد اڪبر بگٽي.

سوال: بلوچستان جي ائين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: همايون خان مري (نگران).

سوال: بلوچستان جي نائين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: تاج محمد جمالي.

سوال: بلوچستان جي ڏهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: مير نصير الله مينگل (نگران).

سوال: بلوچستان جي يارهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: نواب ذوالفقار مگسي.

سوال: بلوچستان جي ٻارهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: مير ظفر الله جمالي (نگران).

سوال: بلوچستان جي تيرهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: سردار اختر مينگل.

سوال: بلوچستان جي چوڏهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: مير جان محمد جمالي.

سوال: بلوچستان جي پندرهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جام محمد يوسف.

سوال: بلوچستان جي سورهين وزير اعليٰ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: صالح ڀوتاڻي (نگران).

سوال: سپريم ڪورٽ جو ٽيون چيف جسٽس ڪير هو؟

جواب: جسٽس شهاب الدين.

سوال: سپريم ڪورٽ جو چوٿون چيف جسٽس ڪير هو؟

جواب: جسٽس اي- آر ڪارنيلس.

سوال: سپريم ڪورٽ جو پنجون چيف جسٽس ڪير هو؟

جواب: جسٽس اي- اي رحمان.

سوال: سپريم ڪورٽ جو ڇهون چيف جسٽس ٻڌايو؟

جواب: جسٽس فضل اڪبر.

سوال: سپريم ڪورٽ جو ستون چيف جسٽس ٻڌايو؟

جواب: جسٽس حمود الرحمان.

سوال: سپريم ڪورٽ جو اٺون چيف جسٽس ٻڌايو؟

جواب: جسٽس يعقوب علي.

سوال: سپريم ڪورٽ جو نائون چيف جسٽس ڪير هو؟

جواب: جسٽس انوار الحق.

سوال: سپريم ڪورٽ جو ڏهون چيف جسٽس ڪير هو؟

جواب: جسٽس محمد حليم.

سوال: پاڪستان جي يارهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: محمد افضل ظله.

سوال: پاڪستان جو ٻارهون چيف جسٽس ڪير هو؟

جواب: ڊاڪٽر نسيم حسن شاهه.

سوال: پاڪستان جي تيرهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس سعد سعود جان.

سوال: سپريم ڪورٽ جي چوڏهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: سيد سجاد علي شاهه.

سوال: پاڪستان جي پندرهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس اجمل ميان.

سوال: پاڪستان جي سورهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس سعيد زمان صديقي.

سوال: پاڪستان جي سترهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس ارشاد حسن خان.

سوال: پاڪستان جي ارڙهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس شبير جهانگيري.

سوال: پاڪستان جي اوڻهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس شيخ رياض احمد.

سوال: پاڪستان جي ويهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس ناظم حسين صديقي.

سوال: پاڪستان جي ايڪهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس افتخار محمد چوڌري.

سوال: پاڪستان جي ٻاويهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس جاويد اقبال (وقتي).

سوال: پاڪستان جو ٽيويهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس رانا ڀڳوان داس (وقتي).

سوال: پاڪستان جي چوويهين چيف جسٽس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جسٽس عبدالحمد ڊوگر.

سوال: پاڪ فوج جو ٽيون ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: جنرل محمد ايوب.

سوال: پاڪ فوج جو چوٿون ڪمانڊر انچيف ڪير ٿيو؟

جواب: جنرل محمد موسيٰ.

سوال: پاڪ فوج جو پنجون ڪمانڊر انچيف ڪير ٿيو؟

جواب: جنرل محمد يحيٰ.

سوال: پاڪ فوج جو ڇهون ڪمانڊر انچيف ڪير ٿيو؟

جواب: ليفٽيننٽ جنرل گل حسن.

سوال: پاڪ فضائيه جو ٻيو ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: ايئر وائيس مارشل ڪينن.

سوال: پاڪ فضائيه جو ٽيون ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: ايئر وائيس مارشل ميڪڊولڊ.

سوال: پاڪ فضائيه جو چوٿون ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: ايئر مارشل اصغر خان.

سوال: پاڪ فضائيه جو پنجون ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: ايئر مارشل نور خان.

سوال: پاڪ فضائيه جو ڇهون ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: ايئر مارشل رحيم خان.

سوال: پاڪ بحريه جو ٻيو ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: ريئر ايڊمرل حاجي محمد صديق.

سوال: پاڪ بحريه جو ٽيون ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: ريئر ايڊمرل افضل الرحمان.

سوال: پاڪ بحريه جو چوٿون ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: وائيس ايڊمرل ايس - ايم - احسن.

سوال: پاڪ بحريہ جو پنجون ڪمانڊر انچيف ڪير هو؟

جواب: وائيس ايڊمرل مظفر حسن.

سوال: جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽيءَ جو پهريون چيئرمن ڪير هو؟

جواب: جنرل محمد شريف.

سوال: جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽيءَ جو ٻيو چيئرمن ڪير هو؟

جواب: جنرل محمد اقبال.

سوال: جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽيءَ جو ٽيون چيئرمن ڪير هو؟

جواب: جنرل رحيم الدين.

سوال: جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽيءَ جو چوٿون چيئرمن ڪير بڻيو؟

جواب: جنرل اختر عبدالرحمان.

سوال: جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽيءَ جو پنجون چيئرمن ڪير هو؟

جواب: ايڊمرل افتخار حسين سروهي.

سوال: جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽيءَ جي ڇهين چيئرمن جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جنرل شميم عالم خان.

سوال: جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽيءَ جي ستين چيئرمن جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ايئر مارشل فاروق فيروز خان.

سوال: جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽيءَ ڪي ائين چيئرمن جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جنرل جهانگير ڪرامت.

سوال: جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪيمٽيءَ جي نائين چيئرمن جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جنرل پرويز مشرف.

سوال: جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽيءَ جي ڏهين چيئرمن جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جنرل محمد عزيز خان.

سوال: جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽيءَ جي يارهين چيئرمن جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جنرل احسان الحق.

سوال: جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽيءَ جي ٻارهين چيئرمن جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جنرل طارق مجيد.

سوال: پهريون وفاقي محتسب اعليٰ ڪير هو؟

جواب: جسٽس سردار محمد اقبال.

سوال: ٻيو وفاقي محتسب اعليٰ ڪير هو؟

جواب: جسٽس شفيع الرحمان.

سوال: پاڪستان جي سڀ کان وڏي ريگستان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ٿر.

سوال: اولهہ پاڪستان جي آخري گورنر جو نالو ٻڌايو؟
جواب: ليفٽيننٽ جنرل عتيق الرحمان.
سوال: قائداعظم جي اکين جو رنگ ٻڌايو؟
جواب: گهرو ڀورو.
سوال: قائداعظم محمد علي جناح ڪهڙي انگريزي شاعر کان گهڻو متاثر هو؟
جواب: وليم شيڪسپيئر کان.
سوال: قائداعظم جي سڀ کان وڌيڪ پسنديده راند ڪهڙي هئي؟
جواب: ڪرڪيٽ.
سوال: پاڪستان جي قومي تراني ۾ اردو ٻولي جا ڪيترا لفظ آهن؟
جواب: فقط هڪ، يعني "ڪا".
سوال: پاڪستان ۾ سڀ کان پهرين موت جي سزا حاصل ڪندڙ عورت جو نالو ٻڌايو؟
جواب: سرداران.
سوال: تخت سليمان نالي جابلو چوٽي جي بلندي ٻڌايو؟
جواب: يارهن هزار فوٽ.
سوال: پاڪستان جي ڪهڙي شهر کي "نور محل" چيو ويجي ٿو؟
جواب: بهاولپور کي.
سوال: مينار پاڪستان جي پيڙهہ جو پٿر ڪنهن رکيو هو؟

جواب: آڳوڻي گورنر اختر حسين.

سوال: قائداعظم جي مادري ٻولي ڪهڙي هئي؟

جواب: گجراتي.

سوال: پاڪستان جي پهرين واٽر فيڪٽري ڪهڙي شهر ۾ آهي؟

جواب: سکر ۾.

سوال: پاڪستان اسٽيل ملز جي پيڙهه جو پٿر ڪنهن رکيو هو؟

جواب: جناب ذوالفقار علي ڀٽو.

سوال: پاڪستان ۾ اسلامڪ سمٽ مينار ڪهڙي شهر ۾ آهي؟

جواب: لاهور ۾.

سوال: اسلامڪ سمٽ مينار جي بلندي ڪيتري آهي؟

جواب: ١٥٠ فوٽ.

سوال: پاڪستان ۾ ڪهڙي مهيني ۾ وڌيڪ ٻوڏون اچن ٿيون؟

جواب: جولاءِ ۽ آگسٽ مهينن ۾.

سوال: مغل دؤر ۾ سنڌ جي ڪهڙي شهر کي ”سونو شهر“ چيو ويندو هو؟

جواب: ٺٽي کي.

سوال: حب ڊيم ڪهڙي شهر جي ويجهو آهي؟

جواب: ڪراچي.

سـوال: سنڌو درياءَ جي ڪناري تي سڀ کان وڏو ڪهڙو شه
آباد آهي؟

جواب: حيدرآباد.

سـوال: پاڪستان ۾ ٿهندڙ پهرين ٽريڪٽر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: باغبان.

سـوال: پاڪستان جي پهرين ڊپٽي اسپيڪر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: سي. اي. گبن.

سـوال: پٺاڻن جو مشهور ناچ ڪهڙو آهي؟

جواب: خٽڪ.

سـوال: سڀ کان پهرين پاڪستان جو جهنڊو ڪهڙي غي
ملڪ ۾ ڦڙڪايو ويو؟

جواب: فرانس ۾.

سـوال: پاڪستان جو سڀ کان وڏو جانورن جو باغ ڪهڙ
شهر ۾ آهي؟

جواب: لاهور ۾.

سـوال: پاڪستان جو سرڪاري مذهب ڪهڙو آهي؟

جواب: اسلام.

سـوال: پاڪستان جو اهو ڪهڙو شهر آهي، جنهن لاءِ چ
وڃي ٿو، تہ اهو طوفان نوح واري وقت کان قائم آهي؟

جواب: ملتان.

سـوال: يونائيٽيڊ پريس آف پاڪستان جو قيام ڪڏهن عم
۾ آيو؟

جواب: ١٩٦٩ع ۾.
سوال: ايسوسيئيٽيڊ پريس آف پاڪستان ڪڏهن قائم ٿيو؟
جواب: ١٩٦٩ع.
سوال: قائداعظم يونيورسٽي جو نقشو ڪنهن تيار ڪيو هو؟
جواب: ايڊرن اسٽون.
سوال: صوبي جي وڏي عدالت کي ڇا چيو ويندو آهي؟
جواب: هاءِ ڪورٽ.
سوال: فورٽ سنڊيمن جو پراڻو نالو ڇا هيو؟
جواب: زوب.
سوال: هلال احمر جو نصب العين ڇا آهي؟
جواب: انسان جي حفاظت ڪرڻ.
سوال: پاڪستان جي ڪهڙي شهر جي سراسري آمدني سڀ کان وڏيڪ آهي؟
جواب: ڪراچي.
سوال: قائداعظم جي گهر واري رتن ٻائي کي ڪٿي دفن ڪيو ويو؟
جواب: آرام باغ، بمبئي ۾.
سوال: ڪراچي، سمنڊ جي سطح کان ڪيترو مٿي آهي؟
جواب: ٧٣ فوٽ.
سوال: پاڪستاني مڇيءَ جو سڀ کان وڏو خريدار ملڪ ڪهڙو آهي؟
جواب: سري لنڪا.



(٣) سائنس

سوال: "سائنس" لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟
جواب: سائنس لفظ جي معنيٰ تجرباتي علم آهي.
سوال: اڄ تائين ڪيترا عنصر مليا آهن؟ ڇا هٿراڏو عنصر ٺاه
سگهجن ٿا؟
جواب: ١٠٥ عنصر مليا آهن. ها، هٿراڏو عنصر ٺاهي سگهج
ٿا.
سوال: آڪسيجن ڪنهن دريافت ڪئي؟
جواب: سوئيڊن جي مشهور ڪيميادان شيلي.
سوال: اليڪٽران ڪنهن دريافت ڪيو؟
جواب: سر جي ٿامپسن.
سوال: هوا ۾ ڪهڙيون گئسون آهن؟
جواب: نائٽروجن، آڪسيجن آرگان، هيڊروجن، هيليئم
ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ.
سوال: ڇا، سون ڪان وڌيڪ قيمتي ڪي ڌاتو آهن؟ انهن ج
نالا ٻڌايو؟

جواب: ها، يورينيم، پلاٽينيم، ٿوريم، ريڊيم.

سـوال: سڀ کان ڳري گئس ٻڌايو؟

جواب: ريڊون گئس.

سـوال: سڀ کان قيمتي ڌاتو ڪهڙو آهي؟

جواب: پلاٽينيم.

سـوال: آڪسيجن صحيح طريقي سان ڪهڙي سائنسدان معلوم ڪئي. ٻڌايو تہ، آڪسيجن هوا جو ڪيترو حصو آهي؟

جواب: جوزف پرسٽلي. آڪسيجن هوا جو پنجون حصو آهي.

سـوال: ڪهڙو عنصر هيري ۾ گهڻو ملي ٿو؟

جواب: ڪاربان.

سـوال: پاڻي ڪيتري فارنهائيٽ تي اٻري ٿو ۽ ڄمي ڪيتري فارنهائيٽ تي ٿو؟

جواب: F:212 ۽ F: 32 - C 0 ۽ C 100 .

سـوال: نيلم، زمرد، ياقوت ۽ لعل ڪهڙي ڌاتو جا قيمتي مرڪب آهن.

جواب: المونيم.

سـوال: ڪهڙي ڪيميادان سڀ کان پهرين مصنوعي هيرو ٺاهيو؟

جواب: هينري موئيزان، فرانس.

سـوال: سڀ کان پهرين جوهري نظريو ڪنهن پيش ڪيو؟

جواب: جان ڊالٽن.

سـوال: هر عمل جو هڪ ردعمل ٿيندو آهي، اهو قانون ڪهڙي

سائنسدان جو آهي؟

جواب: نيوٽن جو ٽيون ڪليو.

سـوال: هڪ چورس فوٽ سطح تي ڪيتري هوا آهي؟

جواب: هڪ ٽن.

سـوال: لافنگ گئس جو اصل نالو ٻڌايو؟

جواب: نائٽرس آڪسائيڊ.

سـوال: آڪسيجن ۽ هائڊروجن جي مدد سان ٻرندڙ شعلي آڪسي هائڊرو جن جو گرميءَ جو درجو ڪيترو هوندو آهي؟

جواب: ٢٨ هزار ڊگري سينٽي گريڊ.

سـوال: شيشي ٺهڻ جا ڪي بنيادي جزا ٻڌايو؟

جواب: سوڊا، واري، چن.

سـوال: اڪيلي رنگين گئس جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ڪلورين گئس.

سـوال: ڪهڙو ڌاتو گهڻي ڪثافت وارو آهي؟

جواب: اوسيميم.

سـوال: بناسپتي گيهه ۾ ڪهڙي گئس استعمال ٿئي ٿي؟

جواب: هائڊروجن گئس.

سـوال: آڪسيجن ۾ مقناطيس لاءِ ڪجهه ڪشش آهي؟

جواب: ها آهي.

سـوال: ”ڪيمسٽري“ ڪهڙي ٻولي جو لفظ آهي؟

جواب: عربي جي ڪيميا مان اخذ ڪيل آهي.

سوال: برف ڄمائڻ ۾ ڪهڙي گئس استعمال ٿئي ٿي؟
جواب: امونيا.
سوال: هائڊروجن گئس وزن جي لحاظ کان هوا جو ڪيترو حصو آهي؟
جواب: هڪ ڀاڱي چوڏهن حصو.
سوال: آئن اسٽائين، اضافت جو نظريو ڪڏهن پيش ڪيو؟
جواب: ١٩٠٥ع ۾.
سوال: آڪسيجن گئس جو اهو نالو ڪنهن رکيو؟
جواب: انطوني.
سوال: ڪلورين گئس ڪنهن دريافت ڪئي؟
جواب: سويڊن جي سائنسدان شيل.
سوال: ايٿيلين گئس جو شعلو گرمي جي ڪيتري بلندي تائين پهچي ٿو؟
جواب: ٣٣٠٠ ڊگري سينٽي گريڊ تائين.
سوال: جوهر جو مرڪز ڪنهن معلوم ڪيو؟
جواب: لارڊ ٿر فورڊ.
سوال: زمين جو هڪ ڀاڱي چار حصو ڪهڙن عنصرن تي مشتمل آهي؟
جواب: سلي ڪان، آڪسيجن.
سوال: لوهه جي ائٽمن ۾ ڪيترا اليڪٽران آهن. ان جو ائٽمي نمبر ۽ وزن ٻڌايو؟
جواب: ٢٦، ١٩، ٥٦.

سوال: ٽامي ۽ چاندي سان سون ٺاهي سگهجي ٿو؟

جواب: ها ائٽمي نمبر بدلائي.

سوال: پاڻي ٻن عنصرن آڪسيجن ۽ هائڊروجن جي ملڻ سان ٺهيو آهي. اهو نظريو ڪنهن معلوم ڪيو هو؟

جواب: لاووزيئر.

سوال: ٽامي ۽ جست ملائڻ سان ڇا ٺهندو آهي. ٻڌايو، اهو مرڪب آهي يا عنصر؟

جواب: پتل، مرڪب آهي.

سوال: عام پاڻي ۽ ڳري پاڻي جو سائينسي فارمولا ٻڌايو؟"

جواب: عام H_2O ۽ ڳرو D_2O.

سوال: عنصرن، مرڪبن وغيره کي اکرن، نشانين ۽ فارمولا سان ڪنهن ظاهر ڪيو؟

جواب: برزي ليئسين.

سوال: لوهه کي سون ۾ بدلائي سگهجي ٿو؟

جواب: ها، خرچ تمام گهڻو ايندو.

سوال: مادي جي چوٿين حالت ٻڌايو؟

جواب: پلازما.

سوال: ڳرو پاڻي ڪهڙي مسلمان سائنسدان معلوم ڪيو؟

جواب: جابر بن حيان.

سوال: لوهه جي هڪ ائٽم ۾ ڪيترا اليڪٽران ۽ پروٽان آهن؟

جواب: ٢٦ ۽ ٣٠.

سوال: سون جو ائٽمي نمبر ٻڌايو؟

جواب: ٧٩-

سوال: نيوسائن جي ٽيوبن ۾ ڪهڙي گئس ڀريل آهي، جو ان مان بجلي گذرڻ سان روشني پيدا ٿئي ٿي؟

جواب: نيون گئس.

سوال: ٽامي ۽ ٽين جي ملائڻ سان ڇا ٺهندو؟

جواب: ڪنجهو.

سوال: سمنڊ جي پاڻي مان ڪهڙو اهم ڌاتو ملي سگهي ٿو؟

جواب: مئگنيشيم.

سوال: ڪاربان ڊاء آڪسائيڊ گئس هوا کان ڪيتري قدر ڳري آهي؟

جواب: ڏيڍوڻي.

سوال: مائع آڪسيجن جو رنگ ڇڏايو؟

جواب: زردي مائل نيرو.

سوال: وڏيڪ هلڪو ۽ وڏيڪ ڳرو ائٽم ڪهڙي عنصر جو آهي؟

جواب: هئڊروجن، يورينيم.

سوال: ڳرو پاڻي ڪيتري فارنهائيٽ درجي تي ڄمي ۽ اٻري ٿو؟

جواب: ڄمڻ ٦٨.٣٨ ۽ اٻرڻ ٢١٤.٦٦.

سوال: ڪهڙي روشني گرمي کان سواء پيدا ٿئي ٿي ۽ ڪيئن؟

جواب: پوپٽ جي روشني.

سوال: پلاسٽر آف پيرس ڇا آهي؟

جواب: ڪئلشيم سلفيٽ.

سوال: هڪ چورس ميل سمنڊ ۾ ڪيترو مئگنيشيم هوندو؟

جواب: ۴۰ لک ٽن.

سوال: ڪهڙو ڌاتو تيزاب تي اثر ڪريئُو؟

جواب: پلاٽينم.

سوال: وڌ ميٽل ڌاتو جي پگهرجڻ جو درجو ٻڌايو؟

جواب: C ° > ڊگري.

سوال: ڪاسمڪ ريز ڪائناتي شعاع ڪنهن ڪي چوندا آهن؟

جواب: برقي ذرڙا.

سوال: تار ۽ لوهہ ۾ آواز جي رفتار ڪيتري تيز هوندي آهي؟

جواب: تار ۾ ۱۳۰ فوٽ ۽ لوهہ ۾ ۱۷ فوٽ في سيڪنڊ.

سوال: ڪهڙو ڌاتو ٿڌي ٿيڻ سان ڄمي وڃي ٿو؟

جواب: پارو.

سوال: انسان پهرين ڪهڙو ڌاتو استعمال ڪيو؟

جواب: ٽامو.

سوال: ڪهڙي سائنسدان روشني جي صحيح رفتار معلوم ڪئي؟

جواب: اولاس دومر.

سوال: سادي ۽ کاري پاڻي مان ڪهڙي ۾ صابڻ (گجي ڪندڙ) جلد لڳندو؟

جواب: سادي پاڻي ۾.

سوال: پاڻي جي سطح تي دٻاءُ وڌايو وڃي، تہ ان جي جوش

جو درجو وڏندو يا گهٽبو؟

جواب: وڏندو.

سوال: تقطير، تبخير، تڪثيف جا اعمال ڪهڙي مسلم سائنسدان پهرين استعمال ڪيا؟

جواب: جابر بن حيان.

سوال: فضا ۾ آواز جي رفتار ڪيتري آهي؟

جواب: ٧٥٠ ميل في ڪلاڪ.

سوال: ليوهن ڇا آهي؟

جواب: روشني جي چمڪ.

سوال: $C^{12} H^{22} O^{11}$ روزمره استعمال جي ڪهڙي ڪيميائي شيءِ آهي؟

جواب: ڪنڊ.

سوال: اليڪٽرانڪ خوردبيني سان ڪا شيءِ ڪيتري وڏي ڏسبي؟

جواب: هڪ لک دفعا وڏيڪ.

سوال: خشڪ ڪاغذ ۾ پاڻي ڪيترو حصو آهي؟

جواب: ڏهه سيڪڙو.

سوال: سينٽي گريڊ ۽ فارنهائيٽ ٿرماميٽر جي ريڊنگ ڪهڙي گرميءَ درجي تي هڪجهڙي هوندي؟

جواب: ڪاٽو ٤٠ ڊگري.

سوال: ڪهڙي مسلم ڪيميادان ماءُ الملوڪ تيزاب ٺاهيو، جيڪو سون کي پاڻي ڪريو ڇڏي؟

جواب: جابر بن حيان.

سوال: ڪهڙو مادو رقيق ناهي؟

جواب: شيشو.

سوال: ريڊيو ۽ ٽيليويزن ۾ لهرون ڪهڙي طرح هلن ٿيون؟

جواب: سڌيون.

سوال: نوٽران جي رفتار گهٽائڻ لاءِ ڪهڙو مادو ڪم ايندو؟

جواب: ماڊيريٽر.

سوال: تجرباتي سائنس جو باني ڪير هو؟

جواب: راجر بيڪن.

سوال: ڪاسمڪ شعاع ڪنهن دريافت ڪيا؟

جواب: وي. ايف. هيس.

سوال: ارسطو جو ڪهڙو نظرو گئيليليو غلط ثابت ڪيو؟

جواب: وزني شيءِ هلڪي شيءِ ڪان پهرين زمين تي ڪرندي.

سوال: ائٽمي دؤر جي شروعات ڪڏهن ۽ ڪٿان ٿي؟

جواب: ١٦ جولاءِ ١٩٤٥ع ڊيٽ ويلي (اُتر ميڪسيڪو).

سوال: ڪرونوميٽر سان ڇا ماپبو آهي؟

جواب: وقت.

سوال: هوا جو وزن ٻڌايو؟

جواب: ١٣ مڪعب فوٽ = هڪ پائونڊ.

سوال: جهاز پاڻي ۾ تري ٿو، پر سئي ٻڏي ٿي. ان جو سبب ٻڌايو؟

جواب: جهاز جو ترڻ ۽ سئي جو ٻڏڻ ارشميدس جا اُصول

آهن.

سوال: نيوڪليائي جوڙجڪ جا قانون سائنسدان ڪنهن جي مدد سان معلوم ڪندا آهن؟

جواب: ريڊيائي آئيسوٽوپس.

سوال: ٻڏندڙ جسم کي تارڻ لاءِ ان جي ٿولهه وڌائبي آهي يا گهٽائبي؟

جواب: وڌائبي.

سوال: سمنڊ جي سطح تي هوا جو داب ٻڌايو؟

جواب: ٣/١-١۴ پائونڊ في چورس انچ.

سوال: جيڪ اسڪريو ڪهڙي ڪم ايندو آهي؟

جواب: ڳريون شيون مٿي کڻڻ لاءِ.

سوال: اسان کي هوا جو وزن ڇو معلوم نٿو ٿئي؟

جواب: اسان جي چوڌاري ۽ اندر هوا موجود آهي ان ڪري.

سوال: جست ۽ ٽامي جي ڳرڻ جو درجو ٻڌايو؟

جواب: جست ۴١٩ ڊگري ۽ ٽامو ١٠٨٣ ڊگري سينٽي گريڊ.

سوال: هڪ ائٽم ۾ اليڪٽران وڌيڪ آهن يا پروٽان؟

جواب: هڪجيترو تعداد آهي.

سوال: لوهه کان سواءِ چقمق ڪهڙا ڌاتو ڇڪي ٿو؟

جواب: نڪل ۽ ڪوبالٽ.

سوال: الٽي · ٽر سان ڇا ماپبو آهي؟

جواب: نيم شفاف جسم.

سوال: برف جو ڪيترو حصو پاڻي کان ٻاهر رهي ٿو؟

جواب: ڏهون حصو.

سوال: نوري سال ڇا آهي، ان سان ڇا ماپبو آهي؟

جواب: هڪ سال ۾ روشني جو مفاصلو نوري سال آهي، ان سان مفاصلو ماپبو آهي.

سوال: اندلٺ ڇا آهي ۽ ڪيئن ٺهي ٿي؟

جواب: برسات کان پوءِ آسمان تي ست رنگ اندلٺ. فضا ۾ برسات جي رهيل قطرن جو منشور آهي.

سوال: اندلٺ جي رنگن جا ترتيب وار انگريزي نالا ٻڌايو؟

جواب: VIBGYOR /

واڱڻائي VOILET - V

نيرو INDIGO - I

آسماني BLUE - B

سائو GREEN - G

پيلو YELLOW - Y

نارنگي ORANGE - O

ڳاڙهو RED - R

سوال: سڀ کان هلڪو ڌاتو ٻڌايو؟

جواب: ليٿيم.

سوال: سڀ کان ڳرو ڌاتو ٻڌايو؟

جواب: اليومينم.

سوال: اليومينم پاڻي کان ڪيترو ڳرو آهي؟

جواب: ٢-١/٢ اڍائي دفعا.

سوال: بلب ۾ ڪهڙو ڌاتو ۽ گئس آهي؟

جواب: ٽنگسٽن، نائٽروجن.

سوال: ليڪٽو ميٽر ڪهڙي ڪم اچي ٿو؟

جواب: کير جي گهاٽائي معلوم ڪبي آهي؟

سوال: فارنهائيٽ ٿرماميٽر تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

جواب: ان جي ايجاد ڪندڙ جو نالو پڻ اهو ئي هو، يعني ان جو نالو "فارنهائيٽ" هو.

سوال: ١٥ هزار فوٽ گهري پاڻي جو دٻاءُ ٻڌايو؟

جواب: اڍائي ٽن في چورس انچ.

سوال: ڪنوڻ کي جمع ڪرڻ جي ڪهڙي ڪوشش ڪئي پئي وڃي؟

جواب: جرمني جا سائنسدان جبل تي اوزار لڳائي ڪامياب ٿيا آهن.

سوال: ٿرماميٽر پهرين ڪنهن ٺاهيو؟

جواب: گئيليلو گيلي.

سوال: سينٽي گريڊ ٿرماميٽر ڪنهن ايجاد ڪيو؟

جواب: اينڊرس سيلس.

سوال: اينموميٽر سان ڇا ماپبو آهي؟

جواب: هوا جي رفتار.

سوال: ڪو جسم بلندي تي وڃڻ سان جسم ۽ وزن ساڳيو رهندو يا تبديلي ايندي؟

جواب: وزن گھٽبو، پر جسم ساڳيو رهندو.

سوال: بئروميٽر ڪهڙي ڪم ايندو آهي؟

جواب: هوا جي دٻاءُ، هوائي جهاز ۽ جبل جي بلندي معلوم ڪرڻ لاءِ.

سوال: ليزر شعاع لوهه جي چادر ۾ سوراخ ڪندو؟

جواب: ها.

سوال: ائٽمي دؤر جي ڪيتري عرصي ڪان پوءِ ائٽم انساني تباهي لاءِ استعمال ٿيو؟

جواب: فقط ويهه ڏينهن چار ڪلاڪ.

سوال: سڀ کان پهرين ڪهڙي ڌاتوءَ مان جوهري طاقت حاصل ڪئي ويئي؟

جواب: يورينم مان.

سوال: گرمي شين کي وڌائي ٿي ۽ سردي گهٽائي ٿي. ٻڌايو، ته ڪهڙي شيءِ تي اهو فارمولا ابتو لاڳو ٿئي ٿو؟

جواب: پاڻيءَ تي.

سوال: ڪهڙي سائنسدان ڪيميائي عمل سان بجلي پيدا ڪئي؟

جواب: وولٽا.

سوال: انهن جسمن کي سائنسي لاڳاپن ۾ ڇا چئبو آهي، جيڪي روشني ڪان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ کي پاڻ مان گذرڻ نٿا ڏين؟

جواب: نيم شفاف جسم.

سوال: پارو ڪيتري ڊگري تي ڄمي ٿو؟
جواب: ٥٥ ڊگري سينٽي گريڊ.
سوال: ڪنوڻ جي چمڪ ۾ ڪيتري طاقت آهي؟
جواب: ٥ ڪروڙ هارس پاور.
سوال: سمنڊ جي سطح تي بئرروميٽر ۾ پاري جي اوچائي ڪيترا انچ اوچي هوندي؟
جواب: ٣٠ انچ.
سوال: پائرروميٽر سان ڇا ماپبو آهي؟
جواب: باهه جو گرمي جو درجو.
سوال: ڪنهن جسم جو عڪس آرسي جي آڏو نهندو يا پويان؟
جواب: پويان.
سوال: شوري جو تيزاب ڪنهن ايجاد ڪيو؟
جواب: جابر بن حيان.
سوال: جبلن جي جوڙجڪ پاڻي ۾ آهي، اهو نظريو ڪنهن جو آهي؟
جواب: عمر خيام.
سوال: ائٽمي نمبر مان ڇا مطلب آهي؟
جواب: ڪنهن عنصر جي نيوڪلئيس ۾ پروٽانن جو تعداد.
سوال: ڪهڙو اوزار پاڻيات معلوم ڪرڻ جي ڪم اچي ٿو؟
جواب: هائيڊروميٽر.
سوال: ڪهڙي رياضي دان سڀ کان پهرين لائين ۽ نقطه جي

وصف ٻڌائي؟

جواب: فيثاغورث.

سـوال: قدرتي مقناطيس ۽ لوڊ اسٽون ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

جواب: ڪوبہ نہ.

سـوال: ڪهڙو اوزار پاڻهي گرمي جو درجو رڪارڊ ڪري ٿو؟

جواب: ٿرمون گراف.

سـوال: ريڊيائي لهرن جي ڊيگهہ وڏيڪ آهي يا روشني ج

لهرن جي؟

جواب: ريڊيائي لهرن جي.

سـوال: حقيقت ۾ ڪهڙي مسلمان سائنسدان دوربين ايجا

ڪئي؟

جواب: ابوالحسن.

سـوال: زمين جي هيٺئين تهہ ۾ گهٽي مقدار ۾ ڪهڙا بہ ڌا

ملن ٿا؟

جواب: لوهہ ۽ نڪل.

سـوال: چاندي، ٽامي ۽ ميڻ کي رجيل حالت کان سخت حال

۾ تبديل ڪجي، تہ ان جو وزن گهٽبو يا وڌندو؟

جواب: گهٽجي ويندو.

سـوال: چاٽر اسڪوپ ڇا آهي؟

جواب: هن سان سمنڊ ۾ طرف معلوم ڪيا ويندا آهن.

سـوال: عنصر کي ايٽمي نمبرن مطابق ڪنهن ترتيب ڏنو؟

جواب: هنري موزلي.

سوال: نيلي ۽ پيلي رنگ جي روشني ملائڻ سان ڪهڙي روشني ٺهندي؟

جواب: عام روشني جهڙي.

سوال: چيرولي کي گرم ڪري پيهي سنهو ڪجي، ته ان کي ڇا چئبو؟

جواب: پلاسٽر آف پيرس.

سوال: ڳوڙها آڻيندڙ گئس ۾ ڪهڙيون گئسون آهن؟

جواب: ڪلورو، برومو ۽ آرٿو.

سوال: ڪنوڻ کان بچاءَ جو اوزار ڪهڙو آهي ۽ اهو ڪنهن ايجاد ڪيو؟

جواب: برق ڪش، اهو بنجامن فرنڪلين ايجاد ڪيو.

سوال: يورينيم ڪنهن معلوم ڪيو؟

جواب: مارٽن ايچ ڪلوڪ.

سوال: گرمي ملڻ سان ڪاٺ، ڌاتو ۽ چمڙي مان ڪهڙي شيءِ ڦهرين سسندي؟

جواب: ڌاتو.

سوال: درياءَ يا سمنڊ جي مٿئين تهه تي برف ڄمي، ته هيٺ مڇيون زنده رهنديون؟

جواب: ها.

سوال: نيوڪليئر ۾ ڪهڙو مهانگو ڌاتو استعمال ڪيو ويجي ٿو؟

جواب: يورينيم ٢٣٥.

سـوال: قطب روشني، مان ڪهڙي مراد آهي؟

جواب: هڪ عجيب روشني جيڪا ڪڏهن ڏڪڻ ۽ ڪڏهن اتر قطب ڪان نظر ايندي آهي؟

سـوال: ٻاڦ ۽ برف جي لڪل گرمي ڀڏايو؟

جواب: ٥٣٧ ۽ ٨٠ ڪئلوري.

سـوال: آواز جي رفتار موجب پري جا ريڊيو گرام اسان وٽ گهٽي دير سان پهچڻ گهرجن. پر ائين ڇو نٿو ٿئي؟

جواب: آواز کي ريڊيائي لهرن ۾ بدلايو وڃي ٿو. ان ڪري ائين ٿئي ٿو.

سـوال: هي نشانيون ڪهڙن عنصرن جون آهن؟

Na, Cl, O, Fe, Hg,U, Ra, Pu

جواب: پلاٽينيم، ريڊيم، يورينيم، پارو، فولاد. آڪسيجن، ڪلورين، سوڊيم.

سـوال: اليڪٽرانڪ خوردبين ۾ روشني جي شعاعن ۽ شيشي جي عدسن جي جاءِ تي ڇا استعمال ڪبو آهي؟

جواب: مقناطيسي اليڪٽران ميدان.

سـوال: لوهه جو استعمال ڪڏهن شروع ٿيو؟

جواب: ١٢٠٠ قبل مسيح.

سـوال: ڪهڙن ٽن ڌاتن ڪان سواءِ آڪسيجن ٻين سڀني ڌاتن سان سڌو ڪيميائي عمل ڪري آڪسائيڊ ٺاهي ٿي؟

جواب: سون، چاندي ۽ پلاٽينم.

سـوال: هوا جي مقابلي ۾ پاڻي ڪيترو ڳرو آهي؟

جواب: ٨٣٠ دفعا.

سـوال: Ag ۽ Au ڪهڙن عنصرن جون علامتون آهن؟

جواب: سون ۽ چاندي.

سـوال: اڀرندڙ پاڻي هيٺان باهہ گهٽو وڌائجي، تہ پاڻي جي گرمي ۾ واڌ ايندي.

جواب: نہ.

سـوال: گهڻي سردي سان پاڻي جا نل ڇو ڦاٽندا آهن؟

جواب: ڄمڻ کان پوءِ پاڻي گهڻي جاءِ والاريندو آهي، ان ڪري ائين ٿئي ٿو.

سـوال: آواز جي رفتار ڪيتري آهي؟

جواب: ١١٠٠ ميل في سيڪنڊ.

سـوال: پاڻي ۾ آواز جي رفتار ڪيتري آهي؟

جواب: پنجوڻي.

سـوال: لوهہ يا فولاد ۾ آواز جي رفتار ڪيتري آهي؟

جواب: هوائي رفتار کان ١٥ وڌيڪ.

سـوال: شعاعي عڪس ڇا آهي؟

جواب: منشور جي روشني.

سـوال: سڀ کان ڳري گئس ڪهڙي آهي؟

جواب: نائٽران.

سـوال: ڪهڙي ملڪ جي مسلم سائنسدان برزي ليئس عنصرن جون ڪيميائي علامتون استعمال ڪيون؟

جواب: سويڊن.

سـوال: گرمي لهندڙ حرارت پيما ۾ پهرين ڪنهن پارو استعمال ڪيو؟

جواب: فارنهائيٽ.

سـوال: روشني جي رفتار ٻڌايو، سج جي روشني زمين تائين ڪيتري وقت ۾ پهچي ٿي؟

جواب: هڪ لک ٨٦ هزار ميل في سيڪنڊ، ٨ منٽ ١٩ سيڪنڊ.

سـوال: مادي تي گهڻو اثر ڪنهن جو آهي؟

جواب: گرمي ۽ ان بعد دٻاءُ.

سـوال: روشنيءَ جي رفتار ڪثيف واسطي گهٽجي ٿي يا وڌي ٿي؟

جواب: گهٽجي ويندي.

سـوال: لاگرٿم جو استعمال پهرين ڪنهن ڪيو؟

جواب: ابن يونس مصري.

سـوال: طيف مان ڇا مراد آهي؟

جواب: عام روشني جي ستن رنگن جي ورهايل پٽي آهي.

سـوال: جوهري توانائي کي قابو ۾ رکڻ لاءِ ڇا استعمال ڪيو ويو ٿو؟

جواب: ائٽمي ري ايڪٽر.

سـوال: موجوده صدي جو سائنسدان ڪنهن کي چيو ويو ٿو؟

جواب: آئن اسٽائن.

سـوال: ڪنهن جسم جو وزن زمين تي گهڻو وڏيڪ ۽ گهڻو

گھڻ ڪٿي ٿيندو؟

جواب: ٻنهي قطبن تي وڌيڪ، خط استوا تي گهٽ.

سوال: طول موج ڇا آهي؟

جواب: ٻن لهرن جو وچون مفاصلو، يعني لهرن جي ڊيگهه.

سوال: ڪير مان مکڻ ڪڍي ڇڏجي، ته ان جي واڌو گهاٽاڻ گهاٽي عام کير کان وڌندي يا گهٽبي؟

جواب: وڌي ويندي.

سوال: برف اڇي ڇو آهي ۽ پاڻيءَ تي تري ڇو ٿي؟

جواب: برف شفاف آهي، برف اندر هوا جا ذرا رهجي ويندا آهن. ان ڪري.

سوال: اک جي لينس جي پکڙجڻ ۽ سسڻ کي ڇا چئبو آهي؟

جواب: قوت توافق، ان جي خرابي ڪان.

سوال: دوربينيءَ جو اصول پهرين ڪنهن معلوم ڪيو؟

جواب: راجر بيڪن.

سوال: ٽيليويزن ۾ ڪيترين لهري ليڪون تصوير ناهيون ٿيون، انهن جي في سيڪنڊ رفتار ٻڌايو؟

جواب: 405 لهري ليڪون، 25 تصويرون في سيڪنڊ.

سوال: پاڻيءَ سان ڀريل بالٽي ڇوڏاري تيز ڦيرائڻ سان پاڻي ڇو نٿو هارجي؟

جواب: پاڻيءَ جي ڇوڏاري هوا جو داٻ هڪجيترو هجڻ جي ڪري.

سوال: ڪئميرا جو اصول ڪهڙي سائنسدان ٻڌايو؟

جواب: ابن الهيثم.

سوال: ڪو جسم خلا مان زمين جي مرڪز تي اچڻ ڪان پوءِ هن جو وزن گهڻو هوندو؟

جواب: ڪجهه به نه.

سوال: سمنڊ جي هڪ چورس ميل پاڻي ۾ ڪيتري قدر سون هوندو؟

جواب: ۲/۱-۴۶ پائونڊ.

سوال: مادام ڪيوري وٽ ريڊيم جو مقدار فقط هڪ گرام هو. ٻڌايو، ته ان جي قيمت گهڻي لڳائي ويئي هئي؟

جواب: هڪ لک ۵۰ هزار ڊالر.

سوال: ڇا، هيري کي ڪاٽي سگهجي ٿو؟

جواب: ها، هيري سان ڪاٽبو.

سوال: جبلن ۽ بلندين تي ڪاڌو دير سان رجهڻ جو ڇا سبب آهي؟

جواب: هوا جو داٻ گهٽ آهي؟

سوال: ڪهڙو عنصر زمين تان ملڻ ڪان اڳ، ان جو وجود سج مان مليو ويو؟

جواب: هيليم.

سوال: دنيا ۾ گرمي جو گهڻو درجو ڪٿي هو؟

جواب: عزيزيه- لبيا، ۱۳٦ ڊگري فارنهائيٽ.

سوال: پيٽرول جسم کي ٿڌو جو محسوس ٿئي ٿو؟

جواب: هن جو گرمي جو درجو ۲ ڊگري سينٽي گريڊ آهي.

سوال: ميڊيم ويوز نشرياتي پروگرام رات جو وڌيڪ صاف ڇو ٿا ٻڌجن؟

جواب: رات جو گوڙ گهڻ آهي.

سوال: ريڊيم جي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: شعاع وسائڻ وارو.

سوال: اڇو توتيو ڇا آهي؟

جواب: زنڪ سلفيٽ.

سوال: يورينيم ڪوئلي ڪان ڪيتري وڌيڪ طاقت پيدا ڪري ٿو؟

جواب: ڏهه هزار دفعا وڌيڪ.

سوال: ايٿر جو استعمال پهرين ڪنهن ڪيو؟

جواب: ڊاڪٽر ڪراڊ فوري.

سوال: سوڊيم ڪلورائيڊ سائنسي زبان ۾ ڇا کي چئبو آهي؟

جواب: ڪاڌي جو لوڻ.

سوال: باڪسائيڊ مان ڪهڙو ڌاتو ملي ٿو؟

جواب: ايليومينيم.

سوال: پولونيم عنصر ڪنهن معلوم ڪيو، ان تي اهو نالو ڇو رکيو ويو؟

جواب: مادام ڪيوري ۽ سندس مڙس، سندن ملڪ پولينڊ جي ڪري.

سوال: ڪهڙو ڌاتو خالص استعمال ڪري سگهجي ٿو؟

جواب: ٽامو.

سوال: هئڊروجن گئس ڪنهن ايجاد ڪئي، ۽ پهرين ڪنهن استعمال ڪئي؟

جواب: هنري ڪئونڊش.

سوال: ماڪ. هوا ٿڌي ٿيڻ سان ٺهندي يا گرم ٿيڻ سان؟

جواب: ٿڌي ٿيڻ سان.

سوال: چمڙي ڪي ڪيتريون اکيون هونديون آهن؟

جواب: چمڙي کي ڪا به اک نه هوندي آهي.

سوال: اهو ڪهڙو ڌاتو آهي، جنهن کي ڪارو شيهو چيو ويندو آهي؟

جواب: گرينائيٽ.

سوال: سائنس جي ٻاٽني شاخ جو تعلق ڪهڙي علم سان آهي؟

جواب: وڻ، ٻوٽا ۽ عام نباتات.

سوال: رت ۾ ڪهڙو جزو هئڻ سبب زخم تي جلد ئي ڪرنڊ ڄميو پوي؟

جواب: فولاد جو جزو.

سوال: سفيد روشني جا ست رنگ وري ڪيئن اڇي روشني ۾ اچي سگهن ٿا؟

جواب: ستن رنگن آڏو ٻيو منشور رکڻ سان.

سوال: روزاني استعمال جي ڪهڙي شيءِ جي نشانيءَ کي NaCl چئبو آهي؟

جواب: لوڻ

سوال: ڇا، خالص هيري جو خاص رنگ ٿيندو آهي؟

جواب: ڪو به نه.

سوال: سائنسدان گهٽ ۾ گهٽ ڪيتري گرمي درجي تائين پهتا آهن؟

جواب: ڪاٽو ٢٧٣ ڊگري سينٽي گريڊ.

سـوال: پارو پاڻيءَ کان ڪيترو ڳرو آهي؟

جواب: ١/٢-١٣ دفعا.

سـوال: هڪ گرام ۾ ڪيتريون رتيون آهن؟

جواب: هڪ رتي.

سـوال: برف ڪيتري سينٽي گريڊ درجي کان ڳرڻ شروع ٿئي ٿي؟

جواب: ٻڙي سينٽي گريڊ کان ٿورو وڌيڪ.

سـوال: بجليءَ جو سٺو پسرائيندڙ ڪهڙي شيءِ آهي؟

جواب: چاندي.

سـوال: بجليءَ جو خراب پسرائيندڙ ڪهڙي شيءِ آهي؟

جواب: پٿر، رٻڙ، ڪاٺ.

سـوال: ٢٧٣ ڊگري سينٽي گريڊ جو مشهور نالو ٻڌايو؟

جواب: Absolute Zero

سـوال: روشني هڪ سال ۾ ڪيٽو سفر ڪري ٿي؟

جواب: ڇهه ملين ميل (سٺ لک ميل).

سـوال: آواز کان تيز هوائي جهاز جي ايجاد کان پهرين روشنيءَ کان ڇا جي رفتار تيز هئي؟

جواب: بندوق جي گولي.

سـوال: واٽر گيس ڇا آهي؟

جواب: ڪاربان مونو آڪسائيڊ ۽ هائيڊروجن جي ملاوٽ.

سـوال: نوشادر، گندرف ۽ ڪوئلي جي مقرر مقدار مان ڇا

ٺهندو آهي؟

جواب: بارود.

سوال: هائيڊروجن مونو آڪسائيڊ جو عام نالو ڇا آهي؟

جواب: پاڻي.

سوال: ڪهڙي مسلم سائنسدان ثابت ڪيو، ته روشني جي رفتار، آواز کان تيز آهي؟

جواب:البيروني.

سوال: Mass ڇا آهي؟

جواب: جسم جو مقداري مادو.

سوال: تابڪاري شعاع ڪهڙي آواز سان معلوم ڪبا آهن؟

جواب: گيگر ڪائونٽر.

سوال! Molecules مان ڇا مراد آهي؟

جواب: عنصر جو ائٽمي مجموعو، جيڪو عام حالت ۾ رهي سگهي.

سوال: آڪسيجن ڪهڙي زبان جو لفظ آهي؟

جواب: يوناني.

سوال: ائٽم جو ڪهڙو حصو ڳرو آهي ۽ ائٽم جا ڪيترا حصا ٿيندا آهن؟

جواب: مرڪز ۽ اليڪٽران، ٻه حصا.

سوال: گرميءَ جي ڪهڙي درجي تي پاڻيءَ جا بخار قطرن جي شڪل اختيار ڪن ٿا؟

جواب: ماڪ.

سوال: شيشو ڳرو آهي يا پارو؟

جواب: پارو.

سوال: اهي ڪهڙا ذرا آهن، جن تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيندو آهي ۽ انهن جو وزن ٻڙي برابر آهي؟

جواب: فوٽون.

سوال: ڪهڙي طاقت سان زمين ڪنهن جسم کي پاڻ طرف ڇڪي ٿي؟

جواب: وزن.

سوال: ڇا ريڊيو ۽ روشنيءَ جي رفتار هڪ آهي؟

جواب: ها.

سوال: ڪنهن ٻئي ڌاتو کي پاري سان ملايو وڃي، تہ ان ملاوٽ کي سائنسي زبان ۾ ڇا چئبو؟

جواب: املگم.

سوال: سنگمرمر ڪيئن ٿڌو آهي؟

جواب: ڇن جي پٿر تي گهٽي دٻاءَ ۽ گرميءَ جي اثر ڪري.

سوال: سمنڊ ۾ گجي ڇو پيدا ٿئي ٿي؟

جواب: لوڻ هئڻ ڪري.

سوال: ايڊيسن شروع ۾ بجليءَ جي بلب ۾ ڪهڙي تار استعمال ڪئي؟

جواب: ڪابہ تار استعمال نہ ڪئي.

سوال: سوڊيم باءِ ڪاربونيٽ جو عام نالو ٻڌايو؟

جواب: مٺي سوڊا.

سوال: پاڻيءَ ۾ ڪيتري گهرائيءَ تي روشني ختم ٿئي ٿي؟
جواب: ٢٨٠٠ فوٽ.
سوال: ٽنگسٽن ڌاتو ڪهڙي خاص ڪم اچي ٿو، سندس پگهرجڻ جو فارنهائيٽ درجو ٻڌايو؟
جواب: روشني بلب، ٦٠٩٨ ڊگري فارنهائيٽ.
سوال: نائٽروجن ۽ آڪسيجن کان پوءِ هوا ۾ ڪهڙي گئس وڌيڪ آهي؟
جواب: آرگان.
سوال: برف هڪ خاص گرميءَ درجي تي پهچي سخت ٿي پوندي آهي يا چو؟
جواب: ٻڙي کان ٢٥ درجا فارنهائيٽ گهٽ.
سوال: قطب نما ڪهڙي جهازران ايجاد ڪيو؟
جواب: ابن ماجد.
سوال: ايڪسري ڪهڙي سائنسدان ايجاد ڪئي، اهو ڪٿي جو هو؟
جواب: وليم رونجن، جرمني.
سوال: ڪير مرڪب آهي يا ملاوت؟
جواب: ملاوت.
سوال: گئس، پاڻياٺ ۽ سخت شين مان آواز جي رفتار ڪنهن ۾ تيز آهي؟
جواب: سخت شيءِ.
سوال: ڪهڙي عنصر جا وڌيڪ مرڪب آهن؟

جواب: هئڊروجن.

سـوال: هئڊروجن کان پوءِ گھٽا مرڪب ڪنهن جا آهن؟

جواب: ڪاربان.

سـوال: پاري کي ٻيو ڇا چئبو آهي؟

جواب: ڪئڪ سلور.

سـوال: برسات وقت ڪنوڻ پهرين ٿيندي يا گوڙ؟

جواب: ڪنوڻ.

سـوال: سج جو قطر ڪيترو آهي؟

جواب: سج ٨٦٤٠٠٠ ميل.

سـوال: زمين جي عمر ڪيترو؟

جواب: ۴ ارب سال.

سـوال: خط استوا تي زمين جو قطر ڪيترو آهي؟

جواب: ٧٩٢٦۴ ميل.

سـوال: تاري ۽ گرھ ۾ فرق ڪيترو؟

جواب: گرھ پاڻ گرم، روشن ۽ چمڪدار آهي. تارو پاڻ روشن گرم ناهي.

سـوال: خوردبيني ڪنهن ايجاد ڪئي؟

جواب: ذڪريا جينسن.

سـوال: سمنڊ جي مٿين حصي جو گرمي درجو ڪيترو؟

جواب: ٣٩.٦ ڊگري سينٽي گريڊ.

سـوال: فلم پراجيڪٽر ڪنهن ايجاد ڪيو؟

جواب: ايڊيسن.

سوال: سمنڊ ۾ گهڻي معدنيات ڪهڙي آهي؟
جواب: ڪاڌي جو لوڻ.
سوال: آڪسيجن ۽ هائڊروجن مان ڪنهن جي پکڙجڻ جي رفتار تيز آهي؟
جواب: برابر آهي.
سوال: ائٽمي طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙو ڌاتو گهڻو استعمال ٿئي ٿو؟
جواب: يورينيم.
سوال: اسٽينليس اسٽيل ٺاهڻ لاءِ لوهه سان ٻيو ڇا ملايو ويندو؟
جواب: ڪروميم.
سوال: اسٽيريو گرام ٽري ڊاءِ مينشل ٽري ڊي موويز ڇا آهي؟
جواب: ٽه طرفي مووير.
سوال: مس ٺاهڻ ۾ ڪهڙو تيزاب ڪم اچي ٿو؟
جواب: ٽينڪ ايسڊ.
سوال: جبلن جي اوچين چوٽين ۽ تمام بلند جاين تي پاڻيءَ جو درجو گهٽبو يا وڌندو؟
جواب: وڌي ويندو.
سوال: ڪهڙي گئس ريڊيشن کان تحفظ ڏي ٿي؟
جواب: اوزون.
سوال: رونجيئن ريز ڪنهن معلوم ڪيا. ان جو مشهور نالو ڇا آهي؟

جواب: وليم رونجن، ايڪسري.

سوال: پچ بلينڊ ڇا آهي؟ ان جو نالو ڪنهن ڏنو؟

جواب: يورينيم جو ڪچو ڌاتو.

سوال: دوربيني ڪنهن ايجاد ڪئي؟

جواب: بينيس پرشي.

سوال: ڪهڙي گئس جو درجو گهٽ آهي؟

جواب: هيليم.

سوال: وان ڊي گراف جنريٽر ۽ Linear Accelerator مشينون ڪهڙي ڪم اچن ٿيون؟

جواب: اهي مشينون جوهر کي ٽوڙڻ لاءِ ڪم اچن ٿيون.

سوال: ڪهڙي مسلم سائنسدان فوٽوگرافي جو اصول پهريون ڏنو؟

جواب: ابن الهثيم.

سوال: پچ بلينڊ ڪنهن دريافت ڪئي؟

جواب: مادام ڪيوري ۽ ان جي مڙس.

سوال: ريڊيائي دوربيني ڪنهن ايجاد ڪئي؟

جواب: ڪارل جينڪي.

سوال: وقت به هڪ ڊائمينشن آهي ۽ حرڪت هڪ اضافي شيءِ آهي. اهي نظريا ڪهڙي سائنسدان جا آهن؟

جواب: آئن اسٽائن.

سوال: پاڻيءَ جي سطح هيٺان نظر گهٽ پوي ٿي يا وڌيڪ ۽ نظر تيز آهي يا آواز جي رفتار؟

جواب: نظر گهٽ، آواز جي رفتار وڌيڪ آهي.

سوال: ڪششِ ثقل ڪري مٿان ڪان هيٺ ڪري ۽ هلڪي شي هڪ ئي وقت ڪِرڻ گهرجي، پر ائين نٿو ٿئي، ڇو؟

جواب: هوا جي رڪاوٽ ڪري.

سوال: ڪهڙي عنصر جا بخار عام بجليءَ جي ٽيوب لائيٽ هوندا آهن؟

جواب: گيليم.

سوال: ڪهڙو ڌاتو ٨٦ ڊگري فارنهائيٽ تي پگهرجڻ شرو ڪري ٿو؟

جواب: پارو.

سوال: "Principia Mathemetica" ڪتاب ڪنهن لکيل آهي، ان ۾ ڪهڙا قانون آهن؟

جواب: نيوٽن. حرڪت ۽ ڪشش ثقل جا قانون.

سوال: روشنيءَ ڪان سواءِ آواز ڪان تيز رفتار ڪهڙي شي آهي؟

جواب: بندوق جي گولي.

سوال: ڪهڙي ماهر طبعيات ١٨ قيمتي پٿرن ۽ ڌاتن صحيح ڪثافت اضافي معلوم ڪئي؟

جواب: ابو ريحان البيروني.

سوال: ٿرماس فلاسڪ جو سائنسي نالو ٻڌايو؟

جواب: ويڪيوم فلاسڪ.

سوال: بجلي جو نالو اليڪٽرسٽي ڪنهن رکيو؟

واب: وليم گلبرٽ.

سوال: ٻلي رات جو ڪيئن ڏسندي آهي؟

واب: الفاريڊ شعاعن جي ڪري.

سوال: ماچيس جي تيليءَ ٻرڻ وقت ان جي گرميءَ جو درجو ٻڌايو؟

واب: ٦٠٠ درجا فارنهائيٽ.

سوال: بال کي ڪهڙي ڪنڊ تان اڇليو وڃي، جيئن ٻين ڪنڊن جي نسبت پري وڃي ڪري، بشرطيڪ اڇل جي قوت سمورين ڪنڊن تان ساڳي هجي؟

واب: ٤٥ ڊگري.

سوال: ڪهڙي سائنسدان دوربينيءَ ۾ آرسي استعمال ڪئي ۽ ڪڏهن؟

واب: نيوٽن، ١٦٦٨ع.

سوال: تابڪاري ڪهڙي سائنسدان دريافت ڪئي؟

واب: هنري بيڪيورل.

سوال: عام طرح سخت شيون گرمي ۾ پکڙجن ٿيون. ٻڌايو ته ڪهڙي شيءِ گرمي ڪري سسي ٿي؟

واب: مينڻ.

سوال: ڪوبہ جسم پاڻيءَ جي سطح تي ڪيئن ٿو تري؟

واب: وزن پاڻي جي والاريل برابري وزن کان گهٽ هجي.

سوال: ڇا، آواز ڪاٺ جي ڀيٽ ۾ پاڻي ۾ تيز سفر ڪري ٿو؟

واب: نہ. ڪاٺ ۾.

سوال: ڪهڙي شيءِ جي ڏاڪڻ تي باهه اثر نٿي ڪري؟

جواب: Asbestes.

سوال: ڇا، سڙي خاڪ ٿيل سڌي ڪاغذ تي لکيل تحرير پڙهي سگهجي ٿي؟

جواب: ها، انفراريڊ شعاعن سان فوٽو ذريعي.

سوال: ڪهڙو تابڪاري عنصر شروع ۾ ڪيرائٽ وارن بمن ۾ استعمال ٿيندو هو؟

جواب: پلاٽينم.

سوال: ٽيليويزن پروگرام ڪيترو پري ڏسي سگهجن ٿا؟ ڇا، مفاصلو وڌي به سگهي ٿو؟

جواب: هڪ سؤ ميلن تائين ڏسي سگهجي ٿو، هتراڏو سيارن ذريعي مفاصلو وڌائي سگهجي ٿو-

سوال: نيوٽران جي جوهر ۾ ڪيترا نيوٽران آهن؟

جواب: ٻه.

سوال: ”پينسل جو نشان رٻڙ سان ڊاهي سگهجي ٿو.“ اهو اصول ڪهڙي سائنسدان ڳڌايو؟

جواب: جوزف پرسٽي.

سوال: روشنيءَ جون لهرون زمين جي چوڌاري هڪ سيڪنڊ ۾ ڪيترا دفعا گهمي سگهن ٿيون؟

جواب: ساڍا ست دفعا.

سوال: روشني ۾ ڪنهن جسم جو عڪس اک جي پردي تي ڪيتري دير رهي ٿو؟

جواب: ١/١٦ سيڪنڊ.

سوال: ڪيورم نالي عنصر تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

جواب: مادام ڪيوري جي ڪري.

سوال: ڪهڙو سون ڪان مهانگو ڌاتو پوءِ سستو ٿي ويو ۽ هاڻي عام استعمال ٿئي ٿو؟

جواب: ايلومينم

سوال: V. H.F ۽ U.H.F ڇا آهي؟

جواب: ٽيليويزن ۾ V.H.F تي زياده ۽ U.H.F تي پڻ پروگرام ڏسبا آهن.

سوال: سئنيما ۾ هڪ سيڪنڊ ۾ اسڪرين تي ڪيترين تصويرون اسان جي آڏو اچن ٿيون؟

جواب: ٢٢ ڪان ٢٤.

سوال: ايلومينم ڌاتو سڀ ڪان پهرين ڪڏهن معلوم ٿيو؟

جواب: ١٨١٢ع.

سوال: نائي ڪروم برٽ بجلي جو خراب پسرائيندڙ ڪيئن ٿهندو آهي؟

جواب: نڪل ۽ ڪروميم ڪي ملائي.

سوال: قديم ترين سائنس ڪنهن ڪي چيو وڃي ٿو؟

جواب: هيئت ڪي.

سوال: ڪتب نما ڪهڙي مسلمان جهاز ران دريافت ڪئي هئي؟

جواب: ابن ماجد.

سوال: دياءُ جو شين تي ڪهڙو اثر آهي؟

جواب: گرمي پگھاري ٿي، دٻاءُ مدد ڪري ٿو.

سوال: ڪھڙي سخت ترين شيءِ آسانيءَ سان پگھاري نٿي سگھجي؟

جواب: انسان جا وار.

سوال: نظام شمسيءَ جو ڪنھن پتو لڳايو؟

جواب: نيوٽن.

سوال: نظام شمسي جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: جنھن نظام ۾ زمين ۽ ٨ گرھ سج جي چوڌاري ڦيرا ڏين.

سوال: نظام شمسي جو وڏو ۽ ننڍو گرھ ٻڌايو؟

جواب: عطارد ۽ پلوٽو.

سوال: نظام شمسي جا گرھ ٻڌايو؟

جواب:

سج (Sun) – عطارد (Mercury)

زهره (Venus) - زمين (Earth)

مريخ (Mars) - مشتري (Jupiter)

زحل (Saturn) - يورينس (Uranus)

نيپچون (Neptune) - پلوٽو(Pluto)

سوال: زمين ڪان سج ڪيترو پري آهي؟

جواب: نو ڪروڙ ٽيھ لک ميل.

سوال: چنڊ زمين ڪان ڪيترو پري آهي؟

جواب: ٢ لک ٢٩ هزار ٨٥٧ ميل.

سوال: چنڊ جو قطر ٻڌايو؟

جواب: ٻہ هزار هک سؤ سٺ ميل.

سوال: زمين جو وجود اصل کان هو يا ڪنهن ٻي طرح ٿيو؟

جواب: پهرين اها سج جو حصو هئي ۽ ان کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ ٿڌي ٿي.

سوال: چنڊ تي ڪو ساهوارو آهي؟

جواب: نہ. اتي آڪسيجن ناهي.

سوال: زمين جي مڻاڇري جي ايراضي ٻڌايو. پاڻي ۽ زمين ڪيترو حصو آهي؟

جواب: اوڻيهہ ڪروڙ اوڻهتر لک چاليهہ هزار چورس ميل. خشڪي ٢٩ ۽ پاڻي ٧١ سيڪڙو.

سوال: زمين جو وزن ٻڌايو؟

جواب: ڇهہ هزار ملين ٽن.

سوال: چنڊ ۽ سج جو وچ وارو مفاصلو ٻڌايو؟

جواب: ٩ ڪروڙ ٢٧ لک ٧٢ هزار ميل.

سوال: زمين سج جي چوڌاري ڪيتري وقت ۾ گردش پوري ڪندي آهي؟

جواب: ٣٦٥ ڏينهن ٥ ڪلاڪ ٤٨ منٽ ٤٦ سيڪنڊ.

سوال: زمين جي گردش جو رستو ڪهڙي شڪل ۾ آهي؟

جواب: بيضوي شڪل ۾.

سوال: زمين گردش دوارن ڪهڙي مهيني ۾ سج جي ويجهو ۽

ڪهڙي مهيني ۾ پري آهي؟
جواب: ويجهو جولاءِ ۾ ۽ پري ڊسمبر ۾.
سوال: چنڊ، زمين جي چوڌاري سال ۾ ڪيترا چڪر ڏيندو آهي؟
جواب: ١٣ دفعا.
سوال: سج جي ڪشش زمين جي پيٽ ۾ ڪيتري آهي؟
جواب: اٺاويهوڻي.
سوال: ڪشش ثقل ڪيترو پري ختم ٿئي ٿي؟
جواب: ٽيهه هزار ميل.
سوال: حقيقت ۾ سج ڇا آهي؟
جواب: ٻرندڙ گئس جو روشن تارو.
سوال: سج ۾ گهڻي گئس ڪهڙي آهي؟
جواب: هئڊروجن گئس.
سوال: زمين جي پيٽ ۾ چنڊ جي ڪشش ٻڌايو؟
جواب: ڇهون حصو.
سوال: ڪير ڏارا ڪنهن معلوم ڪئي؟
جواب: گئليلو.
سوال: سج ۾ ڪهڙا عنصر گهڻا آهن؟
جواب: هائيڊروجن ٨١، هيليم ١٨ ۽ ٻيا عنصر هڪ سيڪڙو.
سوال: زمين کي ويجهو ڪهڙو تارو آهي؟
جواب: سج.
سوال: سج جا شعلا ڪيترو بلند اٿندا آهن؟

جواب: ١٣٥ هزار ميل.

سوال: شمسي نظام ۾ ڪهڙو گرهه زمين کان گهٽو پري آهي؟

جواب: زحل.

سوال: چنڊ جي روشني ڪيتري عرصي ۾ پهچي ٿي؟

جواب: ١٠٣٣ سيڪنڊ.

سوال: شمسي نظام جي گرهه جا چنڊ ٻڌايو؟

جواب: ايڪيهه.

سوال: زمين جي ڀيڻ ڪهڙو گرهه آهي؟

جواب: زهره.

سوال: ڇا، ڪائنات ۾ ٻيون به ڪير ڌارائون آهن؟

جواب: ها، هزارين ڪير ڌارائون آهن.

سوال: ميگما ڇا آهي؟

جواب: زمين اندر پگهريل مادو.

سوال: شمسي نظام جي گرهه جا انگريزي نالا ڪهڙي ٻولي جا آهن؟

جواب: رومن.

سوال: ثريا (پروين) ڇا آهي؟

جواب: ٦ ستارن جو جهڳٽو.

سوال: عطارد جي گردش محوري ٻڌايو؟

جواب: ٢٩٠٧ ميل في سيڪنڊ.

سوال: زمين پنهنجي محور تي ڪلاڪ ۾ ڪيترا ڦيرا ڏي ٿي؟

جواب: ١٥ دفعا.

سوال: تارن جي گرمي جو درجو ٻڌايو؟

جواب: ٢ هزارن کان ١٢ هزار ڊگري سينٽي گريڊ.

سوال: پلوٽو ڪنهن معلوم ڪيو؟

جواب: پرسي دل لارين.

سوال: دنيا گول آهي ڪنهن معلوم ڪيو؟

جواب: فيٿا غورث.

سوال: زياده چمڪدار تارو ٻڌايو؟

جواب: سيريس.

سوال: يورينس ڪنهن معلوم ڪيو؟

جواب: وليم مرشيل.

سوال: نوري سال ڪيترن ميلن جو آهي؟

جواب: سٽ ڪرب ميل.

سوال: مشتري ڪنهن دريافت ڪيو؟

جواب: گيليلو.

سوال: ڇهه مهينن جي رات ڪٿي ٿئي ٿي؟

جواب: اتر ۽ ڏکڻ قطب تي.

سوال: دور بيني کان سواءِ اک سان ڪيترا تارا ڏسجن ٿا؟

جواب: ٣ هزار تارا.

سوال: ٥٠ سير زمين تي وزن سج تي گهٽو ٿيندو؟

جواب: هڪ هزار چار سؤ سير.

سوال: سؤ پائونڊ زمين تي وزن نيپچون تي گهٽو ٿي ويندو؟

جواب: ١١٢ پائونڊ.

سـوال: نيپچون ڪهڙي سن ۾ ڏٺو ويو؟

جواب: ١٨٤٦ع.

سـوال: "جاميٽري" لفظ جي معنيٰ ٻڌايو؟

جواب: ماپ = Meter زمين= Geo، يعني زمين جو علم.

سـوال: زمين ڪان مٿي ڪيستائين هوا آهي؟

جواب: ٥ سؤ ميلن تائين.

سـوال: قطب تارو ڪٿان نظر ايندو آهي؟

جواب: ڏکڻ طرف جي اڌ حصي ۾.

سـوال: زمين پنهنجي محور تي ڪيتري قدر جهڪيل آهي؟

جواب: ساڍا ٦٦ درجا.

سـوال: اسان کي ويجهو ڪهڙو گرهه آهي؟

جواب: مريخ.

سـوال: سج جي گرميءَ جو ڪيترو حصو زمين تي پهچي ٿو؟

جواب: ١/٢٠ ڪروڙهون حصو.

سـوال: زمين سج جي چوڌاري سيڪنڊ ۾ ڪيترا ميل سفر ڪري ٿي؟

جواب: ٢٦ هزار ٦ سؤ.

سـوال: مريخ جا گرهه ٻڌايو؟

جواب: سوبرز ۽ ڊومس.

سـوال: سيريس تاري جي روشني اسان تائين ڪيتري وقت ۾ پهچي ٿي؟

جواب: ٨ سالن ۾.

سوال: دنيا جو قطر ڪنهن ۽ ڪيئن معلوم ڪيو؟

جواب: ايراس ٿينز، سج جي شعاعن جي مدد سان.

سوال: ڪهڙو تارو طرف نٿو بدلائي؟

جواب: قطب تارو.

سوال: پلوٽو جو هڪ سال زمين جي ڪيترن سالن جي برابر آهي؟

جواب: ٢٤٨ سال.

سوال: سج چنڊ کان ڪيترو وڏو آهي؟

جواب: ۴ سو دفعا.

سوال: ڪڪر فضا ۾ ڪيترو مٿي وڃن ٿا؟

جواب: ٧ ميل.

سوال: ڪهڙو گرهه چنڊ وانگر گهٽجي ۽ وڌي ٿو؟

جواب: زهره.

سوال: مريخ جي هڪ چنڊ جي ڪا خاص خاصيت بيان ڪريو؟

جواب: ان جو چنڊ اولهه کان ايري ۽ اوڀر ڏانهن لهي ٿو.

سوال: اسان جي نيري فضا کي پهرين ڪهڙي رنگ جي سمجهيو ويندو هو؟

جواب: بي رنگ.

سوال: ريڊيو دوربيني ڇا آهي؟

جواب: جيڪا تارن جا پيغام حاصل ڪري ٿي.

سوال: چنڊ، زمين جي چوڌاري ڪيتري وقت ۾ هڪ ڦيرو ڏي ٿو؟

جواب: ٢٧ ڏينهن ٧ ڪلاڪ ٤٣ منٽ.

سوال: سج جي چوڌاري زمين ڪيتري عرصي ۾ هڪ ڦيرو پورو ڪري ٿي؟

جواب: هڪ سال ٤ ڪلاڪ.

سوال: سج ڪنهن جي چوڌاري ڪيتري وقت ۾ ڦيرو ٿو لڳائي؟

جواب: ڪير ڌارا جي طرف ٢٥ ڪروڙ سال.

سوال: چنڊ، زمين جي چوڌاري ڪهڙي رفتار سان ڦيرا ڏي ٿو؟

جواب: ٢ هزار ميل ڪلاڪ.

سوال: مريخ سج کان ڪيترو پري آهي؟

جواب: ١٤ ڪروڙ ١٠ لک ميل.

سوال: سج کان وڏيڪ روشن Sieiu-S تارو زمين کان ڪيترو پري آهي؟

جواب: ٩ نوري سال.

سوال: آسمان نيرو ڇو آهي؟

جواب: سج جي روشنيءَ ۾ مٽي ۽ ڌوڙ جي ڪري.

سوال: الفا سينچوري تارو زمين کان ڪيترو پري آهي؟

جواب: ٢٥٠ ڪرب ميل.

سوال: زمين جي ڀرپاسي فرضي خط ٻڌايو؟

جواب: وچ خط استوا، اتر خط سرطان، ڏکڻ خط جدي.

سوال: چنڊ تي زمين جو پاڇو ڪڏهن پوي ٿو؟
جواب: مڪمل چنڊ گرهڻ وقت.
سوال: زمين تي ٢ سؤ گرام وزن مريخ تي ڪيترو ٿيندو؟
جواب: ٧۴ گرام.
سوال: سج زمين کان ڪيترو وڏو آهي؟
جواب: ٣ سؤ دفعا.
سوال: زمين جي محوري گردش ڪنهن معلوم ڪئي؟
جواب: ايرس ٽارڪس.
سوال: شمسي نظام ۾ ڪهڙي گرهه کي پنهنجو چنڊ ناهي؟
جواب: عطارد، زهره، پلوٽو.
سوال: ڪهڙي گرهه کي هوائي ڪره ناهي؟
جواب: عطارد.
سوال: ڪهڙي ملڪ خلا ۾ پاڇين پوکڻ جي ڪوشش ڪئي؟
جواب: روس.
سوال: ڏينهن ۾ تارا ڇو نٿا نظر اچن؟
جواب: سج جي رشني سبب.
سوال: زمين جي چوڌاري ڦيرا ڏئي، ڪنهن معلوم ڪيو، ته زمين گول آهي؟
جواب: ميجيلان.
سوال: ايٿر مان روشني وغيره گذري سگهندي؟
جواب: ها.
سوال: سيٽلائيٽ ڪهڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي؟

جواب: يوناني.

سوال: زمين جو محور ڪيتري ڊگري تي آهي؟

جواب: ٻڙي.

سوال: زمين جي هر هزار فوٽ ڪوتائي ڪان پوءِ ڪيترا درجا فارنهائيٽ اضافو ٿيندو؟

جواب: هڪ هزار.

سوال: ڪيترا ميل اونهي زمين سخت آهي؟

جواب: ١٨ سؤ ميل.

سوال: سج جي گرميءَ جو درجو ڪيترو آهي؟

جواب: ٢ ڪروڙ ٩٠ لک فارنهائيٽ

سوال: زمين تي زندگيءَ جو مدار ڇا تي آهي؟

جواب: هوا، پاڻي ۽ روشني

سوال: گرد باد جو ڪهڙو حصو ختم ٿئي، ته آسمان جو مواصلاتي نظام [illegible] ٿي وڃي؟

جواب: برق زده حصو.

سوال: قطبين جي وچ ۾ زمين جو قطر ڪيترو؟

جواب: ٧٨٩٩٠٨ ميل.

سوال: برق زده طبقو ڇا آهي؟

جواب: ڪشش جي ائٽمن ۾ اليڪٽران ناهي.

سوال: ڪهڙي برطانوي شخص زمين جي چوڌاري ڦيرو ڏنو؟

جواب: فرانس ڊريڪ.

سوال: الفا سينچوري تاري جي روشني آسمان وٽ ڪيتري [illegible]

۾ پهچي ٿي؟

جواب: ۴ سال ۴ مهينا.

سوال: زمين جون اهم گردشون ڪڏايو؟

جواب: محوري ۽ دوري.

سوال: زمين سج جي چوڌاري گردش ڪري ٿي، اهو ڪنهن جو نظريو آهي؟

جواب: ڪوپر نيڪس.

سوال: خلا مان آسمان جو رنگ ڪهڙو ڏسبو؟

جواب: ڪارو.

سوال: زمين محور تي ڪيئن گردش ڪري ٿي؟

جواب: زمين محور تي اولهه کان اوڀر ڏانهن گردش ڪري ٿي.

سوال: ڪهڙو طبقو ريڊيو ٽيليويزن لهرن کي خلا ۾ وڃڻ کان روڪي ٿو؟

جواب: برق زده طبقو.

سوال: ڪيتري زمين برف سان ڍڪيل آهي؟

جواب: ڏهون حصو.

سوال: زهره زمين کان ڪيترو پري آهي؟

جواب: ۵ لک ۳۰ هزار ست سؤ ميل.

سوال: زمين ڪشش ثقل رکي ٿي، اهو نظريو ڪنهن ثابت ڪيو؟

جواب: نيوٽن.

سوال: ارضياتي وقتي پيما جي هيٺ اسين ڪهڙي دؤر ۾

آهيون؟

جواب: جديد ترين.

سوال: پڇڙ تارو ڪڏهن نظر ايندو آهي؟

جواب: هر ٧٦ سالن کان پوءِ ڏسبو آهي. ١٩٨٦ع ۾ ڏٺو ويو.

سوال: زمين جي ڪشش ثقل سبب بلندي تان هيٺ ايندڙ شيءِ جي رفتار سيڪنڊ ۾ ڪيتري وڌي ٿي؟

جواب: ٣٢ فوٽ.

سوال: سڀ کان وڏي دوربيني ذريعي آسمان جي تصوير ۾ ڪيترا تارا نظر آيا؟

جواب: ٽيهه ارب.

سوال: شمسي نظام جي ٩ گرهن جا ٣١ چنڊ ڪيئن ورهايل آهن؟

جواب: زمين ١، مريخ ٢، مشتري ١٢، زحل ٩، يورينس ٥، نيپچيون ٢ـ

سوال: شمسي نظام جا ڪهڙا گرهه رات جو ڏسجن ٿا؟

جواب: مشتري، زهره، عطارد، مريخ، زحل.

سوال: زمين جو ڪهڙو قطب هر وقت قطب تاري طرف اشارو ڪري ٿو؟

جواب: اتر قطب.

سوال: "Sunspots" ڇا آهي؟ ان جو زمين تي اثر پوي ٿو؟

جواب: سج جي سطح تي داغ، اثر پوي ٿو.

سوال: آسمان جا ڪيترا برج آهن؟

جواب: ١٢ برج.
سوال: انڊلٽ ۾ ڪهڙا ٽي رنگ نمايان آهن؟
جواب: ڳاڙهو، نيرو، پيلو.
سوال: دب اڪبر ڇا آهي؟
جواب: ستن تارن جو جهڳٽو.
سوال: زمين جي مرڪز جي گريوئيشنل فورس گهٽو آهي؟
جواب: ٻڙي.
سوال: عطارد جو هڪ ڏينهن زمين جي ڪيترن ڏينهن ج
برابر آهي؟
جواب: ٨٨ ڏينهن جي.
سوال: چنڊ جو رات ڏينهن زمين کان ننڍو آهي يا وڏو؟
جواب: ١٤ دفعا وڏيڪ، ١٤ ڏينهن، ١٤ راتيون آهن.
سوال: رات جو چنڊ جي مٿاڇري جو گرمي جو درجو ڪيتر
هوندو آهي؟
جواب: ڪانو ٢٨٠ فارنهائيٽ.
سوال: زمين جو اڌ قطر ڇڏايو؟
جواب: چار هزار ميل.
سوال: "ڪورونا" ڇا آهي؟
جواب: سج گرهڻ وقت ان جو چمڪندڙ حصو.
سوال: شمسي نظام جي سمورن گرهن جا قطر جوڙ ڪري
ساڻ ضرب ڪجي، ته ڇا جو قطر ٺهندو؟
جواب: سج جو قطر.

سوال: ڇا ٻيڙ تارا ٻان گرم اهن؟

جواب: نہ

سوال: هيري کان پوءِ سخت ترين شيءِ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ڪورنڊم

سوال: اهڙو شهاب ثاقب ٻڌايو، جيڪو ڪريو نہ هجي، زمين ۾ ڪريو هجي؟

جواب: سائبيريا، روس ١٩٠٨ع، گهڻو نقصان ٿيو.

سوال: سج ۽ چنڊ گرهڻ جو پراڻو رڪارڊ ڪڏهن نوٽ ٿيو؟

جواب: ٢٢٨ ۽ ٧٢٠ قبل مسيح.

سوال: پهريون خلائي سائنسدان ٻڌايو؟

جواب: هنري ڪيونڊش.

سوال: ٻيڙ تارو ڪنهن دريافت ڪيو؟

جواب: ايڊمنڊ هلي.

سوال: آسٽرونات ۽ ڪاسمونات ڇا آهي؟

جواب: خلا باز کي آمريڪي ۽ روسي زبان ۾ چئبو آهي.

سوال: سج کان پوءِ ڪهڙو تارو اهم آهي؟

جواب: قطب تارو.

سوال: شهاب ثاقب ١٩٦٦ع ۾ پهريون دفعو ڪٿي ڪريو؟

جواب: آمريڪا ۾.

سوال: شمسي نظام جو ٿڌو گرهہ ٻڌايو؟

جواب: پلوٽو.

سوال: شهاب ثاقب کي انگريزي ۾ ڇا چئبو آهي؟

جواب: Meteors.

سوال: خلا ۾ پهرين ڪهڙي راند ٿي؟

جواب: فوٽ بال.

سوال: شهاب ثاقب جي خطرن لاءِ منصوعي گرهه مدار ۾ ڪڏهن موڪليو ويو، ان جو نتيجو ڪهڙو نڪتو؟

جواب: ١٩٦٥ع ۾ انهن مان ايترو نقصان ۽ خطرو ناهي؟

سوال: آمريڪي چهين رسد گاهه خلا ۾ ڪڏهن ڇڏي ويئي؟

جواب: مارچ ١٩٦٢ع.

سوال: خط استوا تي سج جو وقت ڪيترو هوندو آهي؟

جواب: ٦ بجي اڀري ٿوي ٦ بجي لهي ٿو؟

سوال: مريخ جو قطر ڪيترو آهي؟

جواب: ٤١٤٠ ميل.

سوال: ڇڙ تارا ڪنهن جي چوڌاري گردش ڪن ٿا؟

جواب: سج جي چوڌاري گردش ڪن ٿا.

سوال: پهرين ڪهڙي ملڪ هئراڏو گرهه ڪڏهن خلا ۾ موڪليو؟

جواب: روس، ٤ آڪٽوبر ١٩٥٧ع .

سوال: ايڪرهن جا ڪم ڪيترو آهي؟

جواب: انهن ڪان ريڊيائي ڪم ورتو ويچي ٿو.

سوال: خلا وسيع ڪان وسيع تر ٿيندي ويچي، اهو ڪنهن جو نظريو آهي؟

جواب: هبل، ١٩٢٨ع.

سوال: پهرين ڪهڙو جاندار خلا ۾ ويو؟
جواب: لائيڪا (ڪتي) روس.
سوال: سج لهڻ وقت زمين تي ڳاڙهاڻ ۽ چنڊ تي ڪاراڻ جو نظر ٿي اچي؟
جواب: چنڊ تي فضا نه هئڻ ڪري ڪارو رنگ ئو نظر اچي.
سوال: سج جي چوڌاري گرهه بيضوي شڪل ۾ گردش ڪن ٿا. اهو نظريو ڪنهن جو آهي؟
جواب: جانسن ڪيلير
سوال: آمريڪا خلائي دوڙ ۾ ڪڏهن داخل ٿيو؟
جواب: ١٩٥٨ع.



سوال: چنڊ ۽ زمين جي وچ ۾ پهريون تعلق ڪيئن قائم ٿيو؟
جواب: ريڊار ذريعي، هڪ سگنل چنڊ سان ٽڪرائجي موٽيو.
سوال: پهرئين هتراڏو گرهه جو نالو ۽ وزن ٻڌايو؟
جواب: اسپوتنڪ پهريون ١٨٤ پائونڊ.
سوال: آمريڪا خلائي دوڙ ۾ ڪيئن داخل ٿيو؟
جواب: هن ايڪسپلور پهريون خلا ۾ روانو ڪري خلا ۾ قدم رکيو.
سوال: مدار ۾ پهريون جاندار لائيڪا ڪتي ڪهڙي گرهه ۾ موڪلي وئي؟

جواب: اسپوتنڪ ٻيو (٢ نومبر ١٩٥٧ع).
سوال: امريڪا انسانن کي خلا ۾ ڪڏهن موڪليو؟ انهن جا نالا ٻڌايو.
جواب: ڪمانڊر ايلن شيپرڊ تاريخ ٥ مئي ١٩٦١ع تي آمريڪا مان روانا ٿيا.
سوال: دنيا جي پهرين عورت ڪڏهن خلا ۾ ٤٦ ڦيرا لڳايا. نالو ٻڌايو؟
جواب: يلنينا تراشڪوف ١٦ جون ١٩٦٣ع.
سوال: ڪهڙي خلائي جهاز ۾ دنيا جي پهرين عورت چڪر لڳايا؟
جواب: ورسٽڪ (ڇونون).
سوال: آمريڪا ڪهڙو خلائي جهاز سڀ کان پهرين چنڊ تي لاٿو.
جواب: جيمني (مارچ ١٩٦٦ع).
سوال: ڪهڙي ملڪ پنهنجو راڪيٽ ڪاميابي سان چنڊ تي لاٿو؟
جواب: روس.
سوال: ڪهڙي آمريڪي خلاباز ١٩٦٢ع ۾ خلا جا ٢ ڦيرا لڳايا؟
جواب: ليفٽيننٽ ڪرنل جان گلن.
سوال: ڪهڙي انسان پهرين چنڊ تي قدم رکيو؟
جواب: نيل آرمسٽرانگ.

سوال: ١٩٦٦ع ۾ ڪهڙي ملڪ جي راڪيٽ چنڊ تي لهي ٽيليويزن ذريعي چنڊ جون تصويرون موڪليو؟

جواب: آمريڪا.

سوال: ١٩٦٦ع ۾ ڪهڙي هئراڏو گرهه پهرين چنڊ جي چوڌاري ڦيرو ڏنو؟

جواب: سرويئر نمبر ١.

سوال: آمريڪا ڪڏهن ۽ ڪهڙي خلاباز کي خلا ۾ ترڻ لاءِ موڪليو؟

جواب: ايڊورڊ وائيٽ مارچ ١٩٦٥ع.

سوال: ڪهڙي خلاباز ڪڏهن خلا ۾ ٢٥ ڪلاڪ آرام ڪئي؟

جواب: ميجر شرمين ٽيٽوف آگسٽ ١٩٦١ع.

سوال: هڪ ڪان وڏيڪ ماڻهن گڏجي ڪهڙي خلائي جهاز ۾ سفر ڪيو؟

جواب: ووسٽڪ هائڊ.

سوال: آمريڪي خلاباز تجربي دوران زمين تي مري ويا ڪڏهن؟

جواب: ٢ جنوري ١٩٦٧ع.

سوال: پهرين انسان چنڊ تي قدم رکيو، اسلامي تاريخ ٻڌايو؟

جواب: ٥ جمادي الاول ١٣٨٩هه.

سوال: خلا ۾ برتري حاصل ڪرڻ لاءِ روس جي خلاباز ڪڏهن ۽ ڪهڙي خلائي جهاز ۾ جان وڃائي؟

جواب: سوريوز نمبر ۱. اپريل ۱۹٦٧ع.

سوال: روس خلا ۾ پليٽ فارم ٺاهڻ لاءِ ٻه گرهه ڪڏهن مدار ۾ موڪليا؟

جوابس: جنوري ۱۹٦۹ع.

سوال: ماڻهو کان سواءِ خلائي جهاز زمين طرف پيغام ڪيئن موڪليندو آهي؟

جواب: خودڪار اوزار پيغام لڪل اشارن ۾ ريڊيو سگنل جي شڪل ۾.

سوال: زهره تي ڪڏهن خلائي جهاز لٿو؟

جواب: آڪٽوبر ۱۹٦٧ع.



سوال: خلاباز جو لباس ڇا مان ٺهندو آهي؟

جواب: شيشي جي ڌاڳن مان.

سوال: اپالو II ۾ ڪهڙا خلاباز هئا؟

جواب: نيل آرمسٽرانگ، ايڊون ايرن، مائيڪ ڪولنز.

سوال: اپالو II جڏهن چنڊ طرف هو ته روس ڪهڙو خلائي جهاز روانو ڪيو؟

جواب: ايڊون ايلڊرن.

سوال: اپالو II جي خلابازن کي ڪيترو وقت قرنطينه ۾ رکيو ويو؟

جواب: ۲۴ جولاءِ کان ۲۲ آگسٽ ۱۹٦۹ع.

سوال: اپالو II جي خلابازن جي استقبال لاءِ صدر نڪسن

ڪٿي موجود هو؟

جواب: طياره بردار جهاز هارنٽ (بحرالڪاهل).

سوال: اپالو II ڪڏهن ۽ ڪٿان روانو ٿيو؟

جواب: ڪيپ ڪينيڊي (١٦ جولاءِ ١٩٦٩ع).

سوال: چنڊ گاڏي ڪيترن ماهرن، ڪيتري وقت ۾ ٺاهي؟

جواب: ٣ هزار ماهرن ۴ مهينن ۾.

سوال: ڪهڙي ملڪ جي ٻن هتراڏو گرهن خلا ۾ ملاقات ڪئي؟

جواب: روس.

سوال: اپالو ٩ ڪڏهن خلا ۾ ويو؟

جواب: فيبروري ١٩٦٩ع.

سوال: ڪهڙي ملڪ جو گرهه اپريل ١٩٦٨ع ۾ چنڊ جو ڦيرو لڳائي واپس نه آيو؟

جواب: روس.

سوال: ڊسمبر ١٩٦٨ع. ۾ ڪهڙي ملڪ جو خلائي جهاز ٣ خلابازن سان چنڊ طرف ويو. ٻڌايو. ته ڪيترو مفاصلو چنڊ ڪان پري رهجي ويو؟

جواب: ٦٠ ميل.

سوال: خلائي جهاز جو ڪهڙو حصو واپس ايندو آهي؟

سوال: ڪهڙي ملڪ جو ڪهڙو خلاباز، خلا ۾ ڪيترو وقت تريو؟
جواب: روس، ڏهه منٽ، اليڪسي ليئونوف.
سوال: ڪهڙي ملڪ جو دنيا جو پهريون خلاباز خلائي جهاز ذريعي خلا ۾ ويو، ان جو نالو ٻڌايو ۽ ڪڏهن؟
جواب: روس، ١٢ اپريل ١٩٦١ع، ميجر يوري گيگارين.
سوال: پهريون انسان ڪڏهن چنڊ تي پهتو، عيسوي سن ۽ تاريخ ٻڌايو؟
جواب: ٢١ جولاءِ ١٩٦٩ع.
سوال: چنڊ تي پهچي زمين تي ڪهڙو پيغام موڪليو ويو؟
جواب: چنڊ تي انسان جو ننڍو قدم بني نوع انسان لاءِ وڏو قدم آهي.
سوال: اپالو ٦ ڪڏهن روانو ٿيو ۽ ڪيترا خلاباز هئا؟
جواب: ٣ خلاباز، آڪٽوبر ١٩٥٨ع.
سوال: چند ڏانهن انسان ڪان سواءِ پهرين پرواز ڪڏهن ۽ ڪهڙي خلائي جهاز ڪئي؟
جواب: اپالو ۴، نومبر ١٩٦٧ع.
سوال: اپالو ١٦ جا خلاباز ڪيترا ڏينهن خلا ۾ رهيا؟
جواب: يارهن ڏينهن.
سوال: اپالو II جي اوچائي ٻڌايو؟
جواب: هڪ سؤ ميٽر.
سوال: اپالو II جي مشين تي ڪيترو خرچ آيو؟

جواب: ڪيپسول.

سـوال: نيل آرمسٽرانگ چنڊ تي تختي رکي جيڪي لفظ وڏي آواز سان پڙهيا هئا، اهي لفظ ٻڌايو؟

جواب: هتي ڪره ارض کان آيل انسانن پهريون دفعو چنڊ تي قدم رکيو، اسين بني نوع انسان لاءِ امن جو پيغام کڻي آيا آهيون.

سـوال: چنڊ تان خلاباز کي زمين تي انسان جي ٺاهيل ڪهڙي شيءِ نظر آئي؟

جواب: ديوار چين.

سـوال: خلائي جهاز جي ڪيپسول ۾ ڇا هوندو آهي؟

جواب: جهاز کي ڪنٽرول ڪرڻ جا اوزار.

سـوال: آمريڪي خلاباز چنڊ تي جيڪي تختيون لڳايون انهن تي ڇا لکيل هو؟

جواب: خلاباز جون صحيحون، زمين جو نقشو، صدر نڪسن جي صحيح ۽ دنيا جي ٧٢ ملڪن جي سربراهن جون صحيحون.

سـوال: ڪو ماڻهو زمين تي ٢٤٠ پائونڊ آهي ته چنڊ تي ڪيترو هوندو؟

جواب: ٤٠ پائونڊ.

سـوال: نيل آرمسٽرانگ چنڊ تي پهتو، ته ٿوري دير کان پوءِ اتي ڪير پهتو؟

جواب: ايڊون ايلڊرن.

جواب: ٢٤ ارب ڊالر.

سوال: اپالو II ڪيترن ماهرن ڪيتري عرصي ۾ تاهيو؟

جواب: ۴ سال ٦٠ هزار ماهرن.

سوال: اپالو II جي چنڊ گاڏي جو نالو ٻڌايو؟

جواب: عقاب.

سوال: اپالو II ڪهڙي راڪيٽ ذريعي ويو؟

جواب: سٽيزن ۵.

سوال: اپالو II جي چنڊ گاڏي ڪٿي لٿي؟

جواب: بحر سڪوت (مانيٽي سمنڊ) ۾.

سوال: اپالو II جا خلاباز ڪڏهن واپس آيا؟

جواب: ٢۴ جولاءِ ١٩٦٩ع.

سوال: اپالو II جي سفر دوران روس ڪهڙو جهاز موڪليو؟

جواب: لونا نمبر ١۵.

سوال: ڪو ماڻهو زمين تي ٦ فوٽ اوچائي تي ٽپ ڏي ته چنڊ تي ڪيترو ٽپندو؟

جواب: ٣٦ فوٽ.

سوال: جپان خلائي دنيا ۾ ڪڏهن قدم رکيو؟

جواب: فيبروري ١٩٧١ع.

سوال: چين خلائي دور ۾ ڪڏهن داخل ٿيو؟

جواب: مارچ ١٩٧١ع.

سوال: جپان جي خلائي مرڪز جو نالو ٻڌايو؟

جواب: نور جينودا.

سوال: چين جي خلائي مرڪز جو نالو ٻڌايو؟

جواب: لوب نور.

سوال: آمريڪا جون خلائي بندرگاهون ٻڌايو؟

جواب: ٻه خلائي بندرگاهون آهن. ڪيپ ڪينيڊي ۽ مريٽ (ٻيٽ).

سوال: چنڊ تي پهرين ڪهڙي راند ٿي؟

جواب: گاف.

سوال: اپالو ١۴ ڪڏهن موڪليو ويو؟

جواب: فيبروري ١٩٧٢ ع.

سوال: چنڊ تي لڳايل تختين تي ٧٢ سربراهن جا پيغام هئا. پاڪستان جي سربراهه جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جنرل يحيٰ خان.

سوال: اپالو ٩ ڪڏهن ڇڏيو ويو. خلاباز ڪهڙا هئا؟

جواب: فيبروري ١٩٦٩ع، اسڪاٽ، ميڪڊيوڊ، شيور.

سوال: آمريڪا ۽ روس جا ڪيترا خلاباز مري چڪا آهن.

جواب: روس ١۴، آمريڪا ٣.

سوال: ٢۴ اپريل ١٩٧٢ع تائين چنڊ تي ڪيترا ماڻهو پهتا؟

جواب: ١٠ ماڻهو.

سوال: پاڪستان ۾ آمريڪي خلاباز ڪهڙي اپالو مهم جا ڪڏهن آيا؟

جواب: اپالو ١٧، ١٧ جون ١٩٧٣ع.

سوال: خلائي جهاز سمنڊ ۾ لهندو آهي، روس خشڪي تي لاتو ڪڏهن؟

جواب: ١٩٧٠ع ۾ خلاباز ڇتين ذريعي لهي ويا.

سوال: مشهور خلاباز يوري گيگارين جو موت ڪيئن ٿيو؟

جواب: هوائي حادثي ۾.

سوال: خلائي مهم جي لحاظ کان سن ١٩٧٥ع جي اهميت ٻڌايو؟

جواب: روسي ۽ آمريڪي خلائي جهاز اپولو ۽ سويوز پاڻ ۾ خلا ۾ مليا.

سوال: ناسا آمريڪي خلائي ادارو ڪڏهن قائم ٿيو؟

جواب: ١٩٥٨ع.

سوال: روس جي خلائي ڪتين جا نالا ٻڌايو؟

جواب: لائيڪا، پٽيڪا ۽ پيڪا.

سوال: روس جو ڪهڙو خلائي جهاز پهرين چنڊ تي لٿو؟

جواب: لونا ٩.

سوال: ڪهڙي ملڪ پهريون موسمي گرهه مدار ۾ ڇڏيو؟

جواب: آمريڪا.

سوال: اسڪائي ليب ڪهڙي ملڪ مدار ۾ ڇڏي؟

جواب: آمريڪا.

سوال: اسڪائي ليب پاڪستان مٿان روزانو ڪيترا دفعا گذري؟

جواب: ٻه دفعا.

سوال: اسڪائي ليب ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪري؟

جواب: يورپ.

سوال: اسڪائي ليب ڇا آهي؟

جواب: اسڪاء = آسمان ۽ ليب = تجربه گاهه. مطلب ته "خلائي تجربه گاهه".

سوال: انساني جسم جي عام گرمي ڪيترو ٿيندي آهي؟

جواب: ٩٨٠٤ ڊگري فارنهائيٽ

سوال: مئل انسان جو گرمي جو درجو ڪيترو هوندو؟

جواب: ايباس، جيڪو گرمي جو درجو هوندو.

سوال: صحتمند ماڻهو منٽ ۾ ڪيترا دفعا ساهه کڻي ٿو؟

جواب: ١٦ دفعا (ٻار وڌيڪ پوڙها گهٽ).

سوال: انساني جسم ۾ ڪيترا هڏا آهن؟

جواب: ٢٠٦ هڏا آهن.

سوال: انسان جي چمڙي ۾ سنها سوراخ ڪيترا آهن؟

جواب: ٢ لک.

سوال: انسان جي جسم تي ڪيترا وار آهن؟

جواب: ٥ لک.

سوال: ڪيترا گيلن رت انسان جي جسم مان روزانو گذري ٿو؟

جواب: ١٢ کان ١٥ سؤ گيلن.

سوال: ڪهڙي گروپ جو رت هر ڪنهن کي ڏئي سگهجي ٿو؟

جواب: او گروپ

سوال: ڇا، رت جو حقيقي رنگ ڳاڙهو آهي؟

جواب: نه، هيموگلوبن مرڪب سبب ڳاڙهو آهي.

سوال: نوجوان ماڻهو ۾ ڪيترو رت آهي؟

جواب: ٦ پائونڊ.

سوال: رت، دل ذريعي گردش ڪري ٿو، پر دل تائين ڪيئن ٿو پهچي؟

جواب: رت شريانين جي مدد سان دل تائين پهچي ٿو.

سوال: رت جي جزن ۾ پاڻي جو حصو ڪيترو آهي؟

جواب: ٩١ سيڪڙو.

سوال: رت جا ڪيترا جزا آهن؟ انهن جزن جا ڪم ٻڌايو؟

جواب: ڳاڙها، اڇا ۽ پلٽلس، اڇا جزا بيمارين جي جيوڙن سان وڙهندا آهن.

سوال: رڳن ۾ رت جي رفتار ٻڌايو؟

جواب: ٧ ميل في ڪلاڪ.

سوال: رت جو دٻاءُ گهٽجي وڃي، ته نبض جي رفتار ڪيئن نيندي؟

جواب: وڌندي.

سوال: رت جا اڇا جزا ڪنهن دريافت ڪيا؟

جواب: ڊاڪٽر ري مجني ڪاف.

سوال: رت جا ڳاڙها جزا ڪنهن معلوم ڪيا؟

جواب: انتوفان لبو وين لبوڪ.

سوال: ڪهڙي ملڪ ۾ سڀ کان بهترين اسپتال ۾ مريضن کي

صحتمند انسان جو رت ڏنو ويو؟

جواب: لنڊن، برطانيه جي اسپتال ۾ مريض کي رت ڏنو ويو(١٦٥٧ع).

سوال: ”رت جسم ۾ گردش ڪري ٿو“، ڪهڙي سائنسدان معلوم ڪيو؟

جواب: وليم هاروي.

سوال: ڪهڙي مسلم سائنسدان سڀ کان پهرين معلوم ڪيو، ته رت جسم ۾ گردش ڪري ٿو؟

جواب: ابنِ نفيس.

سوال: يورپي ماڻهن جي رت ۾ ڪهڙو گروپ گهڻو آهي؟

جواب: A گروپ.

سوال: ايشيائي ماڻهن ۾ عام طور رت جو ڪهڙو گروپ ملي ٿو؟

جواب: B گروپ.

سوال: انسان کي ڪهڙي بيماري گهڻي وڪڙي ٿي؟

جواب: ڏندن جي بيماري.

سوال: عام طور تي ٿڌ ۾ بيماري سان مقابلي جي طاقت ڇو گهٽجيو وڃي؟

جواب: رت جي هڪ جزي گاما گلوبن جي گهٽجي وڃڻ سبب.

سوال: فقط ٻن ڪهڙن ساهوارن کي مڪمل زڪام ٿيندو آهي؟

جواب: باندرءِ انسان.

سوال: جسم جو ٽيون مضبوط ترين حصو ڪهڙو آهي؟

جواب: ران.

سوال: انساني جسم جو ڪمزور هڏو ڪهڙو آهي؟

جواب: آڱوٺو.

سوال: جسم جو مضبوط ترين حصو ڪهڙو آهي؟

جواب: Collar bone.

سوال: انسان جي ڪارائي ۾ ڪيترا هڏا آهن؟

جواب: اٺ.

سوال: انسان جي آڱرين جا هڏا ڪهڙا آهن؟

جواب: چوڏهن.

سوال: انساني هٿ ۾ ڪيترا هڏا آهن؟

جواب: پنج.

سوال: ڪرنگهي جي هڏي ۾ ڪيترا هڏا آهن؟

جواب: ٽيٽيهه.

سوال: انسان جي ٽنگ ۾ ڪيترا هڏا آهن؟

جواب: ايڪٽيهه.

سوال: وليم هاروي ڪڏهن ڄائو ۽ وفات ڪئي. هن رت جو
ڦيرو ڪنهن ڳولي لڌو؟

جواب: ولادت ۱۵۷۸ع وفات ۱۶۵۷ع هڪ ميل روزانو.

سوال: انسان جي مٿي تي ڪيترا وار آهن؟

جواب: ۵۰ هزار.

سوال: جسم جو ڀيو مضبوط حصو ڪهڙو آهي؟

جواب: ڄاڙيون.

سوال: ٻُڪين جو جسم ۾ ڪهڙو ڪم آهي؟

جواب: رت صاف ڪرڻ، زهريلا مادا پيشاب ۾ ڪڍڻ.

سوال: انساني جسم ۾ ڪيترو پاڻي آهي؟

جواب: ١٥٠ پائونڊ وزن، ١٠٠ پائونڊ پاڻي.

سوال: انساني جسم ۾ ڪيترو لوهه آهي؟

جواب: ٩٠ سيڪڙو.

سوال: انساني وار ڪيتري قدر وڌن ٿا؟

جواب: اڍائي مهينن ۾ هڪ انچ.

سوال: عورت ۽ مرد جي دماغ جو وزن ڪيترو ٿئي ٿو؟

جواب: عورت ١٤٠٥٢ ۽ مرد ١٥٠٢١ آئونس.

سوال: ڪهڙي سائنسدان سڀ کان پهرين مرضن جا سبب معلوم ڪري، انهن جي سدباب جا طريقا معلوم ڪيا؟

جواب: لوئي پاسچر.

سوال: ڪارڊيوگراف ڇا آهي؟

جواب: دل جي ڌڙڪڻ جي ڪيفيت جو خاڪو.

سوال: ستل ۽ بيٺل انسان جي دل جي ڌڙڪن ڪيترو؟

جواب: ٨١، ٧١، ٦٦ دفعا منٽ.

سوال: نفسياتي تجزيه جو باني ڪير آهي؟

جواب: سيمسن فرائيڊ.

سوال: باباءِ ڪيميا ڪير آهي؟

جواب: ابو موسيٰ جابر بن حيان.

سوال: هوميوپيٿي طريقي علاج جو باني ڪير هو؟

جواب: سيموئيل هنيمين.

سوال: ڦڦڙن ۾ ڪهڙي حياتين موجود آهي؟

جواب: وٽامن سي.

سوال: انسان ۾ وڏو هڏو ڪهڙو آهي؟

جواب: ران وارو هڏو.

سوال: وٽامن اي ڪنهن معلوم ڪئي؟

جواب: ايف جي هوپڪنس.

سوال: وٽامن بي ڪنهن معلوم ڪئي؟

جواب: ايجڪميان.

سوال: وٽامن ڊي ڪنهن معلوم ڪئي؟

جواب: اي ونڊلسن.

سوال: وٽامن ڪي ڪنهن معلوم ڪئي؟

جواب: پروفيسر ڊيام.

سوال: ڪونگهرو مرد گهٽو هئندا آهن يا عورتون؟

جواب: مرد.

سوال: انساني اک جو وزن ڪيترو آهي؟

جواب: ٧ گرام.

سوال: دنيا جي تلهي ۾ گوري ماڻهو جو وزن ۾ نالو ڪير آهي؟

جواب: ڊيڊن، ساڍا ٽيرهن من.

سوال: "پوسٽ مارٽم" جي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: هن لفظ جي معنيٰ آهي مرڻ کان پوءِ اندروني ء بيروني چڪاس.

سوال: رنگ انڌو (Colour Blind) ڇا آهي؟ ڪيئن ٿو ٿئي؟

جواب: جيڪو رنگن جي سڃاڻپ نہ ڪري، ان ڪي اکين ۾ مخروطي خليا نہ هوندا آهن.

سوال: "مليريا" ڪهڙي ٻولي جو لفظ آهي؟

جواب: اطالوي.

سوال: سائنسدان ڪهڙي شيءِ کي جاندار ۽ بي جان شين ۾ شمار ڪن ٿا؟

جواب: وائرس.

سوال: انساني جسم ۾ غدود ڪيترا ٿيندا آهن؟

جواب: ڇٽيهہ.

سوال: ڪينسر جي علاج لاءِ ريڊيائي هم جا ڪيئن استعمال ٿيندا آهن؟

جواب: تابڪاري آئيوڊين جي ذريعي علاج ٿيندو آهي.

سوال: ڊي.ڊي.ٽي. ڪهڙي لفظ جو مخفف آهي؟

جواب: ڊاءِ ڪلورو ڊاءِ فينائل ٽراءِ ڪلوروٿين.

سوال: گيئميڪسن جراثيم دوا ڪنهن تيار ڪئي؟

جواب: ڊاڪٽر سيلڊر.

سوال: ڊي. اين. اي ڇا آهي؟

جواب: Desoxyribo nucleic acid.

سوال: بينسلن دوائون پهرين ڪنهن ايجاد ڪيون؟

جواب: نوبل.

سوال: Typhoid Bacillus ڪنهن ايجاد ڪئي؟

جواب: سائنسدان ايبرٿ.

سوال: دل کي بدلائڻ جو پهريون آپريشن سمجهايو؟

جواب: ڊاڪٽر ڪرسچين برنارڊ، ۳ ڊسمبر ۱۹۶۶ع، ۵۵ سالن جو دل جو مريض وشڪائنسنڪي ڪامياب آپريشن. ڪيپ ٽائون.

سوال: وزن جي لحاظ کان ڪهڙو عنصر انساني جسم ۾ آهي؟

جواب: آڪسيجن.

سوال: انساني زندگي جو بنيادي اهم جز ڇڏايو؟

جواب: پاڻي.

سوال: مليريا جا جراثيم پهرين ڪنهن معلوم ڪيا؟

جواب: ڊاڪٽر چارلس ايوران.

سوال: مانا جا ٽڪا ڪنهن ڪڏهن ايجاد ڪيا؟

جواب: پهرين عربن ۽ ان کان پوءِ ايڊورڊ جيمز.

سوال: پاڻي ۽ کاڌي کان سواءِ انسان ڪيترو زنده رهي ٿو سگهي؟

جواب: پاڻي کان سواءِ ۳ ڏينهن ۽ کاڌي کان سواءِ ۲۱ ڏينهن.

سوال: عام ماڻهو ڪلاڪ ۾ ڪيترو تري سگهڻ جي سگهه رکي ٿو؟

جواب: ۴ کان ۵ ميل.

سوال: ڪنهن انسان کي ٻه زبانون ممڪن آهن؟

جواب: ها. لنڊن جي عورت ١٨٩١ ع.

سوال: ڪهڙي ملڪ جي عورت کي ساڍا ٢٢ پائونڊ وزني ٻار ڄائو؟

جواب: نيويارڪ آمريڪا. ماءُ جو قد ساڍا ست فوٽ ٻار اڍائي فوٽ.

سوال: عرب جي مشهور عورت زرقا اليمانہ جي شهرت جو سبب ڇا هو؟

جواب: جبل تي چڙهي ٻري ٻري تائين سڀ شيون ڏسي سگهندي هئي.

سوال: ڪهڙي ماڻهو جا ڄمڻ وقت سمورا ڏند هئا ۽ اهي سؤ سال ثابت رهيا.

جواب: ڪاپنڊ الف ڪينيڊي. (ورجينا).

سوال: ڇا، ذيابيطس جو گهڻو مرض گرم ملڪن ۾ ٿئي ٿو؟

جواب: نہ، سرد ملڪن ۾.

سوال: ڇا. انساني جسم ۾ ايتري گرمي آهي جو شتر مرغ يا ڪڪڙ جا بيضا ڦوڙي سگهي؟

جواب: ها.

سوال: سگريٽ ۽ چانہ جا مضر صحت جزا ڪهڙا آهن؟

جواب: نڪوٽين، ڪافين.

سوال: اتر اوير جپان جي قوم اي نو جي شهرت جو سبب ڪهڙو آهي؟

جواب: ان کي جسم تي وڏا وڏا وار هوندا آهن.

سوال: انساني دماغ ۾ ڪيترو پاڻي آهي؟
جواب: هڪ آني جو سورهون حصو.
سوال: پوليو جون ويڪسين ڪنهن تيار ڪيو ؟
جواب: ڊاڪٽر چارلس سالڪ.
سوال: ڪنهن ثابت ڪيو، ته الڪوحل انساني جسم ۽ صحت لاءِ تمام وڏي دشمن آهي؟
جواب: ڊاڪٽر ري مچني ڪوف.
سوال: ڪهڙي عباسي خليفي جي آگرين ۾ ايتري طاقت هئي، جو دينار جو نشان مٽي لاهي ڇڏيندو هو؟
جواب: معتصم بالله.
سوال: تازي چاول ٻار کي ڏند هوندا آهن؟
جواب: ها، ڄمڻ کان پوءِ لڪيو وڃن.
سوال: ۵ سالن جي ٻار جا ڪيترا ڏند هوندا آهن؟
جواب: ويهہ.
سوال: وٽامن ايچ نہ ملڻ ڪري ڪهڙي بيماري ٿيندي؟
جواب: ماٿهو گنجو ٿيڻ لڳندو.
سوال: عالمي نارمل بلڊ پريشر ڇا آهي؟
جواب: لو بلڊ پريشر ٦٠ ۽ ٩٠ جو وچ، هاءِ بلڊ پريشر ١٠٠ ۽ ١٤٠.
سوال: بي. سي. جي. جا ٽڪا ڇا لاءِ لڳايا ويندا آهن؟
جواب: ٽي.بي. کان.
سوال: هڪ هٿ ۾ ڳهٽا هڏا آهن؟

جواب: ٽيهہ.

سوال: رات ڏينهن ۾ ڪهڙي وقت انساني جسم جو گرمي جو درجو گهٽ هوندو آهي؟

جواب: صبح ۽ سمهڻ وقت.

سوال: قائد اعظم جي ٻي گهر واري جو نالو ٻڌايو. ڪنهن جي ڌيءَ هئي، ۽ ڪڏهن شادي ٿي؟

جواب: رتن ٻائي، سر ڊينشا ١٩١٨ع.

سوال: فرانس جو مشهور ماهر نفسيات. ڪنهن ٻه شخص جي ذهانت ماپڻ جو I.Q ٽيسٽ وضع ڪيو. نالو ٻڌايو؟

جواب: الفريڊ.

سوال: تاريخ نويسي جو باني ڪير آهي؟

جواب: هيرڊوٽس.

سوال: معاشيات جو ابو ڪير آهي؟

جواب: آدم سمٿ.

سوال: ٻہ مشهور شخصيتون ڪهڙيون هيون، جن کي قلوپطره جي قربت حاصل ٿي؟

جواب: سيزر ۽ مارڪ انٽوني.

سوال: شاهہ ايڊورڊ (ڇهون) ڪنهن جي محبت خاطر بادشاهي ڇڏي ڊيوڪ آف ونڊسر ٿيو؟

جواب: ٻہ دفعا طلاق مليل آمريڪي خاتون مسز سمپسن.

سوال: لارڊ بيڊن پاول (١٨٥٧ع کان ١٩٤١ع) روس ۾ جرمني ۾ جاسوس رهيو، ڪهڙي روپ ۾؟

جواب: پنبورين جو شڪاري.

سوال: سالو يشين آرمي جو باني ڪير آهي؟

جواب: جنرل وليم برٿ.

سوال: مولانا محمد علي جوهر آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ ڪهڙي مضمون ۾ تعليم حاصل ڪئي؟

جواب: تاريخ.

سوال: مشهور فرانسيسي مفڪر، جديد فلسفي جو ابو. نالو ٻڌايو؟

جواب: ڊيڪارٽي.

سوال: دنيا ۾ بهشت ٺهرايائين، پر ٺهڻ کان پوءِ دروازي اندر قدم رکندي ئي مري ويو. نالو ٻڌايو؟

جواب: شداد.

سوال: هوائي جهاز جا مؤجد، رائٽ برادران جا نالا ٻڌايو؟

جواب: ولبرائٽ ۽ ويل رائٽ.

سوال: رستم زمان گاما پهلوان ڪڏهن وفات ڪئي ۽ ڪٿي دفن آهي؟

جواب: ١٩٦٠ع ۾، لاهور ۾.

سوال: پندرهين صدي جي آخر ۾ راس اميد جو چڪر ڪنهن لڳايو؟

جواب: واسڪو ڊي گاما.

سوال: دنيا جي پهرين پروفيسر خاتون ٻڌايو؟

جواب: مادام ڪيوري.

سوال: Emancipator جو خطاب ڪهڙي آمريڪي صدر کي مليو؟

جواب: ابراهام لنڪن.

سوال: مادام ڪيوري ڪٿي پيدا ٿي؟

جواب: وارسا (پولينڊ) ۾.

سوال: پنڊت نهرو کان پوءِ ڀارت جو وزير اعظم ڪير ٿيو؟

جواب: گلزاري لال نندا.

سوال: چرچل ڪهڙي پارٽي جي نمائنده جي حيثيت ۾ پارليامينٽ جو ميمبر ٿيو؟

جواب: ڪنزرويٽو، ١٩٠٠ع پهريون دفعو.

سوال: مادام ڪيوري جي مڙس جو ڪيئن انتقال ٿيو؟ سندس نالو ڇا هو؟

جواب: پيري ڪيوري، پيرس ۾ ٽيڪسي سان ٽڪر.

سوال: جديد ترڪي جي باني ڪمال اتاترڪ جي ولادت ڪٿي ٿي؟

جواب: سالونيڪا ۾ (يونان).

سوال: آمريڪي صدر ابراهام لنڪن کي ڪنهن ۽ ڪٿي قتل ڪيو؟

جواب: جان ولڪس برٿ، لوڪ ٿيٽر ۾.

سوال: اٿينز جي سپاهي جي حيثيت سان نالو پيدا ڪندڙ مشهور فلسفي ڪير هو؟

جواب: سقراط.

سوال: آمريڪي صدارتي ڪابينہ ۾ شامل پهريون نيگرو ميمبر ڪير هو؟

جواب: سر رابرٽ ڪلفٽن وي اوري.

سوال: ٽيليفون جي موجد گراهم بيل جو تعلق ڪهڙي پيشي سان هو؟

جواب: ڊاڪٽري.

سوال: آمريڪي بحريہ جي پهرين عورت ايڊمرل ڪير هئي؟

جواب: آرلين برٽا ڊيورڪ.

سوال: لينن جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟

جواب: ١٩٢٤ع.

سوال: ايوا براؤن ڪنهن جي محبوبہ هئي؟

جواب: هٽلر جي.

سوال: دنيا جي پهرين پائلٽ عورت ڪير هئي؟

جواب: صبيحہ بيگم (ترڪي).
سوال: شاهہ اردن جي ياءُ ۽ ولي عهد شهزادي حسن جي ڪنهن سان شادي ٿي؟
جواب: شهزادي ثروت آف پاڪستان.
سوال: نپولين بوناپارٽ جي زال ڪير هئي؟
جواب: جوزيفائن.
سوال: نازي دور حڪومت ۾ گستاپو جو سربراهہ ڪير هو؟
جواب: هنري هملر.
سوال: مارڪوپولو جڏهن چين پهتو، تہ اتي ڪير حڪمران هو؟
جواب: قبلائي خان.
سوال: ارڙهين صديءَ جو مشهور انگريز معيشت دان ڪير هو؟
جواب: ٿامس مالٿس.
سوال: پٽولمي جي راڻيءَ جو قلوپطره سان ڪهڙو رشتو هو؟
جواب: ياءُ ۽ مڙس، آڳاٽي زماني ۾ مصر جي شاهي خاندان ۾ ياءُ سان شادي جائز هئي.
سوال: دنيا جي پهرين ليڊي ڊاڪٽر ڪير هئي؟
جواب: ايلزبيٿ بليڪ ويل.
سوال: لٽل ڪارپول ڪنهن جو لقب آهي؟
جواب: نيپولين.
سوال: ماهر نفسيات سگمن فرائيڊ ڪٿي جو هو؟
جواب: جرمني.
سوال: لنڪن جي معتمد جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ڪئينڊي.

سوال: برصغير جو پهريون مسلمان پائليٽ ڪير هو؟

جواب: مراد.

سوال: ڪينيڊي جي معتمد جو نالو ڇا هو؟

جواب: لنڪن.

سوال: سري لنڪا جي وزيراعظم بندرا نائڪي کي ڪنهن قتل ڪيو؟

جواب: هڪ ٻڌ ڀڪشو.

سوال: اسٽالن جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟

جواب: ١٩٥٣ع ۾.

سوال: فلاڊيلفيا جو پهريون شهري ڪير هو؟

جواب: بنجمن فرينڪلين.

سوال: حاتم طائي جو تعلق ڪهڙي قبيلي سان هو؟

جوا: زغم طئي/ طائي قبيلي سان.

سوال: ماني ڪان پهرين بندوق، ڪنهن جو قول آهي؟

جواب: فيلڊ مارشل هرسن گريئرنگ.

سوال: رضا شاهه پهلوي ڪڏهن ايران جو بادشاهه ٿيو؟

جواب: ١٩٤١ع ۾.

سوال: الفريڊ بادشاهه ڊينس ۾ ڪهڙي روپ ۾ راز حاصل ڪيا؟

جواب: گويئي جي روپ ۾.

سوال: ڪهڙي عورت مشهور مصور ليونارڊ ڊاونچي جي تصوير موناليزا لاءِ ماڊل طور ڪم ڪيو؟

جواب: ليگائيو ڪونڊا.

سوال: ڊارون جي زندگي ۾ ڪهڙي بحري جهاز جو سفر مشهور آهي؟

جواب: "Beagle".

سوال: آريہ سماج جو باني ڪير آهي؟

جواب: سوامي ديانند سرسوتي.

سوال: پهرين عالمي جنگ جو سبب ڪهڙي شخصيت جو قتل هو؟

جواب: سر فرانسس ڊي فرڊيننڊ (آسٽريا).

سوال: پروٽسٽنٽ فرقي جو باني ڪير هو؟

جواب: مارٽن لوٿر (جرمني).

سوال: هندن جي اوتار رام چندر جي زال ۽ ڀاءُ جو نالو ڇا هو؟

جواب: سيتا ۽ لڪشمڻ.

سوال: نيپولن بوناپارٽ ڪٿي پيدا ٿيو، ڪٿي ۽ ڪيئن انتقال ٿيس؟

جواب: جنم ڪورسيا، وفات، سينٽ هلينا، ١٨٨٢ع.

سوال: آخري زار روس ڪير هو؟

جواب: نڪولس II.

سوال: رولڊ ايمنڊسن جنهن ڏکڻ قطب دريافت ڪيو. ڪٿي جو هو؟

جواب: ناروي.

سوال: انگريز ڊاڪٽر لونگ اسٽون آفريقا ۾ مهم دوران ٥ سال

گم رهيو، ان کي ڪنهن ڳوليو؟
جواب: بنجمن فرينڪلين.
سوال: راڻي ايلزبيٿ (ٻي) جي مڙس جو نالو ٻڌايو؟
جواب: فلپ مائونٽ بيٽن، ڊيوڪ آف ايڊنبرا.
سوال: اڊولف هٽلر ڪٿي ۽ ڪڏهن پيدا ٿيو؟
جواب: آسٽريا، ٢٠ اپريل ١٨٨٩ع.
سوال: فضا جي راڻي، برطانوي خاتون پائلٽ کي حڪومت سي.بي.اي جو خطاب ڏنو، نالو ٻڌايو؟
جواب: ايمي جانسن.
سوال: مسمريزم جو باني ڪير هو؟
جواب: مسيمر.
سوال: جديد چين جو باني ڪير هو؟
جواب: سن يات سن.
سوال: مشهور يوناني ماهر رياضي، جاميٽري / ٻڙين جي علم جو باني، نالو ٻڌايو؟
جواب: اقليدس.
سوال: مشهور روسي سياستدان ٽرائسڪيءَ کي ڪٿي قتل ڪيو ويو؟
جواب: ميڪسيڪو.
سوال: بحر ائٽلانٽڪ تي پهرين اڪيلي پرواز ڪنهن ڪئي؟
جواب: چارلس (آمريڪي باشندي).
سوال: رائٽ برادران جي گهريلو زندگي ۾ ڪهڙي ڳالهه ساڳي هئي؟

جواب: ٻنهي شادي ڪونہ ڪئي.

سوال: علامہ اقبال کي "حڪيم الامت" جو خطاب ڪنهن ڏنو؟

جواب: خواجہ حسن نظامي.

سوال: آمريڪي سياستدان، جنهن جي موت تي فرانس ۾ ٽي ڏينهن سوڳ ملهايو ويو، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: بنجمين فرينڪلين.

سوال: فارموسا جا ماڻهو ماؤزي تنگ کي ڪنهن وقت پنهنجو ڇو ٿا چون؟

جواب: ان ڪري، جو ماؤزي تنگ، رحنان فارموسا ۾ پيدا ٿيو هو.

سوال: ١٩٤٨ع ۾ اسرائيلي عدالت عرب دنيا جي مشهور ڳائڻي کي سندس غيرحاضري ۾ موت جي سزا ڏني، ان تي ڪهڙو الزام هو؟

جواب: هن سحر انگيز آواز ۾ عوامي نغمن سان اسرائيل جي خلاف عرب عوام کي تيار ڪيو.

سوال: پاڪستان جي مشهور شخصيت، اقوام متحده ۾ ڪيس بهترين مقرر جو خطاب مليو، نالو ٻڌايو؟

جواب: احمد شاهہ پطرس بخاري.

سوال: بسمارڪ ڪيترا سال جرمنيءَ جو وزير اعظم هو؟

جواب: ٢٨ سال.

سوال: سيموئيل مورس ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟

جواب: ١٧٩١ع ۾، ميسا چوسٽس (آمريڪا).

سوال: مشهور سياستدان، ڪوپرنيڪس ڪهڙي ملڪ جو هو؟

جواب: پولينڊ.

سوال: حياتيات جو نيوٽن ڪير آهي؟

جواب: ڊارون.

سوال: ”شيخ الرئيس“ ڪنهن جو خطاب آهي؟

جواب: بو علي سينا.

سوال: حيدرآباد ۾ ڪهڙو سپه سالار دفن آهي؟

جواب: هوش محمد شيدي.

سوال: مهاتما گوتم ٻڌ ڪٿي پيدا ٿيو، سندس ماءُ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: لومبني جو جهنگ، گيا پارت، مايا ديوي.

سوال: ٻه شخصيتون جن سڀ کان پهرين ٽيليفون تي ڳالهايو؟

جواب: گراهم بيل ۽ واٽسن.

سوال: مشهور حڪمران، تقرير ڪندي جوش ۾ اچي مٺ ۾ جهليل عينڪ پيچي ڇڏيندو هو. سندس سيڪريٽري عينڪن جو سيٽ کڻندو هو، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: هٽلر.

سوال: ونسٽن چرچل ڪيترا دفعا برطانيه جو وزير اعظم ٿيو هو؟

جواب: ٻه دفعا.

سوال: مشهور مسلمان سياح، طنجه ۾ پيدا ٿيو، هن ٢٨ سالن جي عمر ۾ ٧٥ هزار ميل سفر ڪيو، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ابن بطوطه.

سوال: ڪهڙي سائنسدان کي عورت کان نفرت هئي؟

جواب: هنري ڪيوُنڊش.

سوال: جديد سائنس جو ابو ڪير آهي؟

جواب: ارسطو.

سوال: ڀارت جو سڀ کان گھڻو عرصو صدر ڪير رهيو آهي؟

جواب: ڊاڪٽر راجندر پرشاد.

سوال: مولانا ظفر علي ڪنهن جو پرائيويٽ سيڪريٽري هو؟

جواب: نواب محسن الملڪ.

سوال: قائداعظم جي والده جو نالو ڇا هو؟

جواب: سڪينه ٻائي.

سوال: آمريڪا جو ڪهڙو صدر باڪسنگ جو شوقين هو؟

جواب: ٿيڊور روزويلٽ.

سوال: قائداعظم جي زندگيءَ جي آخري تقريب ڪهڙي هئي؟

جواب: اسٽيٽ بئنڪ جو افتتاح.

سوال: وليم گلبرٽ، بجلي جو نالو اليڪٽرسٽي رکيو، ان جو پيشو ڇڏايو؟

جواب: ڊاڪٽر.

سوال: هيٺين ٽنهي جي زندگي ۾ ١٩٤١ع کي ڪهڙي اهميت حاصل آهي:

سر فريڊرڪ بنمٽنگ، انسلين جو مؤجد.

لارڊ بيڊن پاول، اسڪاؤٽ جو باني.

رابندر ناٿ ٽيگور، مشهور بنگالي شاعر.

جواب: ٽنهي جو انتقال ١٩٤١ع ۾ ٿيو.

سوال: محترمه فاطمه جناح جي زندگيءَ جي آخري تقريب

ٻڌايو؟

جواب: ڪراچي ۾ هڪ شاديءَ ۾ شرڪت.

سوال: بنجمن فرينڪلين پهرين ڇا هو؟

جواب: ايڊيٽر.

سوال: گراهم بيل ڪٿي پيدا ٿيو؟

جواب: ايڊينوا (اسڪاٽ لينڊ).

سوال: مشهور مفڪر، پاڪستان جي حمايت سبب سندس ملڪ ڪيس هڪ مهيني جي سزا ملي، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: برٽريند رسل.

سوال: دنيا جو وڏو فلمي هيرو ڪنهن کي چيو وڃي ٿو؟

جواب: گريگوري پيڪ.

سوال: مولانا محمد علي جوهر ڪٿي پيدا ٿيو ۽ ڪٿي تعليم حاصل ڪئي؟

جواب: رام پور ۾ پيدا ٿيو ۽ بريلي، عليگڙهه ۽ آڪسفورڊ ۾ تعليم حاصل ڪيائين.

سوال: مشهور عالم مصور، مائيڪل اينجلو ڪٿي جو رهاڪو هو؟

جواب: اٽلي.

سوال: ٢٥ اپريل ١٩۴٥ع تي دنيا جي ڪهڙي اهم شخصيت جو قتل ٿيو؟

جواب: مسوليني.

سوال: جنرل روميل کي شڪست ڪنهن ڏني؟

جواب: آئزن هاور.

سوال: سڪندر اعظم جو استاد ڪير هو؟

جواب: ارسطو.

سوال: بقراط ڪٿي پيدا ٿيو ۽ سندس استاد ڪير هو؟

جواب: ڪوس يونان، ديما قراطيس.

سوال: رستم ڪهڙي ملڪ جو پهلوان هو؟

جواب: ايران.

سوال: ڪهڙو آمريڪي صدر نيويارڪ ۾ پيدا ٿيو؟

جواب: فرينڪلين روزويلٽ.

سوال: جديد جپان جو ابو ڪير آهي؟

جواب: بادشاهه ميجي.

سوال: آمريڪا جي عورت، جنهن جي نالي سان هڪ جنگي جهاز آهي ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: هيوٽ لين.

سوال: ڪنهن جي سوڳ ۾ سموري آمريڪا جي لائيٽ هڪ منٽ وسائي ويئي هئي؟

جواب: ٿامس الوا ايڊيسن، بلب جو مؤجد.

سوال: ڪهڙي مسلمان سائنسدان سڀ کان پهرين هوائي جهاز جو تجربو ڪيو؟

جواب: ابوالقاسم بن فوناس، اندلسي.

سوال: جديد جرمنيءَ جو باني ڪير هو؟

جواب: بسمارڪ.

سوال: جين ڊڪسن ڇو مشهور آهي؟

جواب: صحيح اڳڪتين جي سبب، سي.آء.اي جي ايجنٽ.

سوال: اسلامي دنيا جي پهرين خاتون وزيراعظم جو نالو ٻڌايو؟

جواب: محترمہ بي نظير ڀٽو (پاڪستان).

Soorih Mirani

اقوام متحده ۽ ٻيا ادارا ۽ تحريڪون

سوال: قومن جي مجلس ڪهڙي معاهدي جي خيال ڪان قائم ٿي؟
جواب: معاهده ورسيلز.
سوال: قومن جي مجلس جو پهريون باقاعده اجلاس ڪڏهن ٿيو؟
جواب: ١٠ جنوري ١٩٢٠ع.
سوال: قومن جي مجلس قائم ڪرڻ لاءِ ڪهڙي ملڪ جي صدر گهڻي ڪوشش ڪئي، پر خود سندس ملڪ ميمبر نہ ٿيو؟
جواب: آمريڪا جو صدر وڊرو ولسن.
سوال: شروع ۾ قومن جي مجلس جا ڪيترا ميمبر هئا؟
جواب: ٢٦ ملڪ.
سوال: قومن جي مجلس ۾ ڪيترن ملڪن شرڪت ڪئي؟
جوا: ٥٦ ملڪن.

سوال: قومن جي مجلس ۾ جرمني ۽ روس ڪڏهن شامل ٿيا؟
جواب: ١٩٢٥ع ۽ ١٩٣٤ع.

Soorih Mirani

سوال: انصاف واري عالمي عدالت جو قيام ڪڏهن عمل ۾ آيو؟

جواب: ١٩٢١ع. ڪم شروع فيبروري ١٩٢٢ع.

سوال: عالمي عدالت ڪٿي قائم ڪئي ويئي؟

جواب: هيگ (هالينڊ).

سوال: اقوام متحده جي شروعاتي دور ۾ ڪهڙا ٻه ملڪ ڌار ٿي ويا؟

جواب: برازيل ۽ ڪارسٽارليسا.

سوال: جرمني ۽ جپان ڪڏهن قومن جي مجلس کان ڌار ٿيا؟

جواب: ١٩٣٣ع ۾.

سوال: ڀڃاڙي جي وقت ١٩٤٠ع ۾ قومن جي مجلس ۾ ڪيترا ملڪ شامل هئا؟

جواب: ٣٢ ملڪ.

سوال: ٻي عالمي جنگ کان پوءِ اقوام متحده جو خيال پيدا ٿيو. شروعات ۾ "منشور اوقيانوس" جو نالو ورتو ويو. اهو ڇا آهي؟

سوال: ١٤ آگسٽ ١٩٤١ع تي صدر روزويلٽ ۽ وزيراعظم چرچل اوقيانوس سمنڊ ۾ هڪ جهاز تي ملاقات ڪئي. ان ملاقات کان پوءِ منشور جو اعلان ڪيو ويو.

سوال: ١٩٤٥ع ۾ يالٽا ۾ روس، آمريڪا ۽ برطانيہ جي ڪيل فيصلي مطابق اقوام متحده جو منشور تيار ڪرڻ لاءِ ٢٥ اپريل ١٩٤٥ع تي سان فرانسسڪو ڪانفرنس ۾ ڪيترا ملڪ شامل ٿيا؟

جواب: ٥٠ ملڪ.

سوال: اقوام متحده جي منشور تي ڪڏهن ۽ ڪٿي صحيح ٿي؟

جواب: سان فرانسسڪو.

سوال: اقوام متحده ۾ چين جو پهريون نمائندو ڪير هو؟

جواب: هوانگ هوا.

سوال: اقوام متحده جو قيام ڪڏهن عمل ۾ آيو؟

جواب: ٢٤ آڪٽوبر ١٩٤٥ع.

سوال: اقوام متحده جو هيڊ ڪوارٽر ڪٿي آهي؟

جواب: نيويارڪ ۾.

سوال: اقوام متحده جو هيڊ ڪوارٽر پهرين ڪٿي هو؟

جواب: لنڊن.

سوال: ١٩٩٦ع تائين اقوام متحده جا ڪيترا ميمبر ملڪ هئا؟

جواب: ١٩٢ ملڪ.

سوال: اقوام متحده جو پهريون سيڪريٽري جنرل ڪير ۽ ڪهڙي ملڪ جو هو؟

جواب: ٽريگولائي، ناروي.

سوال: اقوام متحده جي عمارت ڪيتري ماڙ آهي؟

جواب: ٣٩ ماڙ.

سوال: اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ جو پهريون اجلاس ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟

جواب: ١٠ جنوري ١٩٤٦ع، لنڊن ۾.

سوال: اقوام متحده جو پهريون مسلمان صدر ڪير ٿي؟

جواب: نصر الله آف ايران.

سوال: اقوام متحده جي پهرين عورت صدر ڪير ٿي؟

جواب: وجي لڪشمي پنڊت آف ڀارت.

سوال: اقوام متحده جي ٻي عورت صدر ڪير ٿي؟

جواب: مس اينگل اي بروڪس آف لائبيريا.

سوال: اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل ۾ ڪا قرارداد منظور ڪرڻ لاءِ ڪيترا ووٽ مناسب آهن؟

جواب: ٩ ووٽ.

سوال: اقوام متحده جي جهنڊي ۾ ڪيترا رنگ آهن؟

جواب: ٻه- نيرو ۽ اڇو.

سوال: اقوام متحده جي تعليمي، سائنسي ۽ ثقافتي اداري جو نالو ڇا آهي، اهو ڪڏهن قائم ٿيو؟

جواب: يونيسڪو، ۴ نومبر ١٩٤٦ع.

سوال: سلامتي ڪائونسل جا ڪيترا ميمبر آهن، مستقل ميمبر ڪهڙا آهن؟

جواب: ١٥ ميمبر، روس، آمريڪا، برطانيه، فرانس ۽ چين ان جا مستقل ميمبر آهن.

سوال: عالمي واپاري ادارو ڪڏهن وجود ۾ آيو؟

جواب: ١٩٥٥ع ۾.

سوال: عالمي اداري مواصلات جي هيڊ آفيس ڪٿي آهي؟

جواب: جنيوا ۾.

سوال: عالمي پوسٽل يونين جي هيڊ آفيس ڪٿي آهي؟

جواب: برن، سوئيزرليند ۾.

سوال: عالمي بئنڪ جي تعمير ۽ ترقي ڪڏهن وجود ۾ آئي، هيڊ آفيس ڪٿي آهي؟

جواب: ڊسمبر ١٩٤٥ع، واشنگٽن.

سوال: اقوام متحده جو وڏو قانوني ادارو ڪهڙو آهي، ان جي هيڊ آفيس ڪٿي آهي؟

جواب: انصاف واري عالمي عدالت، هيگ (هاليند).

سوال: هوائي عالمي ادارو ڪڏهن وجود ۾ آيو؟

جواب: ١٩٤٧ع ۾.

سوال: عالمي ماليات فنڊ جو هيڊ ڪوارٽر ڪٿي آهي؟

جواب: واشنگٽن.

سوال: عالمي ادارو موسميات ڪڏهن قائم ٿيو؟

جواب: ١٩٥٠ع ۾.

سوال: اقوام متحده ۾ پهريون ويٽو ڪهڙي ملڪ استعمال ڪيو؟

جواب: روس.

سوال: ڪهڙا ٻه ملڪ اقوام متحده جا ٻه دفعا ميمبر ٿيا آهن؟

جواب: شام ۽ انڊونيشيا.

سوال: ١٩٧٣ع ۾ ڪهڙا ٻه مشهور ملڪ اقوام متحده جا ميمبر ٿيا؟

جواب: اولهه جرمني ۽ اوڀر جرمني (جرمني هاڻي متحد ٿي

چڪو آهي.)

سوال: عرب ليگ جو بنياد ڪڏهن ۽ ڪٿي وڌو ويو؟ ان جي هيڊ آفيس ڪٿي آهي؟

جواب: ٢٢ مارچ ١٩٤٥ع، قاهره (مصر).

سوال: ١٥ آڪٽوبر ١٩٧٣ع تائين عرب ليگ جا ميمبر ملڪ ڪيترا هئا؟

جواب: ١٩ ملڪ.

سوال: ”الفتح“ تنظيم جي سربراهہ جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ياسر عرفات.

سوال: ڪاري، ڪنهن جي ۽ ڪهڙي ملڪ جي جماعت آهي؟

جواب: حبشين جي، آمريڪا ۾.

سوال: خفيہ دهشت پسند جماعت ماؤ ماؤ جو بنيادي مقصد ڇا آهي؟ هيءَ تحريڪ ڪڏهن قائم ٿي؟

جواب: ڪينيا، اوڀر آفريقا کي برطانيہ جي چنبي کان آزاد ڪرائڻ لاءِ هيءَ تحريڪ ١٩٥٢ع ۾ قائم ٿي؟

جواب: فلسطيني قومي تحريڪ آزادي ۽ هٿياربند دستن جا نالا ٻڌايو؟

جواب: تحريڪ آزادي کي ”الفتح“ ۽ هٿياربند دستن کي ”العاصفہ“ چيو وڃي ٿو.

سوال: ١٩٠٦ع دمشق ۾ ٻار وطن ۽ آزادي نالي سان خوفناڪ تنظيم ڪنهن قائم ڪئي؟

جواب: مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ.

سوال: مسوليني جي فاشسٽ پارٽي آف اٽلي ڪهڙي نالي سان

مشهور آهي؟

جواب: ڪاري برسٽ.

سوال: گرل گائيڊ تحريڪ پنهنجو "يومِ فڪر" ڪهڙي تاريخ ملهائيندي آهي؟

جواب: ٢٢ فيبروري.

سوال: "البرق" نالي ڇاپہ مار جماعت ناهڻ جو مقصد ڇا آهي؟

جواب: ڪشمير جي آزادي.

سوال: اسڪائوٽ تحريڪ جو اڳواڻ ڪير آهي؟

جواب: لارڊ بيڊن پاول.

سوال: اسڪائوٽ تحريڪ جو مقصد ڇا آهي؟

جواب: اسڪائوٽ تحريڪ جو مقصد "Be Prepared" آهي.

سوال: "ريڊ ڪراس" تنظيم جو بنياد ڪنهن رکيو؟

جواب: هنري ڊونٽ، ١٩٦٣ع ۾.

سوال: "تحريڪ آزادي فلسطين" جو بنياد ڪڏهن رکيو ويو؟

جواب: ١٩٥٦ع ۾.

سوال: اخوان المسلمين جو باني ڪير هو؟

جواب: حسن البنيٰ شهيد.

سوال: بوري اقومو جماعت ڪهڙي ملڪ جي آزادي لاءِ ڪڏهن قائم ٿي؟

جواب: انڊونيشيا، ١٩٠٨ع ۾.

سوال: ”اپوا“ ڪڏهن قائم ٿي، ان جي اڳواڻ ۽ تاحيات صدر ڪير هئي؟

جواب: ١٩٤٩ع ۾، بيگم رعنا لياقت علي خان.

سوال: بوري اقومو جو اڳواڻ ڪير هو؟

جواب: ڊاڪٽر سترمو.

سوال: "Revolution Until Victory" ڪهڙي تحريڪ جو مقصد آهي؟

جواب: تحريڪ آزادي فلسطين، تنظيم الفتح.

سوال: K.K.K آمريڪا ۾ نقاب پوش دهشت پسندن جو نشان آهي، اها تحريڪ ڪنهن جي خلاف آهي؟

جواب: ڪاري نسل جي خلاف.

سوال: ڪراچي ۾ ائنٽي قادياني تحريڪ پهريون دفعو ڪڏهن شروع ٿي؟

جواب: ٢٧ فيبروري ١٩٥٢ع.

سوال: فلسطين ۾ يهودين جي زمين دوز جماعت هگاناڪو ڪنهن ٺاهي؟

جواب: اسرائيلي وزيراعظم بن گوريان.

سوال: ”پان اسلامڪ“ تحريڪ جو وڏو اڳواڻ ڪير هو؟

جواب: سيد جمال الدين افغاني.

سوال: ١٨ آگسٽ ١٩٦٥ع تي ڪهڙي علائقي جي عوام انقلابي ڪائونسل انجمن قائم ڪئي؟

جواب: والاريل ڪشمير.

سوال: ترڪي ۾ پيپلز پبلڪ پارٽي جو بنياد ڪنهن وڌو؟

جواب: ڪمال اتاترڪ.

سوال: ليبر پارٽي برطانيه ڪڏهن قائم ٿي؟

جواب: ١٩٠٠ع ۾.

سوال: مارٽن لوٿر جي پروٽسٽنٽ تحريڪ ڪڏهن شروع ٿي؟

جواب: ١٥١٧ع ۾.

سوال: مجلس احرار اسلام جو اڳواڻ ڪير هو؟

جواب: عطاءُ الله شاهه بخاري، ١٨٩١ع- ١٩٦١ع.

سوال: ريشمي رومال تحريڪ ڇو مشهور آهي؟

جواب: هن تحريڪ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ڪري مشهوري حاصل ڪئي.

سوال: انجمن حمايت الاسلام جو بنياد ڪڏهن پيو؟

جواب: ١٨٨٤ع ۾.

سوال: "Father of League of Nations" ڪنهن کي چوندا آهن؟

جواب: "Grotius" (گروشس) کي.

سوال: پهرين مسلم سربراهي ڪانفرنس جو سربراهه ڪير هو؟

جواب: شاهه حسن ثاني.

سوال: پهرين مسلم سربراهي ڪانفرنس ۾ سرڪاري طور ڪيتريون زبانون ڳالهايون ويون؟

جواب: عربي، انگريزي ۽ فرانسيسي.

سوال: ٻهرين مسلم سربراهي ڪانفرنس ۾ پاڪستان جو نمائندو ڪير هو؟

جواب: صدر يحيٰ.

سوال: ڪراچي ۾ اسلامي پرڏيهي وزيرن جي ڪانفرنس ڪڏهن ٿي، جنهن ۾ ٣٢ ملڪ شريڪ ٿيا ۽ شاهه فيصل افتتاح ڪيو؟

جواب: ٢٩ فيبروري ١٩٧٢ع.

سوال: ٢٢ فيبروري ١٩٧٤ع تي اسلامي سربراهي ڪانفرنس لاهور ۾ ٿي، اسلامي تاريخ ٻڌايو؟

جواب: ٢٩ محرم ١٣٩٤هه.

سوال: يورپين اڪنامڪ ڪميونٽي ڪڏهن قائم ٿي؟

جواب: ١٩٥٧ع ۾، روم معاهدي هيٺ.

سوال: عرب مالياتي فنڊ جو بنياد ڪڏهن پيو؟

جواب: ٢ فيبروري ١٩٧٧ع.

سوال: "ناٽو" تنظيم ڪڏهن ۽ ڪٿي قائم ڪئي ويئي؟

جواب: ۴ اپريل ١٩۴٩ع واشنگٽن ۾.

سوال: اوپيڪ (OPEC) جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: آرگنائزيشن آف پيٽروليم ايڪسپورٽنگ ڪنٽريز.

سوال: اوپيڪ جو قيام ڪڏهن عمل ۾ آيو؟

جواب: ١۴ نومبر ١٩٦٠ع.

سوال: اوپيڪ جا مقصد ڪهڙا آهن؟

جواب: ميمبر ملڪن ۾ پيٽروليم جي پاليسين ۾ هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ، تہ جيئن پيٽروليم جي قيمتن ۾ توازن قائم رهي.

سوال: "سارڪ" ڇا آهي؟

جواب: اها ڏکڻ ايشيائي ملڪن جي علائقائي تنظيم آهي ۽ ان جو پورو نالو "سائوٿ ايشين ايسوسي ايشن فار ريجنل ڪوآپريشن" آهي.

سوال: سارڪ جو بنياد ڪڏهن پيو؟

جواب: ٨- ڊسمبر ١٩٨٥ع.

سوال: هيلسنڪي معاهدي جي باري ۾ اوهان کي ڪهڙي خبر آهي؟

جواب: اهو معاهدو ميمبر ملڪن ۾ اقتصادي سهڪار، امن قائم ڪرڻ ۽ انساني حقن کي فروغ ڏيڻ جي سلسلي ۾ ١٩٧٥ع ۾ طئي ٿيو.

سوال: "آسيان" ڇا آهي؟ اها تنظيم ڪڏهن قائم ٿي؟

جواب: "آسيان"، ائسوسئيشن آف سائوٿ ايسٽ ايشين نيشن جو مخفف آهي. ان جو بنياد ٩ آگسٽ ١٩٦٧ع تي پيو ۽ ان جو مقصد ڏکڻ-اوبر خطي جي استحڪام ۽ اقتصادي ترقي لاءِ قدم کڻڻ آهي.

سوال: "آسيان" تنظيم جا ميمبر ملڪ ڪهڙا آهن؟

جواب: برونائي، انڊونيشيا، ملائيشيا، فلپائين، سينگاپور ٿائيلينڊ.

سوال: عرب ڪوآپريشن ڪائونسل جو بنياد ڪڏهن ۽ ڪٿي پيو

جواب: ان جو قيام ١٦ فيبروري ١٩٨٩ع تي بغداد ۾ عمل ۾ آيو

سوال: "آرگنائيزيشن آف آفريقن يونٽي" جو قيام ڪڏهن عمل ۾ آيو؟

جواب: ٢٣ مئي ١٩٦٣ع تي.

سوال: ڪولمبو پلان ڪڏهن طئي ٿيو؟

جواب: پهرين جولاءِ ١٩٥١ع تي.

سوال: آمريڪي ملڪن جي تنظيم (OAS) جو قيام ڪڏهن ۽ ڪٿي عمل ۾ آيو؟

جواب: اها تنظيم ٣ اپريل ١٩٤٨ع تي بگوٽا ۾ عمل ۾ آئي.

سوال: عرب ليگ جو مقصد ڪهڙو آهي؟

جواب: عرب ليگ جو مقصد ميمبر ملڪن ۾ ثقافتي، اقتصادي ۽ مواصلاتي تعلقات کي فروغ ڏيڻ پاڻ ۾ تڪرارن کي پرامن طريقن سان حل ڪرڻ ۽ اسرائيل خلاف جنگي ڪارروايون ڪرڻ آهي.

سوال: سائوٿ ايسٽ ايشيا ٽريٽي آرگنائيزيشن ڇا آهي؟

جواب: هيءَ معاهدو اشتراڪيت جي وڌندڙ اثرن کي روڪڻ لاءِ سيپٽمبر ١٩٥۴ع ۾ منيلا (فلپائن) ۾ طئي ٿيو.

سوال: "بين الاقوامي مالياتي فنڊ" جي باري ۾ اوهان کي ڪهڙي خبر آهي؟

جواب: ان کي انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (I.M.F.) به چيو وڃي ٿو. ان جو قيام ١٩۴٥ع ۾ عمل ۾ آيو. اهو اقوام متحده جو هڪ خاص ادارو آهي ۽ ان جو مقصد عالمي واپار کي وڌائڻ ۽ زرمبادلہ کي متوازن رکڻ ۽ مالي امداد فراهم ڪرڻ آهي.

سوال: غير جانبدار تحريڪ ڪڏهن ۽ ڪٿي قائم ٿي؟

جواب: سيپٽمبر ١٩٦١ع ۾، يوگوسلاويہ ۾.

سوال: اينزس (Anzus) معاهدو ڪڏهن عمل ۾ آيو؟

جواب: هيءَ معاهدو پهرين سيپٽمبر ١٩٥١ع تي آسٽريليا، نيوزيلينڊ ۽ آمريڪا ۾ طئي ٿيو.

سوال: وارسا معاهدو ڪڏهن ٿيو؟

جواب: هيءَ معاهدو ٥ جون ١٩٥٥ع تي طئي ٿيو.

سوال: وارسا معاهدو ڪڏهن ختم ڪيو ويو؟

جواب: هيءَ معاهدو ٣١ مارچ ١٩٩١ع تي ختم ڪيو ويو.

سوال: عرب اڪنامڪ يونٽي ۾ ڪيترا ملڪ شامل آهن؟

جواب: ١٢ ملڪ: مصر، عراق، اتر يمن، ڏکڻ يمن (هاڻي فقط يمن)، اردن، ڪويت، ماريطانيہ، ليبيا، صومالیہ، متحده عرب امارات، سوڊان ۽ شام.

اهم معلومات

سوال: هندستان جي جديد قومي نظريي جو باني ڪنهن کي چيو وڃي ٿو؟

جواب: مولانا عبيد الله سنڌي رح کي.

سوال: مولانا عبيد الله سنڌيءَ افغانستان، روس، ترڪي ۽ عربستان ۾ ڪيترو وقت جلاوطني جا ڏينهن گذاريا؟

جواب: 25 سال.

سوال: 25 آگسٽ 1996ع تي آزاد ڪشمير جو صدر ڪير چونڊيو؟

جواب: سردار محمد ابراهيم خان.

سوال: نامياري ليکڪ، صحافي ۽ سياستدان قاضي عبدالمجيد عابد ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 27 آگسٽ 1996ع تي.

سوال: 24 جولاءِ 1996ع تي ڪولمبو ۾ ٻن بمن جي ڌماڪن ۾ ڪيترا ماڻهو مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا؟

جواب: 70 ماڻهو فوت ۽ 200 زخمي ٿيا.

سوال: بئريسٽر سلطان محمود چوڌري ڪڏهن آزاد ڪشمير جي وزيراعظم طور پنهنجي عهدي جو قسم کنيو؟

جواب: 30 جولاءِ 1996ع تي.

سوال: حضرت شاهه شمس تبريزي جي ولادت جو سن ٻڌايو؟

جواب: 1164ع.

سوال: حضرت شاهه شمس تبريزي ڪٿي ڄائو هو؟

جواب: ايران ۾ تبريزواري هنڌ تي.

سوال: لورالائي ريڊيو اسٽيشن جو افتتاح ڪڏهن ٿيو؟

جواب: چنچر 20 جولاءِ 1996ع تي.

سوال: پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو) جي چيئرمين مير مرتضيٰ ڀٽو کي ڪڏهن ۽ ڪٿي شهيد ڪيو ويو؟

جواب: جمعي 20 سيپٽمبر 1966ع تي، ڪراچي ۾.

سوال: مير مرتضيٰ ڀٽو کي ڪنهن شهيد ڪيو؟

جواب: پوليس جي هڪ ٽولي انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪري.

سوال: مير مرتضيٰ ڀٽو ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو هو؟

جواب: 18 سيپٽمبر 1954ع تي ڪراچي ۾.

سوال: شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڪڏهن ڦاسي ڏني ويئي؟

جواب: 4 اپريل 1989ع تي.

سوال: شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪل ڪيتري عمر ماڻي؟

جواب: 51 سال.

سوال: مير مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت وقت عمر ڪيتري هئي؟

جواب: 42 سال.

سوال: شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو والد سر شاهنواز ڀٽو ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو هو؟

جواب: 3 مارچ 1888ع تي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو (ضلعي لاڙڪاڻي) ۾.

سوال: ٽنڊو بهاول جي ڀن نياڻين زيب النساءِ ۽ حاڪم زادي ڪڏهن پاڻ کي باهه ڏني؟

جواب: 11 سيپٽمبر 1996ع تي.

سوال: زيب النساءِ ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 21 سيپٽمبر 1996ع تي.

سوال: حاڪم زادي ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 22 سيپٽمبر 1996ع تي.

سوال: پاڪستان مسلم ليگ (قاسم گروپ) جي اڳواڻ ملڪ محمد قاسم ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: اگارو 16 سيپٽمبر 1996ع تي.

سوال: برک سياستدان غوث بخش بزنجو ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: يارهين آگسٽ 1989ع تي.

سوال: سنڌ جي اڳوڻي وزيراعليٰ قاضي فضل الله ڪڏهن وفات ڪئي ۽ ڪٿي؟

جواب: 24 جون 1987ع تي لاڙڪاڻي ۾.

سوال: پاڪستان جي اڳوڻي بچاءَ واري وزير مير علي احمد خان ٽالپر ڪڏهن وفات ڪئي ۽ ڪٿي؟

جواب: مير علي احمد خان ٽالپر 5 اپريل 1987ع تي لنڊن ۾ وفات ڪئي.

سوال: سنڌ جي ناماري اديب، شاعر ۽ علم موسيقيءَ جي ڄاڻو سيد منظور نقوي جو اصل نالو ٻڌايو؟

جواب: سيد لطف علي شاهه.

سوال: سيد منظور نقوي ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو؟

جواب: سيد منظور نقوي 17 مئي 1924ع تي حيدرآباد لڳ ٽنڊو جهانيان ۾ ڄائو.

سوال: محترمه بي نظير ڀٽو ۽ آصف علي زرداري جي شادي ڪڏهن ۽

ڪٿي ٿي؟

جواب: 18 ڊسمبر 1987ع تي ڪراچي ۾.

سوال: محترمہ بي نظير ڀٽو جي شادي ۾ ڪيترن ماڻهن شرڪت ڪئي؟

جواب: 2 لک کان وڌيڪ.

سوال: پاڪستان جو 54 مسافرن وارو پي. آءِ. اي جو فوڪر جهاز گلگت کان اسلام آباد ايندي گم ٿي ويو هو، جنهن جو اڄ تائين پتو نہ پيو، اهو واقعو ڪڏهن پيش آيو؟

جواب: 25 آگسٽ 1989ع تي.

سوال: اردن جي راڻي عاليہ ڪڏهن هوائي حادثي ۾ فوت ٿي؟

جواب: 9 فيبروري 1977ع تي.

سوال: مهر قبيلي جي سردار ۽ اڳوڻي صوبائي وزير سردار غلام محمد خان مهر ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 8 اپريل 1995ع تي.

سوال: زميني فوج جي اڳوڻي سربراهہ جنرل آصف نواز ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 8 جنوري 1993ع تي.

سوال: حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: سومر 11 جنوري 1993ع تي.

سوال: عظيم صحافي سينيٽر شيخ علي محمد ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 21 جنوري 1991ع تي.

سوال: سنڌ جي برک سياستدان ۽ اڳوڻي وفاقي وزير حاجي مولا بخش سومرو ڪڏهن وفات ڪئي ۽ ڪٿي؟

جواب: 3 فيبروري 1989ع تي ڪراچي ۾ (شڪارپور ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو).

سوال: مخدوم امين فهيم درگاهه سرور نوح رح جو ڪائون گادي نشين آهي؟

جواب: ارڙهون.

سوال: پير غلام رسول شاهه جيلاني ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: ۽ فيبروري 1991ع تي.

سوال: پير غلام رسول شاهه جيلاني جو تعلق جيلاني پيرن جي ڪهڙن بزرگن سان هو؟

جواب: تاج ڏٽي جي گادي ۽وارن بزرگن سان.

سوال: پير غلام رسول شاهه جيلاني ڪڏهن ڄائو هو ۽ ڪٿي؟

جواب: 1918ع ۾ ٽاٽي بولا خان ۾.

سوال: سنڌ جو اهو ڪهڙو پهريون وزيراعليٰ هو، جنهن جو سندس عهدي تي انتقال ٿيو؟

جواب: ڄام صادق علي.

سوال: برک دانشور پير علي محمد راشدي ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 14 مارچ 1987ع تي.

سوال: مولانا ابو الاعليٰ مودودي ڪڏهن وفات ڪئي ۽ ڪٿي؟

جواب: 22 سيپٽمبر 1979ع تي، آمريڪا ۾.

سوال: اڳوڻي وزيراعظم محمد خان جوڻيجو ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 18 مارچ 1993ع تي بالٽيمور (آمريڪا) ۾.

سوال: پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير غلام حيدر وائين جو موت ڪيئن ٿيو؟

جواب: ڪيس قتل ڪيو ويو. (29 سيپٽمبر 1993ع) تي.
سوال: سنڌ جي برک اديب، ڊرامہ نگار ۽ صحافي محمد عثمان ڏيپلائي ڪڏهن وفات ڪئي؟
جواب: 7 فيبروري 1981ع تي، حيدرآباد ۾.
سوال: محمد عثمان ڏيپلائي ڪڏهن ڄائو ۽ ڪٿي؟
جواب: هو 3 جون 1908ع تي ڏيپلي ۾ ڄائو.
سوال: قطر جي امير شيخ خليفہ حماد الثانيءَ کي سندس پٽ شهزادي حماد بن خليفہ الثاني ڪڏهن تخت تان لاهي، حڪومت سنڀالي؟
جواب: 27 جون 1995ع تي.
سوال: سنڌ جي نامياري ليکڪ ڊاڪٽر نجم عباسي جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟
جواب: 25 آڪٽوبر 1995ع تي، حيدرآباد ۾.
سوال: سرخپوش اڳواڻ خان عبدالغفار خان ڪڏهن وفات ڪئي؟
جواب: 20 جنوري 1988ع تي.
سوال: خان عبدالغفار خان کي ڪٿي دفنايو ويو؟
جواب: افغانستان جي شهر جلال آباد ۾.
سوال: هاري اڳواڻ فاضل راهو کي ڪڏهن شهيد ڪيو ويو؟
جواب: 17 جنوري 1987ع تي (گولاڙچي ۾).
سوال: اختر علي جي قاضي ڪڏهن سنڌ جي نگران وڏي وزير طور قسم کنيو؟
جواب: 31 آگسٽ 1988ع تي.
سوال: مشهور سنڌي محقق ۽ عالم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 2 جنوري 1990ع تي.

سوال: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ڪڏهن ڄائو هو؟

جواب: 1919ع ۾.

سوال: بلوچستان جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ وفاقي وزير سردار غوث بخش رئيساڻي کي ڪڏهن ۽ ڪٿي قتل ڪيو ويو؟

جواب: 26 مئي 1987ع تي سندس اباڻي ڳوٺ مهر ڳڙهه ضلعي ڪڇي (بلوچستان ۾) قتل ڪيو ويو.

سوال: سنڌ جي جهوني فنڪار استاد غلام رسول نوابشاهي ڪڏهن ۽ ڪيتري عمر ۾ وفات ڪئي؟

جواب: هن آڪٽوبر 1996ع ۾ 80 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي.

سوال: آمريڪا ۾ بل ڪلنٽن ڪڏهن ٻيو ڀيرو ملڪ جو صدر چونڊيو؟

جواب: 5 نومبر 1996ع تي.

سوال: پاڪستان جي نامياري ۽ نوبل انعام يافته سائنسدان ڊاڪٽر عبدالسلام ڪڏهن ۽ ڪٿي وفات ڪئي؟

جواب: خميس 21 نومبر 1996ع تي، لنڊن ۾.

سوال: ڪهڙو پکي آکيرو نه ٺاهيندو آهي؟

جواب: ڪوئل.

سوال: ٻن ٽوهن واري اٺ کي انگريزي ۾ ڇا چوندا آهن؟

جواب: بيڪٽيرين (Bacterian).

سوال: پکين ۾ سڀ کان تکو ڪهڙو پکي اڏامي سگهي ٿو؟

جواب: باز پکي.

سوال: ڪرڙيءَ جي دل هڪ منٽ ۾ ڪيترا ڀيرا ڌڙڪندي آهي؟

جواب: هڪ هزار پيرا.

سوال: ڪير ڏيندڙ جانورن مان سڀ کان گهٽ ڪير ڏيندڙ جانور ڪهڙو آهي؟

جواب: هاٿي.

سوال: ٻي فوٽ قد وارا گڏهه ڪهڙي ملڪ ۾ آهن ۽ سندن خوراڪ ڪهڙي آهي؟

جواب: اهي گڏهه فلپائن ۾ آهن ۽ سندن خوراڪ پولڙا آهن.

سوال: چمڙي جي سراسري عمر ڪيتري؟

جواب: ويهه سال.

سوال: ريڊيم کي پهريون ڀيرو ڪهڙي مرض لاءِ استعمال ڪيو ويو؟

جواب: سرطان (ڪينسر).

سوال: دنيا ۾ وڻن جا ڪل ڪيترا قسم آهن؟

جواب: 33 هزار.

سوال: انسان سڀ کان پهرين ڪهڙو ڌاتو استعمال ڪيو؟

جواب: ٽامو 1600 ق.م).

سوال: انسان لوهه جو استعمال ڪڏهن کان شروع ڪيو؟

جواب: 1200 ق. م کان.

سوال: ڪهڙي شيءِ ڏندن لاءِ بيحد ضروري آهي؟

جواب: فلورائيڊ.

سوال: ڪهڙي شيءِ ڏندن کي سڀ کان وڌيڪ نقصان پهچائي ٿي؟

جواب: مٺاڻ.

سوال: دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ ٻيلا ڪهڙي ملڪ ۾ آهن؟

جواب: انڊونيشيا ۾.

سوال: شمسي نظام جا ڪهڙا گرهه رات جو دوربين کان سواءِ نظر اچن ٿا؟

جواب: مريخ، مشتري، عطارد ۽ زحل.

سوال: ڪتي جي طبعي عمر ڪيتري آهي؟

جواب: ارڙهن سال.

سوال: دنيا ۾ ڪل ڪيترا مذهب آهن؟

جواب: اٽڪل هڪ هزار.

سوال: فرانس ۾ صوبن کي ڇا چيو ويندو آهي؟

جواب: ڊپارٽمينٽ.

سوال: آمريڪا جو سڀ کان وڏو شهري اعزاز ڪهڙو آهي؟

جواب: ميڊل آف فريڊم.

سوال: هيري کان پوءِ سڀ کان قيمتي پٿر ڪهڙو آهي؟

جواب: روبي.

سوال: ڪمي (ڪچونءَ) جي وڌ ۾ وڌ رفتار ڪيتري آهي؟

جواب: 15 فوٽ في منٽ.

سوال: ڪهڙو وڻ چئني طرفن ڏانهن وڌندو آهي؟

جواب: ٻڙ جو وڻ.

سوال: انساني اک جو وزن ڪيترو آهي؟

جواب: ست گرام.

سوال: سمنڊ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪهڙي وزني شيءِ آهي؟

جواب: لوڻ.

سوال: کاڌي ۽ پاڻيءَ کان سواءِ انسان ڪيترو وقت جيئرو رهي سگهي ٿو؟

جواب: گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن ۽ وڌ ۾ وڌ 21 ڏينهن.

سوال: نامياري صحافي عبدالرحمان جوڻيجي جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 24 ڊسمبر 1996ع (اگاري ڏينهن).

سوال: بلوچستان جي حڪومتي ترجمان رازق بگٽيءَ کي ڪڏهن قتل ڪيو ويو؟

جواب: 27 جولاءِ 2007ع.

سوال: ڀارت ۾ دنيا جي سڀ کان وڏيڪ مينهن پوڻ واري علائقي چيرا پونجي جو نالو بدلائي "سوهرا" ڪڏهن رکيو ويو؟

جواب: 6 آگسٽ 2007ع.

سوال: آمريڪي سائنسدان ڪربين ميل ڊگهو پڇڙ گرھ ڪڏهن ڳولي لڌو؟

جواب: 16 آگسٽ 2007ع.

سوال: پاڪستان ڪروز ميزائل "رعد" جو ڪامياب تجربو ڪڏهن ڪيو؟

جواب: 25 آگسٽ 2007ع.

سوال: نامياري عالم بديع الدين شاھ راشدي ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 8 جنوري 1996ع تي.

سوال: پاڪستان جي نامياري سياستدان خورشيد حسن مير ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: ڏهين جنوري 1996ع تي.

سوال: اردو جي نامياري اديب، شاعر ۽ وزيراعظم جي صلاحڪار سيد محسن نقويءَ جو انتقال ڪيئن ٿيو؟

جواب: ڪيس اڻ ڄاتل ماڻهن فائرنگ ڪري قتل ڪيو.

سوال: سيد محسن نقوي ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 14 نومبر 1996ع تي.

سوال: ڀارت جي مشهور اداڪار ۽ سياستدان اين. ٽي راما رائو ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 17 جنوري 1996ع تي.

سوال: سنڌ جي نامياري اديب ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 11 فيبروري 1996ع تي.

سوال: سنڌ جي نامياري راڳي ڦوٽي زرداريءَ جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 15 مارچ 1996ع تي.

سوال: پاڪستان جي اڳوڻي ڪرڪيٽ ڪپتان عمران خان پنهنجي سياسي پارٽي تحريڪ انصاف جو بنياد ڪڏهن رکيو؟

جواب: 25 اپريل 1996ع تي.

سوال: مشهور ليکڪ شوڪت سنڌي ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: اپريل 1996ع ۾.

سوال: آمريڪي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو هوائي حادثو ڪڏهن ٿيو، جنهن ۾ مسافر بردار جهاز تباهه ٿيڻ ڪري 299 ماڻهو مري ويا؟

جواب: 18 جولاءِ 1994ع تي.

سوال: صحافي ارباب منگي ڪهڙي سال اسان کان وڇڙي ويو؟

جواب: آگسٽ 1996ع تي.

سوال: 26 آگسٽ 1996ع تي ڏکڻ ڪوريا جي ڪهڙن ٻن اڳوڻن صدرن کي اتان جي عدالت فوجي بغاوت، قتل عام ۽ رشوت جي الزام ۾ ڦاسي ۽ ويهه سال قيد جي سزا ٻڌائي؟

جواب: صدر چن ڊو - وان ۽ روھ تائي -ووڪي.

سوال: مشهور صحافي ۽ اديب ۽ سياستدان قادر بخش نظاماڻي ڪڏهن ۽ ڪٿي وفات ڪئي؟

جواب: 27 سيپٽمبر 1996ع تي، لنڊن ۾.

سوال: 3 آگسٽ 1996ع تي صوماليه ۾ ڪهڙو اهم واقعو پيش آيو؟

جواب: فوجي ڌڙي جو سربراھ جنرل فرح عديد مارجي ويو.

سوال: سنڌي شاعر ۽ اديب نظام الدين ناظم چانڊيو جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 8 آگسٽ 1996ع تي.

سوال: سنڌ جي ناميارو اديب، نقاد ۽ دانشور نبي بخش ڪوسي ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 13 جنوري 1997ع تي (58 سالن جي عمر ۾).

سوال: ناميارو استاد ۽ اديب محمد دائود بلوچ ڪڏهن انتقال ڪيو؟

جواب: 14 آڪٽوبر 1996ع تي.

سوال: لاڙ جي شاعر، صحافي ۽ سماجي ڪارڪن "بيدم" جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 30 آڪٽوبر 1996ع تي.

سوال: اڳوڻي وفاقي وزير مخدوم شفيق الزمان ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 16 نومبر 1996ع تي.

سوال: بيگم غنوي ڀٽو پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو) جي چيئرپرسن ڪڏهن بڻي؟

جواب: 30 نومبر 1996ع تي.

سوال: 11 سيپٽمبر 2007ع تي ڊيره اسماعيل خان ۾ ڪهڙو واقعو

پيش آيو؟

جواب: خودڪش حملي ۾ سيڪيورٽي ۽ پوليس اهلڪارن سميت 18 ماڻهو مارجي ويا.

سوال: ناميار اديب، ليکڪ، محقق ۽ ڊائريڪٽر جنرل ثقافت حڪومت سنڌ ممتاز مرزا ڪڏهن وفات ڪئي ۽ ڪٿي؟

جواب: 6 جنوري 1997ع تي، حيدرآباد ۾.

سوال: وفات وقت ممتاز مرزا جي عمر ڪيتري هئي؟

جواب: 57 سال.

سوال: روزانه ”عبرت“ حيدرآباد ڪهڙي تاريخ کان روزاني اخبار جي حيثيت ۾ شايع ٿي؟

جواب: 14 آگسٽ 1958ع.

سوال: روزانه عبرت حيدرآباد جي پهرين ايڊيٽر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: شيخ علي محمد.

سوال: 2007ع ۾ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف کي اسلام آباد پهچڻ تي گرفتار ڪري، هئي جهاز ۾ ويهاري سعودي عرب ڪڏهن موڪليو ويو؟

جواب: 10 سيپٽمبر.

سوال: پاڪستان ۽ ڀارت غلطيءَ سان سرحد ٽپندڙن کي 36 ڪلاڪن ۾ آزاد ڪرڻ تي اتفاق ڪڏهن ڪيو؟

جواب: 10 سيپٽمبر 2007ع.

سوال: ميان نواز شريف ڪڏهن ٻيو ڀيرو ملڪ جي وزيراعظم جي عهدي جو قسم کنيو؟

جواب: 17 فيبروري 1997ع تي.

سوال: نامياري شاعر "راهي" چنا جو انتقال ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟
جواب: فيبروري 1997ع تي، حيدرآباد ۾.
سوال: استاد نياز حسين خان ڪڏهن ڄائو هو ۽ ڪٿي؟
جواب: 24 جنوري 1936ع تي، ڪراچيءَ ۾.
سوال: نامياري قانون دان ۽ سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي جج ۽ انساني حقن جي علمبردار جسٽس دراب پٽيل ڪڏهن وفات ڪئي؟
جواب: ڇنڇر 15 مارچ 1997ع تي، ڪراچيءَ ۾.
سوال: 3 مارچ 1997ع تي خانيوال ويجهو ريل حادثي ۾ ڪيترا ماڻهو فوت ٿي ويا؟
جواب: 150 ماڻهو فوت ۽ 81 زخمي ٿيا.
سوال: چين جي نامياري اڳواڻ ۽ اڳوڻي صدر ڊينگ زيائوپنگ ڪڏهن وفات ڪئي؟
جواب: خميس 20 فيبروري 1997ع تي.
سوال: علامہ حق نواز جهنگويءَ جو انتقال ڪيئن ٿيو؟
جواب: ڪيس نامعلوم ماڻهن سندس گهر اڳيان 22 فيبروري 1990ع ۾ گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو.
سوال: سنڌ جو پهريون مسلمان گورنر شيخ غلام حسين هدايت الله هو، هو ڪڏهن کان ڪيستائين سنڌ جو گورنر رهيو؟
جواب: سر غلام حسين هدايت الله 1947ع کان 1948ع تائين سنڌ جو گورنر رهيو.
سوال: ريڊيو پاڪستان خيرپور جي نشريات جو آغاز ڪڏهن کان ٿيو؟
جواب: 21 مارچ 1983ع کان.
سوال: سنڌ ۾ ڪاتار جي علائقي ۾ هٽ آيل گئس جي ذخيرن جو

ڪاٽو ڪيترو لڳايو ويو آهي؟

جواب: ٽي ارب ڪيوبڪ ميٽر.

سوال: هانگ ڪانگ ڪي ڪڏهن چين جي حوالي ڪيو ويو؟

جواب: 30 جون ۽ پهرين جولاءِ 1997ع جي وچ واري رات.

سوال: هانگ ڪانگ ڪي چين جي حوالي ڪرڻ کان اڳ ان تي ڪنهن جو قبضو هو؟

جواب: برطانيه جو.

سوال: برطانيه، چين کان هانگ ڪانگ ڪڏهن مقاطعي تي حاصل ڪيو هو؟

جواب: 1898ع ۾ "آفيم واري جنگ" کان پوءِ.

سوال: ايشيا ۾ برطانوي سامراج جي آخري ڪالوني ڪهڙي هئي؟

جواب: هانگ ڪانگ.

سوال: هانگ ڪانگ، چين جي حوالي ٿيڻ وقت چين جو صدر ڪير هو؟

جواب: صدر زيانگ زي من.

سوال: "پهلوان" لفظ جي معنيٰ ٻڌايو؟

جواب: پهلوان لفظ جي اصل معنيٰ آهي، متناسب عضون ۽ مضبوط جسم وارو انسان جنهن جي بدن مان قوت ۽ اختيار جون شعاعون ڦٽنديون هجن.

سوال: حيدرآباد دکن ۾ هڪ ٽڪري مشهور آهي، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: "مولا علي ع" جي ٽڪري.

سوال: انهيءَ ٽڪريءَ تي ڇا جا نشان آهن؟

جواب: انهيءَ ٽڪريءَ تي حضرت علي عليه السلام جي هٿ جي تري

جو نشان آهي.

سوال: پهرين جولاءِ 1997ع تي ڪهڙي مشهور ڪيس جو فيصل
ٻڌايو ويو؟

جواب: آپريشن مدنائيٽ جيڪالز ڪيس جو فيصلو ٻڌايو ويو.

سوال: ليڊي ڊيانا ڪڏهن وفات ڪئي ۽ سندس موت ڪيئن ٿيو؟

جواب: ليڊي ڊيانا 31 آگسٽ 1997ع تي ڪار حادثي ۾ فوت ٿي ويئي
ڪيس اهو حادثو پئرس ۾ پيش آيو.

سوال: جڳ مشهور سماجي ڪارڪن مدر ٽريسا ڪڏهن وفات ڪئي
ڪتي؟

جواب: 5 سيپٽمبر 1997ع تي ڪلڪتي ۾.

سوال: ليڊي ڊيانا جي تدفين ڪهڙي تاريخ تي ٿي؟

جواب: 6 سيپٽمبر 1997ع تي.

سوال: سپريم ڪورٽ ٽيليفون ٽيپ ڪرڻ تي پابندي ڪڏهن عائ
ڪئي؟

جواب: 12 سيپٽمبر 1997ع تي.

سوال: پارت، لداخ کي خودمختياري ڪڏهن ڏني؟

جواب: 5 آڪٽوبر 1997ع تي.

سوال: ناميارِي ليکڪ اياز قادريءَ ڪڏهن هن فاني دنيا کي ڇڏيو؟

جواب: 15 ڊسمبر 1997ع تي.

سوال: ناميارِي ليکڪا ۽ سائين جي ايم. سيد جي نياڻي درشهوا
سيد ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 26 ڊسمبر 1997ع تي.

سوال: سنڌ جي ناميارِي شاعر، ليکڪ ۽ صحافي شيخ اياز ڪڏهن

وفات ڪئي؟

جواب: 28 ڊسمبر 1997ع تي.

سوال: شيخ اياز جو پورو نالو ٻڌايو؟

جواب: شيخ مبارڪ علي "اياز".

سوال: شيخ اياز کي ڪڏهن ۽ ڪٿي سپرد خاڪ ڪيو ويو؟

جواب: 29 ڊسمبر تي ڀٽ شاهه ۾ ڪراڙ ڍنڍ جي ڪناري تي.

سوال: شيخ اياز پنهنجي ادبي زندگيءَ جو آغاز ڪڏهن ڪان ڪيو؟

جواب: 1941ع کان افسانہ نگار جي حيثيت ۾.

سوال: شيخ اياز جي وفات وقت عمر ڪيتري هئي؟

جواب: اٽڪل 75 سال.

سوال: شيخ اياز ڪل ڪيترا ڪتاب لکيا؟

جواب: شيخ اياز اٽڪل 55 ڪتاب لکيا، انهن ۾ 40 شاعريءَ جا ڳٽڪا آهن.

سوال: سپريم ڪورٽ، چيف جسٽس افتخار محمد چوڌريءَ کي ڪڏهن بحال ڪيو؟

جواب: 20 جولاءِ 2007ع.

سوال: سينا رڻ پٽ ۾ مصر جي فرعونن جو سڀ کان وڏو فوجي شهر ڪڏهن هٿ آيو؟

جواب: 21 جولاءِ 2007ع.

سوال: اڳوڻي ۽ آخري افغان بادشاهه ظاهر شاهه ڪڏهن انتقال ڪيو؟

جواب: 23 جولاءِ 2007ع (عمر 93 سال).

سوال: بي نظير ڀٽو ۽ صدر پرويز مشرف وچ ۾ ابوظهبيءَ ۾ ملاقات ڪڏهن ٿي؟

جواب: 27 جولاءِ 2007ع.

سوال: ريڊيو پاڪستان 26 جنوري 1998ع (27 رمضان المبارڪ 1418ھ) تي پنهنجي ڪهڙي نئين چئنل جو آغاز ڪيو؟

جواب: ”صوت القرآن چئنل“.

سوال: ”صوت القرآن چئنل“ تان ڇا نشر ڪيو ويجي ٿو؟

جواب: قرآن شريف جي تلاوت ۽ ان جو ترجمو.

سوال: 31 آڪٽوبر 1999ع تي دنيا جو ڪهڙو وڏو سانحو پيش آيو؟

جواب: مصر جو بوئنگ جهاز تباھ ٿيو، جنهن ۾ عملي سميت 214 ماڻهو مارجي ويا.

سوال: نامياري تعليمي ماهر ۽ مصنف پروفيسر ڪرار حسين ڪڏهن لاڏاڻو ڪيو؟

جواب: 7 نومبر 1999ع تي، 88 سالن جي عمر ۾.

سوال: قومي سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن ڪهڙي تاريخ تي پنهنجي عهدي جو قسم کنيو؟

جواب: 6 نومبر 1999ع.

سوال: جنرل پرويز مشرف، نواز شريف جي حڪومت ڪهڙي تاريخ تي ختم ڪئي؟

جواب: 12 آڪٽوبر 1999ع.

سوال: سنڌ جي برک تعليمي ماهر ۽ اسڪالر سيد غلام مصطفيٰ شاھ ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 9 آڪٽوبر 1999ع تي، (عمر 85 سال).

سوال: سيد غلام مصطفيٰ شاھ کي ڪيترا لفظ برزبان ياد هئا؟

جواب: 84 هزار.

سوال: سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڪڏهن ۽ ڪٿي جنم ورتو؟

جواب: ٺٽي ضلعي جي ڳوٺ قادر ڏنو شاهه ۾، 18 آڪٽوبر 1918ع تي.

سوال: سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڪيترن ملڪن جا دورا ڪيا؟

جواب: 66 ملڪن جا جن ۾ آمريڪا، برطانيه، روس، فرانس، نيروبي، ڪينيا، ڏکڻ آفريقا ۽ ٻيا ملڪ شامل آهن.

سوال: سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڪهڙن اهم عهدن تي رهي سنڌ جي خدمت ڪئي؟

جواب: وفاقي وزير تعليم ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي حيثيت سان هن تمام گهڻو ڪم ڪيو. سندس سڄي زندگي سنڌ ۾ تعليم جي واڌاري ۽ سماجي سڌاري لاءِ ڪم ڪندي گذري.

سوال: سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي ڪن اهم شاگردن جا نالا ٻڌايو؟

جواب: شيخ اياز، رسول بخش پليجو ۽ تنوير عباسي.

سوال: سيد غلام مصطفيٰ شاهه 34 ورهين تائين ڪهڙو انگريزي ٽه ماهي رسالو شايع ڪيو؟

جواب: سنڌ ڪوارٽرلي.

سوال: 10 آگسٽ 1999ع تي پاڪستان جي سامونڊي فوج جو جهاز ڀارتي جهازن اڳرائي ڪندي، ڪيرائي وڌو، ان ۾ ڪيترا فوجي عملدار شهيد ٿي ويا؟

جواب: 16 عملدار شهيد ٿي ويا.

سوال: پاڪستان ۾ ٽين مڪمل سج گرهڻ ڪڏهن ٿي؟

جواب: 11 آگسٽ 1999ع تي.

سوال: پاڪستان ۾ پهرين مڪمل سج گرهڻ ڪٿي ۽ ڪڏهن ٿي؟
جواب: 30 جون 1954ع تي مستونگ ۾.
سوال: پاڪستان ۾ ٻي سج گرهڻ ڪڏهن ٿي هئي؟
جواب: 24 آڪٽوبر 1995ع.
سوال: اسلام آباد ۾ لال مسجد ۾ آپريشن ڪڏهن ڪيو ويو ۽ ڪيترا ماڻهو مارجي ويا؟
جواب: آپريشن 10 جولاءِ 2007ع تي ڪيو ويو ۽ 60 ويڙهاڪ مارجي ويا.
سوال: 11 جولاءِ 2007ع ۾ لنڊن ۾ پاڪستان جي سياسي پارٽين جي گڏيل اجلاس ۾ ڪهڙو اتحاد قائم ڪيو ويو؟
جواب: آل پارٽيز ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (اي پي ڊي ايم).
سوال: انڊونيشيا ڪهڙي سال اوڀر تيمور کي آزادي ڏني؟
جواب: 1999ع.
سوال: 1999ع ۾ پاڪستان ۽ هندستان ۾ ڪهڙي مسئلي تي هڪ علائقي ۾ وڏيون چڪريون ٿيون؟
جواب: ڪارگل جي مسئلي تي.
سوال: اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف تي نومبر 1999ع ۾ ڪهڙ ڪيس داخل ڪيو ويو؟
جواب: مٿس 12 آڪٽوبر 1999ع تي فوج جي سربراهه جنرل پروي مشرف ۽ جهاز ۾ سوار 200 کان وڌيڪ ماڻهن جي جهاز کي اغوا ۽ تباهه ڪرڻ جي ڪوشش جو ڪيس داخل ڪيو ويو.
سوال: اپريل 2002ع ۾ پاڪستان ملڪي وسيلن سان جديد ترين بڪتربند گاڏي تيار ڪئي. ان جو نالو ڇا رکيو ويو؟
جواب: طلحه.
سوال: بيت اللحم ۾ يهودي فوج، حضرت عيسيٰ عليه السلام جي

پيدائش جي جاءِ نيٺي وٽي چرچ جو دروازو ڌماڪي سان ڪڏهن تباهه ڪيو؟

جواب: 4 اپريل 2002ع.

سوال: اسرائيلي فوج 6 اپريل 2002ع تي ڪهڙي هنڌ فلسطينين جو قتل عام ڪيو؟

جواب: جنين ۾.

سوال: افغانستان جو اڳوڻو بادشاهه ظاهر شاهه ڪيترن سالن جي جلاوطنيءَ کان پوءِ 18 اپريل 2002ع تي واپس وطن موٽيو؟

جواب: 29 سالن جي جلاوطني کان پوءِ.

سوال: هندستان ۽ روس آواز کان تيز رفتار گڏيل ميزائل جو تجربو ڪڏهن ڪيو؟

جواب: 28 اپريل 2002ع.

سوال: اردو جي ناميارو شاعر جون ايليا ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 9 نومبر 2002ع.

سوال: ناميارو ڪشميري اڳواڻ عبدالغني لون کي ڪڏهن قتل ڪيو ويو؟

جواب: 21 مئي 2002ع.

سوال: ناميارو عالم ۽ دانشور ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ کي ڪڏهن قتل ڪيو ويو؟

جواب: مئي 2002ع.

سوال: نيپال جي پارليامينٽ ملڪ ۾ بادشاهت جي خاتمي جو بل ڪڏهن منظور ڪيو؟

جواب: 14 جون 2007ع.

سوال: آمريڪي صحافي ڊينيل پرل جي قتل ڪيس ۾ 16 جولاءِ 2002ع تي ڪنهن کي موت جي سزا ٻڌائي وئي؟

جواب: شيخ عمرکي.

سوال: شاتم رسول ملعون سلمان رشديءَ کي برطانيه سر جو خطاب ڪڏهن ڏنو؟

جواب: جون 2007ع.

سوال: يارهين سيپٽمبر کي آمريڪي تاريخ ۾ ڪا جو ڏينهن قرار ڏنو ويو آهي؟

جواب: حب الوطني، جو ڏينهن.

سوال: 25 آڪٽوبر 2001ع تي افغانستان جي ڪهڙي شهر ۾ پاڪستان سميت 700 غير ملڪين جو قتل عام ڪيو ويو؟

جواب: مزار شريف.

سوال: مڪائو ڪڏهن چين کي مليو؟

جواب: 19 ڊسمبر 1999ع.

سوال: مڪائو ڪيترو وقت پرتگال جو حصو رهيو؟

جواب: 443 سال.

سوال: پاڻيءَ ۾ ڪيتري اونهائي، تي روشني ختم ٿئي ٿي؟

جواب: 2800 فوٽن تي.

سوال: سمنڊ جي گجي ڇا جي ڪري پيدا ٿئي ٿي؟

جواب: سمنڊ جي ڪري.

سوال: دنيا جي ان ظالم ترين شخص جو نالو ٻڌايو، جنهن 2 لک ماڻهو مارائي ڇڏيا؟

جواب: پول پاٽ (ڪمبوڊيا).

سوال: دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم جو نالو ٻڌايو؟

جواب: سري لنڪا جي مسز بندرا نائڪي. هوءَ 1960ع ۾ ملڪ جي وزيراعظم بڻي.

سوال: بي بي سي جي ڪيل سروي مطابق ڪهڙي اڪوان کي هزار

سالن جو عظيم عالمي اڳواڻ قرار ڏنو ويو
جواب: موهن داس ڪرمچند گانڌي (مهاتما گانڌي).
سوال: ڪهڙي اداڪار کي هندستان جو هزار سالن جو اسٽيج ۽ اسڪرين جو عظيم اداڪار قرار ڏنو ويو؟
جواب: اميتاڀ چن کي.
سوال: ڪهڙي ليکڪ کي هزار سالن جو عظيم ليکڪ قرار ڏنو ويو؟
جواب: شيڪسپيئر کي.
سوال: هزار سالن جو عظيم سيڙپ ڪندڙ ڪنهن کي قرار ڏنو ويو؟
جواب: پرنٽنگ پريس ايجاد ڪندڙ جاهانس گٽنبرگ کي.
سوال: هزار سالن جو عظيم ڪمپوزر ڪنهن کي قرار ڏنو ويو؟
جواب: پال مئڪارٽني کي.
سوال: هزار سالن جو عظيم آرٽسٽ ڪنهن کي قرار ڏنو ويو؟
جواب: موناليزا جو پورٽريٽ ٺاهيندڙ ليونارڊو ڊوانچي کي.
سوال: هزار سالن جو عظيم دريافتون ڪندڙ ڪنهن کي قرار ڏنو ويو؟
جواب: ڪرسٽوفر ڪولمبس کي.
سوال: اتحادي فوجن عراق جي شهر بغداد تي ڪڏهن قبضو ڪيو؟
جواب: اپريل 2003ع.
سوال: دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪرڪيٽ اسٽيڊيم ڪهڙي ملڪ ۾ آهن؟
جواب: هندستان ۾ ڊسمبر 1999ع تائين انهن جو تعداد 34 هو.
سوال: 6 آگسٽ 2001ع تي ڪهڙي ملڪ ميزائل حملي کان آگاهه ڪندڙ اپگرهه مدار ۾ موڪليو؟
جواب: آمريڪا.
سوال: ائٽمي تجربن کان پوءِ آمريڪا طرفان پاڪستان ۽ هندستان تي لڳايل پابنديءَ کي ڪڏهن هٽايو ويو؟

جواب: 23 سيپٽمبر 2001ع.

سوال: 8 آڪٽوبر 2001ع تي ڪهڙي ملڪ جي بين الاقوامي هوائي اڏي جي رن وي تي ٻن جهازن جي ٽڪر ۾ 120 ماڻهو مري ويا؟

جواب: اٽلي

سوال: پاڪستان آسيان ريجنل فورم جو ميمبر ڪڏهن بڻيو؟

جواب: 2 جولاءِ 2004ع تي.

سوال: قومي اسيمبليءَ صدر جي ٻه عهدا رکڻ وارو بل ڪڏهن منظور ڪيو؟

جواب: 14 آڪٽوبر 2004ع.

سوال: فلسطين جي اڳواڻ ياسر عرفات ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 11 نومبر 2004ع تي.

سوال: انڊونيشيا ۽ ٻين ملڪن ۾ سونامي نالي زلزلو ڪڏهن آيو؟

جواب: ڊسمبر 2004ع.

سوال: ريڪٽر اسڪيل تي سوناميءَ جي شدت ڇا هئي؟

جواب: 7.1 ڊگريون.

سوال: عراق جي تاريخ ۾ پهريون عام چونڊون ڪڏهن ٿيون؟

جواب: 30 جنوري 2005ع تي.

سوال: لبنان جي گاديءَ واري شهري بيروت ۾ تيل ڪار بم ڌماڪي ۾ اڳوڻو وزيراعظم رفيق الحريري ڪڏهن مارجي ويو؟

جواب: 14 فيبروري 2005ع.

سوال: جنرل اسيمبليءَ انساني ڪلوننگ تي پابنديءَ جو ٺهراءُ ڪڏهن منظور ڪيو؟

جواب: 9 مارچ 2005ع.

سوال: وفاقي ڪابينه پاسپورٽ ۾ مذهب جو خانو بحال ڪرڻ جي منظوري ڪڏهن ڏني؟

جواب: 24 مارچ 2005ع.

سوال: عيسائين جي ڪهڙي مذهبي اڳواڻ 13 اپريل 2005ع تي وفات ڪئي؟

جواب: پوپ جان پال (ٻيو).

سوال: حيدرآباد ضلعي کي ڪڏهن چئن ضلعن ۾ ورهايو ويو؟

جواب: 14 اپريل 2005ع.

سوال: ڪرد اڳواڻ جلال طالباڻي ڪڏهن عراق جو صدر چونڊيو؟

جواب: 6 اپريل 2005ع.

سوال: ڪوميلا پارڪر ۽ شهزادي چارلس جي شادي ڪڏهن ٿي؟

جواب: 9 اپريل 2005ع.

سوال: 19 اپريل 2005ع تي ڪارڊينل جوزف ريٽرينگ نئون پوپ چونڊيو، سندس تعلق ڪهڙي ملڪ سان آهي؟

جواب: جرمني (پوپ بينيڊڪٽ).

سوال: شاهه فهد جي وفات ڪان پوءِ سعودي عرب جو بادشاهه ڪير ٿيو؟

جواب: شاهه عبدالله.

سوال: 2005ع ۾ اسلام آباد، سرحد، پنجاب ۽ آزاد ڪشمير ۾ قيامت خيز زلزلو آيو. اهو ڪهڙي تاريخ تي آيو ۽ ان ۾ ڪيترا ماڻهو مري ويا؟

جواب: اهو زلزلو 8 آڪٽوبر تي آيو. ان ۾ 86 هزار ڪان وڌيڪ ماڻهو مري ويا.

سوال: آڪٽوبر 2005ع تي آيل زلزلي ۾ پاڪستان جا ڪهڙا علائقا متاثر ٿيا؟

جواب: صوبي سرحد ۾ بالا ڪوٽ، واديءِ ڪاغان، مانسهره، آزاد ڪشمير ۾ مظفر آباد، باغ، راولا ڪوٽ ۽ ڪجهه ٻيا علائقا ۽ پنجاب جا ڪجهه علائقا.

سوال: ريڪٽر اسڪيل تي هن زلزلي جي شدت ڇا هئي؟
جواب: 7.6 ڊگريون.
سوال: ڪويت ۾ پهرين عورت وزير 20 جون 2005ع تي عهدي جو قسم کنيو، ان جو نالو ٻڌايو؟
جواب: معصومہ المبارڪ.
سوال: سرحد اسيمبليءَ حسبہ بل جي منظوري ڪڏهن ڏني؟
جواب: 14 جولاءِ 2005ع.
سوال: فلڪيات جي ماهر جولاءِ 2005ع ۾ شمسي نظام ۾ گردش ڪندڙ ڪائون گرھ ڳولي لڌو؟
جواب: هن شمسي نظام ۾ گردش ڪندڙ ڏهون گرھ ڳولي لڌو. اهو پلوٽو ڪان وڏو گرھ آهي ۽ زمين ڪان 65.1 ملين ميلن جي مفاصلي تي آهي.
سوال: 17 سيپٽمبر 2005ع تي نامياري ڪرڪيٽر يوسف يوحنا اسلام قبول ڪيو، سندس اسلامي نالو ڪهڙو رکيو ويو؟
جواب: محمد يوسف.
سوال: 20 نومبر 2005ع تي شهزادو البرٽ (ٻيو) ڪهڙي ملڪ جو بادشاھ بڻيو؟ ان خاندان کي ڪيترن سالن ڪان پوءِ ٻيهر بادشاهت ملي؟
جواب: مناڪو، ان خاندان کي 700 سالن ڪان پوءِ بادشاهت ملي.
سوال: حيدرآباد جي مشهور شخصت ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي وفات ڪڏهن ٿي؟
جواب: 25 سيپٽمبر 2005ع.
سوال: وفات وقت ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي عمر ڪيتري هئي؟
جواب: 93 سال.
سوال: هندستان جي مشهور اديب، شاعره ۽ ناول نگار امرتا پريتم جي

وفات ڪڏهن ٿي؟
جواب: 31 آڪٽوبر 2005ع.
سوال: 2005ع جو امن جو نوبل انعام ڪنهن کي مليو؟
جواب: انٽرنيشنل ائٽامڪ انرجي ايجنسي (IAEA) جي سربراهه ڊاڪٽر محمد البراديءَ کي.
سوال: لنڊن ۾ زمين اندر هلندڙ ٽرين ۾ بم ڌماڪا ڪڏهن ٿيا؟
جواب: 7 جولاءِ 2005ع.
سوال: افغانستان ۾ 35 سالن کان پوءِ پارلياماني چونڊون ڪڏهن ٿيون؟
جواب: 18 سيپٽمبر 2005ع تي.
سوال: سڄي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ خراب پاڻي، جو انتظام ڪهڙي ملڪ ۾ آهي.
جواب: ڀارت ۾.
سوال: روس ٽوپول ايم نالي جديد ميزائل جو تجربو ڪڏهن ڪيو؟
جواب: 3 نومبر 2005ع تي.
سوال: 14 جولاءِ 2005ع تي پاڪستان ۾ ريلوي جو بدترين حادثو ٿيو. تفصيل ٻڌايو:
جواب: سنڌ ۾ گهوٽڪي اسٽيشن جي ويجهو ٽي ريل گاڏيون پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويون، جنهن جي نتيجي ۾ 130 ماڻهو اجل جو شڪار ۽ 170 زخمي ٿيا.
سوال: ڪويت جي حڪمران شيخ جابر الاحمد الجابر الصباح ڪڏهن انتقال ڪيو؟
جواب: 14 جنوري 2006ع.
سوال: بين الاقوامي شهرت يافته پاڪستاني مصور اسماعيل گل جي جو انتقال ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿيو؟

جوا: ڪيس نامعلوم ماڻهن قتل ڪيو ۽ ان جو لاش سندس گهر واري ۽ نوڪرياڻيءَ سان گڏ 19 ڊسمبر 2007ع تي ڪراچي ۾ سندس گهر مان هٿ آيو. جيڪو ٽي ڏينهن پراڻو ٿي چڪو هو.

سوال: پاڪستان جي پهرين ميجر جنرل عورت جو اعزاز ڪنهن کي حاصل آهي؟

جواب: شاهده بادشاهه کي.

سوال: شاهده بادشاهه ڪڏهن پاڪستاني فوج جي ميجر جنرل جو عهدو سنڀاليو؟

جواب: 4 جنوري 2006ع.

سوال: سوئيءَ ۾ بگٽي هائوس تي حڪومت ڪڏهن قبضو ڪيو؟

جواب: 10 جنوري 2006ع تي.

سوال: عراق جي اڳوڻي نائب صدر طحه ياسين رمضان کي ڪڏهن ڦاسي ڏني وئي؟

جواب: 20 مارچ 2007ع.

سوال: 26 جنوري 2006ع تي فلسطين جي چونڊن ۾ ڪهڙي پارٽيءَ سوڀ حاصل ڪئي؟

جواب: حماس.

سوال: نامياري سياستدان خان عبدالولي خان ڪڏهن ۽ ڪٿي انتقال ڪيو؟

جواب: 26 جنوري 2006ع تي پشاور ۾.

سوال: توهين رسالت جي ڪارٽون ڇاپڻ تي ڊينمارڪ خلاف ڪڏهن مسلم دنيا ۾ مظاهرا ۽ احتجاج ڪيو ويو؟

جواب: 30 جنوري 2006ع تي.

سوال: 1400 مسافرڪٽي ويندڙ مصر جو سامونڊي جهاز ڪڏهن ڳاڙهي سمنڊ ۾ ٻڏي ويو؟ ان حادثي ۾ 100 ماڻهن کي بچايو ويو.

جواب: 3 فيبروري 2006ع تي.

سوال: پرويز مشرف جي ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟

جواب: In the line of Fire

سوال: گوادر جي بندرگاهه جو انتظام ڪڏهن سينگاپور جي ڪمپنيءَ حوالي ڪيو ويو؟

جواب: 6 فيبروري 2007ع.

سوال: يورپي يونين پنهنجو خلائي جهاز پهريون ڀيرو ڪڏهن مريخ جي مدار ۾ موڪليو؟

جواب: 25 فيبروري 2007ع.

سوال: پاڪستان ائٽمي ميزائل حتف (ٻئي) جو ڪامياب تجربو ڪڏهن ڪيو؟

جواب: 19 فيبروري 2006ع تي.

سوال: عراق ۾ 22 فيبروري 2006ع تي بم ڌماڪن ۾ ڪهڙين شخصيتن جا روضا مبارڪ شهيد ٿي ويا؟

جواب: حضرت امام نقي ۽ امام عسڪري عليه السلام.

سوال: ٻه ميزائيل ڪرافٽ "قوت ۽ جرئت" ڪڏهن پاڪستان جي سامونڊي فوج ۾ شامل ڪيا ويا؟

جواب: 24 فيبروري 2006ع تي.

سوال: بغداد ۾ ڪڏهن حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه جي روضي تي راڪيٽ حملي ۾ روضو متاثر ٿيو؟

جواب: 24 فيبروري 2006ع.

سوال: پاڪستان ڪڏهن جهاز ٺاهيندڙ ڪمپني بوئنگ لاءِ پرزا تيار ڪندڙ ملڪن ۾ شامل ٿيو؟

جواب: 27 فيبروري 2006ع تي.

سوال: پشين ۾ فائرنگ دوران ورڪرز پارٽيءَ جو سربراهه نصر الله

ڪاڪڙ مارجي ويو. ڪڏهن؟

جواب: پهرين مارچ 2006ع.

سوال: پهرين مارچ 2006ع تي غزه ۾ اسرائيلي حملي ۾ ڪهڙي شخصيت مارجي ويئي؟

جواب: اسلامي جهاد جو اعليٰ فوجي سربراهه خالد دادوا.

سوال: 7 مارچ 2006ع تي بنارس جي مندر ۽ ريلوي اسٽيشن تي ڌماڪن ۾ ڪيترا ماڻهو مئا؟

جواب: 21 ماڻهو.

سوال: 12 مارچ 2006ع تي ڪابل ۾ ڪهڙو اڳوڻو صدر خودڪش حملي ۾ زخمي ٿي پيو؟

جواب: اڳوڻو افغان صدر صبغت الله مجددي.

سوال: روس ۽ ڀارت وچ ۾ تاراپور ائٽمي پلانٽ لاءِ روس طرفان يورينئم فراهم ڪرڻ لاءِ 3 معاهدا ڪڏهن ڪيا ويا؟

جواب: 16 مارچ 2006ع.

سوال: سنڌ ۾ سيني سرڪاري ادارن ۾ ملازمن جي يونينن تي پابنديءَ جو فيصلو ڪڏهن ڪيو ويو؟

جواب: 18 مارچ 2006ع.

سوال: گوادر کان افغانستان، چين ۽ ڪرغيزستان ويندڙ شاهراهه کي ڪڏهن ايشين هاءِ وي جو درجو ڏنو ويو؟

جواب: 20 مارچ 2006ع.

سوال: پاڪستان 500 ڪلوميٽرن تائين مار ڪندڙ ڪروز ميزائل "بابر" جو ٻيو ڪامياب تجربو ڪڏهن ڪيو؟

جواب: 21 مارچ 2006ع تي.

سوال: 28 مارچ 2006ع تي ڪهڙا ملڪ ٻه طرفه واپار جي واڌاري لاءِ رڪاوٽون ختم ڪرڻ تي متفق ٿيا؟

جواب: پاڪستان ۽ ڀارت.

سوال: ايران دنيا جي سڀ کان تکي پاڻيءَ هيٺ ميزائل جو تجربو ڪڏهن ڪيو؟

جواب: 2 اپريل 2006ع تي.

سوال: تارا پور ائٽمي پلانٽ لاءِ روس، ڀارت کي ڪڏهن 25 ٽن يورينئم ڏنو؟

جواب: 2 اپريل 2006ع تي.

سوال: فرانس ۾ ڏوهن جي روڪ لاءِ "ڪتا پوليس يونٽ" ڪڏهن قائم ڪيو ويو؟

جواب: 26 مارچ 2007ع.

سوال: اسلام آباد ۾ لال مسجد ۽ جامعہ حفصہ جي حدن ۾ شريعت لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪڏهن ڪيو ويو؟

جواب: 6 اپريل 2007ع.

سوال: 28 اپريل 2007ع تي چارسده ۾ وفاقي وزير آفتاب احمد شير پائو جي جلسي ۾ ٿيل ڌماڪي ۾ ڪيترا ماڻهو مري ويا؟

جواب: 29 ڄڻا مارجي ويا.

سوال: ايران ڪروز ميزائل ۽ فلائنگ بوٽ جا تجربا ڪڏهن ڪيا؟ اها فلائنگ بوٽ ريڊار تي نظر نٿي اچي.

جواب: 4 اپريل 2006ع.

سوال: 9 اپريل تي ڪراچيءَ ۾ فيضان مدينہ ۾ عورتن جي ميڙاڪي ۾ ڀاڄ ۾ ڪيتريون عورتون فوت ۽ زخمي ٿيون؟

جواب: 31 عورتون فوت ۽ 50 کان وڌيڪ زخمي.

سوال: بلوچستان لبريشن آرميءَ تي پابندي ڪڏهن هنئي وئي؟

جواب: 9 اپريل 2006ع تي.

سوال: اسٽيٽ بئنڪ 5000 وارا نوٽ ڪڏهن جاري ڪيا؟

جواب: 27 مئي 2006ع.

سوال: ڪراچيءَ ۾ نشتر پارڪ ۾ عيد ميلاد النبي ﷺ جي جلسي ۾ بم ڌماڪي ۾ ڪيترائي ناميارا عالم، جن ۾ حنيف بلو، حافظ تقي، عباس قادري، افتخار ڀٽي، اڪرم قادري ۽ ٻيا شهيد ٿي ويا. اهو واقعو ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 12 اپريل 2006ع تي.

سوال: ڇهن سياسي پارٽين "عوامي جمهوري تحريڪ" قائم ڪرڻ جو اعلان ڪڏهن ڪيو؟

جواب: 21 اپريل 2006ع.

سوال: ديامر ڀاشا ڊيم جي اڏاوت جو ڪم ڪڏهن شروع ڪيو ويو؟

جواب: 26 اپريل 2006ع.

سوال: وفاقي ڪابينه سويڊن کان اواڪس جهاز خريد ڪرڻ جي منظوري ڪڏهن ڏني؟

جواب: 24 مئي 2006ع.

سوال: اي آر ڊيءَ ۾ شامل پارٽين "ميثاق جمهوريت" جي توثيق ڪڏهن ڪئي؟

جواب: 25 مئي 2006ع.

سوال: 8 جون 2006ع تي عراق ۾ آمريڪا جي هوائي حملي ۾ القاعده جو ڪهڙو مک اڳواڻ مارجي ويو؟

جواب: ابو مصعب الزرقاوي.

سوال: سپريم ڪورٽ اسٽيل مل جي نج ڪاريءَ کي ڪڏهن ڪالعدم قرار ڏنو؟

جواب: 23 جون 2006ع.

سوال: 14 جولاءِ 2006ع تي ڪراچيءَ ۾ عباس ٽائون ۾ خودڪش حملي ۾ ڪهڙو عالم دين پنهنجي پاٽيجي سميت شهيد ٿي

ويو؟

جواب: علامه حسن ترابي.

سوال: فلڪيات جي ماهرن پلوٽو کي شمسي نظام مان ڪڏهن خارج ڪيو؟

جواب: 24 آگسٽ 2006ع.

سوال: فلڪيات جي ماهرن پلوٽو کي ڪيترن سالن کان پوءِ شمسي نظام کان خارج ڪيو؟

جواب: 76 سالن کان پوءِ.

سوال: مشهور بلوچ اڳواڻ نواب اڪبر بگٽي ڪڏهن مارجي ويو؟

جواب: 26 آگسٽ 2006ع تي.

سوال: نواب اڪبر سان گڏ واقعي ۾ ڪيترا قبائلي ۽ سيڪيورٽي اهلڪار مارجي ويا؟

جواب: 30 قبائلي ۽ 25 سيڪيورٽي اهلڪار مارجي ويا.

سوال: ايران طرفان ميزائل شڪن بچاءَ واري نظام جو ڪامياب تجربو ڪڏهن ڪيو ويو؟

جواب: 4 سيپٽمبر 2006ع.

سوال: اتر ڪوريا ڪڏهن ائٽمي تجربو ڪيو؟

جواب: 9 آڪٽوبر 2006ع.

سوال: سپريم ڪورٽ ڪڏهن گوادر ۾ ججن، اسيمبلي ميمبرن ۽ وزيرن جي پلاٽن جي ڪوٽا رد ڪئي؟

جواب: 21 آڪٽوبر 2006ع.

سوال: اڳوڻي صدر غلام اسحاق خان جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 27 آڪٽوبر 2006ع،

سوال: اڳوڻي عراقي صدر صدام حسين کي ڪڏهن موت جي سزا ٻڌائي وئي؟

جواب: 5 نومبر 2006ع.

سوال: صدام حسين کي ڦاهي ڪڏهن ڏني ويئي؟

جواب: 30 ڊسمبر 2006ع.

سوال: پاڪستان ۽ ملائيشيا ڪڏهن گڏيل سيڙپ ڪاري ڪميشن قائم ڪرڻ تي متفق ٿيا؟

جواب: 5 نومبر 2006ع.

سوال: آمريڪي ايوان نمائندگان جي 150 سالن جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪهڙي عورت اسپيڪر کي نامزد ڪيو ويو ۽ ڪڏهن؟

جواب: نينسي پيلوسي (8 نومبر 2006ع).

سوال: 24 نومبر 2006ع تي پاڪستان ۽ چين آزادانہ واپار 5 سالہ ترقياتي پروگرام سميت ڪيترن معاهدن تي صحيحون ڪيون؟

جواب: 31 معاهدن تي.

سوال: 5 ڊسمبر 2006ع تي ڪهڙي ملڪ ۾ فوج حڪومت جو تختو اونڌو ڪري اقتدار تي قبضو ڪيو؟

جواب: فجي.

سوال: ناسا ڪڏهن دعويٰ ڪئي تہ مريخ تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جون شاهديون مليون آهن؟

جواب: 6 ڊسمبر 2006ع.

سوال: ڪراچيءَ ويجهو سنڌ جي ٻن ٻيٽن بندار ۽ ڊنگي تي نوان شهر اڏڻ جو ڪم ڪڏهن شروع ڪيو ويو؟

جواب: 8 ڊسمبر 2006ع.

سوال: ناميارِي شاعر اديب ۽ صحافي احمد نديم قاسميءَ 90 سالن جي عمر ۾ ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 10 جولاءِ 2006ع.

سوال: سال 2006ع جو امن نوبل انعام ڪنهن حاصل ڪيو؟

جواب: محمد يونس (بنگلاديش) ۽ گرامين بئنڪ.

سوال: 7 آڪٽوبر 2006ع تي ڪير اقوام متحده جو سيڪريٽري جنرل ٿيو؟

جواب: بان ڪي مون.

سوال: معروف شاعر منير نيازي جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 26 ڊسمبر 2006ع.

نئين معلومات

سوال: قوم جي عظيم اڳواڻ، عالمي مدبر، اڳوڻي وزيراعظم ۽ پيپلز پارٽيءَ جي چيئرپرسن محترمہ بي نظير ڀٽو کي ڪڏهن ۽ ڪٿي شهيد ڪيو ويو؟

جواب: محترمہ بي نظير ڀٽو کي 27 ڊسمبر 2007ع تي راولپنڊيءَ جي لياقت باغ ٻاهران ان وقت شهيد ڪيو ويو، جڏهن هوءَ چوندن جي سلسلي ۾ عام جلسي کي خطاب ڪرڻ کان پوءِ واپس وڃي رهي هئي.

سوال: محترمہ بي نظير ڀٽو شهيد کي ڪٿي دفن ڪيو ويو؟

جواب: محترمہ بي نظير ڀٽو شهيد کي ڳڙهي خدا بخش ۾ سندس والد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مرقد ڀرسان دفنايو ويو.

سوال: محترمہ بي نظير ڀٽو شهيد جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟

جواب: محترمہ بي نظير ڀٽو شهيد جو جنم 21 جون 1953ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو.

سوال: محترمہ بي نظير ڀٽو شهيد ڪٿي تعليم حاصل ڪئي؟

جواب: محترمہ بي نظير ڀٽو شهيد شروعاتي تعليم ڪراچيءَ ۾ حاصل ڪئي ۽ بي.اي هارورڊ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪرڻ کان پوءِ 1973ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ داخل ٿي ۽ اتان پوسٽ گريجوئيشن ڪيائين.

سوال: محترمہ بي نظير ڀٽو شهيد ڪهڙي سال آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ شاگرد يونين جي پهرين پرڏيهي شاگرد صدر بڻي؟

جواب: محترمہ بي نظر ڀٽو شهيد 1976ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ شاگرد يونين جي پهرين پرڏيهي صدر بڻي.

سوال: محترم بي نظير ڀٽو شهيد کي ڪهڙي يونين جو صدر هجڻ جو اعزاز حاصل آهي؟

جواب: محترم بي نظير ڀٽو شهيد کي اقوام متحده جي يوٿ ائنڊ اسٽوڊنٽس يونين جي صدر هجڻ جو اعزاز به حاصل آهي.

سوال: محترم بي نظير ڀٽو شهيد پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪڏهن وطن موٽي ۽ ڪهڙي عهدي تي ڪم ڪرڻ لڳي؟

جواب: محترم بي نظير ڀٽو شهيد پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ 25 جون 1977ع تي وطن موٽي پرڏيهي وزارت ۾ انڊر سيڪريٽريءَ جي عهدي تي ڪم ڪرڻ لڳي.

سوال: محترم بي نظير ڀٽو شهيد جي شادي ڪڏهن ٿي؟

جواب: محترم بي نظير ڀٽو جي شادي 18 ڊسمبر 1987ع تي ٿي.

سوال: محترم بي نظير ڀٽو شهيد پهريون ڀيرو ڪڏهن ملڪ جي وزيراعظم بڻي؟

جواب: محترم بي نظير ڀٽو 2 ڊسمبر 1988ع تي پهريون ڀيرو ملڪ جي وزيراعظم بڻي.

سوال: محترم بي نظير ڀٽو ڪڏهن ٻيو ڀيرو ملڪ جي وزيراعظم بڻي؟

جواب: محترم بي نظير ڀٽو 19 آڪٽوبر 1993ع تي ٻيهر وزيراعظم بڻي.

سوال: محترم بي نظير ڀٽو شهيد جي لکيل مشهور ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟

جواب: محترم بي نظير ڀٽو شهيد جي لکيل مشهور ڪتاب جو نالو "دختر مشرق" آهي.

سوال: ملڪي تاريخ جو سڀ کان وڏو سانحو ڪهڙي واقعي کي قرار ڏنو ويو؟

جواب: ملڪي تاريخ جو سڀ کان وڏو سانحو محترمہ بي نظير ڀٽو جي شهادت کي قرار ڏنو ويو.

سوال: محترمہ بي نظير ڀٽو کي ڪيئن شهيد ڪيو ويو؟

جواب: محترمہ بي نظير ڀٽو کي گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو. پوءِ خود ڪش بم ڌماڪو ٿيو. جنهن ۾ 30 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا.

سوال: محترمہ بي نظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ ڪنهن کي پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو؟

جواب: محترمہ بي نظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ سندس فرزند بلاول ڀٽو زرداريءَ کي پارٽيءَ جو چيئرمين ۽ آصف زرداريءَ کي شريڪ چيئرمين چونڊيو ويو.

سوال: بلاول ڀٽو زرداري ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو؟

جواب: بلاول ڀٽو زرداري 21 سيپٽمبر 1988ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو.

سوال: محترمہ بي نظير ڀٽو کي شهادت کان پوءِ ڪهڙو عالمي اعزاز ڏنو ويو؟

جواب: محترمہ بي نظير ڀٽو شهيد کي آئرلينڊ جي تنظيم طرفان سندس جمهوريت لاءِ خدمتن جي عيوض "امن ايوارڊ" ڏنو ويو.

سوال: بي نظير ڀٽو قتل جي جانچ ڪهڙي غير ملڪي ٽيم ڪئي؟

جواب: بي نظير ڀٽو جي قتل جي جانچ اسڪاٽ لينڊ يارڊ جي ٽيم 4 جنوري 2008ع کان ڪئي.

سوال: بي نظير ڀٽو کي ڪهڙن هٿيارن سان نشانو بڻايو ويو؟

جواب: بي نظير ڀٽو کي جديد ليزر هٿيارن سان نشانو بڻايو ويو.

سوال: بيت اللحم ۾ يهودين 2008ع ۾ ڪهڙي تاريخ تي تاريخي مسجد شهيد ڪري ڇڏي؟

جواب: 5 جنوريءَ تي.

سوال: پيپلز پارٽيءَ بي نظير ڀٽو جي قتل جي تحقيقات لاءِ اقوام متحده کي باضابطه اپيل ڪڏهن ڪئي؟

جواب: 16 جنوري 2008ع تي.

سوال: پاڪستان چين جي مدد سان تيار ڪيل ويڙهو جنگي جهاز ايف ٿنڊر جي تياري ڪڏهن کان شروع ڪئي؟

جواب: 22 جنوري 2008ع کان.

سوال: پاڪستان طرفان بئلسٽڪ ميزائل شاهين (ون) جو ڪامياب تجربو ڪڏهن ڪيو ويو؟

جواب: 25 جنوري 2008ع تي.

سوال: پاڪستان ۾ ڏوهاري پيشي ماڻهن جي رڪارڊ سان گڏ خودڪار فنگر پرنٽ نظام ڪڏهن شروع ڪيو ويو؟

جواب: 25 جنوري 2008ع کان.

سوال: انڊونيشيا جي اڳوڻي صدر سوهارتو ڪڏهن وفات ڪئي ۽ سندس عمر ڪيتري هئي؟

جواب: انڊونيشيا جي اڳوڻي صدر سوهارتو 27 جنوري 2008ع تي

وفات ڪئي. سندس عمر 86 سال هئي.

سوال: پاڪستان ۾ پهرين فيبروري 2008ع تي اعليٰ سرڪاري عهدن تي ملازمت لاءِ عمر جي حد ڪيتري مقرر ڪئي وئي؟

جواب: 65 سال.

سوال: فرانسيسي صدر نڪولس سرڪوزيءَ پنهنجي دوست ڪارلا بروليءَ سان شادي ڪڏهن ڪئي؟

جواب: 2 فيبروري 2008ع تي.

سوال: 5 فيبروري 2008ع تي فرانس جي ڪمپني الستام ڪهڙي شيءِ متعارف ڪرائي؟

جواب: فرينچ ڪمپني الستام جديد ترين تيز رفتار ٽرين متعارف ڪرائي.

سوال: 6 فيبروري 2007ع تي ن ليگ جي اميدوارن ڪهڙي ڳالهه جو قسم ڪنيو؟

جواب: ن ليگ جي اميدوارن عدليه ۽ آئين جي بحاليءَ جو قسم کنيو.

سوال: 14 ڊسمبر 2008ع تي عراقي وزيراعظم جي دفتر ۾ ڪهڙو اهم واقعو پيش آيو؟

جواب: آمريڪي صدر بش کي تقرير دوران عراقي صحافي منتظر الزيدي ڪيس ٻه جوتا وهائي ڪڍيا.

سوال: 2008ع جي بيجنگ اولمپڪ جا خاص رڪارڊ ٻڌايو؟

جواب: (1) آمريڪي تيراڪ (تارو) مائيڪل فلپس ترڻ جي مقابلن ۾ 8 (اٺ) سونا ٻلا کٽي نئون رڪارڊ قائم ڪيو.

(2) جميڪا جي اسين بولٽ 100، 200 ۽ 400 ميٽر ڊوڙ ۾ 3 سونا ٻلا حاصل ڪري سال 2008ع ۽ اولمپڪ جي بهترين اٿليٽ هجڻ جو اعزاز حاصل ڪيو.

سوال: 7 فيبروري 2008ع تي ڪنهن کي فيڊرل هاءِ ڪورٽ اسلام آباد جو چيف جسٽس مقرر ڪيو ويو؟

جواب: جسٽس سردار محمد اسلم کي.

سوال: 7 فيبروري 2008ع تي ترڪيءَ جي آئين ۾ ترميم ڪري، ڪهڙي اجازت ڏني وئي؟

جواب: ترڪيءَ جي آئين ۾ ترميم ڪري عورتن کي يونيورسٽين ۾ حجاب پائڻ جي منظوري ڏني وئي.

سوال: آمريڪي سينيٽ بي نظير ڀٽو جي شهادت خلاف ٺهراءُ ڪڏهن منظور ڪيو ۽ ڪهڙي گهر ڪئي؟

جواب: آمريڪي سينيٽ اهو ٺهراءُ 8 فيبروري 2008ع تي منظور ڪيو ۽ ان ۾ گهر ڪئي وئي ته واقعي جي آزادانه جانچ ڪئي وڃي ۽ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪيو وڃي.

سوال: ملڪ ۾ غريب طبقي لاءِ يوٽيلٽي اسٽور بچت ڪارڊ اسڪيم جو افتتاح ڪڏهن ڪيو ويو؟

جواب: ان جو افتتاح 8 فيبروري 2008ع تي ڪيو ويو.

سوال: 9 فيبروري 2008ع تي چارسده ۾ اي اين پي جي جلسي ۾ خودڪش ڌماڪي ۾ ڪيترا ماڻهو مارجي ويا؟

جواب: ان خودڪش ڌماڪي ۾ 30 ماڻهو مري ويا.

سوال: افغانستان لاءِ پاڪستان جي سفير عزيزالدين کي 10 فيبروري 2008ع تي ڪٿان اغوا ڪيو ويو؟

جواب: کيس ڪابل ويندي خيبر ايجنسي، جي حدن ۾ اغوا ڪيو ويو.

سوال: پاڪستان طرفان بئلسٽڪ ميزائل غزنوي حتف (ٽيون) جو ڪامياب تجربو ڪڏهن ڪيو ويو؟

جواب: اهو تجربو 13 فيبروري 2008ع تي ڪيو ويو.

سوال: پاڪستان ۽ ڀارت ڪڏهن ان ڳالھ تي اتفاق ڪيو تہ گڏيل پروازن جو تعداد 12 مان وڌائي 28 ڪيو وڃي؟

جواب: 15 فيبروري 2008ع تي.

سوال: ملڪ ۾ 2008ع ۾ عام چونڊون ڪهڙي تاريخ تي ٿيون؟

جواب: اهي چونڊون 18 فيبروريءَ تي ٿيون.

سوال: ملڪ ۾ 2008ع ۾ ٿيل عام چونڊن ۾ ڪيترا وزير چونڊن هارائي ويا؟

جواب: حڪومت جا 23 وزير هارائي ويا. انهن ۾ چوڌري شجاعت، شيخ رشيد، لياقت جتوئي، چوڌري امير حسين، اعجازالحق، راٺو سڪندر اقبال، وصي ظفر، همايون اختر ۽ ٻيا شامل آهن.

سوال: 18 فيبروري 2008ع تي ٿيل عام چونڊن ۾ ڪهڙين پارٽين کٽيو؟

جواب: انهن چونڊن ۾ پيپلز پارٽي، مسلم ليگ ن، ق ليگ، ايم ڪيو ايم ۽ اين اي پي نمايان رهيون. چونڊن ۾ پيپلز پارٽي 37 سيڪڙو، ق ليگ ۽ اتحادين کي 31 سيڪڙو، ن ليگ کي 23 سيڪڙو ۽ ايم ڪيو ايم کي 9 سيڪڙو ووٽ مليا.

سوال: ڪهڙي تاريخ تي آمريڪي راڪيٽ خلا ۾ ڪامياب آپريشن ڪندي بي قابو اپگرھ کي تباھ ڪيو؟

جواب: 22 فيبروري 2008ع تي.

سوال: راولپنڊيءَ ۾ آپگهاتي حملي ۾ ليفٽيننٽ جنرل سرجن مشتاق بيگ سميت 8 ڄڻا ڪهڙي تاريخ تي شهيد ٿيا؟

جواب: 25 فيبروري 2008ع تي.

سوال: ڀارت سمنڊ هيٺ ائٽمي صلاحيت واري-بئلسٽڪ ميزائل جو تجربو ڪڏهن ڪيو؟ اهو ڪيتري مفاصلي تي مار ڪري سگهي ٿو؟

جواب: ڀارت ان بئلسٽڪ ميزائل جو تجربو 26 فيبروري 2008ع تي ڪيو. اهو ميزائل 700 ڪلوميٽرن تائين مار ڪري سگهي ٿو.

سوال: 3 مارچ 2008ع تي سلامتي ڪائونسل ڪهڙي ملڪ تي وڌيڪ پابنديون لاڳو ڪري ڇڏيون؟

جواب: سلامتي ڪائونسل ايران تي وڌيڪ پابنديون لاڳو ڪيون.

سوال: پاڪستان ۾ جاسوسيءَ جي ڏوهه ۾ قيد ڪهڙي قيديءَ کي 35 سالن کان پوءِ آزاد ڪيو ويو ۽ ڪڏهن؟

جواب: ڀارتي قيدي ڪشمير سنگهه کي 3 مارچ 2008ع تي آزاد ڪيو ويو.

سوال: روس جو صدر ومس تري ميد وي ايرف ماضيءَ ۾ ڇا ڪندو هو؟

جواب: هو ماضيءَ ۾ مزدوري ڪندو هو.

سوال: 11 مارچ 2008ع تي لاهور ۾ ڪهڙي آفيس تي آپگهاتي حملو ڪيو ويو ۽ ان ۾ ڪيترا ماڻهو مارجي ويا؟

جواب: ان تاريخ تي ايف آءِ اي جي آفيس تي آپگهاتي حملو ڪيو ويو. ان ۾ 23 ڄڻا مارجي ويا ۽ 200 زخمي ٿيا.

سوال: ڪارساز سانحي جي 20 لاوارث لاشن کي 5 مهينن کان پوءِ ڪڏهن ۽ ڪٿي دفنايو ويو؟

جواب: انهن شهيدن کي 12 مارچ 2008ع تي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾

دفنايو ويو.

سوال: 17 مارچ 2008ع تي قومي اسيمبليءَ جي ڪيترن ميمبرن قسم کنيو؟

جواب: ان موقعي تي 325 ميمبرن قسم کنيو.

سوال: 17 مارچ 2008ع تي عراق ۾ ڪٿي عورت جي خودڪش حملي ۾ 2 زائرين مارجي ويا؟

جواب: ڪربلا ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جي روزي ويجهو.

سوال: فهميده مرزا ڪڏهن قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر چونڊي؟

جواب: هوءَ 19 مارچ 2008ع تي اسپيڪر چونڊي.

سوال: محترمه فهميده مرزا کي ڪهڙو اعزاز حاصل آهي؟

جواب: هوءَ ملڪ جي پهرين خاتون اسپيڪر بڻي.

سوال: ڪراچيءَ ۾ 20 مارچ 2008ع تي ڪهڙي عمارت کي باهه لڳي ۽ ڪهڙو نقصان ٿيو؟

جواب: بورڊ آف روينيو جي هڪ صدي اڳاٽي عمارت ۾ خوفناڪ باهه لڳي، جنهن ۾ سروي زمين جو رڪارڊ، نقشا ۽ ڪليمن جو اهم رڪارڊ تباهه ٿي ويو.

سوال: مخدوم سيد يوسف رضا گيلاني ڪڏهن ملڪ جو وزيراعظم چونڊيو؟

جواب: هو 24 مارچ 2008ع تي ملڪ جو وزيراعظم چونڊيو.

سوال: مخدوم محمد امين فهيم ڪڏهن اي آر ڊي جي صدارت تان استعفيٰ ڏني؟

جواب: هن 24 مارچ 2008ع تي استعفيٰ ڏني.

سوال: نئين چونڊيل وزيراعظم يوسف رضا گيلاني ڪڏهن پنهنجي

عهدي جو قسم کنيو؟

جواب: هن 25 مارچ 2008ع تي پنهنجي عهدي جو قسم کنيو.

سوال: هر آئين کي تباهه ڪندڙ ۽ هرپي سي او جي خالق شريف الدين پيرزادي کي ڪڏهن برطرف ڪيو ويو؟

جواب: کيس 25 مارچ تي برطرف ڪيو ويو.

سوال: ڪرامت خان ۽ خوشدل خان ڪڏهن سرحد اسيمبليءَ جا اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر چونڊيا؟

جواب: 28 مارچ 2008ع تي.

سوال: 2008ع جي عام چونڊن بعد نئين وفاقي ڪابينه ڪڏهن قسم کنيو؟

جواب: 31 مارچ 2008ع تي.

سوال: پاڪستان سرڪار ڪڏهن آصف زرداريءَ خلاف سوئس مني لانڊرنگ ڪيس تان هٿ کنيو؟

جواب: پهرين اپريل 2008ع.

سوال: سنڌ اسيمبليءَ اهو ٺهراءُ ڪڏهن منظور ڪيو، جنهن ۾ گهر ڪئي ويئي ته وفاقي حڪومت ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاسيءَ کي عدالتي قتل قرار ڏي؟

جواب: سنڌ اسيمبليءَ اهو ٺهراءُ 5 اپريل 2008ع تي منظور ڪيو.

سوال: سنڌ اسيمبليءَ اهو ٺهراءُ ڪڏهن منظور ڪيو، جنهن ۾ نوابشاهه ضلعي جو نالو شهيد بي نظير ڀٽو رکڻ لاءِ چيو ويو؟

جواب: 5 اپريل 2008ع تي.

سوال: سيد قائم علي شاهه ڪڏهن ٻيو ڀيرو سنڌ جو وڏو وزير چونڊيو؟

جواب: 7 اپريل 2008ع.

سوال: سنڌ اسيمبليءَ ۾ اڳوڻي وڏي وزير ارباب غلام رحيم سان ڪڏهن بدسلوڪي جو واقعو پيش آيو؟

جواب: 7 اپريل 2008ع.

سوال: ڪراچيءَ ۾ 5 وڪيلن کي جيئرو ساڙڻ جو ڏکوئيندڙ واقعو ڪڏهن پيش آيو؟

جواب: 9 اپريل 2008ع.

سوال: آصف زرداريءَ کي مير مرتضيٰ ڀٽو قتل ڪيس مان ڪڏهن آزاد ڪيو ويو؟

جواب: ڪيس ان ڪيس مان 9 اپريل 2008ع تي آزاد ڪيو ويو.

سوال: سنڌ اسيمبليءَ شهيد بي نظير ڀٽو جي قتل جي تحقيقات اقوام متحده کان ڪرائڻ جو ٺهراءُ ڪڏهن منظور ڪيو؟

جواب: سنڌ اسيمبليءَ اهو ٺهراءُ 5 اپريل 2008ع تي متفقه طور منظور ڪيو.

سوال: بلوچستان اسيمبليءَ شهيد بي نظير ڀٽو جي قتل جي تحقيقات اقوام متحده کان ڪرائڻ جو ٺهراءُ ڪڏهن منظور ڪيو؟

جواب: 7 اپريل 2008ع تي.

سوال: پنجاب اسيمبليءَ شهيد بي نظير ڀٽو جي قتل جي تحقيقات اقوام متحده کان ڪرائڻ جو ٺهراءُ ڪڏهن منظور ڪيو؟

جواب: 9 اپريل 2008ع تي.

سوال: ايلوئٽ هيليڪاپٽر ۽ فوڪر ايئر ڪرافٽ ڪڏهن پاڪستان جي سامونڊي فوج ۾ شامل ڪيا ويا؟

جواب: 12 اپريل 2008ع تي.

سوال: قومي اسيمبليءَ اهو متفق ٺهراءُ ڪڏهن منظور ڪيو، جنهن ۾ محترمہ بي نظير ڀٽو جي قتل جي جاچ اقوام متحده کان ڪرائڻ جي گهر ڪئي ويئي؟

جواب: قومي اسيمبليءَ اهڙو ٺهراءُ 13 اپريل 2008ع تي منظور ڪيو.

سوال: سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مقررين جو اختيار گورنر کان وڏي وزير ڏانهن ڪڏهن منتقل ڪيو ويو؟

جواب: 16 اپريل 2008ع.

سوال: پاڪستان 2 هزار ڪلوميٽرن تائين مارو ڪندڙ حتف-6 شاهين (ٽو) ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪڏهن ڪيو؟

جواب: 19 اپريل 2008ع تي.

سوال: پاڪستان جي هوائي فوج ۾ ملڪي سطح تي تيار ڪيل بنا پائليٽ جاسوس هوائي جهاز ڪي ڪڏهن شامل ڪيو ويو؟

جواب: 20 اپريل 2008ع.

سوال: سپريم ڪورٽ چونڊون وڙهڻ لاءِ گريجوئيشن جو شرط ڪڏهن ختم ڪيو؟

جواب: سپريم ڪورٽ اهو شرط 21 اپريل 2008ع تي ختم ڪيو ۽ چيو تہ اهو شرط آئين جي آرٽيڪل 17 ۽ 25 جي خلاف آهي.

سوال: 25 اپريل 2008ع تي ڪهڙي سٽي ڪائونسل بي نظير ڀٽو ايونيو جو ٺهراءُ منظور ڪيو؟

جواب: برلن سٽي ڪائونسل اهو ٺهراءُ منظور ڪيو.

سوال: آئرلينڊ طرفان اپريل 2008ع ۾ محترمہ بي نظير ڀٽو کي ڪهڙو ايوارڊ ڏنو ويو؟

جواب: ٽپريري امن ايوارڊ.

سوال: ڀارت طرفان اگني ٽري بئلسٽڪ ميزائل جو تجربو ڪڏهن ڪيو ويو؟

جواب: 7 مئي 2008ع.

سوال: پاڪستان 350 ڪلوميٽرن تائين مارو ڪندڙ حتف-8 ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪڏهن ڪيو؟

جواب: 8 مئي 2008ع.

سوال: سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان انٽرنيشنل هاسٽل جو نالو "بي نظير ڀٽو شهيد انٽرنيشنل هاسٽل" ڪڏهن رکيو ويو؟

جواب: 10 مئي 2008ع تي.

سوال: سپريم ڪورٽ ججن جي باري ۾ توهين آميز خبرون شايع يا نشر ڪرڻ تي پابندي ڪڏهن هنئي؟

جواب: 12 مئي 2008ع تي.

سوال: چين ۾ 2008ع ۾ ڪهڙي تاريخ تي وڏو زلزلو آيو. جنهن ۾ 8 هزار کان وڌيڪ ماڻهو مري ويا؟

جواب: 12 مئي تي.

سوال: سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪڏهن آصف زرداريءَ کي نوادرات جي اسمگلنگ جي الزام مان آزاد ڪيو؟

جواب: 13 مئي 2008ع تي.

سوال: پنجاب جي گورنر سلمان تاثير ڪڏهن پنهنجي عهدي جو قسم کنيو؟

جواب: هن 16 مئي 2008ع تي پنهنجي عهدي جو قسم کنيو.

سوال: مري روڊ جونالو "بي نظير ڀٽو شهيد" روڊ رکڻ جو اعلان

ڪڏهن ڪيو ويو؟

جواب: 22 مئي 2008ع.

سوال: 23 مئي 2008ع تي ڪهڙن ٻن ملڪن هڪ ارب ڊالرن جي ائٽمي معاهدي تي صحيحون ڪيون؟

جواب: چين ۽ روس.

سوال: تڪراري ڪالا باغ ڊيم رٿا ڪڏهن سدائين لاءِ ختم ڪئي وئي؟

جواب: 26 مئي 2008ع.

سوال: فوجي سربراهه مائيڪل سليمان ڪڏهن لبنان جي صدر جي عهدي جو قسم کنيو؟

جواب: 25 مئي 2008ع.

سوال: نيپال ۾ 240 سالن کان هلندڙ بادشاهت ڪڏهن ختم ڪئي وئي؟

جواب: نيپال جي قديم بادشاهت 28 مئي 2008ع تي ختم ڪئي وئي.

سوال: 28 مئي 2008ع تي جمهوري وطن پارٽيءَ جو نالي بدلائي ڇا رکيو ويو؟

جواب: بلوچ ريپبلڪن پارٽي.

سوال: نيپال ۾ ڪڏهن بادشاهي جهنڊو لاهي قومي جهنڊو چاڙهيو ويو؟

جواب: 29 مئي 2008ع تي.

سوال: 30 مئي 2008ع تي ڊبلن ۾ ڪلسٽر بمن تي عالمگير پابندي ۽ بمن جا ذخيرا اٺن سالن ۾ تباهه ڪرڻ جي معاهدي تي

ڪيترن ملڪن صحيحون ڪيون؟

جواب: ان معاهدي تي 111 ملڪن صحيحون ڪيون.

سوال: ناميارې سياستدان شيخ رشيد ق ليگ کي ڇڏي عوامي مسلم ليگ قائم ڪرڻ جو اعلان ڪڏهن ڪيو؟

جواب: پهرين جون 2008ع.

سوال: آمريڪي ڪانگريس پاڪستان کي اپ گريڊ 10 ايف 16 جهاز ڏيڻ جي منظوري ڪڏهن ڏني؟

جواب: هن اهڙي منظوري 4 جون 2008ع تي ڏني.

سوال: شهباز شريف ڪڏهن پنجاب جي وڏي وزير جي عهدي جو قسم کنيو؟

جواب: هن 8 جون 2008ع تي قسم کنيو.

سوال: قومي اسيمبليءَ ڪڏهن لياقت باغ راولپنڊيءَ ۾ محترمه بي نظير ڀٽو شهيد جي يادگار تعمير ڪرڻ جو ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ڪيو؟

جواب: 10 جون 2008ع.

سوال: سپريم ڪورٽ جي ججن جو تعداد 16 مان وڌائي 29 ڪڏهن ڪيو ويو؟

جواب: 11 جون 2008ع تي پيش ڪيل بجيٽ ذريعي قومي اسيمبليءَ اهڙي منظور ڏني.

سوال: صاحبزادو ابوالخير محمد زبير ۽ قاري زوار بهادر ڪڏهن جمعيت العلماءِ پاڪستان جا صدر ۽ سيڪريٽري چونڊيا؟

جواب: 22 جون 2008ع.

سوال: لاهور هاءِ ڪورٽ ڪڏهن نواز شريف کي ضمني چونڊن لاءِ

نااهل قرار ڏنو؟

جواب: 23 جون 2008ع.

سوال: يورپ جي تنظيم "انسٽي ٽيوٽ آف پيس ڊيولپمينٽ" محترمہ بي نظير ڀٽو کي ڪهڙو ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيو؟

جواب: امن ايوارڊ، ڪيس اهو ايوارڊ جمهوريت، انساني حقن، سماجي انصاف ۽ پاڪستان ۽ اولهہ وچ ۾ ناتن جي واڌاري لاءِ ڪيل تمام وڏين خدمتن جي مڃتا ۾ ڏنو ويو.

سوال: سينيٽ نيب کي ختم ڪرڻ جو متفقہ ٺهراءُ ڪڏهن منظور ڪيو؟

جواب: 8 آگسٽ 2008ع تي.

سوال: مسلم ليگي اڳواڻ ۽ سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير سيد غوث علي شاهہ 17 آگسٽ 2008ع تي وطن وريو. هو ڪيترو عرصو جلاوطن رهيو؟

جواب: 8 سال.

سوال: صدر پرويز مشرف ڪڏهن استعفيٰ ڏني؟

جواب: هن 18 آگسٽ 2008ع تي استعفيٰ ڏني.

سوال: سينيٽ جي چيئرمين محمد ميان سومري قائم مقام صدر جو عهدو ڪڏهن سنڀاليو؟

جواب: هن 18 آگسٽ 2008ع تي قائم مقام صدر جو عهدو سنڀاليو.

سوال: آمريڪا ويهہ ٽي-37 سڪيا جهاز پاڪستان کي ڏيڻ جي ڪڏهن منظوري ڏني؟

جواب: هن اها منظوري 20 آگسٽ 2008ع تي ڏني.

سوال: واهہ ڪينٽ ۾ هٿيارن جي فيڪٽريءَ جي مکيہ گيٽ تي

خوفناڪ آپگھاتي ڌماڪو ڪڏهن ٿيو ۽ ان ۾ ڪيترا ماڻهو مئا؟

جواب: اهو آپگھاتي ڌماڪو 21 آگسٽ 2008ع تي ٿيو ۽ ان ۾ 78 ڄڻا مارجي ويا ۽ 118 زخمي ٿيا.

سوال: پنجاب ۾ سيئي انتظامي ڊويزنون ۽ ڪمشنر جو عهدو ڪڏهن بحال ڪيو ويو؟

جواب: 24 آگسٽ 2008ع تي.

سوال: حڪومت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ججن جو تعداد وڌائي 40 ڪڏهن ڪيو؟

جواب: 27 آگسٽ 2008ع تي.

سوال: پيپلز پارٽيءَ جو شريڪ چيئرمن آصف علي زرداري ڪڏهن ملڪ جو صدر چونڊيو؟

جواب: هو 6 سيپٽمبر 2008ع تي ملڪ جو صدر چونڊيو.

سوال: صدر آصف زرداري ڪڏهن پنهنجي عهدي جو قسم کنيو؟

جواب: هن 9 سيپٽمبر 2008ع تي پنهنجي عهدي جو قسم کنيو.

سوال: قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر ڊاڪٽر فهميده مرزا کي 13 سيپٽمبر 2008ع تي ڪهڙو اعزاز حاصل ٿيو؟

جواب: هوءَ ملڪ ۾ پهريون پيرو خاتون قائم مقام صدر بڻي.

سوال: ڀارت فضا مان فضا ۾ مارو ڪندڙ استر ميزائل جو تجربو ڪڏهن ڪيو؟

جواب: هن اهو تجربو 13 سيپٽمبر 2008ع تي ڪيو.

سوال: نائجيريا ۾ 86 شاديون ڪندڙ شخص محمد بيلو کي گهڻا ٻار آهن؟ حڪومت ان خلاف ڪهڙو قدم کنيو؟

جواب: ڪيس 170 ڀيرا آهن. حڪومت سنڌس گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو.

سوال: روس طرفان دفاعي نظام ڪي ڊوڪو ڏينڊڙ ميزائل "بلاوا" جو تجربو ڪڏهن ڪيو؟

جواب: هن اهو تجربو 19 سيپٽمبر 2008ع تي ڪيو.

سوال: اسلام آباد ۾ فائيو اسٽار هوٽل ميريٽ تي آپگهاتي حملو ڪڏهن ڪيو ويو، ۽ ان ۾ ڪيترا ماڻهو مارجي ويا؟

جواب: اهو حملو 20 سيپٽمبر 2008ع تي ڪيو ويو ۽ ان ۾ 60 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا.

سوال: ملڪي تاريخ جي سڀ کان وڏي ميريٽ هوٽل اسلام آباد ۾ آپگهاتي حملي ۾ ڪهڙي ملڪ جو سفير مارجي ويو؟

جواب: ان حملي ۾ جمهوريہ چيڪ جو سفير بہ مارجي ويو.

سوال: ڀارت، روس سان ڳجهو ائٽمي معاهدو ڪڏهن ڪيو؟

جواب: 23 سيپٽمبر 2008ع.

سوال: پهرين آڪٽوبر 2008ع تي ڀارت جي جوڌپور واري مندر ۾ ڀڄ ڊوڙ ۾ ڪيترا ياتري مارجي ويا؟

جواب: 168 ياتري مارجي ويا.

سوال: ڀارت ۽ فرانس ۾ ائٽمي معاهدي تي صحيحون ڪڏهن ڪيون ويون؟

جواب: پهرين آڪٽوبر 2008ع تي.

سوال: صدر آصف زرداريءَ بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام جو افتتاح ڪڏهن ڪيو؟

جواب: هن ان اسڪيم جو افتتاح 8 آڪٽوبر 2008ع تي ڪيو.

سوال: آرمينيا طرفان عراق مان فوج واپس گهرائڻ جو اعلان ڪڏهن

ڪيو ويو؟

جواب: 9 آڪٽوبر 2008ع تي.

سوال: پاڪستان ۽ افغانستان ۾ ريلوي ڳانڍاپو قائم ڪرڻ جي منظوري ڪڏهن ڏني ويئي؟

جواب: 22 آڪٽوبر 2008ع تي.

سوال: ايشيا ۾ پهريون ڀيرو ڪڏهن پاڪستاني عورتن کي سرحدن جي حفاظت لاءِ مقرر ڪيو ويو؟

جواب: آڪٽوبر 2008ع.

سوال: 29 آڪٽوبر 2008ع تي پاڪستان جي ڪهڙي صوبي ۾ وڏو زلزلو آيو؟

جواب: بلوچستان.

سوال: 3 نومبر 2008ع تي لاٿل چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري ڪهڙو انڪشاف ڪيو؟

جواب: هن چيو تہ 3 نومبر 2007ع تي جنرل پرويز مشرف طرفان ايمرجنسي نہ، پر مارشل لا لڳايو ويو هو. ان قدم ۾ ٽي شخصيتون ملوث هيون.

سوال: نومبر 2008ع تي آمريڪا ۾ ٿيل صدارتي چونڊن ۾ ڪير ڪامياب ٿيو؟

جواب: نومبر 2008ع ۾ آمريڪا جي چونڊن ۾ بارڪ حسين اوباما آمريڪا جو صدر چونڊيو.

سوال: بارڪ حسين اوباما، آمريڪا جو ڪائون صدر آهي؟

جواب: هو آمريڪا جو چوويهون صدر آهي.

سوال: بارڪ حسين اوباما ڪڏهن پنهنجي عهدي جو قسم کنيو؟

جواب: هن 20 جنوري 2009ع تي پنهنجي عهدي جو قسم کنيو.

سوال: "عدالتن جي تالہ بندي دهشت گرد يآهي". لاهور هاءِ ڪورٽ اهڙو حڪم ڪڏهن ڏنو؟

جواب: 5 نومبر 2008ع.

سوال: اويس غني سرحد صوبي جو گورنر ڪڏهن بڻيو؟

جواب: 5 جنوري 2008ع.

سوال: سنڌ جي ناميارِي محقق ۽ اديب ڊاڪٽر موتي لعل جيتواڻي ڪڏهن ۽ ڪٿي ديهانت ڪيو؟

جواب: هن 30 جنوري 2008ع تي ڀارت جي شهر پونا ۾ ديهانت ڪيو.

سوال: ڊاڪٽر موتي لعل جيتواڻي ڪٿي ڄائو ۽ هن ڪهڙو اهم ڪم ڪيو؟

جواب: هو 1936ع ۾ روهڙيءَ ۾ ڄائو ۽ هن شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح تي هنديءَ ۾ ڪم ڪيو.

سوال: فلم ۽ ٽي وي جي ناميارِي اداڪاره نجمہ ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: هن 27 جنوري 2008ع تي وفات ڪئي.

سوال: ناميارِي اداڪاره سورن لتا (سعيده بيگم) ڪڏهن ۽ ڪٿي وفات ڪئي؟

جواب: هن 8 جنوري 2008ع تي لاهور ۾ وفات ڪئي.

سوال: اداڪاره سورن لتا ڪٿي ڄائي هئي ۽ وفات وقت سندس عمر ڪيتري هئي؟

جواب: هوءَ 1924ع ۾ راولپنڊيءَ ۾ ڄائي هئي ۽ وفات وقت سندس عمر 83 سال هئي.

سوال: ڪيوبا جي صدر فيدرل ڪاسترو ڪڏهن اقتدار ڇڏڻ جو اعلان ڪيو؟ هو ڪيترو وقت اقتدار ۾ رهيو؟

جواب: هن 19 فيبروري 2008ع تي اقتدار ڇڏڻ جو اعلان ڪيو. هو 47 سال ملڪ جو صدر رهيو.

سوال: نواب ذوالفقار مگسي ڪڏهن بلوچستان جي گورنر جو عهدو سنڀاليو؟

جواب: هن 28 فيبروري 2008ع تي بلوچستان جي ارڙهين گورنر طور عهدو سنڀاليو.

سوال: نثار کهڙو ۽ شهلا رضا ڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ جا بنا مقابلي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر چونڊيا؟

جواب: 6 اپريل 2008ع.

سوال: نواب محمد اسلم رئيساڻي ڪڏهن بلوچستان جي وڏي وزير طور قسم کنيو؟

جواب: هن 9 اپريل 2008ع تي ان عهدي جو قسم کنيو.

سوال: دوست محمد کوسا ڪڏهن پنجاب جو وڏو وزير ٿيو؟

جواب: 12 اپريل 2008ع تي.

سوال: 23 جولاءِ 2008ع تي نئين جمهوريه نيپال جو پهريون صدر ڪير بڻيو؟

جواب: رام هارن ياديو.

سوال: فلم ۽ ٽي وي جي نامياري اداڪار ملڪ انوکا ڪڏهن وفات ڪئي؟ سندس عمر ٻڌايو.

جواب: هن 27 جولاءِ 2008ع تي وفات ڪئي. سندس عمر 69 سال هئي.

سوال: نامياري صداڪار عبدالڪريم بلوچ ڪڏهن وفات ڪئي؟
جواب: اگسٽ 2008ع ۾.
سوال: نامياري شاعر احمد فراز ڪڏهن وفات ڪئي؟
جواب: هن 25 اگسٽ 2008ع تي وفات ڪئي.
سوال: جسٽس انور ظهير جمالي ڪڏهن سنڌ جو چيف جسٽس مقرر ٿيو؟
جواب: 27 اگسٽ 2008ع.
سوال: 25 سيپٽمبر 2008ع تي ڪير جپان جو وزيراعظم ٿيو؟
جواب: تارو آسو.
سوال: 25 سيپٽمبر 2008ع تي ڪنهن نيپال جي وزيراعظم جو عهدو سنڀاليو؟
جواب: پشپا ڪمال.
سوال: ائڊمرل نعمان بشير ڪڏهن ساموندي فوج جو سربراهه بڻيو؟
جواب: 7 آڪٽوبر 2008ع تي.
سوال: 2008ع جو طب جو نوبل انعام ڪنهن کي مليو؟
جواب: طب جو نوبل انعام ٽن ڄڻن فرينڪوائز بيري مينوزي ۽ لوڪ نتڪنير (فرانس) ۽ هيرالڊز رهاسن (جرمني) کي مليو.
سوال: 2008ع جو طبيعيات جو نوبل انعام ڪنهن کي مليو؟
جواب: طبيعيات جو نوبل انعام ٽن ڄڻن يونيچيرو نمبو (آمريڪا) ۽ ماڪوتوباياشي ۽ توشيبدي (جپان) کي مليو.
سوال: 2008ع جو امن جو نوبل انعام ڪنهن کي مليو؟
جواب: امن جو نوبل انعام فن لينڊ جي مرٽي احتساريءَ کي مليو.
سوال: 2008ع جو ڪيميا جو نوبل انعام ڪنهن کي مليو؟

جواب: ڪيميا جو نوبل ٽن ڄڻن مارٽن چانهائي ۽ راجرسين آمريڪا ۽ اوسا موشيمو سوراڪي مليو.

سوال: 2008ع جو ادب جو نوبل انعام ڪنهن کي مليو؟

جواب: 2008ع جو ادب جو نوبل انعام زان ميري گستاوي لاڪلي زيو فرانس کي مليو.

سوال: سنڌ جي اڳوڻي گورنر ۽ گهرو معاملن جي وفاقي وزير محمود اي هارون ڪڏهن ۽ ڪٿي وفات ڪئي؟ سندس عمر ڪيتري هئي؟

جواب: محمود هارون 6 نومبر 2008ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي. سندس عمر 88 سال هئي.

سوال: سنڌ جو سڀ کان گهڻي وقت تائين گورنر رهڻ جو اعزاز ڪنهن کي حاصل آهي؟

جواب: ڊاڪٽر عشرت العباد کي.

سوال: ناميارِي عالمي شهرت يافته ڳائڻي مائيڪل جيڪسن ڪڏهن اسلام قبول ڪيو؟

جواب: هڪ اخباري اطلاع مطابق هن نومبر 2008ع ۾ اسلام قبول ڪيو. سندن نالو ميڪائيل رکيو ويو.

سوال: 10 ارب ڊالر ٻاهرين ملڪ منتقل ڪرڻ جي الزام ۾ ڪاليا ۽ خانائيءَ سميت 25 ڪرنسي ڊيلرن کي ڪڏهن گرفتار ڪيو ويو؟

جواب: 8 نومبر 2008ع.

سوال: عالمي يوم آزادي ڪهڙي تاريخ تي ملهايو ويندو آهي؟

جواب: 9 نومبر تي.

سوال: روس جي ائٽمي آبدوز کي 9 نومبر 2008ع تي ڪهڙو حادثو

پيش ايو؟

جواب: آزمائشي ٽيسٽ دوران فائر فائٽنگ نظام جي اوچتي فيل ٿيڻ سبب 20 نيول اهلڪار دم گھٽجڻ سبب مري ويا.

سوال: متحده عرب اماراب ۾ تاريخ جي پهرين نڪاح پڙهندڙ قاضي عورت جو نالو ٻڌايو؟

جواب: متحده عرب امارات ۾ پهرين نڪاح پڙهندڙ عورت قاضيءَ جو نالو فاطمه سعيد عبيدالعواني آهي.

سوال: جسٽس افتخار محمد چوڌريءَ کي آمريڪا ۾ ڪهڙو ايوارڊ ڏنو ويو ۽ ڪڏهن؟

جواب: ڪيس نومبر 2008ع ۾ پاڪستان ۾عدليه جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي مڃتا طور فريڊم ايوارڊ ڏنو ويو.

سوال: بمبئي جي سيون اسٽار تاج محل هوٽل تي دهشت گردن ڪڏهن قبضو ڪري، ماڻهن کي يرغمال بڻايو؟

جواب: 26 نومبر 2008ع.

سوال: بمبئي ۾ تاج محل هوٽل تي دهشت گرديءَ واري واقعي ۾ ڪيترا ماڻهو مئا؟

جواب: ان واقعي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 155 ماڻهو مري ويا.

سوال: دنيا جي سڀ کان دگهي عورت اينڊا پارڪر 28 نومبر 2008ع تي آمريڪا ۾ گذاري ويئي. سندس عمر ڪيتري هئي؟

جواب: سندس عمر 115 سال ۽ 220 ڏينهن هئي. هوءَ 1893ع ۾ ڄائي هئي.

سوال: ڪونڊوليزا رائس کان پوءِ ڪير آمريڪا جي پرڏيهي وزير بڻي؟

جواب: اڳوڻي آمريڪي صدر بل ڪلنٽن جي گهرواري هيلري ڪلنٽن.

سوال: 2 ڊسمبر 2008ع تي قومي سلامتي ڪانفرنس اجلاس ۾ ڪهڙو فيصلو ڪيو ويو؟

جواب: ان ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ملڪي تحفظ لاءِ سڀئي سياسي پارٽيون متحد آهن.

سوال: قومي سلامتي ڪانفرنس ۾ ڪيترن سياسي اڳواڻن شرڪت ڪئي؟

جواب: ان ۾ 58 کان وڌيڪ سياسي اڳواڻن شرڪت ڪئي.

سوال: 3 ڊسمبر 2008ع کان دنيا جي 100 ملڪن ڪهڙي ناهه تي صحيحون ڪرڻ شروع ڪيون؟

جواب: انهن ملڪن ڪلسٽر بمن تي پابنديءَ جي ناهه تي صحيحون ڪرڻ شروع ڪيون.

سوال: 3 ڊسمبر 2008ع تي ڪهڙي ملڪ پاڪستان کي 100 ميزائل ڏيڻ جي منظور ڏني؟

جواب: برازيل.

سوال: 5 ڊسمبر 2008ع تي آمريڪا ڇا جو تجربو ڪيو؟

جواب: هن ڊگهي مفاصلي تائين مارو ڪندڙ ميزائل کي ڪيرائڻ جو تجربو ڪيو.

سوال: سنڌي ۽ اردو جي نامياري شاعر تاجل بيوس ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: هن 13 ڊسمبر 2008ع تي 70 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

شوبز

سوال: پاڪستان جي پهرين عربي فلم ٻڌايو؟

جواب: الله اڪبر.

سوال: پاڪستان جي پهرين سنڌي فلم ڪهڙي هئي؟

جواب: عمر مارئي.

سوال: پاڪستان جي پهرين اردو فلم ڪهڙي آهي؟

جواب: تيري ياد.

سوال: پاڪستان جي پهرين پنجابي فلم ڪهڙي آهي؟

جواب: سوهني مهوال.

سوال: پاڪستان جي پهرين سرائڪي فلم ٻڌايو؟

جواب: ڌيان نماڻيان.

سوال: پاڪستان جي پهرين انگريزي فلم ڪهڙي آهي؟

جواب: بيانڊ دي لاسٽ مائونٽين.

سوال: پاڪستان جي پهرين بلوچي فلم ڪهڙي آهي؟

جواب: حمل ماه گنج.

سوال: پاڪستان جي پهرين پشتو فلم ڪهڙي آهي؟

جواب: يوسف خان شير بانو.

سوال: پاڪستان جي پهرين گجراتي فلم ٻڌايو؟

جواب: مان تي مان.

سوال: پاڪستان جي پهرين هندڪو فلم ڪهڙي آهي؟

جواب: قصه خواني.

سوال: پاڪستان جو وڏو فلمي اعزاز ڪهڙو آهي؟
جواب: نگار ايوارڊ.
سوال: دنيا جي ڪهڙي ملڪ ۾ هڪ به سينيما نه آهي؟
جواب: سعودي عرب.
سوال: نورجهان کي ملڪ ترنم جو خطاب ڪنهن ڏنو؟
جواب: صدر محمد ايوب خان.
سوال: پاڪستان جي ڪامياب ترين اردو فلم ڪهڙي آهي؟
جواب: آئينه.
سوال: پاڪستان جي ڪامياب ترين پنجابي فلم ڪهڙي آهي؟
جواب: شير خان.
سوال: پاڪستان جي پهرين رنگين فلم ڪهڙي آهي؟
جواب: سنگم.
سوال: لاهور ۾ تيارٿيل پهرين انگريزي فلم ڪهڙي آهي؟
جواب: ڊابرز آف ٽوبڊي.
سوال: پاڪستان جي پهرين رنگين پنجابي فلم ڪهڙي آهي؟
جواب: پنج دريا.
سوال: پاڪستان ۾ هندستاني فلمن تي پابندي ڪڏهن پيئي؟
جواب: 1965ع.
سوال: دنيا جي سڀ کان وڏي سئنيما ڪهڙي ۽ ڪٿي آهي؟
جواب: راڪسي سئنيما / نيويارڪ.
سوال: پاڪستان جي پهرين موسيقار عورت جو نالو ٻڌايو؟
جواب: شميم نازلي.
سوال: پاڪستان جي پهرين ڊائمنڊ جوبلي فلم ڪهڙي آهي؟

جواب: زرقا.

سوال: پاڪستان جي پهرين پلاٽينيم جوبلي فلم ڪهڙي آهي؟

جواب: چڪوري.

سوال: پاڪستان جي پهرين گولڊن جوبلي فلم ڪهڙي هئي؟

جواب: سسئي.

سوال: پاڪستان جي سڀ ڪان وڏي سئنيما ڪهڙي آهي؟

جواب: پرنس سئنيما/ڪراچي.

سوال: دنيا ۾ سڀ ڪان گهٽيون فلمون ڪٿي ٺهن ٿيون؟

جواب: هندستان.

سوال: ملڪ جي مشهور موسيقار ۽ ڳائڻي استاد نصرت فتح علي خان ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 16 آگسٽ 1997ع.

سوال: پاڪستان جي ڪهڙي مشهور ڳائڻي ڪي انگريزي فلمن ۾ موسيقي ڏيڻ جو اعزاز حاصل ٿيو؟

جواب: نصرت فتح علي خان.

سوال: برصغير جي پهرين فلم ڪهڙي هئي؟

جواب: راجا هريش چندر.

سوال: دنيا جي پهرين بنان آواز واري فلم ڪهڙي آهي؟

جواب: جازسنگر.

سوال: برصغير جي پهرين آواز واري فلم ڪهڙي هئي؟

جواب: عالم آرا.

سوال: سنڌ جي ناماري ۽ مقبول فنڪار سيد سليمان شاهه ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 19 آگسٽ 1996ع تي.

سوال: مشهور ٽي وي فنڪاره خالده رياست ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 26 آگسٽ 1996ع تي.

سوال: خالده رياست جو انتقال ڪيئن ٿيو؟

جواب: ڪينسر جي موذي مرض سبب.

سوال: مشهور فلمي اداڪار آغا طالش ڪڏهن ۽ ڪٿي وفات ڪئي؟

جواب: هن 19 فيبروري 1998ع تي لاهور ۾ وفات ڪئي.

سوال: وفات وقت آغا طالش جي عمر ڪيتري هئي؟

جواب: اٽڪل 73 سال.

سوال: آغا طالش پنهنجي فن جي شروعات ڪيئن ڪئي؟

جواب: هن پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات ريڊيو پاڪستان پشاور ڪان ڪئي.

سوال: مشهور فلم اداڪار سڌير ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 19 جنوري 1997ع (عمر 75 سال).

سوال: مشهور اداڪار سڌير جو اصل نالو ڇا هو؟

جواب: شاهه زمان خان.

سوال: ڀارت جي ناميا ري اداڪار راج ڪمار جو ديهانت ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 3 جولاءِ 1996ع تي.

سوال: ناميا ري فلمي شاعر قتيل شفائيءَ جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 11 جولاءِ 2001ع ۾.

سوال: پاڪستان جو ڪهڙو اداڪار ست زبانون ڄاڻندو هو.

جواب: عبداللطيف ساقي.

سوال: پاڪستان جي مشهور ٽي وي ۽ اسٽيج اداڪار لطيف ڪپاڊيا جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 29 مارچ 2002ع.

سوال: ملڪ جي نامياري فنڪار نور محمد لاشاري ڪڏهن وفات ڪئي ۽ ڪٿي؟

جواب: ڇنڇر پهرين فيبروري 1997ع تي، ڪراچي ۾.

سوال: نامياري فنڪار نور محمد لاشاري مرحوم ڪٿي جنم ورتو ۽ ڪڏهن؟

جواب: هو سيوهڻ تعلقي جي ڳوٺ ڪوٽ لاشاري ۾ ڄائو 1931ع ۾.

سوال: وفات وقت نور محمد لاشاريءَ جي عمر ڪيتري هئي؟

جواب: 66 سال.

سوال: مشهور فلمي اداڪار سلطان راهي جو موت ڪيئن ٿيو؟

جواب: ڌاڙيلن هٿان.

سوال: سلطان راهي ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 9 جنوري 1996ع تي.

سوال: ڪهڙي پاڪستاني اداڪار پنج سو ڪان وڌيڪ فلمن ۾ ڪم ڪري، پنهنجو نالو گنيز بڪ آف ورلڊ رڪارڊ ۾ داخل ڪرايو؟

جواب: سلطان راهي.

سوال: پهرين سنڌي فلم "ايڪتا" جو موسيقار ڪير هو؟

جواب: غلام رسول نوابشاهي.

سوال: بمبئي ريڊيو تان پهريون سنڌي گيت ڪنهن ڳايو هو؟

جواب: غلام رسول نوابشاهي.

سوال: سنڌ جي نامياري فنڪار استاد فيروز گل ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: اربع 16 آڪٽوبر 1996ع تي.

سوال: استاد فيروز گل ڪٿي وفات ڪئي؟

جواب: هن نيويارڪ ۾ وفات ڪئي.

سوال: ريڊيو ۽ ٽي. وي جي ڪمپيئر رميش ڪمار لاڪاڻي جو ديهانت ڪيئن ٿيو؟

جواب: روڊ حادثي سبب.

سوال: ڪمپيئر رميش ڪمار لاڪاڻي ڪهڙي تاريخ تي ۽ ڪڏهن ديهانت ڪيو؟

جواب: 16 جولاءِ 1996ع تي.

سوال: مشهور ڊراما آرٽسٽ مشتاق مغل ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: هن 23 آگسٽ 1996ع تي وفات ڪئي.

سوال: 18 جنوري 2002ع تي ڪهڙي ٽي وي اداڪاره انتقال ڪري ويئي؟

جواب: ياسمين اسماعيل.

سوال: سنڌ جي نامياري فنڪار استاد محمد يوسف ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: جمعو 14 فيبروري 1997ع تي.

سوال: وفات وقت استاد محمد يوسف جي عمر ڪيتري هئي؟

جواب: 56 سال.

سوال: استاد محمد يوسف کي ڪهڙا مشهور ايوارڊ مليل هئا؟

جواب: پرائيڊ آف پرمارمنس، شاهه لطيف ايوارڊ وغيره.

سوال: ان فلم سيريز جو نالو ٻڌايو جنهن تي سڀ کان وڌيڪ فلمون ٺهيون آهن؟

جواب: جيمز بانڊ.

سوال: سڀ کان وڌيڪ 11 دفعو آسڪر ايوارڊ حاصل ڪندڙ فلمن جا نالا ٻڌايو؟

جواب: ٽائيٽينڪ ۽ بن حُر.

سوال: هن وقت تائين سڀ کان وڌيڪ بزنس ڪندڙ فلم سيريز جو نالو ٻڌايو؟

جواب: هيري پوٽر.

سوال: بطور جيمز بانڊ سڀ کان وڌيڪ پسنديده اداڪار جو نالو ٻڌايو؟

جواب: شين ڪونري.

سوال: هالي ووڊ جون مشهور تڪراري فلمون "دي پيشن آف ڪرسٽ" ۽ ايپوڪلپٽو" جي هدايتڪار جو نالو ڇا آهي؟

جواب: ميل گبسن.

سوال: ڪومڪ تي ٺاهيل مشهور فلمن جا نالا ٻڌايو؟

جواب: سپرمين، فنٽاسٽڪ فور، بيٽ مين، اسپائيڊر مين.

سوال: هالي ووڊ جي مشهور فلمن جي سيريز جو نالو ٻڌايو؟

جواب: جيمز بانڊ، اسٽاروار، هيري پوٽر، پنڪ پينٽر.

سوال: اداڪار ٽام ڪروز جو تعلق ڪهڙي نيئن فرقي سان آهي؟

جواب: سائنٽالوجي.

سوال: ابيشڪ بچن ۽ ايشوريا راءِ جي جوڙي جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ابيش.

سوال: اينجلينا جولي ۽ بريٽ پٽ جي جوڙي جو نالو ٻڌايو؟

جواب: برينجلينا.
سوال: مشهور تڪراري فلم "ڊاونچي ڪوڊ" ڪهڙي مشهور مصنف جي ناول سان ٺهيل آهي؟
جواب: ڊين برائون.
سوال: ريڊيو، فلم ۽ ٽيليويزن جي نامياري فنڪار شفيع محمد شاهه جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟
جواب: 17 نومبر 2007ع.
سوال: باليووڊ جي مشهور فلمي جوڙي ابيشڪ بچن ۽ ايشوريا راءِ جي شادي ڪڏهن ٿي؟
جواب: 19 اپريل 2007ع.
سوال: نامياري اداڪار اظهار قاضيءَ جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟
جواب: هن 24 ڊسمبر 2007ع تي انتقال ڪيو.
سوال: پاڪستان جي نامياري اداڪار محمد علي جو انتقال ڪڏهن ٿيو؟
جواب: 19 مارچ 2006ع.
سوال: نندي ڪنڊ جي نامياري موسيقار نوشاد جو انقال ڪڏهن ٿيو"
جواب: 5 مئي 2006ع.
سوال: نامياري اداڪار سعيد خان رنگيلا جو ڪڏهن انتقال ڪيو؟
جواب: 24 مئي 2005ع.

راندين

سوال: اولمپڪ راندين جو نصب العين ڇا آهي؟
جواب: تيز تر، بلند تر، مضبوط تر.
سوال: اولمپڪ راندين جي جهنڊي ۾ ڪيترا واضح نشان آهن، انهن مان ڪهڙي مراد آهي؟
جواب: پنج، اهي نشان دنيا جي پنجن کنڊن کي ظاهر ڪن ٿا.
سوال: جديد اولمپڪ رانديون ڪڏهن ۽ سڀ کان پهرين ڪٿي ٿيون؟
جواب: 1896ع، ائٿينز (يونان).
سوال: اولمپڪ راند جي شروعات ڪيئن ٿي ٿئي؟
جواب: مشعل کي روشن ڪري هن راند جي شروعات ڪئي ويندي آهي.
سوال: جديد اولمپڪ راند ڪنهن جي هٿان ۽ ڪڏهن شروع ٿي؟
جواب: بيرن ڊي ڪوبرٽن، 1896ع.
سوال: قديم اولمپڪ رانديون ڪڏهن شروع ٿيون؟
جواب: 394 قبل مسيح.
سوال: اولمپڪ راندين جي جهنڊي جو رنگ ٻڌايو؟
جواب: فيبروري.
سوال: قديم اولمپڪ رانديون ڪڏهن بند ٿيون؟
جواب: 776 قبل مسيح.
سوال: اولمپڪ، راندين ۾ پهريون، ٻيون ۽ ٽيون نمبر اينڊڙ کي ڪهڙو انعام ملندو آهي؟

جواب: سون، چانديءَ ۽ ڪانجهي جا ٻلا.

سوال: اولمپڪ راندين ۾ چوٿين، پنجين ۽ ڇهين پوزيشن وارن کي ڇا ملندو آهي؟

جواب: سندون.

سوال: ايشيا ۾ سڀ کان پهرين اولمپڪ رانديون ڪٿي منعقد ڪيون ويون؟

جواب: ٽوڪيو، (جپان).

سوال: هاڪي کي اولمپڪ راندين ۾ ڪڏهن شامل ڪيو ويو؟

جواب: 1908ع ۾.

سوال: اولمپڪ رانديون 1981ع ۾ روس ۾ ڇو نه ٿيون؟

جواب: مسلم ۽ ڪجهه ٻين ملڪن، افغانستان ۾ مداخلت سبب روس جو بائيڪاٽ ڪيو هو.

سوال: قديم اولمپڪ رانديون تماشائي ڪيئن ڏسندا هئا؟

جواب: تماشائين کي اجازت نه هئي.

سوال: اولمپڪ راندين ۾ عورتن کي نمائندگي ڪڏهن ملي؟

جواب: 1900ع ۾.

سوال: تيز ترين لاءِ ڪيترو مفاصلو مقرر آهي؟

جواب: 100 ميٽر.

سوال: هڪ ملڪ ڪيترن اولمپڪ مقابلن ۾ حصو وٺي ٿو سگهي؟

جواب: سيني ۾.

سوال: اولمپڪ راندين ۾ ڊگهي ڊوڙ ٻڌايو؟

جواب: ميرٿن ريس.

سوال: گهٽي ۾ گهٽيون اولمپڪ رانديون ڪهڙي ڪنڊ ۾ ٿيون؟

جواب: يورپ ۾.

سوال: جديد اولمپڪ رانديون ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيون ۽ ڪيترن ملڪن حصو ورتو؟

جواب: 1896ع ۾ يونان، 13 ملڪ.

سوال: پاڪستان سڀ کان پهرين ڪهڙي سال ٽيسٽ مئچ کيڏي؟

جواب: 1952ع ۾.

سوال: ڪرڪيٽ جي تاريخ ۾ پهرين ڪرڪيٽ مئچ ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي؟

جواب: 29 آگسٽ 1882ع ميلبورن.

سوال: پاڪستان جي ڪهڙي رانديگر ڪرڪيٽ ٽيسٽ ۾ ننڍي عمر ۾ حصو ورتو، ڪيتري عمر هئيس؟

جواب: حسن رضا 14 سال.

سوال: ڪرڪيٽ اصطلاح ۾ Duck ڇا کي چيو وڃي ٿو؟

جواب: زيرو تي آئوٽ ٿيندڙ کي.

سوال: برطانيه خلاف پاڪستان پهرين ٽيسٽ مئچ ڪٿي کٽي؟

جواب: اوول ۾.

سوال: ڪرڪيٽ ٽيسٽ ۾ پاڪستان طرفان سڀن کان پهرين سينچري ڪنهن ٺاهي؟

جواب: نذر محمد.

سوال: پاڪستان جي ڪهڙي بالر پنهنجي ٽيسٽ مئچ جي پهرين ڏينهن، پهرئين بال تي ئي ٽيسٽ وڪيٽ ورتي؟

جواب: انتخاب عالم.

سوال: ڪرڪيٽ ۾ "لٽل ماسٽر" ڪهڙي رانديگر جو خطاب آهي؟

جواب: سچن تندولڪر.

سوال: مائٽي مائوس پاڪستان جي ڪهڙي هاڪي رانديگر جو خطاب آهي؟

جواب: نصير بنده.

سوال: فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽ راند ۾ سڀ کان ڊگهي اننگز جو اعزاز ڪهڙي رانديگر کي حاصل آهي؟

جواب: برائن لارا (501 رنسون).

سوال: اوول جي هيرو ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان فضل محمود ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 2005ع.

سوال: ٽيسٽ مئچ ۾ 199 رنسن تي آئوٽ ٿيندڙ پاڪستاني رانديگر جا نالا ٻڌايو.

جواب: مدثر نذر ۽ يونس خان.

سوال: ٽيسٽ مئچن ۾ هڪ اوور ۾ سڀ کان وڌيڪ رنسون ٺاهيندڙ رانديگر جو نالو ٻڌايو.

جواب: برائن لارا (28 رنسون) سائوٿ آفريقا سان مقابلي ۾.

سوال: دنيا جي سڀ کان بهترين فيلڊر جو نالو ڇا آهي جنهن هڪ ڏينهن واري ڪرڪيٽ مئچ ۾ 5 ڪيچ پڪڙيا؟

جواب: جونٽي رهوڊز (ڏکڻ آفريقا).

سوال: ٽيسٽ مئچ ۾ تيز ترين سينچري ڪنهن ٺاهي؟

جواب: ويوين رچرڊ (ويسٽ انڊيز).

سوال: ون ڊي ڪرڪيٽ ۾ پهرئين هيٽ ٽرڪ ڪهڙي رانديگر ٺاهي؟

جواب: جلال الدين (پاڪستان).

سوال: ون ڊي ڪرڪيٽ ۾ بهترين نسبت رکڻ واري رانديگر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: مائيڪل هسي (آسٽريليا).

سوال: ون ڊي ڪرڪيٽ ۾ ڪهڙو رانديگر سڀ کان وڌيڪ ٻڙيءَ تي آئوٽ ٿيو؟

جواب: وسيم اڪرم 28 دفعا.

سوال: ڪرڪيٽ جي تاريخ ۾ پهريون پيرو ريڊيو تان ڪامينٽري ڪڏهن نشر ٿي ۽ اها ڪرڪيٽ ڪهڙن ملڪن جي وچ ۾ ڪٿي ٿي؟

جواب: 1935ع ۾، اها مئچ انگلينڊ ۽ آسٽريليا جي وچ ۾ ناٽنگم ۾ ٿي.

سوال: پاڪستان جي ڪهڙي رانديگر کي دير تائين وڪيٽ تي رهڻ جو عالمي رڪارڊ حاصل آهي.

جواب: حنيف محمد 910 منٽ- 373 رنسون.

سوال: هڪ ڏينهن واري ڪرڪيٽ مئچ ۾ سڀ کان وڌيڪ 6 ڪيچ پڪڙڻ واري وڪيٽ ڪيپر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ايڊم گلڪرسٽ (آسٽريليا).

سوال: پاڪستان طرفان ڪهڙن ٻن رانديگرن ٽرپل سينچريون اسڪور ڪيون آهن؟

جواب: حنيف محمد ۽ انضمام الحق.

سوال: 2005ع ۾ ICC (انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل) جو هيڊ ڪوارٽر لنڊن مان ڪٿي منتقل ڪيو ويو؟

جواب: دبئي.

سوال: ڪرڪيٽ جي يارهن - يارهن رانديگرن وچ ۾ پهريون پيرو

ڪڏهن راند ڪئي ويئي؟

جواب: 1697ع ۾.

سوال: سيپٽمبر 2005ع ۾ پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪهڙي رانديگر اسلام قبوليو؟

جواب: يوسف يوحنا.

سوال: ٽيسٽ مئچن ۾ ڪهڙي رانديگر سنيل گواسڪر جي سڀني کان گهڻين سينچرين جو رڪارڊ ٽوڙي نئون رڪارڊ قائم ڪيو؟

جواب: سچن ٽنڊولڪر، 10 ڊسمبر 2005ع دهلي ٽيسٽ ۾ سري لنڪا خلاف کيڏندي.

سوال: ان اڪيلي بالر جو نالو ٻڌايو جنهن ٽيسٽ ۽ هڪ ڏينهن وارين ڪرڪيٽ راندين ۾ ٻه ٻه هيٽ ٽرڪس جو رڪارڊ قائم ڪيو آهي؟

جواب: وسيم اڪرم.

سوال: هڪ ڏينهن واري ڪرڪيٽ راند ۾ سڀ کان وڌيڪ سينچريون ناهڻ واري رانديگر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: سچن ٽنڊولڪر (هندستان).

سوال: ٽيسٽ ڪرڪيٽ ۾ 299 جي اسڪور تي آئوٽ ٿيڻ وارن ٻن مشهور رانديگرن جا نالا ٻڌايو؟

جواب: ڊان بريڊمين (آسٽريليا)، مارٽن ڪرو (نيوزي لينڊ).

سوال: دنيا جي ڪهڙي تيز ترين بالر 100 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان بال ڪرايو؟

جواب: شعيب اختر (پاڪستان).

سوال: هڪ ون ڊي مئچ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڇڪا لڳائيندڙ رانديگر جو

نالو ٻڌايو؟

جواب: سناٿ جئي سوريا ۽ شاهد خان آفريدي (11 ڇڪا).

سوال: وڪيٽ ڪيپر جي حيثيت سان ون ڊي ڪرڪيٽ انٽرنيشنل ۾ سڀ کان وڌي انگز کيڏڻ جو اعزاز رکندڙ رانديگر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: مهندرا ڌوني 183 (انڊيا ۽ سري لنڪا ۾ مقابلو).

سوال: واٽرڪپ کھڙي راند ۾ کٽيندڙکي ملندو آهي؟

جواب: گاف.

سوال: عالمي بيڊ منٽن ۾ کٽيندڙ لاءِ کھڙو انعام آهي؟

جواب: ٿامس ڪپ.

سوال: بيڊمنٽن ۾ کٽيندڙ عورتن لاءِ انعام ٻڌايو؟

جواب: يومر ڪپ.

سوال: فوٽ بال کٽيندڙ رانديگرن جو انعام ڇا آهي؟

جواب: روور ڪپ، ڊورنڊ ڪپ.

سوال: واٽرپولو ۾ چوڏاري ڪيترا رانديگر ٿيندا آهن؟

جواب: ست.

سوال: ان مشهور بالر جو نالو ٻڌايو جنهن پنهنجي هيٽ ٽرڪ ۾ ٽنهي ـ ـديگرن کي ايل بي ڊبليو ڪيو؟

جواب: عاقب جاويد (پاڪستان).

سوال: هڪ ڏينهن واري ڪرڪيٽ راند ۾ تيز ترين اڌ سينچري کھڙي رانديگر ناهي؟

جواب: جي سوريا (17 بال).

سوال: ڪن ٻن بالرن کي ٽيسٽ مئچ جي اننگ ۾ 10 رانديگرن کي

آئوٽ ڪرڻ جو رڪارڊ حاصل آهي؟

جواب: جم ليڪر (انگلينڊ)، انيل ڪمبلي (هندستان).

سوال: ڪرڪيٽ اصلاح ۾ (Golden Duck) ڇا کي چيو وڃي ٿو؟

جواب: پهرين بال تي آئوٽ ٿيندڙ کي.

سوال: ڪيرم بورڊ راند ۾ ساريون ڪيترا هوندا آهن؟

جواب: اوڻيهه.

سوال: پيشه ورانه باڪسنگ ۾ گهٽ درجا آهن؟

جواب: اٺ.

سوال: Butterfly جو اصطلاح ڪهڙي راند ۾ ايندو آهي؟

جواب: ترڻ.

سوال: ڪنگزڪپ ڪهڙي راند ۾ کٽڻ واري کي ملندو آهي؟

جواب: هوائي ڊوڙ.

سوال: پاڪستان جي مشهور رانديگر هاشم خان جو تعلق ڪهڙي راند سان رهيو؟

جواب: اسڪوائش.

سوال: جوڊو ڪراٽي جي لباس کي ڇا چوندا آهن؟

جواب: ڪيمونو.

سوال: رستم زمان گاما پهلوان ڪڏهن ۽ ڪنهن کي شڪست ڏئي عالمي اعزاز حاصل ڪيو؟

جواب: 1901ع ۾ زبسڪو پولينڊ کي، لنڊن ۾.

سوال: ٽورڊي فرانس جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: سائيڪل ريس.

سوال: باڪسنگ جو مقابلو گهٽ رائونڊن جو هوندو آهي، هر رائونڊ

ڪيتري وقت جو ٿيندو آهي؟

جواب: وڏ ۾ وڏ 15 رائونڊ. هر رائونڊ 3 منٽ.

سوال: باسڪيٽ بال ۽ نيٽ بال ۾ هر طرف ڪيترا رانديگر ٿيندا آهن؟

جواب: 5 - 7.

سوال: آمريڪا جي قومي راند ڪهڙي آهي؟

جواب: بيس بال.

سوال: ويسٽ چيسٽر ڪپ ڪهڙي راند ۾ ملندو آهي؟

جواب: پولو.

سوال: باسڪيٽ بال ۾ باسڪيٽ جي اوچائي ڪيتري هوندي آهي؟

جواب: 10 فوٽ.

سوال: بيڊ منٽن جي جار زمين کان ڪيترو مٿي هوندا آهن؟

جواب: 5 فوٽ.

سوال: ڊربي ڊوڙ/گهوڙن جي عالمي شهرت يافته ڊوڙ، انگلستان ۾ ٿئي ٿي، اها ڪيترن ميلن جي ٿيندي آهي؟

جواب: ڏيڍ ميل.

سوال: "Scheneider Cup" ڪهڙي راند ۾ کٽيندڙ کي ملندو آهي؟

جواب: پاڻيءَ جي جهازن جي ڊوڙ ۾.

سوال: ميڊيسن اسڪوائر گارڊن ڇو مشهور آهي؟

جواب: باڪسنگ مقابلن لاءِ.

سوال: ڪهڙي شخص باڪسنگ ۾ "Hand Gloves" جو استعمال پهرين ڪيو؟

جواب: جيڪ براوٽن.

سوال: ري گيٽا مان ڇا مراد آهي؟

جواب: ھيڙين جي ڊوڙ کي ري گيٽا چيو ويندو آھي.

سوال: پولو ڪيترن نمونن سان کيڏي وڃي ٿي؟

جواب: ٽن طريقن سان: گھوڙن، سائيڪلن ۽ پاڻيءَ تي.

سوال: شطرنج جي ڪٺھڙي ۾ خانا ھوندا آھن؟

جواب: 64.

سوال: ڪھڙي راند 22 ڏينھن ھلندي آھي؟

جواب: فرانس ۾ سائيڪلن جي ڊوڙ.

سوال: باڪسنگ جو ڪھڙو عالمي ھيوي ويٽ، چيمپئن ھوائي حادثي ۾ گذاري ويو؟

جواب: راڪي مارڪيانو.

سوال: لان ٽينس ۾ ڪٽندڙ کي ڇا ملندو آھي؟

جواب: ڊيوس ڪپ.

سوال: ايران جي قومي راند ھڏايو؟

جواب: پولو.

سوال: باڪسنگ جي موجد جو نالو ھڏايو؟

جواب: جان برائين.

سوال: ھاڪيءَ جي پھرين باقاعده ڪلب جو نالو ھڏايو، اھا ڪڏھن قائم ٿي؟

جواب: ويمبلڊن ھاڪي ڪلب، 1883ع.

سوال: ڪھڙو م ء سڀ کان پھرين ھاڪيءَ جو چيمپئن بڻيو؟

جواب: برطانيہ.

سوال: آئيس ھاڪي ڪھڙي راند آھي ۽ اھا ڪٿي ٿيندي آھي؟

جواب: برفاني علائقن ۾، ھاڪي راند آھي.

سوال: موجوده باڪسنگ جا قانون ڪنهن مرتب ڪيا؟

جواب: مارڪوئيس بري.

سوال: "Ryder Cup" ڪهڙي راند ۾ انعام آهي؟

جواب: گاف.

سوال: عالمي لان ٽينس ايسوسئيشن ڪڏهن ۽ ڪٿي قائم ٿي؟

جواب: 1913ع ۾ لنڊن ۾ پيرس ۾.

سوال: پاڪستان جي قومي راند ڪهڙي آهي؟

جواب: هاڪي.

سوال: ايشين ٽيبل ٽينس جا پهريان مقابلا ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيا؟

جواب: 1973ع، پيڪنگ چين.

سوال: باڪسنگ جي مقابلي ۾ ڪرنڊڙ رانديگر کي ڪيتري وقت ۾ مقابلي لاءِ اٿڻ گهرجي؟

جواب: ڏهہ سيڪنڊ.

سوال: "Motador" ڇا کي چوندا آهن؟

جواب: بل فائٽنگ ڪرڻ واري کي.

سوال: باسڪيٽ بال راند ڪنهن ۽ ڪڏهن ايجاد ڪئي؟

جواب: ڊاڪٽر ايس. اي. سينس ميٿ 1891ع.

سوال: عورتن جي باسڪيٽ بال ۾ ڪيتريون رانديگر هونديون آهن؟

جواب: ڇهہ.

سوال: فوٽ بال جو پهريون عالمي مقابلو ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 1930ع.

سوال: ڪهڙي ملڪ جي بادشاهہ اولمپڪ ۾ گولڊ ميڊل حاصل ڪيو؟

جواب: ڪانسٽنٽائن، يونان.

سوال: محمد علي 25 مئي 1965ع ۾ ڪهڙي عالمي هيوي ويٽ چيمپئن کي شڪست ڏئي عالمي اعزاز ورتو؟

جواب: سوني لسٽن.

سوال: پهريون باڪسنگ بوٽ ڪڏهن ۽ ڪٿي کليو؟

جواب: لنڊن 1819ع ۾.

سوال: ڪهڙي راند ڪنهن زماني ۾ فرانس ۾ هٿن سان ٽيندي هئي ۽ هاڻي مخصوص انداز سان؟

جواب: ٽيبل ٽينس.

سوال: بيس بال ڪيترين اننگزتي مشتمل آهي؟

جواب: نو (9).

سوال: پولو راند ۾ ڪيترن گولن کان پوءِ طرف بدلائبو.

جواب: هرگول کان پوءِ.

سوال: لان ٽينس سڀ کان پهرين ڪٿي کيڏي ويئي؟

جواب: برطانيه.

سوال: لان ٽينس جو پراڻو نالو ٻڌايو؟

جواب: سيفرس ٽائيڪ.

سوال: انگلش ڪائونٽي ۾ ڪپتاني ڪندڙ پهرين پاڪستاني ڪرڪيٽر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ماجد خان.

سوال: ٽيسٽ مئچن ۾ تيز ترين ڊبل سينچري ٺاهڻ واري رانديگر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ناٿن آسٽل (نيوزي لينڊ).

سوال: هڪ ڏينهن واري ڪرڪيٽ راند ۾ تيز ترين سينچري ٺاهڻ واري رانديگر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: شاهد خان آفريدي (37 بال).

سوال: انضمام الحق پاڪستان طرفان سڀ کان وڌيڪ 24 ٽيسٽ سينچريون ٺاهڻ جو رڪارڊ ڪڏهن قائم ڪيو؟

جواب: 24 نومبر 2005ع تي (فيصل آباد ٽيسٽ ۾ انگلينڊ خلاف کيڏندي).

سوال: هندستان طرفان ٽيسٽ ڪرڪيٽ ۾ پهريون بال اڇلائيندڙ بالر جو نالو ٻڌايو؟

جواب: محمد نثار.

سوال: هڪ ڏينهن واري ميچن ۾ مسلسل 21 ميچن ۾ فتح جو رڪارڊ ڪهڙي ملڪ جي ٽيم جو آهي؟

جواب: آسٽريليا.

سوال: پاڪستان جي فاسٽ بالر فضل محمود پنهنجي پهرين وڪيٽ ڪنهن کي آئوٽ ڪري حاصل ڪئي؟

جواب: ڀارت جي اڳوڻي ڪپتان لالا امرناٿ کي.

سوال: ڪرڪيٽ ۾ بيٽ جي ويڪر، وڪيٽن جي زمين کان بلندي، ۽ ڪرڪيٽ جي بال جو وزن ٻڌايو؟

جواب: 4/1-4 انچ، 28 انچ، گهٽ ۾ گهٽ 2/1-5 وڌ ۾ وڌ 2/3-5 آئونس.

سوال: پچ جي پهرين دفعو 22 وال ڊيگهه ڪڏهن مقرر ٿي؟

جواب: 1744ع.

سوال: وڪيٽ جي ڊيگهه ٻڌايو؟

جواب: 27 انچ.

سوال: ڪرڪيٽ جي ميدان جي پکيڙ ٻڌايو؟

جواب: 27 انچ.

سوال: ڪرڪيٽ جي ميدان جي پکيڙ ٻڌايو؟

جواب: 170×189 وال.

سوال: هوا سان ڀريل فوٽ بال جو وزن ۽ ماپ ٻڌايو؟

جواب: 14 آئونس، 28 انچ.

سوال: هاڪيءَ جي ميدان ۾ ڏي جي پکيڙ ٻڌايو؟

جواب: 55 يا 60 × 100 وال، 40 وال جي صورت ۾ اڌ گول.

سوال: نيٽ بال ۽ باسڪيٽ بال جي ميدانن جي پکيڙ ٻڌايو؟

جواب: 50 × 100 ۽ 45 × 88.

سوال: بيڊمنٽن ڪورٽ جي ڊيگهه ۽ ويڪر ڪيتري ٿيندي آهي؟

جواب: 44 × 20 فوٽ.

سوال: سنگلز لاءِ لان ٽينس ڪورٽ جي ڊيگهه ۽ ويڪر ٻڌايو؟

جواب: 78 × 28 فوٽ.

سوال: ٽيبل ٽينس ڪورٽ جي ڊيگهه ٻڌايو؟

جواب: 9 فوٽ.

سوال: ٽيبل ٽينس ۾ ميز فرش کان ڪيتري اوچائي تي هوندي.

جواب: اڍائي فوٽ.

سوال: 2 مئي 2002ع تي پاڪستاني ڪرڪيٽ رانديگر انضمام الحق ڪهڙي ٽيم خلاف ٽريل سينچري ٺاهي؟

جواب: نيوزي لينڊ.

سوال: 2003ع جي ڪرڪيٽ ورلڊ ڪپ ۾ ڪهڙي ٽيم عالمي ڪپ

ڪٽيو؟

جواب: آسٽريليا جي ٽيم.

سوال: 20 آڪٽوبر 1996ع تي شيخوپوره ڪرڪيٽ ٽيسٽ ۾ ڪهڙي رانديگر زمبابوي جي ٽيم سان کيڏندي، هڪ ئي اننگ ۾ 12 ڇڪا هڻڻ جو عالمي رڪارڊ قائم ڪيو؟

جواب: وسيم اڪرم (پاڪستان).

سوال: پراڻي ڪرڪيٽر ۽ پاڪستاني ٽيم جي پهرين ڪپتان عبدالحفيظ ڪاردار ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: 21 اپريل 1996ع تي.

